# عملي صحافت

## ٽيون ايڊيشن - واڌاري سان

شيخ عزيز




پاڪ پبليڪيشنس

# عملي صحافت

ٽيون ايڊيشن- واڌاري سان

شيخ عزيز

باک پبليڪيشن ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب جا سڀ حق واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو : عملي صحافت (واڌاري سان)
موضوع : صحافتي ٽيڪنڪ
ليکڪ : شيخ عزيز
ڇپائيندڙ : باک پبليڪيشنس ڪراچي
ڪمپوزنگ : پيس ڪموزرس 5/11 آفس ٽاور رمپا پلازا، ڪراچي فون:7762272
پهريون ايڊيشن : اپريل 1975
ٻيون ايڊيشن : ڊسمبر 1978
ٽيون ايڊيشن : جنوري 1995
تعداد : هڪ هزار
قيمت : هڪ سؤ پنجاهه روپيا
ڪتاب ملڻ جو هنڌ: شاهه لطيف ڪتاب گهر، نيئر حيدر چوڪ، ڳاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ.

All Rights Reserved by Author
Amlee Sahaft
By: Shaikh Aziz
Published by: Bakh Publication Karachi.
Composed by: Peace Composers 5/11, Office Tower, Rampa Plaza Karachi. Phone: 7762272.
First Edition: April 1975
Second Edition: December 1978
Third Edition: January 1995
Count: 1000
Rs: 150/=

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انتساب

انهيءَ پارليامينٽ
جي نالي
جيڪا سدائين
اجلاس ۾ رهي ٿي.

شيخ عزيز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | |
|---|---|
| ڪجهه ٽئين ايڊيشن بابت | 7 |
| پهرين ڇاپي جو مهاڳ | 8 |
| خبر ڇا آهي؟ | 13 |
| خبر ڪيئن ٺهي ٿي؟ | 19 |
| خبر لکڻ جا طريقا | 24 |
| بهتر انٽرو جي تلاش | 32 |
| خبر نويسيءَ ۾ پڙهائيءَ جو درجو | 40 |
| خبر جي خبر- يا خبر جي پوئواري | 44 |
| سرخي-١ | 50 |
| سرخي-٢: سٽاءُ | 63 |
| ايڊيٽنگ | 70 |
| ايڊيٽنگ-٢: سب ايڊيٽر جو ڪردار | 77 |
| رپورٽنگ | 87 |
| رپورٽنگ-٢: ذريعا ۽ قسم | 92 |
| رپورٽنگ-٣: جديد لاڙا | 101 |
| رپورٽنگ-۴: انٽرويو ۽ تقرير | 107 |
| فيچر-١: موضوع | 110 |
| فيچر-٢: گهاڙيٽو | 115 |
| ايڊيٽوريل | 124 |
| ايڊيٽوريل صفحو | 130 |
| ايڊيٽوريل صفحي جو ميڪ اپ | 135 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| تصوير | 140 |
| تصوير-۲: ڪاٽ چانٽ | 149 |
| ڪئپشن | 154 |
| تصويري صفحو- ميڪ اپ | 166 |
| لي آئوٽ | 172 |
| لي آئوٽ- بنيادي اصول | 179 |
| لي آئوٽ- قسم | 184 |
| اخبار جي بنيادي ساخت- ايڊيٽوريل | 200 |
| اخباري جوڙجڪ- انتظاميہ | 206 |
| اخباري فرهنگ | 213 |
| سنڌي صحافت جي مختصر تاريخ | 217 |
| پبلڪ رليشنس | 244 |
| اشتهار | 252 |
| صحافت ۽ آزادي | 264 |
| جديد دؤر جا اثر | 274 |
| اليڪٽرانڪ جرنلزم: ريڊيو | 280 |
| اليڪٽرانڪ جرنلزم: ٽي وي | 297 |
| پرنٽ ميڊيا بمقابلہ اليڪٽرانڪ جرنلزم | 308 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪجھ ٽئين ايڊيشن بابت

عملي صحافت ، جو ٽيون ڇاپو اوهان جي هٿن ۾ آهي.
پهرين ڇاپو١٩٧٥ع ۾ آيو.ان وقت مون کي خيال هئو تہ صحافت ،جنهن جا بنيادي اصول بيان ڪيا آهن، تن ۾ اڳتي هلي واڌارو آيوءِ وقت جي بدلجندڙ ضرورتن مطابق اجا آندو ويندو. ٻئي ڇاپي ۾ ان وقت ڪجھ واڌارا آندا ويا پر ان کي سورهن سالن جو عرصو ٿي ويو. انهيءَ عرصي دوران صحافت پنهنجي مقصد ۽ زميداري کان وٺي ٽيڪنيڪ تائين گھڻو بدلجي وئي آهي، خود ان جو ٽيڪنڪي دائرومڪينيڪل انداز مان نڪري Cybernetic طريقي ۾ داخل ٿي وئي آهي .انهي لحاظ کان هن ڇا ٻي ۾ واڌارا آڻڻ ضروري هئا. هن ڇاپي ۾ انهن ضرورتن کي آڏو رکي ڪنهن حد تائين سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جيڪا اميد تہ اخبار نويسي جي جديد گھرجن کي پورو ڪرڻ ۾ مدد ڏيندي.
ٻين ترقي يا فتہ ٻولين سان گڏ، سنڌي ٻوليءَ ۾ صحافت بہ ساڳي رفتار سان ترقي ڪئي آهي . ڪتاب جي ٽئين ڇاپي ۾ انهن گھرجن کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ اميد تہ عام پڙهندڙ ۽ خبر نگاري جي شاگردن لاءِ هي ڪتاب مفيد ثابت ٿيندو.

شيخ عزيز
ڪراچي، فيبروري ١٩٩٥ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پهرين ڇاپي جو مهاڳ

دستور اهو آهي تہ ڪنهن بہ موضوع تا ڪتاب پڌري ڪرڻ کان اڳ، ڪتاب ۾ مقدمو ڪنهن عالم ۽ وڏي ڄاڻو شخصيت کان لکرائبو آهي. انهيءَ جا ڪئين ڪارڻ ٿي سگهن ٿا، جن مان هڪ هيءُ بہ آهي تہ ڪتاب تي چند ڄاڻ ٿيڻ کان اڳ، هڪ وڏي نالي رکندڙ شخصيت جي حمايت حاصل ٿي پوندي، يا وري هيءُ تہ انهيءَ موضوع تي پنهنجي نڪتہ نظر کان، ڪي نوان پهلو اجاگر ٿي پوندا.

هن ڪتاب کي پيش ڪرڻ ۾، انهيءَ دستور کي ٽوڙيو ويو آهي، ائين ئي ٽوڙيو ويو آهي جهڙي طرح صحافت، مقصد ۽ ادائگي، دائري ۽ ڪارج جي لحاظ کان پراڻيون حدون ٽوڙي چڪي آهي. روايت سان بغاوت، اڄ جي جديد صحافت جو بنياد ۽ مڪئنيزائيشن هن جو ڍانچو بنجي چڪو آهي. اڄ جي صحافت، مشنري صحافت جي دائري کان گهڻو بدليل آهي. اڄ اها مقصدي بنيل آهي، جنهن جا ڪيئي پهلو آهن.

صحافت جون گهڻيئي وصفون ۽ ڪئين تشريحون ٿي سگهن ٿيون. هر دور ۾ هن جي وصف، ڪارج جي لحاظ کان ڦرندي آئي آهي، پر مقصد ۽ ذميداري جي خيال کان صحافت جو ڪم بنيادي طور تي با خبر رکڻ آهي. جيتوڻيڪ اهو تصور تمام آڳاٽو آهي، پر اڄ بہ سندس اهميت نہ صرف ساڳي آهي، پر جديد ٽيڪنيڪي دور جي ڪري ان جي اهميت وڌيڪ اثرائتي ۽ تيز رفتار آهي. اڄ هن جو دائرو ڪئين گهمرا وڌيل آهي. اجوڪي ڏينهن صحافت جي مقصدن ۾ پڙهندڙ کي سيکارڻ، راءِ عامہ متاثر ڪرڻ، سماجي برائين تي چوڪسي رکڻ، کوج لڳائڻ ۽ شهري حقن جو تحفظ ڪرڻ شامل آهي. شهري حقن جي ذميداري تہ صحافت تي ايڏي عائد ٿئي ٿي، جو ان کي چوندا ئي جمهوريت جو چوٿون ٿنڀو آهن. يا هيءُ تہ

It is a parliament always in the session.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجا به اڳيرو ته جيئن دنيا جي عظيم ايڊيٽر جوزف پلٽزر هڪ دفعي چيو: "جيڪڏهن ڪنهن ملڪ ۾ جمهوريت ناهي ته اتان جي ايڊيٽرن کي ڦاهي چاڙهيو." ڪن جو وري هيئن چوڻ آهي ته رومن سلطنت تباهه نه ٿئي ها، جيڪڏهن خبرون پهچائڻ جو ڪم مؤثر طريقي ۾ ٿيندو هجي ها.

صرف جمهوريت ۽ شهري حقن جي ايڏي وڏي ذميداري پوڻ ۽ ان کي سنڀالڻ، ڪا سولي ڳالهه نه آهي. دنيا جي هزارين ايڊيٽرن کي انهيءَ ڏوهه ۾ جيل جا دروازا ڏسڻا پيا. خود برصغير جي لاتعداد ايڊيٽرن کي آزاديءَ جي تحريڪ هلائڻ ۽ ان جي مشنري اسپرٽ ۾ حمايت ڪرڻ جي پاداش ۾ جيل ياترائون ڪرڻيون پيون. پريس گئگنگ ائڪٽ نافذ ٿيا. ڪيئي مقدما هليا. پر صحافت پنهنجي بنيادي مشن کان نه هٽي.

اڄ جي صحافتي پيشي جي هڪ اهم ذميداري ماڻهن جي رهبري ڪرڻ ۽ اڳڪٿي ڪرڻ به آهي. ڪڏهن ڪڏهن، عام ماڻهو ڪنهن واقعي کي سمجهي نه سگهندا آهن يا انهن جي بنيادي ڪارڻن ۽ ايندڙ نتيجن تي پهچي نه سگهندا آهن. اتي اخبار نويس قوم جي نباض ۽ رهبر جي حيثيت ۾ اڳٿي وٺندو آهي. انهيءَ ڪردار ادا ڪرڻ ۾ اخبار نويس کي نه صرف وڏو چاڻو ٿيڻو پوندو آهي، پر انهيءَ سان گڏ ديانتدار پڻ. چاڪاڻ ته هن جي ٿر جيتري بد ديانتي ۽ بد نيتي، معاشري کي غلط راهه تي وجهي سگهي ٿي ۽ ڪافي امڪان آهي ته معاشرو هن جي طرفدارانه مشوري ڪري گهاٽي ۾ پئي.

معاشري ۾ غلط لاڙا ۽ برخلاف جزا پيدا ٿيندا ئي رهندا آهن. معاشرتي غلطڪارين ۽ ٻيا اعمال اهڙا آهن، جو انهن کي هڪ طبقو معاشري جي اکين کان لڪائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اتي اخبار نويس جو ڪم نمودار ٿئي ٿو. هن کي اهڙين بداعمالين کي نه صرف کوٽي ڪڍڻو آهي، پر انهيءَ جي کوج به لڳائي ان پويان اصلي هٿ بي نقاب ڪرڻا آهن. برطانيه ۾ مشهور جاسوس ڪم فلبي، وئسل، ڪرسٽين ڪيلر اسڪئنڊل، آمريڪا ۾ واٽر گيٽ ۽ ڪيئن ٻيا اهڙا ڪيس آهن جيڪي اخبار وارن وڏي جاکوڙ کان پوءِ کوٽي ڪڍيا. انهن ۾ وڏا ماڻهو ملوث مليا ۽ وڏا راز ڦاٽا. اخبار نويس اتي چاهي ته پاڻ به ملوث ٿي، انهيءَ معاشرتي برائي جي پاڙ پٽڻ بدران، انهن کي دٻائي ڇڏڻ ۾ ڀائيوار ٿئي، پر اهو سندس ڪو مثبت ڪردار نه ٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ جي دؤر ۾ اها سيني کان اهم ذميداري آهي. انهيءَ ڪري ڪيس Watchdog of the social evils پڻ چئبو آهي.

شهري حقن جي تحفظ ۾ بہ اخبار جو ڪردار گهٽ اهم ناهي. هو اهو ڪردار ٻن طريقن سان ادا ڪندي آهي. هڪ تہ پنهنجي پڙهندڙن سان ٿيل ڏاڍ، محرومي، بہ اڪيائي ۽ امتيازي سلوڪ کي ڇاپڻ سان ۽ ٻيو پاڻ کوجنا ڪري ڏسي تہ ڪٿي شهرين جا حق پامال ٿين ٿا، انهن کي وائکو ڪري، واسطيدارن کي منظر عام تي آڻڻ سان. هن ۾ بہ آفيسر شاهي ۽ مفاد پرست طبقو، پنهنجي ڪرتوتن تي پردو وجهڻ جي ڪوشش ڪندو، پر وري بہ اخبار نويسيءَ کي پنهنجن فرضن بجا آڻڻ لاءِ ديانت ۽ صاف گوئي کان ڪم وٺڻو پوندو. جانبداري ڪري اهو حق ادا ٿي نہ سگهندو جيڪو صحافت تي پئي ٿو، پوءِ اها صحافتي بد دیانتي ليکبي.

جتي صحافت کي ڪي بنيادي فرض ادا ڪرڻا پون ٿا، اتي اخبار کي جيئرو رهڻ لاءِ ڪي طريقا اختيار بہ ڪرڻا پوندا آهن، جنهن ڪري هن جي فرضن ۾ ڪڏهن ڪڏهن رڪاوٽون پيدا ٿي پونديون آهن، مشنري صحافت ۾ اخبار نويس جي اڳو صرف مقصد ادا ڪرڻ هوندو آهي پوءِ چاهي مالي طور ڪيس نقصان پوي يا سور سهڻا پون. اڄ جي صحافت ان جي متحمل ٿي نٿي سگهي. اڄ جي اخبار نويسي پنهنجي ڪثير المقاصد زاوين ڪري، اهو برداشت نٿي ڪري سگهي. هوشيار اخبار نويس، انهيءَ ماحول ۾ بہ ٻنهي پهلوئن درميان هڪ قابل عمل توازن قائم رکي ويندو.

ٽن صفحن جي هٿ سان لکيل اخبار کان وٺي اڄ جي ماس سرڪيوليٽيڊ اخبارن تائين صحافت مختلف مرحلن مان ٿيندي اڄ واري صورت تي پهتي آهي. اڄ جتي صنعتڪاري ۽ مڪينيزائيشن هن جون ذميداريون وڌائي ڇڏيون آهن، اتي تيز رفتاري ۽ ٽيڪنيڪ هنن جي وجود کي بہ محدود ڪري ڇڏيو آهي. ابلاغ عامہ جي نون ذريعن ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي اچڻ کان پوءِ اخبارن نوان زاويا ڏنا. ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي اپيل چاڪاڻ تہ گهڻي ۽ اثرائتي آهي، تنهنڪري اطلاعات فراهم ڪرڻ ۾ هو ٻين ذريعن کان اڳتي نڪري ويا. انهيءَ ڪري سنت ئي اهي ٻئي ذريعا اخبار لاءِ وڏا دشمن بنجي ويا. ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي اچڻ کان پوءِ اخبارن جي سرڪيوليشن ڪي قدر متاثر ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنڪري اخبارن کي معاشرتي زندگي جي ٻين شعبن کي وڌائڻو پيو. عام ماڻهن جي مسئلن کي حل ڪرڻو پيو ۽ انهن موضوعن کي ڪنيو، جيڪي ريڊيو ۽ ٽي وي وارا ڪري نٿا سگهن. ترقي يافته دؤر واري Cyclopaedic ۽ Investigative رپورٽنگ، انهيءَ ضرورت جي ڪري جنم ورتو. انهن ميدانن ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي ڪيترو به آزاد ڇو نه هجن ڇپيل لفظ جو مقابلو نٿا ڪري سگهن. اشتهارن جو به وڏو حصو ريڊيو ۽ ٽي وي وارن جي ڇڪڻ ڪري، اخبار وارن پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ لاءِ آمدني جا نوان ذريعا ڳوليا. ڪلر ٽي وي ته ويتر اخبار جي وجود کي لوڏي ڇڏيو آهي. ترقي يافته معاشرن ۾ ڪئين اخبارون بند ٿي ويون. ڪيترين کي هڪٻئي ۾ ضم ٿيڻو پيو.

انهن سمورين ضرورتن اخبار نويسيءَ جي دائري ۽ اخبار وارن جي ڪردار کي بدلائي ڇڏيو آهي. اڄ جي جديد صحافت کي اهڙي انهيءَ ماڻهوءَ جي ضرورت پوري ڪرڻي آهي جيڪو ريڊيو به ٻڌي ٿو ته ٽي وي به ڏسي ٿو، ۽ هن کي دنيا جي هڪ ڪنڊ جي خبر بنا ڪنهن وقت ضايع ٿيڻ جي ٻي گهڙي پهچي وڃي ٿي. آئينده جي اخبار جو گهاڙيٽو ۽ ڪردار ڪهڙو ٿو رهي، تنهن جو فيصلو ايندڙ وقت ڪندو.

صحافت جي انهيءَ اهميت جي باوجود سنڌي ٻوليءَ ۾ نالي ڳڻائڻ لاءِ به ڪو ڪتاب ناهي. گهڻو اڳ محترم ڪريم بخش خالد "سنڌي صحافت" نالي هڪ ڪتاب ڇاپيو هو، پر انهيءَ ۾ ٽيڪنڪ ۽ عملي پهلو کي ڇيڙيو نه ويو هو، جنهن جي اشد ضرورت آهي. "عملي صحافت"، اميد ته انهيءَ گهرج کي پورو ڪندو ۽ سنڌي ٻولي ۾ صحافت تي پهرين ڪتاب سڏرائڻ جو حق ادا ڪندو.

هي به ڪا گهٽ افسوسناڪ ڳالهه ناهي ته ايڏي اهم شعبي جي باوجود، اسان هن ڪان بيرخ رهيا آهيون. انهيءَ حد تائين جو يونيورسٽي ۾ شعبوئي ناهي. گهڻو وقت اڳ علامه آءِ آءِ قاضي مرحوم جي ڏينهن ۾ صحافت جو شعبو کوليو ويو هو پر ان مان هڪ شاگرد پوسٽ گريجوئيشن ڪري نڪتو ۽ پوءِ شعبوئي بند ڪيو ويو. انهيءَ ڪان پوءِ ورڻي ڪنهن توجهه ئي نه ڏنو آهي ۽ سنڌ جي شاگردن کي ڪراچي يا پنجاب يونيورسٽي جو رخ ڪرڻو پوي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪتاب ۾ راقم الحروف اهائي ڪوشش ڪئي آهي تہ هي عام ماڻهو جي لاءِ بہ اوتروئي ڪارگر ثابت ٿئي، جيترو ڪنهن صحافت جي شاگرد لاءِ. ممڪن آهي تہ ٽيڪنڪ جي ٻوليءَ کي مان چڱيءَ طرح اپٽاري نہ سگهيو هجان، جنهن لاءِ آءٌ دوستن ۽ چاڻن جي رهبري لاءِ ٿورائتو ٿيندس. مان تہ ائين ئي سمجهان ٿو تہ "ٻلڻ پائي ڪج آڇيندي لج مران."

**شيخ عزيز**

فيبروري ١٩٧٥ع

حيدرآباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خبر ڇا آهي؟

”هيءَ تمام افسوسناڪ خبر آهي.“

”مون اڄ تمام سٺي خبر ٻڌي آهي.“

”رات ٽيليويزن تي سٺيون خبرون ڏسڻ ۾ آيون.“

انهيءَ قسم جون ڳالهيون اڪثر ٻڌندا رهندا آهيون ۽ جيڪڏهن ڪنهن عام اخبار پڙهندڙ کان پڇجي ته ”خبر ڇا آهي“ ته غالباً جواب ملندو ته:

”اهو جيڪي ڪجهه اخبارون ڇاپين ٿيون.“

يا وري ”خبرون اسان ريڊيو تي ٻڌون ٿا.“

هيءَ جواب ڪي قدر مڪمل آهي پر صحيح هرگز ناهي، ڇاڪاڻ ته ڇاهي خبر ڪيتري به مڪمل هجي پر اها واقعو ناهي، واقعي جو احوال آهي.

”خبر ڇا آهي“، انهيءَ باري ۾ ڪئين تشريحون ۽ وضاحتون بيان ٿي چڪيون آهن.

نيويارڪ جي روزنامه ”سن“ جي ايڊيٽر چارلس-اي-ڊانا مطابق، ”خبر اها آهي جيڪا ڪنهن ماڻهوءَ کي حيران ڪري.“

پر بعد ۾ هن پنهنجي وصف ۾ سڌارو آندو ته ”خبر اها آهي جيڪا ماڻهن جي هڪ وڏي حصي جي دلچسپي جو ڪارڻ بڻجي ۽ هن کي اها معلومات پهرين نه ملي هجي.“

هڪ ٻئي ايڊيٽر اسٽينلي واڪر لکيو ته

"Woman, wampum and wrong doing is news"

”عورت، پئسو ۽ ڏوهه خبر آهي.“

يونائيٽيڊ پريس ايسوسيئيشن، پنهنجن نمائندن ڏانهن جڏهن به ياداشتناما موڪليندي آهي ته هن کي ياد ڏياريندي آهي ته، ”خبر اها معلومات آهي جيڪا هر روپ ۾ زندگي ۽ انهيءَ سان واسطو رکندڙ تخليقن بابت دلچسپي رکندي هجي.“

Sun، پنهنجي پيش ورانه انداز ۾ خبر جي وضاحت هن طرح ڪئي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”خبر، واقعن جو اهو تفصيل آهي جيڪو اخبار نويس پنهنجي ڄاڻ ۽ مهارت سان لکڻ ۽ ڇپڻ ۾ اطميناان محسوس ڪري.“

نيويارڪ ٽائيمس جي اڳوڻي نائيٽ ايڊيٽر نيل- ميڪنيل پنهنجي ڪتاب "Without Fear or Favour" ۾ لکيو ته،

”خبر، انهن حقيقتن جي گڏ ڪرڻ ۽ ڇپڻ جو نالو آهي، جيڪي تازه ٿيون هجن يا پڙهندڙن لاءِ اهميت جون هجن.“

انهن سمورين تشريحن ۾ خبر جون مختلف سمجهاڻيون بيان ڪيل آهن، پر انهن ۾ هڪ ڳالهه عام آهي. اها هي ته ”عام پڙهندڙن جي دلچسپي يا اهميت.“

جيڪڏهن خبر اها آهي جيڪا گهڻن عام پڙهندڙن جي دلچسپي جو ڪارڻ بنجي ته اهو عام پڙهندڙ ڪير آهي؟

انهيءَ سوال کي حل ڪرڻ لاءِ اسان هڪ ٻيو سوال پڇنداسين ته ”آخر اها ڪهڙي چيز آهي، جيڪا اسان جي لاءِ وڌيڪ دلچسپي جو ڪارڻ آهي؟“

انسان لاءِ سڀ کان دلچسپي جو سبب انسان آهي. هو هر انهيءَ ڳالهه تي ڌيان ڏيندو، جنهن ۾ ڪونه ڪو انسان شامل آهي ڇاڪاڻ جو هو انهيءَ واقعي ۾ پاڻ کي ڏسي ٿو. ٻئي ماڻهو جي مصيبتن، خوشي، ڏک، جرائتمندي، تباهي، سرندي جا واقعا هن کي ڇڪيندا.

هر ماڻهوءَ جو اهو فطري لاڙو آهي ته ٻين ماڻهن جي متعلق معلوم ڪري ته هو ڇا ٿا ڪن؟ هنن جون ڪهڙيون سرگرميون آهن؟ هنن جون عادتون ڪهڙيون آهن؟ جيڪڏهن ڪا ناماياري اداڪاره آهي ته هن جي خانگي زندگي معلوم ڪرڻ هن جي لاءِ ساڳي اهميت واري آهي، جيتري هواباز ڀهريون ڀيرو ائٽلانٽڪ سمنڊ پار ڪري. ريلوي مزدور جو پگهار ۾ اضافو هن جي لاءِ ايترو اهم آهي جيترو بازار ۾ شين جا اگهه هيٺ مٿي ٿيڻ. حد جي چيئرمين خلاف انڪوائري ايتري ئي دلچسپ معلومات آهي جيتري ڪنسٽيبل کي ڇرو لڳڻ. ڪنهن شخص جو ٻار حادثي ۾ فوت ٿيڻ به ايتروئي ڏکارو واقعو آهي.

هي سموريون حقيقتون پڙهندڙ جي لاءِ ڇو دلچسپيءَ جو ڪارڻ آهن؟ هو انهن کي وڏي خيال سان ڇو ٿو پڙهي؟ انهيءَ سبب ڪري جو هو انهيءَ معاشري ۾ شامل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن سمورين ڳالهين پڙهڻ سان هن کي پنهنجي حياتيءَ جو عڪس مليو يا هو انهن واقعن کي پنهنجي قريب محسوس ڪري ٿو. يا وري هو ائين محسوس ٿو ڪري تہ اهي واقعا اهڙا عجيب آهن جو هو پڙهڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي ۽ انهن جي ٿيڻ جو اصلي سبب معلوم ڪرڻ گهري ٿو. يا وري اهڙا ڏکارا آهن جو "پتر پرائو سور سيڪا پنهنجا روئي" وانگيان هو انهن ۾ شامل ٿيڻ گهري ٿو.

ڪنهن ايڪٽريس جي عجيب و غريب زندگي انهيءَ ڪري پڙهي ٿو جو هن وٽ گهڻو پئسو آهي. هو لکين رپيا هڪ ئي سفر تي خرچ ڪري ٿي ڇڏي. انسان بهرحال حاسد آهي. هو انهن کي پڙهندي ڪجهہ خوشي ۽ ڪجهہ حسد پيدا ڪري ٿو ۽ اهوئي حسد هن جي دلچسپي وڌائي ٿو ۽ کيس پڙهڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو. اها مجبوري، اها ڪشش "خبريت" آهي. اهو خبر جو روح آهي، محور آهي ۽ خبر آهي.

ماڻهوءَ کي عام طور زندگي ۾ جيڪي واقعا درپيش ايندا رهن ٿا تن ۾ حادثا، ترقي، خوشي، غم، مهم، جستجو، ڌهڪاءُ، ڏڪار، وڏ ماڻهپائي، عجيب ٻار پيدا ٿيڻ، حيرت انگيز نموني زنده رهڻ يا مرڻ، هر ماڻهوءَ جي لاءِ دلچسپي جو ڪارڻ آهن. انسان جي هر عمل سان ٻئي انسان جو ڳوڙهو واسطو آهي. تنهنڪري ڪنهن بہ ماڻهوءَ سان ڪو ظلم ٿئي ٿو، وڏو فلمي اداڪار اوچتو حادثي ۾ مري وڃي ٿو يا ڪو ڌاڙيل گرفتار ٿئي ٿو يا وري لکين رپين جو ڌاڙو هڻي ڀڄي وڃن ٿا تہ اهي خبرون ٻئي انسان لاءِ وڏي دلچسپي جو باعث آهن. هڪ پراڻي معلومات بہ دلچسپي جو باعث ٿي سگهي ٿي پر خبر لاءِ ضروري آهي تہ "اها معلومات جيڪا نئين هجي، جنهن جي ڄاڻ اوهان کي پهرين نہ هجي. اوهان جي ذهني معلومات ۾ واڌ اچي." ڪي اهڙيون ڳالهيون جيڪي اوهان جي اميدن ۽ خوابن سان ٺهڪي اچن، انهن بابت ڇاپڻ خبر آهي. اوهان جي پسنديدگي بابت ڪا معلومات ڇپڻ، خبر آهي. اوهان جي ڪنهن سورمي، پاڙي يا شهر بابت ڪا ڄاڻ، خبر آهي. ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي ڪابہ سرگرمي، خبر آهي.

خبر جي قيمت جو تعين ڪرڻ تہ مشڪل آهي پر تڏهن بہ جيڪي جزا خبر جي اهميت ظاهر ڪن ٿا سي چار آهن: (1) وقت (2) ويجهڙائي (3)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقدار (4) اهميت.

### وقت Time

هر پڙهندڙ کي نئين ۽ تازه ترين معلومات کپي. اڳئين زماني جون ڳالهيون هر ماڻهو لاءِ دلچسپي جو ڪارڻ بنجي سگهن ٿيون پر هر ماڻهو نفسياتي طور ائين چاهيندو تہ هو سينيٽ کان تازه ترين معلومات حاصل ڪري سگهي. اڳئين زماني ۾ جڏهن اڄ وچ ۽ پيغام رسائڻ جا طريقا بلڪل ماڻهن ۽ جانورن وسيلي هوندا هئا تڏهن ڏينهن، هفتن ۽ ڪن حالتن ۾ مهينا اڳ جا واقعا بہ تازه ترين معلومات جي اهميت رکندا هئا. ڪو ساموندي جهاز ٻڏندو هو تہ سالن کان پوءِ بہ خبرون رسنديون هيون. انهيءَ حالت ۾ اها معلومات، خبر ليکبي هئي.

هن زماني ۾ جيئن ڪو واقعو ٿئي ٿو تہ ان جي خبر ريڊيو، ٽيليويزن ۽ اخبارن ذريعي ماڻهن کي پهچي وڃي ٿي. تنهنڪري جيتري خبر تازي هوندي اوتري پڙهندڙ لاءِ وڌيڪ دلچسپي جو ذريعو ٿيندي. ٽيو ڏينهن جي واقعي جي مقابلي ۾ ڪلهوڪو واقعو ۽ ڪلهوڪي واقعي جي ڀيٽ ۾ اڄوڪي خبر وڌيڪ اهم ۽ پڙهڻ جوڳي آهي.

اخباري دنيا ۾، وقت هاڻ هفتن ۽ ڏينهن ۾ نہ پر ڪلاڪن ۽ منٽن ۾ ليکجي ٿو.

### ويجهڙائي Proximity

هر ماڻهو پنهنجي ير واري واقعي متعلق پهرين وڌيڪ دلچسپي سان پڙهڻ چاهي ٿو. پوءِ پلي اهو واقعو ننڍڙو هجي پر جيڪڏهن هن جي پاڙي يا شهر جو آهي تہ هو ڪئين ڪوهہ ڏور واري وڏي واقعي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ دلچسپي سان پڙهندو.

حيدرآباد جي پڙهندڙن لاءِ ڳاڏي ڪاتي حيدرآباد ۾ ڪنهن مانڊڻي تي لڳل باهہ جي خبر، چين ۾ آيل ٻوڏ کان وڌيڪ اهم آهي.

آمريڪي اخبارن جي سوسائٽي هن باري ۾ جيڪا سروي ڪئي آهي تنهن موجب بين الاقوامي واقعا، سواءِ چند وڏن واقعن جي، وڏن طبقن ۾ ١٠ سيڪڙو پڙهيا وڃن ٿا. ننڍن شهرن ۾ انهيءَ کان بہ گهٽ ۽ ڳوٺن ۾ تہ بنهہ نہ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برطانوي اخبارون جيڪي دنيا جي صحافت ۾ معيار آهن، سي خبرن جي اهميت ۾ هن جزي ڪي سيني ڪان وڌيڪ اهميت ڏين ٿيون. هنن جي لاءِ هڪ ويلش باشندو، هزار روسي باشندن ڪان وڌيڪ آهي.

تجربي ۾ نفسياتي سروي هيءَ ظاهر ڪيو آهي تہ ”پڙهندڙ پنهنجي ۽ پنهنجي ارد گرد ٿيندڙ واقعن بابت معلوم ڪرڻ گهري ٿو.“

## مقدار Size

دلچسپي، اهميت جو بنياد آهي. ننڍڙي خبر بہ وڏي دلچسپي رکي سگهي ٿي، پر حقيقت ۾ جڏهن اسين خبر جي سلسلي ۾ مقدار جي ڳالهہ ڪريون ٿا تہ انهيءَ جو مقصد متاثر ٿيلن تي اثر جي ايڪي ۾ ٿئي ٿو. مثال طور جڏهن ڪو حادثو ٿئي ٿو تہ اسين پڇنداسين تہ ڪيترا ماڻهو مئا، ڪيترا ڦٽيا. يا جڏهن بجيٽ ظاهر ٿئي ٿي تہ اهو معلوم ڪرڻ گهرنداسين تہ ڪهڙي ٽيڪس وڌي يا گهٽي، يا وري نئين درآمدي پاليسي ظاهر ٿي تہ معلوم ڪرڻ گهرنداسين تہ ڪهڙيون شيون سستيون ٿينديون ۽ ڪهڙن اسمن تان درآمدي ٽيڪس لاٿو ويو. اها خبريت، خبر جو مقدار آهي جنهن تي خبر جي اهميت جو بنياد آهي.

## اهميت Importance

خبر جو آخري حصو، خبر جي ”متعلق نہ“ پر خبر جي ورتاءَ Treatment بابت آهي. انهيءَ جو فيصلو اخباري ڪارڪنن تي هوندو آهي، جنهن جو مدار هن سوال جي جواب تي آهي تہ ڇا، جيڪا خبر ڏني ويئي آهي سا اهم آهي؟ سا نمايان ۽ پسند ڪرڻ جوڳي آهي؟ دراصل هر پڙهندڙ، هر خبر کي پنهنجي لاءِ پسندي ۽ ناپسندي جي مطابق ڏسڻ گهري ٿو. اها حقيقت آهي تہ ڪنهن بہ خبر ۾ جيڪڏهن دلچسپي پيدا ڪيل آهي، انهيءَ ۾ سموريون خوبيون آهن تہ اها ڪهڙي نموني بہ ڇپجي، اها پسند ڪئي ويندي. پر ڇا اها گهٽ پڙهندڙن کي وڻندي؟ ضرور ڪنهن کي نہ بہ وڻندي، انهيءَ کي ڪهڙي طرح مطمئن ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ جي صورت، خبر کي پنهنجي حيثيت ۾ گهٽ پڙهندڙن جي پسند مطابق ڇاپڻ آهي.

خبر دلچسپ هئڻ ڏار شيءِ آهي ۽ اهم هئڻ ڏار. جيڪا خبر گهٽ ماڻهن کي وڻي سا دلچسپ ٿي پر اهميت واري خبر گهٽ ماڻهن تي ئي اثر وجهندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي، پر اهم ضرور آهي. اڪثر ايڊيٽرن کي پڙهندڙن وٽان اها شڪايت ملندي رهندي آهي ته هو اهم ۽ دلچسپ خبرن کي انصاف موجب نٿا ڇپن، پر هوشيار ايڊيٽر پنهي موضوعن کي تمام هوشياري سان نڀائيندا آهن جيئن خبرن جي دلچسپي به قائم رهي ۽ اهميت به.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خبر ڪيئن ٺهي؟

صبح جو اخبار اوهان جي هٿ ۾ اچي ٿي، اوهان پنهنجي شهر، صوبي، ملڪ جون خبرون پڙهو ٿا. ملڪ کان ٻاهر جون خبرون به پڙهو ٿا. روزمره جيڪي حادثا، واقعا، تباه ڪاريون، ڏوهه، حسن جا مقابلا، سيلاب جون نه صرف خبرون پڙهو ٿا پر تصويرون به ڏسو ٿا. اهي سڀ ڪجهه ٺهي جڙي اوهان جي هٿن تائين ضرور پهتيون ۽ اوهان ٿوري وقت پڙهڻ کان پوء، اخبار کي پاروٿو ڪري پاسيرو ڇڏي ٿا ڏيو پر انهيءَ تي به غور ڪيو ته اتي اهي خبرون پڳيون ڪيئن، اهي خبرون جڙيون ڪيئن، ڪنهن انهن کي ناهي گهڙي، صاف سٿرو ڪري، سولي ٻوليءَ ۾ موزون سرخين سان ڇپڻ لائق بنايو آهي. ڪنهن خبرن جون حقيقتون گڏ ڪيون ۽ انهن کي ڍنگ سان لکيو، اخبار جي دفتر تائين پهچايو ۽ اتان وري ڪيئن گهڙجي اخبار ذريعي اوهان تائين پهتيون.

۸ صفحن جي اخبار ۾ سراسري ۲۴ هزار لفظ ڇپجن ٿا پر انهيءَ اخبار ۾ اٽڪل روء ۵ کان ۱۰ لک لفظ اچن ٿا. ائين ڇو آهي؟ عام طور ڪنهن سب ايڊيٽر کان پڇندؤ ته هو ٻڌائيندو "جيڪي ڪجهه مون کي وڻي ٿو، مون کي دلچسپ لڳي ٿو." اهو فيصلو تڏهن ئي چڱو لڳي ٿو جڏهن اوهان عام ماڻهو هجو يا Average شهري هجو، عام اخبار پڙهندڙ هجو. اخبار ٺاهيندڙ نه هجو.

اسڪول ۾ سنو امتحان ڏيندڙ شاگرد اهو، جيڪو ممتحن جي خيال کي آڏو رکي. سنو شاگرد سدائين ممتحن جي معيار ۽ پسند کي خيال ۾ رکي، هن جي جذبات سان ڪيڏي وڏيڪ مارڪون ڪٽي ويندو. ساڳيءَ طرح اخبار ۾ ڪم ڪندڙ عملي کي به پنهنجو پڙهندڙ آڏو رکڻو آهي. هن جي خيال ۽ پسند کي پڪڙڻو آهي.

پڙهندڙ جي پسند جون شيون پڙهندڙ کي جيڪو ايڊيٽر ڏيندو سوئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪامياب ويندو. اهو بہ ڪو هڪ اڌ ڏينهن لاءِ نہ پر روزانہ، هميشہ لاءِ، جيستائين اخبار ڇپبي رهندي.

نفسياتي تجربو اهو آهي تہ هر ماڻهو معلوم ڪرڻ چاهيندو تہ اخبار ۾ هن لاءِ، ٻين لفظن ۾ هن جهڙن ماڻهن جي حالت ڇا آهي؟ هنن تي ڇا وهيو واپريو آهي. هڪ موٽر جو ڊرئيور معلوم ڪرڻ چاهيندو تہ هن جهڙن ڊرئيورن يا ٻين آٽوموبائيل مزدورن جو ڇا حال آهي. جيڪڏهن هن جهڙو ڪو مزدور ڦتجي پيو آهي، گرفتار ٿيو آهي، حادثي ۾ معجزانہ طور بچي ويو آهي يا وري لک رپين جو انعام کٽيو اٿس، تہ يقينن اها خبر هن لاءِ وڏي اهميت رکندي ۽ هو ڪوشش ڪري انهيءَ کي جلد ۽ تفصيل سان پڙهندو. پوءِ چاهي اخبار وارو انهيءَ کي ننڍڙي ۽ غير اهم ڇپي يا گهٽ تفصيل ڏئي.

خبر، جيئن اڳئين باب ۾ ٻڌايو ويو آهي، ڪنهن اهڙي واقعي جي روداد بيان ڪرڻ آهي جيئن اها پڙهندڙ لاءِ دلچسپي جو باعث بنجي. پر اهو ڪهڙو طريقو آهي جيڪو دلچسپ بنائي. انهيءَ لاءِ في الحال ٿلهي ليکي ائين سمجهجي تہ "ماڻهو خبرون آهن." ظاهر آهي تہ ماڻهو، ماڻهوءَ جا ڪم، ڪرتوت، حيرت انگيز ڳالهيون، هن جا ڪارناما، هن تي آيل مصيبتون ۽ مصيبتن کي ٽي منهن ڏيڻ جا طريقا، سڀ ٻئي ماڻهوءَ لاءِ دلچسپي جا ڪارڻ آهن. پر انهن سمورن حصن کي اهڙيءَ طرح ترتيب ڏجي جيئن واقعا جلد سمجهہ ۾ اچن، سڌيءَ طرح سمجهہ ۾ اچن ۽ معلوم ٿئي تہ ڪهڙو واقعو ڪيئن ٿيو.

مثال طور ڪنهن هنڌ ڌاڙو لڳو. بنيادي خبر اها آهي تہ ڌاڙو لڳو. هاڻي ظاهر آهي تہ هرڪو پڙهندڙ ماڻهو آهي ۽ ڌاڙو بہ ماڻهوءَ کي لڳو هوندو. تہ پوءِ هر پڙهندڙ اهو معلوم ڪرڻ چاهيندو تہ اهو ڌاڙو ڪنهن هنيو، ڪٿي لڳو، ڪڏهن لڳو، ڪهڙي طريقي لڳو، ڪيترو مال ڦريو، ڪير ڦتيو بہ يا صحيح سلامت بچيا. ۽ پوءِ نيٺ ڇا ٿيو ۽ هينئر صورتحال ڇا آهي؟ هرڪو ماڻهو لازمي طور انهن سوالن جا جواب چاهيندو ۽ جڏهن هن کي انهن سوالن جا جواب مليا تہ اها خبر ٿي پوندي. هاڻي ڌاڙي واري واقعي کي ٿي ونجي. پهرين سوال اٿندو تہ ڪٿي لڳو. پتو پيو تہ شاهراهہ تي. پر شاهراهہ تہ ١٢٠٠ ميل ڊگهي آهي. وڌيڪ تفصيل معلوم ٿيو تہ سڪرنڊ کان ٻہ ميل اورتي يعني سعيدآباد کان پريان ۽ سڪرنڊ جي وچ ۾، حيدرآباد کان اٽڪل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبر ٽين، حصن يا تدريجي مرحلن ۾ پڙهندڙ تي ظاهر ٿئي ٿي. جيتوٽيڪ بنيادي خبر اها آهي جيڪا حصي (الف) ۾ چاٿايل آهي. پر اها خبر مڪمل نه ناهي. ابتدائي معلومات آهي ۽ انهيءَ ۾ پڙهندڙ جي چاڻ واري اڃ نٽي لهي. انهيءَ کي خبر جو سرو Intro يا Lead چئبو. انهيءَ کان پوءِ، ڪيئن، ڪهڙيءَ طرح، ڪنهن ڪان ۽ بعد ۾ واقعي جا تفصيل ڏنل آهن جيڪي حاشيي ۾ ب، ج، د ۽ هه سان ڏيکاريل آهن. الف ته Intro ٿيو ۽ باقي ب ۾ حقيقي واقعي جي روئداد ڏنل آهي جنهن مان پڙهندڙ کي انهيءَ واقعي جو وچور معلوم ٿيندو. جيتوٽيڪ (ب) ۾ وڌيڪ معلومات ڏنل آهي پر تڏهن به اچا سموري روئداد پوري نه ٿي آهي، ۽ اهو حصو پڙهندڙ کي (ج) واري حصي پڙهڻ لاءِ مجبور ٿو ڪري. انهيءَ ۾ ٽرڪ ڊرائيور جي عمر، رهڻ واري هنڌ ۽ منزل جو ٻڌايل آهي، جڏهن ته هن جو بيان حاصل ڪري رپورٽ کي سچو بنائڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. اها مزيد معلومات سڏبي.

جيتوٽيڪ اهي ٣ حصا هڪ واقعي جي مختلف مرحلن کي ٻڌائين ٿا، انهيءَ سان سري Intro واري ٻڌايل خبر جي تڪميل نٽي ٿئي ۽ نه هڪ ڊزن ٽرڪن واري ڏنل معلومات بابت وڌيڪ تفصيل آيو. ج ۾ صرف هڪ ٽرڪ جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي. انهيءَ لاءِ (د) واري پيرا ۾ تفصيل ڏنا ويا آهن جنهن ۾ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته باقي گهٽين ٽرڪن کي ڪهڙي طرف کان ايندي ڦريو ويو. انهيءَ کان سواءِ اها ڪارروائي ڪيترو عرصو هلي ۽ ڏاڙيل ڪيڏانهن ويا. ظاهر آهي ته انهيءَ سموري روئداد پڙهڻ کان پوءِ پڙهندڙ اهو معلوم ڪرڻ گهرندو ته نيٺ ٿيو ڇا تنهنجو ذڪر (هه) ۾ ڏنو ويو آهي. اها وري بنهه وڌيڪ معلومات آهي جنهن سان خبر جا سمورا پهلو ظاهر ٿين ٿا. هاڻي جيڪڏهن انهيءَ کان پوءِ وڌيڪ معلومات ڏيٺي هجي ته ڏيئي سگهجي ٿي پر جيڪڏهن اها نه به ڏجي ته ڪا ضروري ناهي. هيستائين ٿيل خبر جي سٽاءَ ۽ معلومات مطابق خبر پوري آهي.

انهيءَ سٽاءَ مطابق خبر جا هي جزا ٿين ٿا؛

انٽرو، بنيادي معلومات، جيئن ٿيو تيئن واقعي جو احوال، نتيجو، بعد ۾ کنيل قدم، نيٺ ڇا ٿيو ۽ تازه ترين صورتحال. انهن جزن کان سواءِ خبر کي اٽپورو، اڌورو سڏيو ويندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خبر لکڻ جا طريقا

Intro انٽرو لکڻ ايتروئي ڏکيو آهي جيترو خبر کوٽڻ. انٽرو دراصل خبر جو روح هوندو آهي، جنهن ۾ پڙهندڙ کي اهم ترين ڳالهين کان ٿورن لفظن ۾ اهڙي دلچسپ انداز ۾ واقف ڪرايو وڃي جو هو انٽرو پڙهڻ کان پوءِ سموري خبر پڙهڻ تي مجبور ٿي وڃي. ظاهر آهي ته انهيءَ اهم حصي کي لکڻ ڏکيو ڪم هوندو.

انٽرو لکڻ کان پوءِ اهو سمجهڻ غلط آهي ته خبر جو سمورو ڪم پورو ٿي ويو آهي. انٽرو جو ڪم اهو آهي ته پڙهندڙ کي اهو ٻڌائي ته خبر ڇا بابت آهي، پر اڃا پوري خبر لکڻ باقي آهي.

خبر لکڻ جا ٽي مکيه قسم آهن جن ۾ پهريون ابتو اهرامي يا • Inverted pyramid آهي. هيءُ گهڻو ڪري واقعاتي خبر ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ هن جو انداز هن طرح آهي ته پهريائين Intro ايندو، ۽ پوءِ خبر ۾ بنيادي معلومات، وڌيڪ معلومات، ۽ وڌيڪ معلومات، نتيجو ۽ اضافي معلومات يا پس منظر هوندو آهي. جيئن تصوير ۾ سمجهايل آهي.



درحقيقت هن ۾ بنهه گهٽ اهميت جي معلومات، پڇاڙيءَ ۾ ايندي، ۽ بنهه اهم معلومات، سڀ کان مٿي هوندي. هن طريقي استعمال ڪرڻ جا ڪارڻ هي آهن:

(١) خبر ڪٽڻ واري کي خبر هوندي ته آخري حصا ڪٽي سگهندو جنهن بابت ڪيس پڪ آهي ته هو گهٽ اهم حصا ڪٽي رهيو آهي. خبر کي آخري صورت ملڻ بعد اخبار جي ميڪ اپ ۾ جاءِ جي تنگي سبب سولائي سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻ اهميت واريون ڳالهيون ڪٽي سگهجن ٿيون.

(٢) سرخي لکڻ وارو مکيه ڳالهين تي مدار رکي سگهي ٿو ۽ هو هرويرو پوري خبر جي پڙهڻ کان بچي ويندو. يا نه ته به گهڻ ۾ گهڻ، اهم ترين نکتا انٽرو مان وٺي ياد تازه ڪري جلد سرخي لکي سگهي ٿو.

(٣) پڙهندڙ انٽرو پڙهي خبر جي مکيه ڳالهين کان واقف ٿي سگهي ٿو ۽ هو پوءِ پنهنجي پسند، لاڙي ۽ خبر جي اهميت جي لحاظ کان، به ٿي پئرا پڙهي، خبر جا گهڻ اهم حصا چڏي سگهي ٿو.

هيءُ ڳالهيون انهيءَ قسم جي انٽرو لاءِ لاڳو ٿيون ٿين جيڪو سنسني واري خبر ۾ ڪتب ايندو آهي؛ ڇاڪاڻ ته ان ۾ دلچسپ ترين ڳالهه خبر جي پوئين حصي ۾ ڪڏهن ڪڏهن آخري پئرا هوندي آهي.

## لاڳيتي واقعاتي خبر Chronological pattern

هن انداز جي خبر داستان گوئي واري انداز جو هڪ نمونو آهي ۽ جيئن ڪهاڻي ۾، هڪ واقعي کان پوءِ ٻيو واقعو نمودار ٿئي تيئن ئي بيان ڪيو ويندو آهي. هن خبر جي انداز ۾ نتيجو آخر ۾، جيئن ظاهر ٿيندو آهي، تيئن ئي لکيو ويندو آهي.

مثال طور: ”هڪ هوائي جهاز اغوا ڪندڙ ٽولي شهر جي هوائي اڏي تان هڪ جهاز اغوا ڪري ڪنهن رڻ پٽ ۾ وڃي لاهي، ۽ مسافرن جي آزاديءَ لاءِ هڪ ڪروڙ رپين جي گهر ڪري. بعد ۾ خبر پئي ته هيءُ اغوا ڪندڙ به راتيون اڳ شهر جي ائٽلس هوٽل ۾ اچي رهيا هئا. اتي هنن پاڻ کي هيرن جو خريدار ظاهر ڪيو. تمام وڏن ماڻهن سان ملاقاتون ڪيون. هنن جا تمام گهڻا بزنيس ٽيليفون آيا. ڪئين ٻئنڪر آيا. صبح جو ٦ لڳي ٢ منٽن واري بون ڏانهن ويندڙ پرواز ۾ هنن جي بڪنگ هئي. هنن ٽيڪسي بک ڪري ڇڏي هئي. هوائي اڏي تي پهتا. جهاز رنوي ڇڏي فضا ۾ بلند ٿيو ۽ هو فرسٽ ڪلاس مان نڪري پائلٽ جي روم ۾ ويا جتي هنن هوابازن کي رڻ پٽ ڏانهن هلڻ جو حڪم ڏنو. انهيءَ وقت هنن جي هٿن ۾ پستول ۽ دستي بم هئا. پائلٽ ريڊيو ذريعي پيغام ڏنو. اغوا ڪندڙن جو پيغام به ڏنو ۽ حڪم جي پوئواري ڪئي. پيغام ملڻ شرط حڪام، پوليس ۽ فائر برگيڊ جي عملي سان گڏ اغوا ڪندڙن سان ڳالهائڻ ويا. ليڪن هو هڪ ڪروڙ رپين کان سواءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسافرن کي آزاد ڪرڻ کان نابري واري ويٺا هئا. ١٨ ڪلاڪن جي انتظار کان پوءِ حڪام رقم ادا ڪئي. جنهن کان پوءِ مسافرن کي آزاد ڪيو ويو پر سلامتيءَ سان وڃڻ لاءِ هو جهاز کي پاڻ سان ڪٽي ڪنهن نامعلوم هنڌ تي هليا ويا. يرغمال واري عرصي دوران اغوا ڪندڙن مسافرن مان ٻارن ۽ عورتن جي سار سنڀال جو خاص خيال رکيو. پوليس بهرحال، پيچا ڳاچا لاءِ هوٽل ائٽلس ۽ اغوا ڪندڙن جي ملاقاتين جو معلوم ڪري رهي آهي.“

هن خبر ۾ ڪهاڻي ٻڌائڻ وارو انداز گهٽو آهي. اسان کي معلوم آهي ته ننڍي هوندي سڀ ڪهاڻي ٻڌڻ ۽ پڙهڻ ڏانهن لاڙو رکندا هئا. هن قسم جي سنسني خيز خبر ۾ انهيءَ انساني لاڙي کان فائدو ورتو ويو آهي، واقعي بعد واقعو بيان ڪيو ويندو جنهن ۾ پهريون واقعو هوٽل کان شروع ٿيندو ۽ آخر پوليس جي پيچا ڳاچا تي دنگ ٿيندو.

هن قسم جي ڪهاڻي ۾ جيتوڻيڪ غير اهم واقعو پهرين ٿيو آهي ۽ جيڪڏهن انهيءَ کي سڌي طرح بيان ڪبو ته سادو معلوم ٿيندو ۽ ڪا دلچسپي نه ڇڏيندو.

”اَبتي اهرامي“ خبر جي ابتڙ، هن ڪهاڻي ۾ پهرئين حصي کي دلچسپ بنائڻ لاءِ ڊرامائي Dramatic بنائڻو پوندو جيئن پڙهندڙ سموري ڪهاڻي پڙهي سگهي. هن قسم جي خبر ۾ سرخي جي اهميت کان انڪار ڪري نٿو سگهجي ڇاڪاڻ ته سرخي کان سواءِ پڙهندڙ خبر جي چيڙي تائين نه ويندو. هن جي سادي شروعات، هيئن ڊرامائي ڪري سگهجي ٿي:

” ڪئنٽاس جي وائڪائونٽ جهاز، رنوي ختم ڪيو ۽ هڪ گجگوڙ سان نيلي آسمان ڏانهن بلند ٿيو. ڪجهه هزار فٽ مس مٿي ٿيو هوندو ته فرسٽ ڪلاس ڪيبن مان آهستگيءَ سان ڪاري سوٽ ۾ ٻه نوجوان نڪتا ۽ پائلٽ جي ڪمري ۾ داخل ٿيا. پائلٽ ڪنڌ ورائي هنن کي ڏٺو پر ڪن آجيان پرين نگاهن سان نه، ڊپ ۽ هراس مان. هن آڏو لوڊ ڪيل پستول ۽ دستي بم هئا. ٻه لفظ نڪتا: ’ڊوسا ڏانهن هل‘ ۽ پائلٽن جهاز جو رخ موڙيو.“ ۽ باقي خبر هيئن ٿيندي:

” ٻن ڪلاڪن جي پرواز کان پوءِ، پائلٽ جو آلٽيميٽر هيٺ ڪرڻ لڳو. ٻنهي نوجوانن مان هڪ پائلٽ جي پير ۾ ويو. رخ ڏنائين ۽ اطمينان ٿيس ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صحيح هو. پائلٽ پنهنجي ساٿيءَ کي هدايتون ڏنيون. ٻنهي پائلٽن هڪٻئي کي ڏنو ۽ احتياط سان جهاز کي لاهڻ جي ڪوشش ڪئي. رنوي ڊوسا جي پراڻي هوائي اڏي هئڻ سبب تمام ڪرش لئنڊنگ ٿي ۽ جڏهن جهاز بيٺو ته هڻ پائلٽ کي ڪجهہ اناؤنس ڪرڻ لاءِ چيو. پائلٽ مسافرن کي ٻڌايو ته هو ڪجهہ دير پنهنجي جاءِ تي هجن. هڪ نقاب پوش ٻنهي پائلٽن کي ٻڌو ۽ اتي ئي ڇڏيو. اسٽيوارڊ کي ساڻ ڪري مسافرن آڏو آيا ته مسافرن جون رڙيون نڪري ويون. پر اغوا ڪندڙن مسافرن کي ٻڌايو ته ڪين ڪجهہ به نہ چيو ويندو. هو جهاز ۾ ئي رهن. ڪنهن به چون چرا ڪئي ته ان لاءِ چڱو نہ ٿيندو. هڪ ڇٽي اسٽيوارڊ کي چيو تہ مسافرن مان عورتن ۽ ٻارن جو خاص خيال رکيو وڃي. ٻئي پائلٽ روم ۾ ريڊيو تان ويجهي ڪنٽرول ٽاور کي اطلاع ڏنو ته جيستائين هڪ ڪروڙ رپيا نہ مليا آهن تيستائين هي مسافر نہ ڇٽندا. مدو ۲۴ ڪلاڪ- اسان سين شين تحريڪ جا ڪارڪن آهيون.“

”ٻہ ڪلاڪ گذريا، ٽي ڪلاڪ گذريا. نيٺ، ريڊيو تي ايويئيشن جي وزير جو آواز آيو: ”توهان سان ڳالهائڻ گهرون ٿا.“ جواب: ”بنا هٿيارن ۽ ٻہ ماڻهو.“ ڪلاڪ کن ۾ هڪ موٽر نظر آئي ۽ جهاز کان ۷۰-۸۰ وال پري بيٺي. ميگافون ذريعي انهن مان هڪ ڇٽي پنهنجي آمد جو اطلاع ڏنو، جنهن کي ٻڌايو ويو تہ ”جهاز ۾ اندر اچو. جيڪڏهن هٿيار هوندا تہ اوهان ۽ مسافرن سميت جهاز کي تباهہ ڪري ڇڏينداسين.“

”هو آيا- پائلٽ روم ۾ داخل ٿيا- ٻنهي جا چهرا لٿل هئا. ڪجهہ دير موجود رهيا. ڳالهيون ٿيون. اغوا ڪندڙن جي هڪ گهر هئي تہ ڪروڙ رپيا ملڻ گهرجن. اينڊڙ آفيسرن وڌيڪ ٻن ڪلاڪن ۽ مسافرن جي سلامتي جي گهر ڪئي- ۽ وري موٽي ويا.

ٿوريءَ دير کان پوءِ زون- زون ڪندڙ پوليس گاڏيون ۽ فائر برگيڊ جون انجڻيون جهاز کي ٿورو پري اچي بيهي رهيون ۽ ساڳيا آفيسر اغوا ڪندڙن کي جهاز جي پچر ڇڏڻ لاءِ چئي رهيا هئا. پر هنن صرف هڪ ڳالهہ تي ڪئي تہ وقت باقي ٿورو بچيو آهي. پنهنجن مسافرن جي خيريت چاهيو ٿا تہ رقم ڏيو.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"آفيسر کو چارو نہ ڏسي واپس وريا ۽ ۵ منٽ پاڻ ۾ صلاح ڪري اڪتي وڌيا. پوليس ۽ فائر برگيڊ جا دستا برابر بيٺا رهيا. جهاز جا اغوا ڪندڙ هوشيار رهيا. هنن ساڳي ڪمري ۾ آفيسرن کي گهرايو هو پر هن گهمري، هڪ وڏيڪ شرط سان، تہ پئسي جي ادائگي ۽ مسافرن جي واپسي تي هنن کي سلامتي سان وڃڻ لاء جهاز ڏنو ويندو- ٻي صورت ۾ نتيجو ابتو نڪرندو. ۽ ائين ئي ٿيو. آزاد ٿيڻ تي مسافرن آرام جو ساهہ کنيو. البتہ ٻارن ۽ عورتن هنن جي رويہ جي ڪا شڪايت نہ ڪئي."

"پوليس ائٽلس هوٽل جي عملي کان انهن ماڻهن جي پڇا ڳاڇا ڪري رهي آهي جن بابت چيو وڃي ٿو تہ هو انهن اغوا ڪندڙن سان مليل هئا. هنن اغوا ڪندڙن جن جي عمر ۳۵ ۽ ۴۵ سالن جي درميان هئي، پاڻ کي فرانس جا جواهري سڏيو هو."



هن قسم جي Narrative خبر جو دستور اهڙين خبرن ۾ گهٽو آهي جيڪي ڊرامائي انداز جون هجن، آرزو مندي يا ذاتي تجربن جي بنيادن تي حيرت انگيز هجن. هن قسم جي خبر کي "اهرامي" يا Paramedical جي سڏيو.

خبر لکڻ جو هڪ قسم جيڪو هيئنر دنيا جي مختلف اخبارن ۾ جديد لکڻ جو انداز بنجي رهيو آهي سو آهي ابتو اهرامي ۽ واقعاتي. يعني ابتو اهرامي شروع ٿيڻ کان پوء واري اهرامي يا Chronological. انهيء جي صورت ڪجهہ هن ريت آهي.



هن انداز ۾ جيئن "ابتي اهرامي" ۾ ٿئي، خبر جو اهم ترين حصو، مکيہ معلومات يا وري تازه ترين معلومات سڀ کان پهرين ڏبي ۽ انهيء کان پوء جيڪي واقعا ٿيا تيئن هڪبئي پٺيان لکبا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي اهڙيون خبرون بہ ايندڙيون آهن جن ۾ نہ تہ بيان ڪرڻ جو انداز هوندو آهي نہ وري اهي ابتي اهرامي، يا اهرامي انداز ۾ اچن ٿيون، پر هنن ۾ صرف ڪنهن هڪ نڪتي جي يا ڪن نڪتن جي وضاحت ڪيل هوندي، يا وري تجويزون ڏنل هونديون.

انهيءَ قسم جي خبرن جو هر حصو هڪجيترو اهم هوندو آهي جنهن ڪري انهيءَ جو ڍانچو ڪجهہ مستطيل ٿيو وڃي.



هن قسم جي خبرن ۾ تجارتي خبرون، واپاري تبصرا، اقتصادي اڳڪٿيون، يا وري ايجادن جون خبرون اچي وڃن ٿيون جن ۾ وضاحت ۽ کولي سمجهائڻ جي ضرورت ٿئي ٿي. نوان عدالتي فيصلا، آئيني تشريحون بہ هن دائري ۾ اچن ٿيون.

## ننڍا پيراگراف

اهو ضروري آهي تہ انترو ۾ لفظ گهٽ رکيا وڃن پر اهو وڌيڪ ضروري آهي تہ سموري خبر ۾ پيراگراف ننڍا ننڍا هجن. اخباري پيراگراف مڪينڪي حصا آهن- پيو ڪجهہ نہ. عام طور اٺن لائينن کان وڌيڪ ڪا پيرا نہ هئڻ گهرجي. پاڻ ڪوشش ڪري انهيءَ کان بہ گهٽ هجن.

نفسياتي تجربن ثابت ڪيو آهي تہ ننڍا پيراگراف، وڏن جي ڀيٽ ۾ سولائي ۽ دلچسپي سان پڙهي سگهجن ٿا. انهيءَ لاءِ هي ڪارڻ آهي:

١- خبر جي مجموعي بيهڪ ۽ ڏيک بهتر ٿئي ٿو، اها وڌيڪ پڙهڻ لائق بنجي ٿي.

٢- پڙهائي جي ماهرن جي راءِ مطابق ان ۾ جلد ۽ سٺي پڙهڻ جي لياقت وڌي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٣- خبر تيار ٿيڻ بعد، اخبار جي پيج ۾ ميڪ اپ ڪرڻ ۾ تمام گهڻي سولائي ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ تہ هن ۾ ننڍڙا حصا گهٽا ٿين ٿا جنهن جي پيٽ ۾ وڏين پئراڻن واري خبر ڏکيائي سان نيائي سگهجي ٿي، ۽

۴- پروف ريڊر جي درستين ڪرڻ ڪان پوء، درستين ڪرڻ ۾ تمام گهٽ وقت لڳندو. ڇاڪاڻ تہ ننڍڙي پئراگراف ڪي ڦيهر سيٽ ڪرڻ ۾، وڏي پئرا جي پيٽ ۾ وڏيڪ سولائي ۽ سيگهڙائي ٿيندي.

## ڇليدار بنائڻ

خبر جا مختلف حصا، اهڙيء طرح پاڻ ۾ ڳنڊيل هئڻ گهرجن جو پڙهندڙ کي رڪاوٽ محسوس نہ ٿئي. هن انداز کي Spiralling يا ڇليدار بنائڻ چيو ويندو آهي. خبر ۾ رواني هئڻ گهرجي.

اتي رو ڪان ونڃي، پڇاڙيء تائين حصا اهڙيء طرح پاڻ ۾ ڳنڊيل هئڻ گهرجن جيئن هڪ ڇلي جا ور، هڪٻئي ۾ لڳل ٿين ٿا. جيڪڏهن خبر جو انداز ڪهاڻي وارو يا بيانيہ آهي تہ انهيء ۾ لفظن "۽ پوء"، "انهيء وچ ۾"، "ايتري ۾"، "پر" ڪان ڪم وٺي پئراگرافن کي پاڻ ۾ ڳنڊيي سگهجي ٿو، پر ساڳي خوبي ٻين خبرن ۾ بہ پيدا ڪرڻي آهي. مثال طور هن طريقي سان اها خوبي آڻي سگهجي ٿي:

### (١) خيال جو تسلسل:

مثال طور جيڪڏهن ڪنهن موٽر جي چوري بابت ڪا خبر آهي تہ اهو پڪ سان محسوس ڪري سگهجي ٿو تہ پڙهندڙ ايندڙ پئراگراف ۾ انهيء خيال کي ڏسڻ گهري ٿو.

### (٢) مکيہ لفظن جو ورجائڻ:

مثال طور صدر چيو تہ زبان کي **هنگامن** جو بنياد بنائڻ حماقت آهي. "**هنگاما** ڪرڻ هرويرو مقصد آهي تہ پوء اسان انهيء کي منهن ڏيڻ لاء تيار آهيون." صدر وڌيڪ چيو:

"**هنگامن** ئي تہ اسان جي قومي تاريخ جا قيمتي ۴۵ سال ڪاڏا آهن ۽ اڃا نادان عناصر ڪيترو وقت انهيء جو سهارو وٺندا."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مون وڏيرپ ڏني آهي. آءُ پاڻ وڏيرو آهيان. پر مون کي نه فوجي وڏيرپ کپي، نه سياسي وڏيرپ کپي ۽ نه وري کا اخباري وڏيرپ جي گهرج آهي.

## (٣) مختلف انڪشن جي لفظي عڪاسي ڪرڻ يا منظر نگاري ڪرڻ

ٻئي طرف، ميونسپل ڪميٽي ڇتن ڪتن جي ويجهه خلاف وٺ پڪڙ شروع ڪري ڏني آهي.

انهيءَ وقت دوران، اسپيشل پوليس هوائي اڏي تي حفاظتي انتظام سخت ڪري ڇڏيا آهن:

پر مبصرن جو خيال آهي ته ويٽنام جي صورتحال ڪا بهتر نه ٿي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بهتر انٽرو جي تلاش

اج جي موجوده دؤر جو پڙهندڙ، انهيءَ ماڻهو جيان آهي جيڪو ڊوڙندو به رهي ۽ پڙهندو به رهي. اج جي زماني جا پڙهندڙ جلد از جلد معلومات حاصل ڪرڻ جا خواهشمند آهن. گهڻو ڪري ائين ٿيندو آهي ته پڙهندڙ متاچري نظر وجهي سرخيون ۽ هڪ اڌ پيرا پڙهي اخبار ڇڏي ڏيندا آهن. جيتوڻيڪ انهيءَ مان هو ڏينهن جي مکيه خبرن کان واقف ٿي ويندا تڏهن به هيٺ دلچسپ معلومات ڇڏي ويندا آهن.

انهيءَ لاڙي جي ڪري، پڙهندڙ کي وڌ ۾ وڌ معلومات تڏهن ملندي جڏهن ڪنهن واقعي بڌائيندي، رپورٽر پڙهندڙ کي خبر جي سوالن جا جواب ڏيندو جيڪي آهن:

ڪير؟

ڇا؟

ڪڏهن؟

ڪٿي؟

ڇو؟

۽ ڪيئن.

مثال طور، ڪا خبر باهه جي متعلق آهي. انهيءَ واقعي کان آگاهه ڪرڻ لاءِ رپورٽر سوالن جا هن طرح جواب ڏيندو:

ڇا؟ ”باهه لڳي“

ڪٿي؟ ”گاڏي کاتي ۾“

ڪڏهن؟ ”اڱاري رات“

ڇو؟ هڪ غافل بيڙي پيئندڙ جي غلطيءَ سببان. (هن ۾ شخصيت به اچي وڃي ٿي جيڪا هن واقعي جي ذميدار ٿي سگهي ٿي، يعني اهو ماڻهو جنهن بيڙيءَ جو ٽوٽو غفلت وچان ڦٽي ڪيو.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئن؟ انهيءَ جو جواب، رپورٽر مختلف اندازن سان ٻڌائي سگهي ٿو. مثال طور هي ته فائر برگيڊ وقت سر پهچي نه سگهي يا وري هي ته تيز هوا لڳي رهي هئي، يا اطلاع جلد نه ملي سگهيو. انهيءَ سان گڏوگڏ رپورٽر پنهنجي معلومات کي جامع بنائڻ لاءِ نقصان جو اندازو ٻڌائي سگهي ٿو. پر انهيءَ خبر ٻڌائڻ لاءِ هر رپورٽر مختلف اندازن سان ٻڌائيندو ۽ انهيءَ ۾ ڪوشش اهائي ڪندو ته وڌ ۾ وڌ معلومات، گهٽ ۾ گهٽ لفظن ۾، پنهنجي پڙهندڙ جي دلچسپي وٽان پيش ڪري. اهوئي ڪارڻ آهي جو هر رپورٽر، هر سب ايڊيٽر ۽ نيوز ايڊيٽر بهتر کان بهتر انٽرو جي تلاش ۾ رهندو آهي.

نيوز ايڊيٽر سدائين پنهنجي سب ايڊيٽر کي واڪا ڪري چوندو آهي ته، "خبر کي ولوڙي ان جو مکڻ ڪڍي پهرئين پئرا ۾ رکو، انهيءَ سان گڏ باقي خبر جي دلچسپي به قائم رکو." بهتر انٽرو جي سڃاڻپ اها آهي ته اها نه صرف پڙهندڙ جي تجسس کي پورو ڪندو پر هن کي وڌيڪ پڙهڻ تي به مجبور ڪري ٿو. انهن سمورين ڳالهين کي ڌيان ۾ رکڻ کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو ته "بهتر انٽرو اهو آهي جيڪو ۵ شين جي پورائي ڪري. خبر جو تت پيش ڪري، واسطيدار شخصن ۽ جاين جي نشاندهي ڪري، خبري تصوير کي چٽو ڪري، واقعي جي تازه ترين صورتحال کان آگاهه ڪري ۽ جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهي ته پڙهندڙ کي وڌيڪ خبر پڙهڻ لاءِ مجبور ڪري." پر هڪ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته هي سڀ ڪجهه مختصر ترين ۽ تمام جلد ٿيڻ گهرجي.

روڊلف فليچ، هڪ ممتاز آمريڪي اخبار نويس ۽ ايسوسيئيٽڊ پريس جو مشير انهيءَ تي زور ڏئي ٿو ته "ڪير، ڇا، ڪڏهن، ڪٿي ۽ ڇو" جي سوالن وارا انٽرو هاڻي آثار قديمه بنجي چڪا آهن. پر تنهن هوندي به ڪڏهن ڪڏهن آثار قديمه کي محفوظ رکڻو پوي ٿو. ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي مقابلي ڪري هاڻي اهي لاڙا بدلجي رهيا آهن. هن لاڙي جي نتيجي ۾، مختصر ترين انٽرو جو رواج پئجي ويو آهي. ۱۹۵۴ع تائين اخبارون گهٽ ڪري انٽرو جي سائيز ۳۰ لفظ رکنديون هيون، پر پوءِ وري تحقيقات ڪرڻ بعد اهو گهٽجي ۲۷ ۽ پوءِ موريگو، ۲۳ لفظ ٿي ويو. انٽرنيشنل نيوز سروس پنهنجي عملي کي هدايتون ڪندي آهي ته "انٽرو ٽن سٽن يا انهن کان به گهٽ مقدار ۾ لکو".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## انٽرو جا قسم

اوهان روزانه ڪيئي اخبارون ڏسندا هوندؤ جنهن مان صاف ظاهر ٿيندو ته هڪ ئي خبر جو انٽرو ڪيئي مختلف اندازن سان پيش ٿيندو آهي. هر اخبار پنهنجي پڙهندڙن لاءِ جيئن مناسب سمجهندي هوندي، ائين پڙهندڙن آڏو پيش ڪندي. ائين چوڻ مناسب نه ٿيندو ته سيني اخبارن جو انٽرو هڪجهڙو هجي، پر اهو چوڻ مناسب ٿيندو ته انٽرو ڪان وڌيڪ اخبار ۾ٻي ڪا اهم شيءِ ڪانهي. هر خبر لکندڙ، هر سب ايڊيٽر ۽ هر ايڊيٽر جو پهريون ۽ اهم ترين مسئلو بهتر انٽرو لکڻ ٿئي ٿو.

اها ڳالهه طئي آهي ته هر اخبار جو نيوز ايڊيٽر پنهنجي پڙهندڙ جي پسند کي آڏو رکندو، ڇو ته هر اخبار جو پڙهندڙ ڌار خيال جو ٿئي ٿو. تنهنڪري اها حقيقت به بلڪل صاف آهي ته هر اخبار جو انٽرو ڌار زاويي کان هوندو. هڪ ئي خبر جو انٽرو "جنگ" اخبار جو ڌار هوندو ته "جسارت" جو بنهه ڌار ته وري "مساوات" جو ڌار هوندو. "مهراڻ" هڪ خبر کي پنهنجي نڪته نظر سان پيش ڪندي ته "هلال پاڪستان" جو انٽرو ساڳي خبر لاءِ قطعي ڌار هوندو. "ڊان" اخبار جو انٽرو پنهنجي پڙهندڙن لاءِ هوندو پر اهو سوچي نٿو سگهجي ته ساڳيو انٽرو "دي نيوز" يا "ليڊر" ۾ اچي.

ڇا به هجي پر، هر اخبار نويس جو وڌ ۾ وڌ خيال اهو هوندو آهي ته هو پنهنجي انداز سان بهتر ۾ بهتر انٽرو پيش ڪري. انهيءَ سلسلي ۾ هي به اهم ڳالهيون آهن جيڪي بهتر انٽرو لاءِ بنيادي حيثيت رکن ٿيون: ڪنهن رپورٽر جو پنهنجو انداز، ٻيو اخبار جي پنهنجي اسٽائيل. انهن ٻنهي مان ڪنهن ڪنهن هڪ کي به ڇڏي نٿو سگهجي. ان سان گڏوگڏ ٻيا به ڪيترائي جزا آهن جيڪي انٽرو کي مربوط، جامع، پڙهڻ لائق ۽ مسلسل بنائين ٿا.

بنيادي طور انٽرو جا ٻه مکيه قسم آهن:

هڪ عروجي انٽرو Climax intro جيڪو خبرن ۾ استعمال ٿيندو آهي. هن ۾ خبر جو اهم تت پڌائي پوءِ خبر "اهرامي" انداز ۾ شروع ٿئي. ٻيو رکيل دلچسپي وارو انٽرو Suspended interest intro يا Delayed intro ۾ خبر جي تت جو اهم حصو اهرامي خبر وانگيان پڌائي پوءِ وري ابتي اهرامي انداز ۾ واقعن جو سلسليوار ذڪر ڪجي جيئن پڙهندڙ ڇيڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين سموري خبر پڙهي. هن انداز ۾ انٽرو جو مقصد پڙهندڙ لاءِ وڏيڪ دلچسپي پيدا ڪرڻ آهي جيئن هو باقي خبر ضرور پڙهي.

## انٽرو جا مکيہ قسم هي آهن:

### ا- سادو اجمالي انٽرو The digest intro

هن قسم جي انٽرو ۾ سمورا مکيہ جزا سادي ۽ سڌي سنئين انداز ۾ بيان ڪيل هوندا آهن. هن جو ڍانچو بہ تمام سادو ٿئي ٿو ۽ خبر جو بنيادي حصو بنجي ٿو. ان جو هڪ نمونو هي آهي:

”سکر ۴- گذريل رات ڏهرڪي کان ۴ ميل پري ناري واهہ تي ڌاڙيلن ۽ پوليس ۾ فائرنگ ٿي جنهن ۾ خطرناڪ روپوش ڌاڙيل خوش محمد سرڪي ۽ حسام الدين ڪوسو اڦٽ مري ويا. سندن ساٿي ڀڄي ويا ۽ پوليس ٻن رائفلن ۽ سوين گولين تي قبضو ڪيو.“

### ٢- سڌو مخاطبي انٽرو The direct appeal intro

هي انداز پنهنجي دلچسپي ذاتي تخاطب مان وٺي ٿو. هن ۾ نيوز ايڊيٽر يا رپورٽر سڌي طرح، پڙهندڙ سان مخاطب ٿئي ٿو يا ڪيس انهيءَ واقعي ۾ ملوث ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح پڙهندڙ، جيڪي بہ اڳتي لکيو ويندو انهيءَ جو حصو بنجي ويندو. هن جي ابتدا ڪجهہ هن طرح ٿيندي:

”ڇا ڪڏهن توهان سوچيو آهي تہ“ يا ”اوهان ڪڏهن ڏٺو آهي“ يا ”پڙهيو آهي....“

هن جو هڪ مثال هيءُ آهي:

”جيڪڏهن اوهان پنهنجي نئين گهر پرسان ٽرئفڪ جي شور و غل کان تنگ آهيو تہ پوءِ ريلوي اسٽيشن پرسان انهيءَ شاگرديائيءَ لاءِ سوچيو جيڪا ٽن سالن کان ڊاڪٽري لاءِ تياري ڪري رهي آهي. هوءَ هتي پنهنجي پيءُ سان گڏ رهي ٿي جيڪو پڻ ريلوي ۾ ڊاڪٽر آهي.“

### ٣- واقعاتي انٽرو The circumstantial intro

هن قسم جو انٽرو انهيءَ واقعي يا واقعن سان شروع ٿيندو جنهن جي ڪري خبر ٺهي. هن قسم جو انٽرو انهن خبرن لاءِ چڱو ٿئي ٿو جنهن ۾ انسان جي عام لاڙي Human interest جو ڪجهہ هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيٺ ڏنل خبر ۾ انهيءَ قسم جو انٽرو ڏسي سگهجي ٿو. خبر هڪ حادثي جي آهي جنهن ۾ هڪ ٽرڪ ڪري پئي ۽ هڪ ماڻهو مري ويو پر اصل ۾ انهيءَ جو ڪارڻ ڊرائيور جي ننڊ هئي جنهن ڪري اهو حادثو پيش آيو:

خيرپور ٢- پنجاب کان اينديڙ هڪ ٽرڪ ڊرائيور جي ننڊاکري هٽڻ ڪري، رات هتي هڪ ٻي ٽرڪ سان آمهون سامهون ٽڪرڻ ڪري هڪ شخص مئو ۽ ٢ ڦٽيا.

چيو وڃي ٿو ته- ...

ٻي هڪ خبر جي انٽرو ۾ ساڳي قسم جو عنصر ملي ٿو. خبر هڪ بس جي ڪرڻ جي آهي، جيڪا ڊرائيور چالو حالت ۾ ڇڏي چانهه پيئڻ ويو ته بس ڀتي هتي وڃي هڪ کڏ ۾ ڪري جنهن ۾ هڪ ماڻهو مري ويو.

پير جو ڳوٺ ٢٨- مسافر بس، چالو حالت ۾ ڇڏي چانهه پيئنڊڙ ڊرائيور، هڪ مسافر ڪٺائي وڌو.

اهو واقعو پير ڳوٺ وٽ ٿيو جنهن ۾ خيرپور ڏانهن وينديڙ بس نمبر ٣٢٨٨، پير ڳوٺ بس اسٽينڊ وٽ بيٺي، پويان بس پاڻهي رڙهي وڃي کڏ ۾ ڪري جنهن ۾....

## ٤- بيانيہ يا حواليہ انٽرو

The statement or quotation intro

هن قسم جي انٽرو ۾ ڪنهن اهڙي ڏنل حوالي کي، جيڪو خبر جي ڪنهن پهلو طرف اشارو ڪري، انهيءَ کي خبر ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو. تقريرن جي رپورٽ ڪرڻ ۾ ڪڏهن ڪڏهن، مقرر اهڙا رمارڪ پيش ڪندو آهي جيڪو پاليسي ڏانهن اشارو هوندو يا وري سموري تقرير جو لب لباب هوندو. پوءِ يا ته رپورٽر انهيءَ کي سڌيءَ طرح استعمال ڪري يا وري پنهنجي ذهانت سان خبر جا حواس ڳنڍي استعمال ڪري.

اسلام آباد ٣- "آمريڪا جيڪڏهن اسان کي گهربل تعداد ۾ هٿيار نہ ڏنا تہ اسان بہ ايٽمي ڌماڪو ڪنداسين."

وزير اعظم ٻئي اڄ اهو اعلان هڪ انٽرو ۾....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٥- منظر نگاري وارو انٽرو The descriptive intro

هن قسم جي ابتدا لفظن جي تصوير ڪشي سان ٿيندي آهي. هن ۾ رپورٽر جنهن واقعي جي رپورٽ ڪندو تنهن جي لاءِ منظر تيار ڪندو ۽ انهيءَ ۾ مذڪوره واقعي جي هڪ يا ٻن مکيه ڪردارن جي عمل کي پس منظر ۾ پيش ڪندو. هن قسم جو انٽرو خبرن کي مضموني انداز ڏيڻ لاءِ به ڪتب ايندو آهي يا اهڙين خبرن کي ناهڻ لاءِ جن ۾ انساني دلچسپي جو ڪجهه عنصر هوندو آهي. مثال طور:

پڊعيدن، ٢٢ آڪٽوبر- فوجي ڊريس ۾ ملبوس ٻن ٺڳن هڪ شخص پاڻ کي ميجر سڏائي، ۽ ٻيو سندس اردلي بڻجي، هتان جي ٻن مک زميندارن کي زمين ۾ ڦير گهير ڪرڻ جي بهاني ۷ هزار رپيا ٺڳي پيچي ويا.

يا وري دادو، ٢٧ ڊسمبر- شام جو ساڍا ۷ ٿيا ها. شهري پنهنجي گهرن ڏانهن وڃي رهيا هئا. شهر جي دستوري چهل پهل ۾، بس اسٽاپ ڏانهن ويندڙ گهٽيءَ ۾، هڪ نقاب پوش سائيڪل تي سوار ٿي ۽ اتي نشان فوٽوگرافر جي دڪان ۾ ڪا شيءِ اڇلي. اوچتو ڌماڪو ٿيو، ۽ چيخن سان گڏ دڪان مان ڪاري دونهين جو ڪڪر اڀرڻ لڳو.

## ٦- انتظار وارو انٽرو Suspended interest intro
## يا Delayed intro

هن قسم جي انٽرو ۾ خبر پڙهڻ لاءِ وڌيڪ انتظار پيدا ڪيو وڃي ٿو. هن انٽرو ۾ اها سڀ بنيادي معلومات ڏني وڃي ٿي جيڪا هن جي لاءِ ضروري آهي پر انهيءَ سان گڏ پڙهندڙ ۾ اها دلچسپي به پيدا ڪري ٿو جيڪا ڪيس باقي خبر پڙهڻ لاءِ مجبور ڪري. انٽرو پوري ٿيڻ ڪان پوءِ، خبر پنهنجي پهرين واقعي کان هلندي ۽ آخري نظاري ۽ نتيجي تائين سلسليوار واقعن جو تفصيل ڏنل هوندو، انهيءَ ڪري ته پڙهندڙ آخري نتيجي تائين خبر لازمي طور پڙهي. گهڻو ڪري رپورٽر ننڍين خبرن لاءِ هي انداز اختيار ڪندا آهن ڇاڪاڻ ته وڏين خبرن ۾ پڙهندڙ ٿڪجي پوندو- مثال طور:

سکر ٢٣ نومبر- ريلوي گيٽ ڪيپر جي حاضر دماغي خيبرميل جي اٽڪل ۷۰۰ مسافرن جي حياتين کي بچائي ورتو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ حڪومت جي زوري رٽائر ڪيل آفيسرن ۾ اهڙن ڪن آفيسرن جا نالا به ڏنا ويا آهن جيڪي ڪيئن سال اڳ رٽائر ڪري ويا آهن. سندن عزيزن نه صرف تيجها ڪري ڇڏيا آهن پر ٻارها به ٿي ويا آهن. انهن آفيسرن ۾ هڪ مرحوم ثنا الله رٽائرڊ سينسس آفيسر آهي جيڪو ٣ سال اڳ گذاري ويو آهي. ٻيو جميل الرحمان آهي جنهن ٢ سال اڳ رٽائر ڪيو ۽ ٦ مهينا اڳ دل جي دوري پوڻ ڪري هن دنيا مان به رٽائر ڪري ويو."

انٽرو جو قسم ڪهڙو به هجي پر انهيءَ جي بنيادي مقصد ۾ ڪا تبديلي ڪانه ٿي اچي ته اهو اختصار هجي، دلچسپ هجي ۽ باقي خبر پڙهڻ تي مجبور ڪري. تنهنڪري انٽرو لکڻ ۾ هي ڳالهيون ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهن:

(الف) خبر جي مختلف ۽ مکيه ڳالهين کي انٽرو لکڻ کان اڳ پنهنجي ذهن ۾ رکو.

(ب) پنهنجو پاڻ کان پڇو، ته پڙهندڙ لاءِ نه اوهان لاءِ

(١) ڇا دلچسپ آهي؟

(٢) ڇا وڌيڪ اهم آهي؟

ياد رکو ته اوهان پنهنجي لاءِ ڪونه ٿا لکو، پڙهندڙ لاءِ ٿا لکو. اوهان پنهنجي لاءِ لکندا ته پوءِ پنهنجي پسند ۽ ناپسند مطابق انهيءَ کي رنگ ڏيئي ويندا ۽ اهو اخباري دنيا ۾ نه ٿيڻ گهرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خبر نويسيءَ ۾ پڙهائي جو درجو

گذريل ٢٥ سالن کان اخبار نويسيءَ ۾، پڙهندڙن جي اهليت، لاڙن، پسند جي ونڊرن، علم ۽ ماحول مطابق تمام گهڻا تجربا ڪيا ويا آهن. خاص ڪري خبر ۾ قابل مطالع عنصر جي ڳولا تي. ڇاڪاڻ تہ اخبار وارو پنهنجي لاءِ نہ پر عام پڙهندڙن لاءِ اخبار ڇاپيندو آهي، پر اها ڪيئن خبر پئي تہ اخبار جي پڙهندڙ کي چيپل خبرن ۾ اهو عنصر ملي ٿو، اهو دلچسپ جزو ملي ٿو يا نہ. انهيءَ تحقيق ڪرڻ لاءِ وڏين اخبارن، رسالن ۽ خبر رسان ايجنسين پنهنجي لاءِ Readability experts مقرر ڪيا. انهن ماهرن جي راءِ مطابق اخبارون گذريل ٢٥ سالن کان نئين انداز ڏانهن مڙنديون رهيون آهن. اهو انداز آهي: مختصر جملا، ننڍڙا پئراگراف ۽ سولا يا روزمره جي حياتيءَ ۾ ڪتب ايندڙ لفظ.

ايسوسيئيٽيڊ پريس آف آمريڪا پنهنجي لاءِ "دي آرٽ آف پلين ٽاڪ" جي مصنف روڊلف فليچ Rudolph Flech ١٩٥۴ع ۾ اهو نتيجو ڪڍيو تہ خبر جي مکيہ جزي انٽرو جي ڏيگهہ وڌ ۾ وڌ ٣٠ لفظ هئڻ گهرجي. انهن ئي ڏينهين بين محققن انٽرو جي ڏيگهہ ٣ لائينون رکي. ڪجهہ عرصو اهو دستور رهيو ۽ بين الاقوامي اخباري ايجنسين ايترو مقدار رکيو.

انهيءَ کان پوءِ روڊلف فليچ Readability تي وڌيڪ توجهہ ڏنو ۽ ڪيس نيويارڪ يونيورسٽي سان بہ شامل ڪيو ويو. هن وڌيڪ تحقيق کان پوءِ اها صلاح ڏني تہ انٽرو ٢٧ لفظن تائين گهٽايو وڃي ۽ انهيءَ کان پوءِ مورڳو ٢٣ لفظن تائين گهٽائي ڇڏيو. انهيءَ سان گڏوگڏ لفظن جي اچاري ڏيگهہ Syllable، ١٠٧۴ اچارن کان گهٽائي ١٠٥٥ اچار ڪري ڇڏي. Syllable لفظ جي اچاري حصي کي سڏبو آهي جنهن جي سمجهائي هيٺن تي سگهي تہ:

لفظ چوندہ هڪ اچار جزي ۾ ادا ڪري سگهجي ٿو، پر "[illegible]



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ادائگي جي جزن ۾ ورهائبو يعني انت+خا+بات اهي ٣ جزا ٿيا. هن جو مقصد اهو هو تہ اخباري لکڻي اهڙي هجي جو ١١٠٧ سالن جي پڙهندڙ لاءِ موزون ٿئي، جيتوڻيڪ هن کان اڳ اها حد ١٦٠٧ سالن جي پڙهندڙن لاءِ هوندي هئي.

يونائيٽيڊ پريس پنهنجي لاءِ رابرٽ گننگ Robert Gunning جون خدمتون حاصل ڪيون جيڪو ڪولمبس، اوهايو آمريڪا جي ريڊيل نيوز رپورٽ جو ڊائريڪٽر هو. جيتوڻيڪ اخباري خبر پڙهڻ جي اهليت هر پولي ۽ طبقي لاءِ ڌار ڌار ٿيندي آهي تڏهن بہ هنن پنهنجي فارمولا جو اطلاق ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين لازمي ٿئي ٿو. بهرحال، مجموعي طور هنن پنهي جي فارمولا ۾ لفظ جي ڊيگهہ، جملي جي ڊيگهہ، لفظن جي ڏکيائي يا سولائي ۽ ڪنهن لکت ۾ "ذاتي" نوعيت جي لفظن جو تعداد ڏنل آهي.

### فليچ فارمولا:

فليچ فارمولا هي ڳالهيون آڏو رکي ٿو:

١- لفظن جي سراسري ڊيگهہ- هن جي سراسري ١٠٠ لفظن جي اچاري حصن Syllables جو تعداد ڪڍي وٺڻ ڪرڻ سان ڪڍي سگهجي ٿي. هن جي چوڻ مطابق جيترا لفظ ڊگها هوندا اوترو پڙهائي ۾ ڏکيائي ٿيندي، ٻين لفظن ۾ تہ جيترا اچاري حصا وڌيڪ هوندا اوترا لفظ پڙهڻ ۽ ادا ڪرڻ ۾ ڏکيا هوندا. فليچ چئي ٿو تہ لفظن ۾ Suffixes ۽ Prefixes وجهڻ سان، لفظ ڳرو ۽ ڏکيو ٿيو پوي.

٢- سراسري جملي جي ڊيگهہ- هن جي ڪٿ، لفظن جي تعداد کي ڳڻتي جوڙ ڪري، جملن جي تعداد سان ونڊي ڪڍي سگهجي ٿي. جيترو جملو ڊگهو هوندو اوترو ماڻهو ڏکيائي سان سمجهندو.

٣- خبر ۾ انساني دلچسپي جا في سئو لفظ ڪيترا آهن- هن ضمن ۾ ماڻهن جا نالا ماڻهن جي دلچسپي جون چيزون، ملڪيت جون شيون ۽ مذڪر يا مؤنث جنس سان وابستہ سمورا لفظ ۽ محاورا. ذاتي دلچسپي جا جيترا لفظ گهٽا هوندا اوتري خبر وڌيڪ پڙهڻ لائق بنبي.

۴- انساني دلچسپي جي موضوع ۾ اهي سمورا جملا بہ اچي وڃن ٿا جيڪي پڙهندڙ کان سوال ڪن يا وري عام قسم جا مسئلا هجن جن ۾ پڙهندڙ سڌيءَ طرح شامل ٿي وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪننگ فارمولا:

ڪننگ فارمولا، فليچ کان ٿورو هٽيل آهي. هو صرف ٻه مکيه جزا آڏو رکي، پوءِ خبريت، ۽ پڙهڻ جي اهليت جو ڪاٿو ڪري ٿو. اهي هي آهن: لفظن جي ڊيگهه ۽ سخت لفظ جن کي هو Fog index سڏي ٿو.

**١- جملي جي ڊيگهه:** ڪننگ فارمولا جملي جي ڊيگهه ڪڍڻ لاءِ هڪ ٻيو طريقو ڪتب آڻي ٿو. هو سموري خبر جا لفظ ڳڻي پوءِ جملن جي تعداد سان ونڊي ٿو. جيڪڏهن اها خبر تمام ڊگهي آهي ته خبر جي مختلف هنڌان ٻه يا ٽي ٽڪرا ڪيا ويندا آهن پر ڪوبه ٽڪرو ١٠ لفظن کان گهٽ نه هجي. "ٽائيم مئگزين" جي جملن جي ڊيگهه ١٦ لفظن کان ١٨ لفظ ٿئي ٿي جڏهن ته "ريڊرس ڊائجيسٽ" اٽڪل ١٨ لفظ، ماهوار مئگزين "ائٽلانٽڪ" جيڪا هڪ دانشور جي معيار جي مئگزين ليکجي ٿي، انهيءَ جي ڊيگهه سراسري ٢٤ لفظ آهي. ڪننگ چئي ٿو ته پڙهڻ ۾ دشواري انهيءَ وقت پيدا ٿئي ٿي جڏهن جملو ٢٠ لفظن يا انهيءَ کان وڌي ٿو.

**٢- ڏکيا لفظ:** هي ٻنا، منجهائيندڙ يا هرو ڀرو انگهيل ۽ Suffix يا Prefix لڳل هوندا آهن. ڪننگ جي آڏو ڏکيا لفظ اهي آهن جيڪي (١) ٽن يا چئن اچاري حصن تي مشتمل آهن پر انهيءَ جي ڳڻپ ۾ ننڍن لفظن جا مرڪب شامل نه هئڻ گهرجن جهڙوڪ زردوز، قبرستان (٢) ڊگها اسمي ضمير يا فعل جهڙوڪ ڪومائجي، اتاري، ڦيرايل وغيره، ۽ (٣) جيڪي اسم خاص آهن.

Fog index تي پهچڻ لاءِ، جملي جي سراسري ڪيي، ان ۾ في سؤ لفظن ۾ ڏکين لفظن جي شرح ڪيي ان کي ٠.۴ سان ضرب ڪرڻو پوندو.

## عام اعتراض

فليچ توڙي ڪننگ جي فارمولن تي هڪ عام اعتراض آهي. اهو هي ته ٻئي فارمولا، پڙهندڙ جي لفظن بابت ڄاڻ يا انهن سان وابستگي نٿا ڏسين. مثال طور اهي لفظ استمراريت، معقوليت، ناز برداري يا ڦوٽهڙي کي ڏکيا لفظ قرار ڏين ٿا پر طبع، ليل، لغو، لاغر، صنم سولا ٻڌائين ٿا.

فليچ ۽ ڪننگ فارمولا جي ابتڙ، اوهايو اسٽيٽ يونيورسٽي جي بيورو آف ايجوڪيشنل ريسرچ جي ريڊبلٽي ماهرن ڊاڪٽر ايڊگر ڊيل ۽ مسز جين چال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ فارمولا ڏسيو آهي، جيڪو پڙهندڙ جي لفظن سان واقفيت ۽ انسيت کي آڌو رکي ٿو. انهيءَ جو بنياد اهي ٣ هزار لفظ آهن جيڪي ڪو ٻار ۴ سالن تائين اسڪول ۾ پڙهڻ بعد حاصل ڪري ٿو. ڊيل-پال فارمولا، جملي جي ڊيگهه کي به هڪ بنياد بنائي ٿو.

انهن فارمولائن ۽ حقيقتن جي روشني ۾ انهيءَ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته Readability format سٺي رهبري ڪري ٿو. تحقيق ظاهر ڪيو آهي ته ننڍا جملا، ننڍا لفظ ۽ مانوس لفظ پڙهائي ۾ سولا آهن. پر انهيءَ کان تمام اهم ڳالهه هيءَ آهي ته سولو ۽ سڌو سنئون خيال ۽ انداز هئڻ گهرجي. منجهيل مسئلا ۽ خبرون به اهڙي طريقي ۾ پيش ڪرڻ گهرجن جيئن هڪ ٿورو پڙهيل ماڻهو به انهن کي سولائيءَ سان سمجهي سگهي.

پڙهندڙ کي نامعلوم واقعي کان آرام سان واقف ڪرڻ ۽ معلومات درجه وار ڏيڻ گهرجي جيئن هو ذهن ۾ وهاري سگهي. منجهيل صورتحال ۽ ڏکين لفظن کي تمام سولي انداز ۾ سولي، عام فهم ٻوليءَ رستي سمجهائڻ گهرجي. خبر جو پس منظر جيڪو عام پڙهندڙ کي معلوم ناهي،سو ڏيڻ گهرجي. هڪ لکندڙ جيڪو اقتصاديات، سياسيات، تعليم، هنر وغيره ۾ ماهر هجي سو اهو اها توقع نٿو رکي سگهي ته پڙهندڙ انهن موضوعن جي فني لفظن ۽ محاورن کان واقف هجي. هو جيڪڏهن اهو پنهنجي پڙهندڙ کي ٻڌائڻ چاهي ته تمام سولي انداز ۾ ٻڌائي ۽ اهو ڪم سچ پچ ته هڪ سٺي رپورٽر ۽ سب ايڊيٽر جو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خبر جي خبر- يا خبر جي پوئواري
# FOLLOW UP

اخبارون روز ڇپجن ٿيون ۽ روز نيون خبرون هونديون آهن، روز ڪي نه نوان واقعا ٿيندا آهن ۽ ڪي وري خبرن جون خبرون هونديون آهن. مثال طور " ڪراچيءَ جي عجائب گهر مان ١٠ لک جون اٿليي شيون چوري ٿي ويون. پوليس کي خبر پئي آهي ته چور ٻن موٽرن ۾ سوار آهن. پوليس پڪڙڻ لاءِ سڄي ڪراچي جي ناڪه بندي ڪري ڇڏي آهي ۽ شاهراهن تي اطلاع ڪري ڇڏيا آهن." ظاهر آهي اها خبر اهڙي آهي جنهن ۾ هر پڙهندڙ جي دلچسپي هوندي ۽ اها به هڪ ڏينهن لاءِ نه. هڪ ڏينهن ته اخباري رپورٽر انهيءَ واقعي جي آخري تفصيلن تائين ڇپيندو. ۽ ٻئي ڏينهن تي هن کي اوسيئڙو رهندو ته آخر انهن چورن جو ڇا ٿيو. اهي پڪڙيا يا نه، جي پڪڙيا ته ڪٿي، ڪهڙي طريقي. پوليس هنن کي ڪهڙي طريقي ۾ جهليو. چور ڪير هئا، وغيره. ٽئين ڏينهن به ڪجهه نه ڪجهه انتظار رهندو ۽ جيڪڏهن چوري تمام غير معمولي طريقي سان ڪئي ويئي آهي يا وري هيئن ته انهيءَ چوري ۾ عجائب گهر جو سنڀاليندڙ يا چوڪيدار شامل آهي ته پوءِ خبر وڌيڪ دلچسپ بڻجي ويندي. اهي اطلاع پڙهندڙ جي معلومات وڌائيندا. خبر جي نتيجن، يا انهيءَ ۾ آيل واڌاري ۽ تبديليءَ جي رپورٽ کي پوئواري يا Follow up چئبو آهي. انهيءَ کي پڙهندڙ جي رد عمل سان تشبيهه ڏيئي سگهجي ٿي.

هر پڙهندڙ Follow up پڙهڻ چاهيندو پر جيستائين رپورٽر هن کي ڏسيندو نه تيستائين هن کي اهو معلوم ٿي نه سگهندو. ۽ اهو تڏهن ئي ٿي سگهندو جڏهن ڪو رپورٽر انهيءَ خبر جي ڪڍ لڳي، ڏسي وائسي. فالو اپ نه فقط ڪنهن هوشيار، سني ۽ باخبر اخبار جو لازمي حصو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن ته وڏيون خبرون به ناهيون آهن يا ڪئين راز ظاهر ٿيا هوندا. مصطفيٰ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زيديءَ جي موت، پاڪستان جي جديد صحافت ۾ تمام سٺا فالو اپ ڏنا ۽ نه فقط انهيءَ مان سٺا راز مليا پر هڪ وڏو اسڪئنڊل ٺهيو. قتل جي ملزم شهناز سليم، سندس مڙس، خاندان، مقتول سان تعلقات، پوئين تاريخ، قتل واري بنگلي بابت ڪئين خبرون فالو اپ ۾ مليون.

تسلسل اهم شيءِ آهي. جيڪڏهن ڪنهن خبر پڙهندڙ ۾ دلچسپي، انتظار ۽ وڌيڪ معلوم ڪرڻ جي خواهش پيدا ڪئي ته انهيءَ کي جاري رکڻ ضروري آهي، خاص ڪري انهيءَ حالت ۾ جڏهن ڪنهن واقعي جي پهرين رپورٽ ڪرڻ وقت واقعي جي اڌوري معلومات، پس منظر اڻپورو، يا تصويرون وغيره نه ملڻ ڪري معلومات پوري نه ٿي سگهي هجي. ائين به ٿيو آهي ته جنهن وقت خبر پئي هجي انهيءَ وقت مذڪوره واقعي جا ڪارڻ مليا هجن سي يا ته صحيح نه هجن يا وري پس منظر ٻيو ڪجهه هجي، پر اخبار ۾ هڪ گهمرو ڇپجڻ کان پوءِ کوجنا ڪئي ويئي ته اصل حقيقت ٻي معلوم ٿي. انهيءَ حالت ۾ اخبار جو فرض آهي ته انهن اصلي سببن کان پڙهندڙن کي واقف ڪري. انهيءَمان ائين ٿيندو ته پڙهندڙن ۾ ۽ متاثرين ۾ اخبارن جو ڀروسو به قائم ٿيندو ۽ ڳڏوڳڏ خبر کي متوازن به ڪندو. ممڪن آهي ته هن کان اڳ اتفاق سان هڪ طرفي خبر ڇپي هجي. آخرڪار خبر کي پنهنجي صحيح انداز ۾ ڇپجڻ گهرجي. اها ڪن غير واسطيدار واقعن جو ميلاپ ته ناهي. ظاهر آهي ته هڪ اخبار جيڪا خبرن جي پوئواري ڪري ٿي، انهيءَ ۾ تحقيق ۽ تجسس جي ضرورت پئي ٿي، ڇنڊڇاڻ کان پوءِنيٺ معاشري ۾ پنهنجي جاءِ والاري ٿي.

فالو اپ جو هڪ بنيادي مقصد اهو به آهي ته هر اها چيز ڪوٽي ڪڍي ماڻهن آڏو پيش ڪجي جيڪا ڪي ماڻهو پورڻ يا لڪائڻ چاهيندا هجن. فالو اپ واحد شيءِ آهي جيڪا هڪ ننڍو پر مستعد ۽ چوڪس اخباري عملو کوٽي ڪڍي، انهيءَ مان چست خبرون ٺاهي سگهندو ۽ نه ڪه سست طريقي ۾ خبرون ڳوليندو وتي.

اهو نه وسارڻ گهرجي ته خبر نه فقط ڇا، ڪنهن، ڪڏهن، ڪٿي ۽ ڪيئن ٻڌائي ٿي پر ڇو، به ٻڌائي ٿي. ۽ پوءِ ڇا ٿيو ايتروئي اهم آهي جيترو پهرين ڪجهه ٿيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فالو اپ جا ڪئين قسم آهن جن ۾ مکيہ هي آهن:

**صبح وارو:** Morning follow up

هي سادي ۾ سادو فالو اپ آهي. هن ۾ اخبار ۾ ڇپيل ڪلهوڪي يا راتوڪي خبر پڙهي رپورٽر کي ڳولٹو پوندو تہ انهيءَ کان پوءِ ڇا ٿيو يا ڇا ٿي رهيو آهي. مثي ڏنل عجائب گهر جي چوري ۾ هي ڏسٹو پوندو تہ چوري جا ملزم جهليا يا نہ. جيڪڏهن نہ تہ پوليس ڇا ڪري رهي آهي. انتظام ڪهڙا ڪيا ويا آهن، ڪهڙن ماڻهن کان پڇا ڳاڇا ڪئي وئي آهي، ڪهڙي پوليس تنظيم جي مدد ورتي وئي آهي. جيڪڏهن پڪڙيا ويا آهن تہ گهڻا آهن، ڪير آهن، سندن عمر ڇا آهي، ڪيئن جهليا ۽ ابتدائي معلومات مطابق هنن ڪيئن چوري ڪئي ۽ ٻيون حقيقتون جيڪي مهل سر ملي سگهن. يا جيڪڏهن ماسترن جي هڙتال ٿي آهي تہ هو اڄ ڇا ٿا ڪن، هاءِ ڪمان جي ڪڏهن ميٽنگ آهي، هنن جا فيصلا ڪهڙا آهن، يا هنن جي مطالبن تي غور ڪرڻ لاءِ ڪهڙيون ڪوششون هلي رهيون آهن وغيره.

**روزمره جو فالو اپ** The daily routine follow up

هي فالو اپ روزمره پنهنجي ۽ هممعصر اخبارن جي هر خبر پڙهڻ سان شروع ٿئي ٿو. خبرون پڙهڻ کان پوءِ، ڪنهن رپورٽر جي ڊيوٽي لڳائجي تہ هو ڪن خاص خبرن تي ڪم ڪري. مثال طور سنڌ ۾ سٽيءَ جي پوک ڪامياب وئي آهي، انهيءَ جو فالو اپ هن طرح ٿي سگهي ٿو تہ اڳئين ايراضي ۾ هاڻي ڪيترو اضافو ٿيو آهي، ڪهڙن هنڌن تي پوکي پئي وڃي، ريشو ڪيترو اٿس، انهيءَ مان ملڪ کي ڪيتري بچت ٿيندي وغيره. ڪن خبرن جا فالو اپ رکي ڇڏبا جيئن ڪڏهن خبرون هلڪيون هجن يا وڏيون نہ هجن تہ انهيءَ ڏينهن ڪم اچن. ڪن خبرن جو فائيل رکبو جيئن وقت ضرورت ڪم اچن.

**مقرر فالو اپ** Fixed follow up

ڪئين اهڙا موضوع آهن جن تي آئينده خبرون هٿ ڪيون ويندي يون. مثال طور ايندڙ ميونسپل ڪميٽي جي ميٽنگ ۾ شهر اندر ماتا کي هميشہ لاءِ ختم ڪرڻ وارو معاملو ويچار هيٺ ايندو. يا هيءَ تہ شهري ڪائونسل اسپتال،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسٽو آهي تہ انهيءَ سان پئسي جي صورت ۾ ڪيترو نقصان پوندو، گهڻا ماڻهو بيروزگار ٿي سگهن ٿا يا وري هي تہ انهيءَ سان اسان جي صنعت جي فروغ ۾ ڪيتري رڪاوٽ ٿيندي. حيدرآباد ۾ ڪنهن جو ڪارخانو قائم ٿي رهيو آهي. هاڻي انهيءَ خبر تي ڪنهن رپورٽر کي ڪم ڪرڻو پوندو تہ ڏسٽو آهي تہ انهيءَ تي ڪيترو خرچ ايندو، گهڻو فائدو ٿيندو، گهڻي پيداوار ٿيندي، ڪيترن ماڻهن کي روزگار ملندو ۽ انهيءَ ۾ مقامي هنرمندن کي ڪيترو موقعو ملندو.

## اشتهاري فالو اپ Advertisement follow up

عام اطلاع، اشتهار، جرم ۽ موت جا اطلاع، شادي جا اطلاع، ڪارڊ، ٽينڊر نوٽيس وغيره سڀ خبرن جا ذريعا آهن. ڪهڙو ڪم پنجاه هزار ماڻهن جي پراڻي مطالبي کي پورو ڪندو. ڪنهن وڏي واپاريءَ جي خلاف بئنڪ طرفان ڏيوالي جو نوٽيس يا قرض جو ڪيس، خبر آهي. ڪنهن وڏيري طلاق لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تہ انهيءَ جو ڪورٽ نوٽيس خبر آهي. ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي شاديءَ جو اطلاع يا ڪارڊ خبر بنبو ۽ جڏهن اها تقريب ٿئي تہ تصوير بہ نهندي تہ خبر بہ. ظاهر آهي وڏي ماڻهو يا ڪنهن فنڪار جي شاديءَ ۾ معزز ۽ چوند شهري يا فنڪار ضرور ايندا ۽ انهن جا چهرا خبر ٺهڻ جو موجب بنبا. ڪنهن نئين ڪمپني جي اجرا واري اشتهار يا لميٽيڊ فرم لاءِ پراسپيڪٽس ڇپبا تہ انهيءَ مان خبر نهندي. هن ۾ عام ماڻهن سان گڏ اهي ماڻهو بہ دلچسپي رکندا جيڪي روزگار جي ڳولا ۾ هوندا. عام طور پڙهندڙ اشتهاري صفحو نہ پڙهندا آهن پر جيڪڏهن اشتهار جي حوالي سان خبر ڏني ويندي تہ اها اشتهاري حصي ۾ دلچسپي وڌائيندي.

## اڌوڪابري خبر جو فالو اپ Half-told story follow up

هي ڪم ختم ڪرڻ وقت هٿ ڪري سگهجي ٿو. مثال طور اڪوٽي رات اوهان ڪنهن سياستدان کان آئيني ناهہ بابت رد عمل وٺڻ ٿي چاهيو. انهيءَ وقت هن همراه کي پوري خبر معلوم نہ هئي تنهنڪري هن رد عمل ظاهر نہ ڪيو. هاڻي جڏهن هن کي پڙهڻ جو وقت مليو هوندو تہ پوءِ رد عمل حاصل ڪرڻ سولو ٿيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيو رخ The other side follow up

هي بہ متئين قسم جو فالو اپ آهي. هن ۾ متنازعہ ڳالهين تي راءِ حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪبو آهي. يا وري مخالف ڌرين کان حاصل ڪبو آهي. هن ۾ سياستدانن جون تقريرون، وعدا، حڪومت جا اعلان وغيره غور سان ڏنا ويندا.

## وڌاءُ Enlargement

هي فوري قسم جو فالو اپ ٿئي ٿو ۽ دير وارو بہ. مثال طور اسيمبليءَ ۾ ڪنهن ميمبر يا وري سياسي جلسي ۾ ڪنهن ليڊر ٻئي تي ائين ئي فقرو هڻي ڇڏيو تہ اهو ننڍڙو ائٽم وڌائي، ليڊر کان وضاحت حاصل ڪري استعمال ڪري سگهجي ٿو. مثال طور صدر جو اهو چوڻ تہ:

"مون آفيسرن مان وڏيرا ڪڍي ڇڏيا، مون سياسي وڏيرا ڪڍي ڇڏيا، هاڻي مونکي راندين ۾ وڏيرپ ڪڍڻي آهي."

## فيچر Feature follow up

تصويرون هٿ ڪري، انهن ۾ خبر جو پس منظر شامل ڪري، ڪنهن ننڍڙي خبر مان سٺو فيچر تيار ڪري سگهجي ٿو.

## اڳواٽ Advance follow up

هي حقيقي خبر کان اڳ استعمال ڪيو ويندو آهي. مثال طور فائيل تي نظر رکو جيڪڏهن ڪنهن اسڪيم جو اعلان ٿيو آهي تہ انهيءَ خاص تاريخ تي انتظار نہ ڪريو. انهيءَ کي ڪجهہ ڏينهن اڳ ڏيڻ شروع ڪريو. ممڪن آهي تہ ڪا سٺي Curtain raiser ملي پوي.

## غير معين Indefinite follow up

ڪي اهڙا فالو اپ هوندا آهن جن کي اڻ ڄاڻايل عرصي لاءِ رکي سگهجي ٿو. اهي خاص ڪري سست ڏينهن ۾ ڪتب ايندا. انهيءَ کان سواءِ ڪن خبرن تي اڻ ڄاڻايل مدي لاءِ چڪاس رکي ويندي آهي ۽ ڪنهن بہ وقت اتان خبر ملي سگهي ٿي. مثال طور سنڌ ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ وارو معاملو آهي. سنڌ ۾ ملازمتن ۽ ڪاليجن ۾ داخلائون اهڙا مسئلا آهن جيڪي سنڌ جي پڙهندڙن لاءِ هميشہ توجہ جو مرڪز بڻيل آهي ۽ انهن کي ڀڌائڻ لاءِ رپورٽر کي غير معينہ مدت جي اک رکڻي پوندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سرخي:
# HEADLINE

اوهان ڪيتري بہ سٺي خبر لکو، واقعو ڪيترو بہ دلچسپ هجي، پر جيستائين اوهان ان جو 'هوڪو' نيڪ طرح نہ ڏيندؤ تہ ان کي پڙهڻ لاءِ ڪو پڙهندڙ تيار نہ ٿيندو. انهيءَ دڪاندار جو سوچيو جيڪو مٺائي تہ بهترين کيهہ ۾ تمام صفائي ۽ ايمانداريءَ سان ٺاهي ٿو، پر هوڪو چڱو نٿو ڏئي يا ٺاٺ باٺ نٿو رکي تہ امڪان آهي تہ مال وڪري مان بچي پويس.

اخبار واري جي پوزيشن ڪجهہ ساڳي قسم جي آهي. ائين ڪٿي سمجهجي تہ اوهان ڪنهن گهوڙي کي کهلي پاڻيءَ جي آڏ تي تہ وٺي وڃو، پر هن کي زوري پاڻي پياري نٿا سگهو. اخبار واري اخبار کي جڏهن پڙهندڙن جي هٿن ۾ پهچائي ڇڏيو تہ هو بہ ساڳي مسئلي سان دوچار آهي: اوهان هن کي زوري پاڙهي نٿا سگهو. پر هڪ طريقو آهي تہ اوهان هن کي مجبور ڪري خبر پڙهائي سگهو ٿا ۽ اهو آهي سٺيون سرخيون ڏيو.

اخبار جو صفحو تہ سمورو دلچسپ، هڪبئي کان وڌ ۽ مختلف خبرن سان ڀريل هوندو آهي، پر جيڪڏهن انهن خبرن مٿان سرخيون ڪڍي ڇڏجن تہ اسان جي خيال ۾ اهو سنهي ٽائيپ ۾ ڪمپوز ٿيل هڪ وهي يا پوٿيءَ وانگيان ڊگها ڪالم رکيل هوندو جيڪو نہ صرف ڏسندڙ جي اک کي برو لڳندو، پر غير دلچسپ بہ. ائين ڪٿي ڇئجي تہ سرخين بغير صفحو پڙهندڙ کي ٿاهيندو، ڇڪيندو نہ.

### سرخي جو مقصد

سرخي جا ٣ مقصد ٿين ٿا:

١- پڙهندڙ کي اهو ٻڌائي تہ خبر ڇا بابت آهي،

٢- اها معلومات ڪيس ترت ۽ سولي طريقي ۾ ڏئي، ۽

٣- پڙهندڙ جي دلچسپي کي ايڏو دلچسپ بنائي پيش ڪري جو پڙهندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها خبر پڙهڻ تي مجبور ٿئي ته آخر اها خبر آهي ڇا بابت؟

اهو ته طئي آهي ته سرخي، پڙهندڙ جي دلچسپي کي ويجهه ڏئي ٿي. پر سڀ کان وڏو بنيادي فسلفو هي آهي ته سرخي کي پڙهندڙ پهرين پڙهندو آهي، انهيءَ ڪري هو ان کي قبوليندو به ايترو ئي جلد آهي. تنهنڪري ڪيس سرخيءَ ۾ به اهائي اهميت پڌائڻي آهي جنهن کي چئجي Urgency.

انهيءَ Urgency جو سڀ کان وڏو فائدو هي آهي ته پڙهندڙ انهيءَ واقعي جي وقت ۾ شامل ٿي ويندو، ۽ اهائي شموليت ڪيس خبر پڙهڻ، سمورا تفصيل پڙهڻ تي مجبور ڪندي ۽ اهائي ڪامياب سرخي آهي.

هڪ سٺي سرخي، ڪنهن غير دلچسپ واقعي کي به اياري پڙهندڙن ۾ دلچسپي پيدا ڪري سگهي ٿي. انهيءَ کي زنده سرخي چئبو آهي، جيڪا پڙهندڙن ۾ جيئري رهي. ٻي صرف اها سرخي جنهن کي ”ليبل يا اسٽيريو يا وري مرده سرخي“ چئجي.

سرخي جو هڪ بنيادي مقصد هيءُ آهي ته پڙهندڙ ۾ خبر پڙهڻ جي دلچسپي وڌائي. جيڪڏهن ڪو پڙهندڙ صرف سرخيون پڙهي سموري خبر کي ڇڏي ڏئي ته ته انهيءَ ۾ پڙهندڙ جو ڪو ڏوهه ناهي. انهيءَ ۾ سرخي ڏيندڙ جو ڏوهه آهي. انهيءَ جي معنيٰ هيءُ ٿيندي ته:

(الف) سرخي ۾ سڄي خبر ڏني ويئي آهي، تنهنڪري پڙهندڙ کي وڌيڪ تفصيل پڙهڻ جي گهرج نٿي ٿئي يا

(ب) سرخي ايتري غير دلچسپ آهي جو هو خبر وڌيڪ پڙهڻ نٿو گهري.

انهيءَ خوبي پيدا ڪرڻ جي لاءِ جن بنيادي شين جي گهرج آهي سي هي آهن:

اهڙو زمان استعمال ڪريو جنهن مان پڙهندڙ کي اهو محسوس ٿئي ته خبر ڪلهه يا ٽيون ڏينهن جي پراڻي ناهي. ظاهر آهي ته پراڻي خبر ڪوبه ماڻهو نه چاهيندو. صحيح زمان ڪتب آڻڻ سان پڙهندڙ انهيءَ سان گڏ هلندو مثال طور:

| | | |
|---|---|---|
| ٣٠ آفيسرن کي لاهڻ جو حڪم | نه ڪر | ٣٠ آفيسرن لاهڻ جو حڪم ڏنو ويو |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي قسم جي سرخيءَ ۾ پڙهندڙن کي ائين محسوس ٿيندو ته الائجي ڪڏهن حڪم ڏنو ويو هو. ممڪن آهي ته ٻه مهينا اڳ، يا ٣ ڏينهن اڳ يا وري صبح جو. پلي اهو حڪم ٽيو ڏينهن ڪڍيو ويو هجي، ۽ اخبار ڪي رات خبر پئي پر پڙهندڙن لاءِ اها نئين آهي. انهيءَ خبر جي قدامت يا پراڻي هئڻ واري حقيقت جي تر جيترو به احساس پڙهڻ واري کي نه ٿيڻ گهرجي. هن کي ائين محسوس ٿئي ته اهو حڪم اجهو ٻه گهڙيون اڳ جاري ٿيو آهي يا وري هن جي اڏو ٿي رهيو آهي. جيڪڏهن حڪم ڪُهڻو اڳ ٿيو آهي ته ان جو احوال سرخيءَ ۾ پڙهندڙ کي اهڙيءَ طرح ڏيڻ گهرجي جٽڪ اهو حڪم هن جي اڏو ٿيو آهي.

انگريزيءَ ۾ فعل ڪان سواءِ سرخي مڪمل نه سمجهي ويندي آهي سواءِ ڪن Banners جي. انهيءَ ڪري فعل چونڊڻ ۾ وڏي متاڪت ڪرڻي پوندي آهي، ۽ اهو به ڏسڻو آهي ته فعل جو زمان حال هجي جيئن پڙهندڙ خبر سان گڏ هلندو هلي. مثال طور؛

## 5 WERE DEAD AS TRAINS CRASHED

هن سرخيءَ مان اندازو ٿو ٿئي ته ڪو ورهين جو پراڻو حادثو ٿيو آهي، تنهنڪري لازمي طرح پڙهندڙ ۾ ايڏي دلچسپي پيدا نه ٿيندي. تنهنڪري ان کي سڌارڻ جو اهو طريقو ٿيندو ته ان کي زمان حاضر ۾ آڻجي، جيئن پڙهندڙ واقعي واري هنڌ تي پهچي وڃي.

## 5 ARE DEAD IN TRAIN CRASH

هن ۾ اڃا به اهو عنصر موجوده آهي جنهن مان پڙهندڙ کي اهو احساس ٿئي ٿو ته هو ماضي جي ڪا پراڻي ڪتل خبر پڙهي رهيو آهي.

ظاهر آهي ته اهو عنصر ڪڍڻو پوندو ۽ انهيءَ کي حال جي زمان ۾ آڻڻو پوندو، تنهنڪري اهو وڃي ٿيندو؛



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 5 DIE AS TRAINS CRASH

هن مثال ۾ زمان حال ڪرڻ سان ائين ٿيندو تہ حادثو ٿيو آهي ۽ پڙهندڙ جي آڏو ماڻهو مري رهيا آهن. هي سرخي پڙهڻ سان پڙهندڙ حادثي جي جاء تي پهچي ويندو هاڻي هو حادثي جا تفصيل ۽ جاء معلوم ڪرڻ لاء وڌيڪ خبر پڙهندو.

ٻيو اهم نڪتو، لفظن کي گهٽ ۾ گهٽ ڪتب آڻڻ جو آهي. جيترا لفظ گهٽ هوندا اوترو پڙهندڙ جلد پڙهي سگهندو ۽ انهيءَ سان سرخيءَ ۾ چستي ايندي. جيتري سرخي وڏي ۽ ڊگهي هوندي، تلها متارا لفظ ڪتب آندل هوندا اوتري سرخي پڙهڻ ۾ ڏکي لڳندي، اهائي پڙهندڙ کي ٿڪائيندي. انگريزي ۽ سنڌي جي سٽا پنهنجي پنهنجي آهي ۽ انهيءَ ۾ ممڪن آهي تہ ڪن حالتن ۾ اصول قائم رهي نہ سگهندو هجي پر ڪوشش اها ڪرڻ گهرجي تہ وڌ ۾ وڌ مختصر ۽ چست ٿئي. سرخي ۾ Urgency، فعل ڪتب آڻڻ سان پيدا ٿئي ٿي. Active فعل ڪتب آڻڻ سان سرخي ۾ لفظ گهٽ ايندا ۽ پڙهندڙ کي اهو فيصلو ڪرڻ ۾ ڏکيائي نہ ٿيندي تہ ڪنهن ڇا ڪيو- ۽ ياد رکو تہ سرخي يا خبر جو مفهوم ئي اهو آهي تہ "ڪو ڪجهہ ڪري ٿو." نہ هي تہ "ڪجهہ ڪنهن جي طرفان ٿيو آهي." اهوئي مکيہ بنياد سرخي جو اصول آهي. مثال‌طور:

| | | |
|---|---|---|
| نقاب پوش | | بئنڪ مئنيجر کي |
| بئنڪ مئنيجر | نہ هي | نقاب پوش |
| کي گولي | | طرفان گولي |
| هڻي ڇڏي | | هڻي وئي |

| | | |
|---|---|---|
| ڇاڙتن | | بس کي ڇاڙتن |
| بس ڦري ورتي | نہ هي | طرفان ڦريو ويو |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرخيءَ ۾ جتي اضافي لفظن کي ڪيڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي، اتي ڪن هنڌن تي انهن لفظن کي استعمال ڪرڻ ضروري ٿئي ٿو. مثال طور:

**مفاهمت سان آئيني**
**بحران ختم ٿي سگهي ٿو**

هاڻي انهيءَ بيان ۾ غور سان ڏسڻو آهي ته انهيءَ ليڊر ڇا چيو آهي. ڪٿي ائين ته نه چيو اٿس ته صرف مفاهمت سان ئي آئيني بحران ختم ٿي سگهي، ۽ سرخي لکڻ وارو "ئي" لفظ وساري ويو هجي. ڇا مفاهمت واحد ذريعو آهي يا انهيءَ کان سواءِ ٻيا ذريعا به بحران ختم ڪرڻ جا آهن. جيڪڏهن انهيءَ لفظ تي زور نٿو ڏنو وڃي ته بيان جو مقصد اڌورو رهجي ويندو ۽ اها غلط بياني ٿيندي. تنهنڪري انهيءَ ابهام کي دور ڪرڻ گهرجي.

ڪي سب ايڊيٽر خبر جي سرخي کان جند ڇڏائڻ لاءِ ليبل، يا اسٽيريو قسم جي سرخي ڏيئي ڇڏيندا آهن، اها هي ٿيندي ته:

**گورنر جي**
**روٽري ڪلب**
**۾ تقرير**

نه، پر انهيءَ مان خبريت ڪيجي جيڪا سرخي بڻجي سگهي، جيڪا ڪجهه ٻڌائي يا وري ڪنهن واقعي جو اشارو ڏئي. ياد رکو ته سرخي ۾ به اهو ٻڌائڻو آهي ته "ڪو، ڪجهه ڪري پيو." گورنر، ضرور پنهنجي تقرير ۾ ڪا ڳالهه چئي هوندي. جيڪڏهن مخالف پارٽين تي ڪجهه حملو ڪيو آهي ته انهيءَ کي سرخي بنائجي.

**مخالف پارٽيون ناهه تان**
**نٽيون قوي سگهن- گورنر**

يا گهٽ ۾ گهٽ:

**گورنر جو مخالف پارٽين تي حملو**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حادثا، تڪليفون، جلسا ۽ تقريرون ساڳي نوعيت جون ٿينديون آهن.
حادثن ۾ ماڻهو مرندائي رهندا آهن پر جيڪڏهن ڪا نواڻ پيدا ڪجي ته انهيءَ سان خبر کي تقويت ملي ويجي ٿي. مثال طور:

**موٽر جي ڪلٽي سان**
**ٻه ماڻهو مري ويا**

انهيءَ جي بدران جيڪڏهن هيئن لکجي ته:

**موٽر جي ڪلٽي**
**ٻه جانيون ورتيون**

**يا**

**موٽر ڪلٽي:**
**ٻه ماڻهو موت**
**جي حوالي**

هن قسم جي سرخي جو مقصد اهو آهي ته لفظن کي ٿورو بدلي، چڱيءَ طرح ۽ مروج لفظن سان پيش ڪجي. پر وري به اهو خيال ڪرڻ گهرجي ته لفظ ننڍڙا، سادا، عام ماڻهوءَ جي سمجهه وٽان هئڻ گهرجن.
مٿي ٻڌايو ويو آهي ته لفظ ننڍڙا، سادا ۽ مختصر جلدي سمجهه ۾ اچن ٿا ۽ پڙهندڙ جي دل ۾ جلد پيهي وڃن ٿا. گهڻا ايڊيٽر يا رپورٽر پنهنجي علم جو زور ڏيکارڻ لاءِ وڏا ۽ ڦوڙات لفظ ڪتب آڻيندا آهن جنهن ڪري پڙهندڙ منجهندو ۽ مقصد دير سان سمجهه ۾ ايندو. مثال طور "رخصت ٿيو"، بدران "ويو" لکي سگهجي ٿو.

| | | |
|---|---|---|
| مشاهدو ڪيو | بدران | ڏٺو. |
| روانو ٿيو. | | |
| الوداع ٿيو | بدران | موڪلايو |
| مذاڪرات | بدران | ڳالهيون |
| ابتدا ڪرڻ | بدران ـ | شروعات. |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏجي. ائين ڪرڻ ۾ يقينن اوهان وڏاءُ ڪندو ۽ پڙهندڙ سان انصاف نہ ڪندؤ.

ڪڏهن ڪڏهن سرخيءَ ۾ اسمن کي صفت طور ڪتب آندو ويندو آهي يا ڪنهن صفاتي اسم کي اسم جي جاءِ تي استعمال ڪيو ويندو آهي. مثال طور:

"محبوب" اغوا يا "محبوب" ڪڇي ويو

بندر روڊ، سنڌونديءَ ۾ تبديل

حيدرآباد، سنڌ جو ٽيڪساس بڻجي ويو

انهيءَ قسم جي سرخي ڏيڻ ۾ تمام گهڻي احتياط جي گهرج آهي ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن انهيءَ ۾ چست ۽ عام مروج لفظ استعمال نہ ڪيا ويا يا وري تمام مقبول نالا نہ ورتا ويا تہ ٽي چار گهمرا پڙهڻ کان پوءِ وڃي سرخي سمجهہ ۾ ايندي. انهيءَ کان سواءِ ڊپ آهي تہ سرخي ۾ سڄي خبر جو مطلب اچي نہ وڃي ۽ ياد رکو تہ اوهان کي سرخيءَ ۾ اهو ٻڌائڻو آهي تہ خبر ڇا بابت آهي؟ اهو نہ تہ سموري خبر ڇا آهي؟

مخفف ۽ بيهڪ جون نشانيون پڻ تمام احتياط سان ڪتب آڻڻ گهرجن. هونئن بہ بيهڪ جون نشانيون صحيح مقصد جي ادائگي لاءِ نهايت ضروري آهي. جاءِ جي تنگي وري اسان کي مخفف Abbrevations استعمال ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿي. سنڌي اخبار نويسيءَ ۾ جيئن تيئن پر انگريزي ۾ عام طور استعمال ڪيا وڃن ٿا. سب ايڊيٽر کي اهو ياد رکڻ گهرجي تہ مخففن جون معنائون ڌار ڌار ماڻهن ۽ طبقن لاءِ ڌار ڌار آهن. ڪي تہ مخفف تمام جائز ۽ صحيح آهن پر ڪي هرويرو ڪتب آندا وڃن ٿا. مثال طور:

| | |
|---|---|
| س-ا-س | سنڌي ادبي سنگت لاءِ |
| پ-ٽ-ا | پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن لاءِ |
| ب-ج | بنيادي جمهوريت لاءِ |
| هہ-آ | هئنڊ آئوٽ لاءِ |
| هہ-م | هيڊ ماستر لاءِ |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استعمال ڪرڻ يا غير يقيني ڳالهہ ظاهر ڪرڻ لاءِ ڏيٺي پوندي آهي. مثال طور "چونڊون وري ٿينديون؟" "تاج بيبي سيٽ وڃائيندي؟" اهي سرخيون ٻڌائين ٿيون تہ انهيءَ جو ڪافي امڪان آهي تہ چونڊون وري ٿين. الائجي ٿين يا نہ، اها پڪ ناهي. وري تاج بيبي سيٽ وڃائيندي، خبر ناهي تہ هو وڃائي يا نہ پر انهيءَ مان هيٺ ڏنل خبر جي تفصيل ۾ ٻئي امڪان ڏيکاريل آهن. انهيءَ حالت ۾ جڏهن پڪ ناهي تہ پوءِ اها سوال جي نشاني استعمال ڪري سگهجي ٿي.

ٻي بيهڪ جي نشاني ڊيش يا ليڪ آهي(- ) جڏهن سرخين سان پريل صفحو آڏو اچي ٿو ۽ ڪنهن هڪ اکر جي بہ گنجائش نہ هجي تہ پوءِ ليڪ استعمال ڪبي آهي، پر انهيءَ ڪان پاسو ڪجي تہ چڱو چاڪاڻ تہ جڏهن پڙهندڙ انهيءَ نشانيءَ تي اچي ٿو تہ هو ٿوري ويرم لاءِ رڪجي وڃي ٿو. هو انهيءَ نشاني ڪان گهٽو واقف ناهي نہ ڪو روزمره جي لکپڙهہ ۾ هو اهو ڪتب آڻيندو آهي. مثال طور:

**اسان ڌنا ڊڄون: مودودي**

**حڪومت خلاف سازش ٿي رهي آهي: گورنر**

ابتيون ڪامائون استعمال ڪرڻ بہ هنرمندي آهي اهو هيئن تہ ڪنهن حقيقت جي پڪ ناهي تنهنڪري انهيءَ شڪ پڌري ڪرڻ لاءِ ڏنگيون استعمال ڪيون ويندون آهن. ٻي هوشياري سان استعمال ڪرڻ جو طريقو معنيٰ ابتي ڪرڻ آهي مثال طور:

**"فوتي" اليڪشن يا "گنگو" فقير**
**۾ ووٽ ڏنو ڳالهائڻ لڳو**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا وري هيءُ تہ

## اسان "ثبوت" ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، قيدي جي پڌرائي

اخبار ڇپڻ وارو اهو نتو چاهي تہ قيدين وٽ ثبوت آهي يا نہ پر هو قيدين جي واتان چورائي ٿو ۽ هو صرف اهي لفظ اخبار ۾ ڇپي ٿو.

سرخيون، خبر جو هوڪو آهن جن کي ايڊيٽر پنهنجي ڏاهپ، لفظن جي جڙا ۽ هنر سان وڌ ۾ وڌ دلچسپ بنائي، پڙهندڙ کي کُهلي خبر پاڙهي سگهي ٿي. سرخي، خبر جو موڙ آهي، ۽ خبر جي چمڪ آهي.

اها ڳالهہ وسارڻ نہ گهرجي تہ سرخي ۾ بہ ساڳيو اصول ڪارفرما رهندو تہ سرخي ۾ چرپر Movement، تضاد ۽ تڪرار Contrast ۽ نواڻ Variety هئڻ بنيادي ضرورتون آهن. پوءِ ڀلي لکڻ ۾ هجن، خيال ۾ يا سٽاءِ ۾، پر اهي بنيادي شرط آهن جن کان سواءِ سونهن ۽ دلچسپي ڪڏهن پيدا نہ ٿيندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سرخي- ٢: سٽاء

جهڙيءَ سٺي سرخي لکڻ اهم آهي اهڙيءَ طرح سٺي سرخي جي سٽاء به ضروري آهي. سرخي جي سٽاء ۾ بيهڪ چڱي ناهي تيستائين سرخي ۾ دم نٿو رهي. ظاهر آهي تہ سڄو صفحو خبرن سان ڀريل آهي انهيءَ ۾ ڪئين سرخيون هونديون جن ۾ سنگل ڪالم کان وٺي پوري صفحي جي ٨ ڪالمي سرخي بہ هوندي. انهن ۾ جيستائين هوشياريءَ وارو طريقو اختيار نٿو ڪيو وڃي تيستائين ننڍي سرخي ڌيان ڇڪي ويندي، پوءِ پلي اها ڪيتري بہ دلچسپ هجي. سرخين جي سٺي سٽا اها آهي جنهن ۾ سموريون سرخيون گڏيل بہ هجن ۽ ڌار ڌار بہ ڏسڻ ۾ اچن، هر سرخي پنهنجي اهميت سارو صفحي ۾ رکيل بہ هجي تہ نمايان جاءِ بہ والاريو بيٺي هجي. اها هڪ هوشيار سب ايڊيٽر جي دانائي آهي.

انهيءَ قسم جي سرخين لکڻ ۽ سٽا ڪرڻ ۾ هي بنيادي اصول ڌيان ۾ رکڻ گهرجن:

١- Harmony ٢- تضاد Contrast

٣- مختلف قسم Variety ۽ ٤- چرپر Movement

Harmony:- هن ڪي سلسليوار موزونيت ٿي ڪٺي چئجي. هن جو مقصد هي آهي تہ پريس سسٽم ۾ جيتريون ٽائيپون هجن سي سوڊيون ۽ هڪ ٻئي ۾ مربوط هجن.

تضاد Contrast:- هي بنيادي اهميت جي حامل آهي. هن ۾ نہ صرف ٽائيپ جا مختلف نمونا ڪتب آڻڻا آهن پر انهن مختلف نمونن کي هڪ ٻئي سان تضاد ۾ ڏيڻو آهي جيئن پڙهندڙ هڪ بيان پڙهي تہ ان جو رد (جيڪڏهن آهي تہ) اهو سندس پر ۾ پڙهي محسوس ڪري سگهي، ٽائيپ جي مختلف اندازن ۽ تولهہ ويڪر کي هو پڙهي " نمايان" خوبي جو اندازو ڪري سگهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**مختلف قسم** Variety:- هي گهڻو ڪري سمورين اخبارن ۾ ڪتب ايندي آهي. ان جو مقصد ٽائيپ جي هڪ ئي فيملي ناهي ان مان Variety پيدا ڪئي ويندي آهي. ضرورت کان گهڻين فيملين جي ٽائيپ ڪتب آڻڻ سان Variety ته پنهنجي ماڳ اڻلندو پڙهندڙ منجهي پوندو.

**چوپڙ** Movement:- هن جو مقصد سرخين کي اهڙن نمونن سان سٽا ڏيڻ آهي جو صفحي ۾ رکڻ بعد، پڙهندڙ جي اک کي چرپر محسوس ٿئي. يعني سڀ هڪ طرح جون سرخيون محسوس نه ٿين، پر هڪ خبر کان هلي ته پوءِ ٻيءَ ۾ پاڻمرادو هليو وڃي. (هن جو تفصيلي ذڪر ميڪ اپ واري باب ۾ ايندو).

جيڪو اخبار ۾ ٿورو عرصو رهيو آهي ته ان کي اخبار جي ڪمپوز سيڪشن ۾ پوائنٽ سرشتي کان ضرور واقفيت ٿي هوندي. Pointage system عالمي سرشتو آهي جنهن سان ٽائيپ جي اونهائي ماپي ويندي آهي. پوائنٽ هڪ انچ جو ٻاهتريون حصو (١/٧٢) آهي. انهيءَ جي معنيٰ ته ٧٢ پوائنٽ جو ڪو داڻو ڪٽي ماپ ڪبي ته ان جي ماپ انچ ٿيندي يا وري جيڪڏهن ٣٦ پوائنٽ جا ٻه اکر ڪٽي هڪٻئي مٿان رکبا ته اهي انچ ٿيندا.

اها ته ٿي اونهائي ۾ ماپ پر ويڪر هر ٽائيپ جي قسم تي ٿيندي آهي. مثال طور انگريزي اکر جي ١٢ پوائنٽ سينچري جو ايم m ڪٽي ڏسبو ته اهو چورس هوندو ۽ اهڙا ٦ اکر ڪٽي پر پر ۾ رکبا ته اهو انچ ٿيندو. اهڙيءَ طرح اهو ويڪر ۾ انچ ٿيندو. يا وري ساڳي ٽائيپ جو n اکر ڪٽبو ته اهو m جو اڌ ٿيندو يا ٻين لفظن ۾ ١٢ n وڃي ٦ m جي برابر ٿيندا. اخباري دنيا ۾ اهي ايم ۽ اين جا لفظ عام طور ٻڌڻ ۾ ايندا، اهي اهيئي آهن.

انهيءَ بنيادي اکي کي وٺي ٽائيپ جا مختلف نمونا، مختلف ماپن جا ٺاهيا ويندا آهن ليڪن انهن جو ماڻ پوائنٽس ۾ هوندو. عام طور انگريزي اخبارن ۾ ننڍا پوائنٽ ڪلاسيفائيڊ اشتهارن ۾ ڪتب ايندا آهن. انهيءَ کان پوءِ خبرن جي مسودي ۾ ٧، ٨، ١٠، ١٢، ١٤، ۽ سرخين ۾ ١٨، ٢٤، ٣٠، ٣٦، ٤٢، ٤٨، ٦٠، ٧٢، ٨٤، ٩٦ ۽ ١٠٨ پوائنٽ ڪم ايندا آهن. هينئر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي اهو ڪم ٻنهي سولو ڪري ڇڏيو آهي.

سنڌيءَ جو رسم الخط مسلسل آهي انهيءَ ڪري پورٽيبل ٽائيپ ۾ ٨ پوائنٽ ناقابل استعمال رهجي ويو هئو- ١٠ پوائنٽ به گهٽي پڙهڻ جي لائق نه رهيو هئو تنهنڪري ڪمپيوٽر جي ورڊ پروسيسر ڪان اڳ عام طور هي ٽائيپون ڪتب ايندڙيون هيون.

| | |
|---|---|
| ١٢ پوائنٽ | رومن |
| ١٢ پوائنٽ | هندو |
| ١٢ پوائنٽ | مصري |
| ١٢ پوائنٽ | سندري |
| ١٤ پوائنٽ | رومن بليڪ |
| ١٤ پوائنٽ | مصري بليڪ |
| ١٨ پوائنٽ | مصري پلين |
| ١٨ پوائنٽ | مصري بليڪ بولڊ |
| ٢٤ پوائنٽ | رومن پلين |
| ٢٤ پوائنٽ | رومن شيڊو |
| ٢٤ پوائنٽ | مصري پلين |
| ٢٤ پوائنٽ | مصري بولڊ |
| ٣٦ پوائنٽ | مصري |
| ٣٦ پوائنٽ | رومن |
| ٤٨ پوائنٽ | رومن |

هاڻي ڪمپيوٽر جي ذريعي نه صرف ننڍيون پوائنٽس پر انهن ۾ ڪئين نمونا ڪتب اچڻ لڳا آهن.

سرخي لکڻ لاءِ به ٽلها اصول آهن. اهي آهن ته ڪيترن ڪالمن ۾ سب ايڊيٽر سرخي ڏيڻ گهري ٿو ۽ انهيءَ ۾ هو ڪيتري اونهائي Depth ڏيڻ گهري ٿو، انهيءَ حساب سان سرخي جي لفظن ۽ ٽائيپ جي ٽولهه جو اندازو ڪري سگهبو. يعني هيءَ ته سب ايڊيٽر جيڪا به ٽائيپ استعمال ڪري، انهيءَ جا ڪيترا لفظ ڪيترن ڪالمن ۾ ايندا ۽ انهيءَ جون ڪيتريون لائينون ٿينديون. ظاهر آهي ته جيتري ٿلهي ٽائيپ ٿيندي يا وڏيڪ پوائنٽ جي اوترا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءُ ٿي انداز آهي جنهن ۾ غالباً پهرين لائين جو ننڍو هئڻ قبول ڪري سگهجي ٿو نه ته پهرين لائين قاعدي مطابق هميشه وڏي هئڻ گهرجي، جهڙوڪ:



### ۴- ابتو اهرامي Inverted pyramid

هن قسم جون سرخيون گهٽ ڪري سنگل ڪالم ۾ استعمال ٿينديون آهن پر ٻن ۽ ٽن ڪالمن ۾ سٺو ڏيک ڏين ٿيون. هن جي سٽاءَ خبر جي Inverted pyramid وانگيان ٿئي پر اها لفظن جي سٽاء ٿئي ٿي ۽ سرخي ۾ انهن لفظن جي سٽ وار سٽا. مثال طور هن قسم جي سرخي ۾ لفظن جي ڳڻپ هر لائين کان پوءِ گهٽجڻ گهرجي ۽ هيٺئين سٽ سيني کان ننڍي هئڻ گهرجي.



### ۵- Strappers

هي اها سرخي آهي جيڪا مکيه ۽ سيني کان ٿلهي سرخي جي مٿان گهٽ ٿولهه واري ٽائيپ ۾ ڏيئي انهيءَ هيٺان هڪ ٿلهيرڙي لائين ڏني ويندي آهي. مثال طور:

## آئين جي تياري جو بحث
## اسان کي ٿاهه جي پرواهه ناهي: ولي

هن مثال ۾، خبر جو سلسلو آئين جي تياري بابت مختلف ڌڙن جي بحث، جواب ۽ جواب جو جواب آهي. انهيءَ بحث دوران بيان ايندا ٿي رهندا آهن ۽ ولي خان انهن ۾ تمام اهميت ڀريو بيان ڏنو آهي. پر سب ايڊيٽر جي وس وٽان اها ڳالهه نه رهي آهي ته هو سرخيءَ ۾ آئيني بحث جو ذڪر به ڪري ۽ ولي خان جو بيان به ڏئي. پڙهندڙ لاءِ وڌيڪ اها اهم شيءِ ناهي ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئيني بحث هلي رهيو آهي. آئيني بحث تہ پوري ملڪ جي اخبارن ۾ جاري آهي پر پڙهندڙ اهو معلوم ڪرڻ ٿو چاهي تہ انهيءَ بحث ڪهڙو موڙ ڪاڌو آهي. ۽ لازمي طور هو اهو ڄاڻڻ ٿو چاهي تہ ولي خان "ڇا ٿو چئي؟" سب ايڊيٽر پنهنجي پڙهندڙ جي خواهش کان آگاهہ آهي. تنهنڪري هو ولي خان جي انهن لفظن کي ٿلهي ٽائيپ ۾ ڏئي ٿو.

انهيءَ ٿلهي ٽائيپ ڏيڻ سان هو تہ ولي خان جي لفظ جي اهميت ظاهر ڪري ٿو ۽ اهو سمجهي ٿو تہ انهيءَ مکيہ سرخي مٿان Strap-line ڏيڻ سان پڙهندڙ پهرين اها Strap پڙهندو ۽ انهيءَ کان پوءِ مکيہ سرخي پڙهندو، جنهن مان سندس مقصد پورو ٿي ويندو.

پر حقيقت هيءَ آهي تہ وڏي تحقيق ۽ سروي کان پوءِ معلوم ٿيو آهي تہ پهرين نظر وڏي ۽ ٿلهي سرخي تي پئي ٿي ۽ سنهي سرخي پوءِ پڙهڻ ۾ ايندي آهي. گهڻين حالتن ۾ پڙهندڙ Strap پڙهندائي ناهن. نظرانداز ڪري مکيہ سرخي پڙهي اڳتي وڌندا آهن. ۽ ڇاڪاڻ تہ ننڍي سرخي مکيہ سرخي مٿان آهي تنهنڪري پهرين مکيہ سرخي پڙهي ويندي آهي ۽ Strap ان کان پوءِ تنهنڪري انهيءَ سرخيءَ جو مقصد ضايع ٿيو وڃي ۽ جديد تحقيق مطابق اهو اخباري جاءِ جو وڃائڻ آهي.

انهيءَ هوندي بہ جيڪڏهن Strap استعمال ڪرڻ بيحد ضروري ٿي پئي تہ پوءِ، انهيءَ کي خالي لفظن جي پراءِ يا خوبصورتي جي خاطر ائين اڌوگابري سرخي نہ بنايو. يا وري مکيہ سرخي ۾ چيل ڳالهہ نہ ورجايو. انهيءَ Strap ۾ ڪجهہ چئو، ڪجهہ ٻڌايو، اهو ڪجهہ ٻڌايو جيڪي مکيہ سرخي ۾ ناهي. اهڙيءَ طرح پڙهندڙ انهيءَ کي اجايو نہ سمجهندو ۽ نہ وري ڪو انهيءَ کي نظرانداز ڪري سگهندو.

اخبارن ۾ جيڪڏهن اسٽرئپ استعمال ڪرڻو آهي تہ پوءِ ڪتابن تي تبصرا، حالات حاضره، ريڊيو پروگرام يا اهڙن ٻين خاص مضمونن تي استعمال ٿيندا آهن.

## ٦- پٽي Ribbon

هيءَ صرف هڪ لائين جي سرخي ٿئي، چئن يا وڌيڪ ڪالمن ۾ هوندي آهي. Quality جي اخبارن ۾ هن قسم جون سرخيون گهٽيون مقبول آهن، ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفحي ۾ هلڪيون ڏسڻ ۾ ايندڙيون تاهم سندن اهميت نمايان هوندي آهي.
انهيءَ ڪري، هن سرخي لاءِ اهڙي ٽائيپ استعمال ڪرڻ گهرجي جيڪا مکيه
سرخي کان گهٽ هجي پر انهيءَ جو خيال رکجي ته اها ٽائيپ گهٽي ٿلهي يا
گهٽي سنهي نه هجي.

Hood -٧

ڪڏهن ڪڏهن صفحي جي خوبصوتي وڌائڻ يا ڪنهن مختصر پر بيحد
دلچسپ خبر جي سرخي کي ڪنهي، خبر جي متن سميت يا صرف سرخيءَ
کي، رولن سان، ٿلهن رولن يا وري مورڳو باربر جي فينسي رولن سان ٻڌي
ڇڏبو ته اها نمايان ۽ سهڻي نظر ايندي. مختلف اندازن سان ٻڌڻ کي مختلف
نالن سان سڏبو آهي اهي آهن:



Curtain/Hood پڙدو





کليل منهن باڪس Open-end-box

Bucket ٽوڪري

Hooded box خبر سميت پڙدو

هن خبر سميت سرخيءَ کي باڪس ڪبو آهي. جهڙوڪ هن قسم جي
سمورين سرخين جن ۾ رول يا بارڊر رول ڏجي ٿو، سرخيءَ جي معمول مطابق
سرخيءَ جي لفظن کي گهٽائڻو پوندو آهي جيئن رول چاڙهڻ لاءِ جاءِ بچي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مثال طور ٢۴ پوائنٽ رومن جي سنگل ڪالم ۾ سراسري اڀائي لفظن جي گنجائش ٿئي ته باڪس يا هوڊ ڪرڻ ۾ ڏيڍ يا پوڻا ٻه لفظن جي گنجائش رکڻي پوندي.

خبر سميت پڙدو

انهيءَ ڪان علاوه ٻن ڪالمن ڪان وڌيڪ هوڊ يا باڪس ڪرڻ چڱو ڪونه ٿو لڳي ۽ هرويرو وقت جو وڃائڻ ٿئي ٿو.

## هيٺ ليڪ ڏيڻ Underscoring

سرخيءَ کي هيٺان ليڪ ڏيڻ به هڪ سٺي ٽيڪنيڪ آهي جنهن ۾ نه صرف سرخيءَ جي اهميت وڌائي سگهجي ٿي پر مختلف به ڪري سگهجي ٿي. مثال طور:

هن قسم جي سرخيءَ ۾ ليڪ جي ٿولهه ايتري هئڻ گهرجي جيتري ٽائيپ جي باڊي جي ٿولهه- مثال طور



٣٦ پوائنٽ مصري بولڊ جي باڊي جي ٿولهه ٩ پوائنٽ جيتري آهي ته اهڙي سرخيءَ هيٺان ليڪ جي ٿولهه به ٩ پوائنٽ کان وڌيڪ نه هئڻ گهرجي. ٿلهي باڊي هيٺان سنهي ليڪ ته ڏسڻ ۾ ڪانه ايندي، ۽ وري ٢۴ پوائنٽ رومن هيٺان ٩ پوائنٽن جي ليڪ ڪل جهڙي پئي لڳندي. انهيءَ کان سواءِ استعمال ڪرڻ ۾ هڪ ٻي ڳالهه ياد رکڻ گهرجي سا هيءَ ته اها اکرن جي هيٺين حصي کي نه ڪٽي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ايڊيٽنگ

خبرون چاهي رپورٽر ڪٺي اچن يا اهي خبر رسان ايجنسي جي پرنٽر تان ملن، ڪورٽن جي ذريعن کان حاصل ٿين يا وري اخباري بيان ۽ پريس رليزز مان نهن، پر سيني کي ايڊيٽنگ جي گهرج ٿئي ٿي. ڪي ٻئي زبان مان ترجمو ڪرٽيون هونديون، ڪي گهٽائٽيون پونديون ۽ وڌائٽيون پونديون. ڪي اخباري پورٽر غلط زبان لکندا ته انهن کي درست ڪرٽو پوندو، ڪن ۾ بيهڪ جون نشانيون نه هونديون ته ڪي تار واري اڌوگابري زبان ۾ لکيل هونديون، انهن کي مڪمل ڪري چئيءَ طرح لکٽو پوندو اهڙيءَ طرح جيئن پڙهندڙ سمجهي سگهي. ڪي وري رپورٽر پنهنجي ابوالقوڙات زبان ۾ لکندا، وڏا وڏا ۽ ڏکيا لفظ ڪتب آڻيندا، پنهنجي قابليت ڏيکارڻ لاءِ ڏکيا ۽ مرڪب لفظ ڪتب آڻيندا يا وري ڏکيا جملا لکندا تن سيني کي ناهي، سوڌي، سنواري، سولو ۽ پڙهڻ لائق بنائٽو پوندو. انهيءَ کي موزون ۽ دلچسپ سرخي ڏيٽي پوندي. انهيءَ سموري ڪم کي ايڊيٽنگ Editing چئبو آهي. انهيءَ سموري ڪم ڪندڙ ماڻهوءَ کي سب ايڊيٽر چئبو آهي. حقيقت ۾ اهوئي ماڻهو آهي جيڪو اخبار کي سوڌڻ، سهٽو ڪرڻ، نه چپڻ جي انداز وارين خبرن کي ناهي بنائڻ ۽ دلچسپ انداز ۾ اخبار ۾ فٽ ڪرڻ جو ڪم اهو سب ايڊيٽر ڪندو آهي. تنهن هوندي به اخباري دنيا جي مظلوم ترين هستي، اهو سب ايڊيٽر گمنام رهي ٿو. عام پڙهندڙ هن جي نالي کان واقف نه آهن.

انهن سيني ڪمن کي ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته سب ايڊيٽر کي هڪ چڱو خاصو پڙهيل، سيني علمن جو ڄاڻو، ٻوليءَ جو ڪجھ محاورو هئڻ گهرجي، ڪيس تجربو ۽ انهيءَ شناس جو هئڻ ضروري آهي، جنهن سان خبر جي اهميت جو اندازو ڪري سگهي. حقيقتن کي پيٽي سگهي، اختصار يا وڌاءُ (جيئن ضروري هجي) ڪري سگهي، ٻوليءَ کي صحيح ۽ درست ڪري سگهي ۽ آخر ۾ هڪ سٺي دلچسپ سرخي ڏيئي سگهي. بنيادي طور سب ايڊيٽر جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم بڻ مکيه حصن ۾ ورهائجي ٿو؛ خبر جي ايڊيٽنگ ۾ موزون سرخي ڏيڻ. پر انهن جي ضمني شعبن ۾ ذميداريون ڪٿين گهمرا وڌي ٿيون وڃن. مثال طور هن جي ڪمن ۾ هي ڳالهيون شامل آهن؛

١- جنهن خبر کي ٺاهي تنهن جي حقيقتن کي درست ڪرڻ.

٢- گهربل جاء، يا سندس اهميت مطابق گهٽائڻ، مختصر ڪرڻ يا وڌائڻ.

٣- ڏسڻ ته خبر پوري ۽ مڪمل اخبار ۾ وڃي ٿي، قانون جي گرفت کان آزاد آهي، ڪنهن شهريءَ جي ذاتي حيثيت تي اثر نٿي وجهي يا هي ته اها قانوني پيچيدگين، توهين عدالت ۽ شخصي توهين جي ضمري ۾ ته نٿي اچي.

٤- اخبار جي ٽائيپ جي نمونن ۾ لکڻ جي انداز مطابق بنائڻ واضح ڪرڻ.

٥- خبر کي سڌارڻ.

٦- پرنٽر لاء ڪاپي تي نشان ۽ هدايتون لکڻ.

٧- سرخيون ۽ ضمني سرخيون لکڻ.

٨- موزون تصويرون چونڊڻ، هنن جي اهليت Quality مطابق گهٽائڻ وڌائڻ، ڪٽڻ ۽ ضروري حصن کي چنڊڻ يا گهربل حصا ڏيڻ.

انهن سيني شين کي گڏڻ بعد سب ايڊيٽر جو ڪردار ٣ "C" وڃي رهي ٿو. يعني Checking, Clarifying ۽ Condensing

## چڪاس Checking

سب ايڊيٽر، هر خبر جو پهريون پڙهندڙ آهي. تنهنڪري هن کي خبر جو ناقدانه جائزو Critical approach وٺڻ گهرجي. هن کي سڀ ڪان اڳ ڪنهن تي به پروسو ڪرڻ نه گهرجي. هن کي ڪابه قياس آرائي نه ڪرڻ گهرجي. پهرين پڙهندڙ جي حيثيت ۾ جيڪڏهن خبر خود کيس سمجهه ۾ نٿي اچي ته هو پڙهندڙ مان ڪيئن توقع رکي سگهي ٿو ته هن کي سمجهه ۾ ايندي. اهو مرحلو آهي جيڪو سب ايڊيٽر کي چڱيءَ طرح حل ڪرڻ گهرجي. سب ايڊيٽر کي پهريائين سموري خبر پڙهي هضم ڪرڻ گهرجي. گهٽن نوجوان سب ايڊيٽرن کي جڏهن ڪا ڏکي خبر يا ڊگهي خبر مندي آهي ته سندن اکيون ڳاڙهيون ٿيو وڃن ۽ انهيءَ سان گڏ پوري خبر پڙهڻ کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سواءِ قلم ڪنيو خبر جي ڪاٽ ڇانٽ ۾ لڳيو وڃن. اهو غلط آهي. هن ڪي ڀهريائين پوري خبر پڙهڻ گهرجي. اهو معلوم ڪري تہ نيٺ اها خبر آهي ڇا بابت؟ هي سمورو ڪاغذن جو ڍير يا لفظن جو انبار ڇا ٿو ظاهر ڪري. انهيءَ طريقي سان ڪيس خبر جو روح يا واقعن جو علم ٿي ويندو. انهيءَ کان پوءِ هو فيصلو ڪري تہ ڪيس انهيءَ خبر سان ڇا ڪرڻو آهي.

جڏهن هو سمجهي وڃي تہ اها ڇا آهي، پوءِ هو ڇڪاس ڪندو، حقيقتن جي واقفيت ڪندو، پيٽيندو. جيڪڏهن ڪو شڪ آهي تہ پڪ ڪندو. جيڪڏهن ڪي شڪ ذهن ۾ رهي ٿا وڃن تہ انهن جي جوابن ڳولڻ جي ڪوشش ڪجي. جيڪڏهن سب ايڊيٽر کي ڪي حقيقتون معلوم ناهن تہ ڪوشش ڪري رفرنس لائبريري مان معلوم ڪري يا ان کان معلوم ڪري جنهن کي معلوم هجي. اهو تمام ضروري آهي. مثال طور ڪو رپورٽر هنگورجا کي ضلع نواب شاهہ لکي ڇڏي تہ سب ايڊيٽر جو ڪم آهي ڇڪاس ڪري تہ هنگورجا، خيرپور ضلعي ۾ آهي يا نواب شاهہ ۾. ساڳيءَ طرح حقيقت جي ڇڪاس بہ تمام ضروري آهي. ڪنهن رپورٽر پَل وڃان يا اڻ پوري معلومات وڃان امداد باهمي کاتي جي وزير کي اوقاف ۽ مواصلات جو لکي ڇڏيو تہ غلط ٿيندو. يا وري ڪنهن ڏوهہ جي خبر ۾ ڪو چور ٣٨٠ قلم ۾ پڪڙيو ويو هجي ۽ وٺانٽس مال بہ نڪتو ۽ رپورٽر پَل وڃان ٣٨٩ لکيو هجي تہ اهو غلط ٿيندو. ساڳيءَ طرح ڪنهن مقدمي ۾ ڪنهن ملزم کي ٥ ڏار ڏار ڏوهن ۾ ١٥٠٠ رپيا ڏنڊ پيو آهي ۽ رپورٽر پَل وڃان ١٣٠٠ رپيا ڪل ڏنڊ لکيو آهي تہ سب ايڊيٽر انهيءَ کي ڇڪاس ڪري ڏسي تہ ١٣٠٠ رپيا ڇو ٿيو آهي. آيا ڪيس معافي ملي آهي يا رپورٽر جي پَل آهي. ڊپٽي ڪمشنر جنهن ضلعي جو لکيل آهي سو اهوئي آهي يا ڪو ٻيو. اهي سڀ ڳالهيون سب ايڊيٽر کي ڇڪاسڻيون آهن.

هڪ گهمرو سب ايڊيٽر خبر ناهي، ڇاپڻ لاءِ ڏيئي ڇڏي تہ انهيءَ جي معنيٰ اها ٿيندي تہ هن انهيءَ جي درست هئڻ جي مهر هڻي ڇڏي، جيڪا پوءِ شايد هزارين ماڻهو پڙهندا. هن جي انهيءَ پَل پڪڙڻ لاءِ چوڪس پروف ريڊر سندس مدد ڪري سگهندا پر اهو سندن ڪم ناهي. هنن کي صرف اکري ۽ لفظي غلطيون ڏسڻيون آهن ادارتي غلطيون ناهن ڏسڻيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## واضح ڪرڻ Clarifying

پڙهندڙ کي هي معلوم ڪرڻ ۾ تڪليف نہ ٿيڻ گهرجي تہ جيڪا خبر هو پڙهي دنگ ڪري اها ڇا بابت هئي. انهيءَ ۾ ڪهڙا مکيہ ڪردار آهن، يا اهو واقعو ڪهڙو ٿي گذريو. هيءَ خوبي پڻ ناقدانہ انداز ۾ ڏسڻ سان حاصل ٿي سگهي ٿي.

هر خبر سڌري سگهي ٿي، ۽ ڪنهن بہ خبر ۾ سڌاري جو ڪيترو امڪان اهي انهيءَ جو مدار انهيءَ رپورٽر تي آهي جنهن انهيءَ کي لکيو آهي. گهٽي خراب لکيل هوندي يا اٽوٽندڙ طريقي، ڊگهن لفظن ۽ منجهائيندڙ جملن ۾ لکيل هوندي تہ لازمي طور سب ايڊيٽر کي وڏيڪ محنت ڪرڻي پوندي. پر جيڪڏهن اڳ ۾ سٺي طريقي، خبري انداز ۾ لکيل هوندي تہ سب ايڊيٽر ان کي اڃا بہ چڱو ڪري سگهي ٿو.

هر رپورٽر جي خبر لکڻ جو پنهنجو انداز هوندو آهي ۽ جيڪڏهن رپورٽر چاهي تہ اهائي اسٽائيل اخبار ۾ هلي وڃي تہ پوءِ سب ايڊيٽر جو ڪم گهڻو سولو ٿي وڃي ٿو. انهيءَ لاءِ رپورٽر کي وڏي محنت ڪري سمورا انگ اکر حقيقتون حاصل ڪري، چڪاسي، دلچسپ خبري پيرايي ۾ لکڻي پوندي. جيڪڏهن سب ايڊيٽر کي خبر جي شروع ۾ ئي ڪا وڏي غلطي نظر اچي وڃي تہ اها ڪيس مجبور ڪندي تہ باقي سموري خبر کي خبرداري سان پڙهي، پوءِ چاهي اهو ڪيترو بہ سهڻو مضمون لکيل هجي.

جيڪڏهن رپورٽر جي لکيل خبر منجهيل ۽ اڏوگابري آهي ۽ سب ايڊيٽر انهيءَ کي درست ڪري ڪنهن پڙهڻ لائق نموني بنائي ٿو تہ انهيءَ ۾ ڪنهن جو بہ ڏوهہ ناهي ڇاڪاڻ تہ انهيءَ ۾ رپورٽر جي پنهنجي ڪوشش جي ڪا جهلڪ نظر ڪانہ ٿي اچي. اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ رپورٽر کي بہ سب ايڊيٽر وانگيان ڏسڻ گهرجي تہ:

(الف) آيا خبر کي سولي ۾ سولي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

(ب) ان جي معنيٰ فوري طور سمجهہ ۾ اچي ٿي.

(ج) ڇا انهيءَ ماڻهو جنهن هڪ هفتو اخبار نہ پڙهي آهي تنهن لاءِ اها خبر بلڪل واضح، ڪليل ۽ نہ منجهائيندڙ آهي.

(د) اوهان جي اخبار ۾ ڪنهن نئين پڙهندڙ لاءِ اها خبر بلڪل واضح آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ح) ڇا، ھن جي ڪنھن وڏيڪ اھم حصي وڃائڻ کان سواءِ ٿي ان کي وڏيڪ مختصر ڪري سگھجي ٿو.

## اختصار ڪرڻ Condensing

سب ايڊيٽر جو ڪم آھي تہ ھر خبر کي مختصر ڪري، گھٽائي ۽ خبر جي اھميت يا جيتري ضروري ڏيکھہ ۾ انھي کي معلومات ڏيڻ گھرجي، اوستائين ڪاٽ ڇانٽ ڪري، مربوط ڪري بھاري. اخباري زبان ۾ ھي " ڪاٽ ڇانٽ لفظن جي ٿيندي آھي، نہ خيالن جي."

اخبار ۾ Space تمام اھم چيز آھي ۽ پڙھندڙ کي انھيءَ جو پورو فائدو ملڻ گھرجي. انھيءَ ڪاٽ ڇانٽ جي اھميت کان اڄوڪي جديد صحافت ۾ ڪو انڪار ڪري نٿو سگھي. دنيا جون ڪيئي اخبارون پنھنجي قيمتي جاءِ اھڙن لفظن ۾ وڃائين ٿيون جيڪي معنيٰ ۽ مقصد ۾ ڪو اضافو نٿا ڪن. انھيءَ لاءِ ضروري آھي تہ سب ايڊيٽر کي لفظن ۽ محاورن جو ھڪ وڏو ذخيرو ذھن ۾ ھجي، ھو متبادل لفظ فورن ڳولي سگھي ۽ خبر پڙھندي سندس ذھن بہ ھلندو رھي. ڏٺو ويو آهي ته ڪي... ڏکھن، منجھائيندڙ ۽ غير مروج محاورن جي جاءِ تي سولا محاورا داخل ڪندو وڃي يا موزگو جيڪي محاورا بي معنيٰ رھجي وڃن ٿا تن کي ختم ڪري ڇڏي. تجربيڪار سب ايڊيٽر جيئن ئي خبر پڙھندو ويندو تيئن سندس ذھن ڪم ڪرڻ شروع ڪندو. ڪو ڪٿي اڌ دم ختم ڪندو تہ ڪٿي جملو ختم ڪندو، يا وري "ھي ڳالھہ دلچسپي کان خالي ناھي" يا "انھيءَ جي اھميت کان انڪار ڪري نٿو سگھجي" جا ڏکيا جملا سولن لفظن ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو. مثال طور؛

| | | |
|---|---|---|
| "مستقبل قريب ۾" | بدران | جلدي |
| "فرار ٿيڻ ۾ | | |
| ڪامياب ٿي ويو" | بدران | ڀڄي وي |
| "ھن خيال جي | | |
| پيش نظر" | بدران | ڇاڪاڻ |

۽ ٻيا ڪيترا اھڙا لفظ

اھا ڪاٽ ڇانٽ نہ صرف خبرن سان لاڳو ٿئي ٿي پر اھم شخصيتن جي تقريرن لاءِ بہ تمام ضروري آھي. ھي انھيءَ ڪري ٿئي ٿو تہ تقريرن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملي تہ هو پڙهندڙ کي واقعي جي صحيح تصوير پيش ڪري. هن کي سنيءَ طرح خبر پيش ڪري.

جڏهن کان وٺي "مقبول صحافت" Popular journalism جو زمانو آيو آهي تڏهن کان سب ايڊيٽر جا اهي ٽي رهنما اصول رهيا آهن. مقبول اخبار نويسيءَ ۾ سب کان وڏي اهم شخصيت سب ايڊيٽر آهي. هن کي ئي اخبار نويسي جي جديد انداز جو پايو وجهندڙ سڏي سگهجي ٿو. جنهن ڪري انهن ذميدارين کان سواءِ سب ايڊيٽر پنهنجي لاءِ ٻيا بہ ڪيئي طريقا ڳولي ڪڍيا آهن جنهن سان هن جو ڪم سولو ٿي سگهي ٿو، يا جنهن سان هو انهن اخباري خوبين کي وڌيڪ اجاگر ڪري سگهي ٿو.

جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي تہ سب ايڊيٽر جو مدار اخبار جي رپورٽر تي آهي. اهي ٻئي ماڻهو گڏجي سٺي شيءِ پيدا ڪري سگهن ٿا. رپورٽر حقيقتون ڳولي ڪڍندو ۽ جيڪڏهن هن کي سٺي انداز ۾ لکي ڏيندو تہ سب ايڊيٽر جي لاءِ سولائي ٿيندي پر جيڪڏهن اها سٺي نہ لکيل هوندي تہ اهو ڪم سب ايڊيٽر کي ڪرڻو آهي. پر سب ايڊيٽر جا ٻہ وڏا دشمن آهن: وقت ۽ جاءِ. گهڙيءَ جي اڳتي وڌندڙ سئي هن کي اجازت نہ ڏيندي تہ هو هر خبر کي ٻيهر لکي. تنهنڪري هو سدائين انهيءَ رپورٽر جو شڪر گذار رهندو آهي جيڪو ڪيس سٺي ۽ پڙهڻ لائق خبر، اخبار جي معيار مطابق لکي ڏيندو. انهيءَ مان هن کي اهو فائدو پهچندو تہ هو ريلوي گاڏين پهچڻ کان اڳ ۾ اخبار اسٽيشن تي پهچائي ڏيندو يا وري مي تہ هو ايتري دير ۾ ڪنهن سڪندڙ رپورٽر يا چوڪر جي خبر کي ٺاهي وٺندو جنهن وٽ واقعي جا تفصيل تہ سٺا آهن پر لکڻ جو ڏانءُ ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ايڊيٽنگ-٢: سب ايڊيٽر جو ڪردار

سچي ڳالهه آهي تہ ايڊيٽر ۽ رپورٽر اخبار جا ٻہ اهم حصا آهن. هڪ حقيقتون ڳولهي لهي ٿو Fact-finder آهي تہ ٻيو انهن حقيقتن يا واقعن جي روداد کي ترتيب سان لکي، دلچسپ پيرايي ۾ پيش ڪري ٿو. جيئن اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ سنو رپورٽر، سٺي سب ايڊيٽر جي ساڃي ۽ انهن وانگيان ڪم ڪري ٿو. پر رپورٽر صرف خبرون ڪٺي بي ترتيبي سان لکندو تہ اهو سب ايڊيٽر لاءِ وڏيڪ تڪيف جو ڪارڻ ٿي ٿيندو. انهيءَ حالت ۾ جڏهن سب ايڊيٽر، رپورٽر جي بي ربط ۽ اجائي ڊيگهہ واري حصي کي ڪٽيندو يا وري ڊگهن لفظن جي جاءِ تي ننڍڙا مختصر لفظ آڻيندو تہ رپورٽر ڪيس ڪاسائي سڏيندو. سب ايڊيٽر وراڻيءَ ۾ رپورٽر کي بيخبر سڏيندو آهي. ڇا ٻہ هجي پر حقيقت هيءَ آهي تہ سب ايڊيٽر ۽ رپورٽر جي ڪمن ۾ نمايان فرق آهي. ٻنهي جون ذميواريون ٻہ مختلف ۽ ڊگهيون آهن جيڪڏهن ٻئي هڪٻئي جي تڪليفن کي سمجهن تہ عملي ڪم ڪرڻ ۾ رڪاوٽ گهٽ ٿي ٿئي.

رپورٽر ۽ سب ايڊيٽر ۾ هڪ وڏو فرق هي آهي تہ رپورٽر صرف هڪ واقعي جي مٿان وڃي ٿو بيهي ۽ ان جا تفصيل حاصل ٿو ڪري پر سب ايڊيٽر تہ سموري دنيا يا سموري ملڪ مان ايندڙ خبرن کي آڏو رکي ويهي ٿو. هن کي خبر آهي تہ هڪ واقعو جيڪو سندن شهر ۾ ٿيو آهي، اهڙو ڏيڍ سؤ ميل پري ٻئي شهر ۾ ٻہ ٿيو، تيئن هنڌ وري انهيءَ جي ابتڙ ٿيو آهي. سب ايڊيٽر تنهي خبرن کي ورجائڻ بدران اهڙيءَ طرح لکندو يا هڪٻئي سان ڳانڍاپي ۾ بيهاريندو جو پڙهندڙ کي رونما ٿيندڙ انهيءَ قسم جي سمورن واقعن جي فوري طور سڌ پئجي وڃي. سب ايڊيٽر کي خبر آهي تہ اڄ خان ولي خان کهڙو بيان ڏنو آهي ۽ ولي جي ڪلهوڪي بيان جي جواب ۾ پيرزادي ڪو بيان ڏنو آهي تنهنڪري هو سياٽپ ڪان ڪم وٺي ٻنهي کي نہ صرف خيال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سب ايڊيٽر جو ٻيو ڪم خبر کي اهڙن حصن ۾ ورهائڻ آهي جن سان پڙهندڙ جي دل ۾ Excitment پيدا ٿئي. غالباً اڄ جي جديد صحافت ۾ شايد ڪا اخبار هوندي جنهن ۾ هي جزو نہ هوندو. اڄ جي زماني ۾ سب ايڊيٽر پڙهندڙ کي اهو محسوس ڪرائيندو تہ ڪنهن بہ خبر پڙهڻ سان سندس دل جا جذبا جاڳن ٿا.

انهيءَ ۾ هڪ سڀ کان وڏو ڪارڻ هيءُ آهي تہ پڙهندڙ کي ڇا گهرجي، سندس اخبار جون ڪهڙيون گهرجون آهن. ياد رکو تہ بهترين ايڊيٽر اهو آهي جيڪو پنهنجن پڙهندڙن جي پسند، ضرورت ۽ چاهہ کي ڄاڻي ٿو. هو انهيءَ کي پورو ڪري ٿو. ظاهر آهي تہ ويجها يا پري جا رپورٽر، لکندڙ، خبر رسان ايجنسيون، سرڪاري هينڊ آئوٽ، پروپيگنڊا جا بيان، اخباري بيان، مقالا، سائنسدانن ۽ انجنيئرن جون دريافتون، تقريرون، خطبا ڏيندڙ سڀ پنهنجن لفظن کي بيحد اهم سمجهندا آهن ۽ هو چاهيندا تہ هو جيڪي ڪجهہ لکن يا تقرير ڪن اهو سمورو اخبار ۾ اچي. پر اهو تہ سب ايڊيٽر کي معلوم آهي تہ سندس پڙهندڙ کي ڪهڙي شيءِ جي گهرج آهي.

مثال طور هڪ سرڪاري هينڊ آئوٽ ۾ ڪنهن وزير جو ڪنهن رسالي جي افتتاحي پرچي ۾ ڏنل پيغام آهي ۽ اطلاعات کاتو چاهيندو تہ اهو سمورو اخبار ۾ اچي پر سب ايڊيٽر کي خبر آهي تہ هن جا پڙهندڙ انهيءَ ۾ ڪيتري دلچسپي رکن ٿا تنهن ڪري هو انهيءَ پسند جي مقدار ۽ انهيءَ پيغام ۾ خبريت مطابق ئي ڇاپيندو، انهيءَ کان وڌيڪ هڪ لفظ بہ نہ. يا جيڪڏهن سائنسدان ڏکهي تقرير ڪئي آهي ۽ انهيءَ جي حمايت ۾ ٨ هزار لفظن جو هڪ مقالو ڏنو تہ پڙهندڙ ان جي فني محاورن ۽ لفظن سان ڪا دلچسپي نٿو رکي. هو انهيءَ ڳالهہ ۾ دلچسپي رکي ٿو جيڪا مٿس اثر انداز ٿيندي. جيڪڏهن ڪو اهڙو فارمولا آهي جنهن سان موٽر هلائڻ ۾ تيل جي کپت اڌو اڌ گهٽجي وڃي ٿي يا شيشي بدران ٻي ڪا مضبوط شيءِ تيار ٿئي ٿي يا جتيءَ جي چمڙي بدران ڪا ٻي چيز سستي ۽ وڌيڪ پائيدار ڪل تيار ٿيندي تہ هو انهيءَ جي اثر پوڻ واري حد تائين ان ۾ دلچسپي رکندو. هن کي ان جي سائنسي مرڪبن يا فني نالن سان ڪو واسطو ناهي. اهو سمجهو سب ايڊيٽر جو ڪم آهي تہ هو پڙهندڙ کي هضم ڪرڻ جي صلاحيت ۽ دلچسپي واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حد تائين خبر ڏئي. وڌيڪ ڏيندو به ته پڙهندڙ هرويرو بور ٿيندو.

سب ايڊيٽر جو ٻيو هنرمنديءَ وارو ڪم هلندڙ خبر Running story آهي. هلندڙ خبر اها آهي جيڪا ڪنهن واقعي جي مسلسل ٿيڻ سان، يا ڪنهن اڳواڻ جي اچڻ سان هر ڪلاڪ ۾ بدلبي رهي. ظاهر آهي ته سب ايڊيٽر کي آخري نتيجي ۾ تمام خبرداري سان سنڀالڻو هوندو. مثال طور:

هڪ وڏو سياسي اڳواڻ حيدرآباد اسٽيشن تي ۲ بجي منجهند جو لهي ٿو. هن جو زبردست آجيان ٿيو. اٽڪل ۳ لک ماڻهن جي ۴ ميلن جو جلوس کيس وٺي ۲ ڪلاڪن جو گشت ڪرائي ٿو.

پروگرام مطابق هن کي ۴ بجي عام جلسي ۾ خطاب ڪرڻو آهي. ٦ بجي وفدن سان ملندو، ۷ بجي پارٽي ورڪرن کي خطاب ڪرڻو آهي ۽ رات ۸ بجي بار ائسوسيئيشن جي ڊنر ۾ هڪ اهم پاليسي تقرير ڪرڻي آهي. رات جو ۹ بجي وري ريل گاڏيءَ سان وري واپس وڃڻو آهي.

سب ايڊيٽر کي اهو پروگرام معلوم آهي ۽ هن کي اهو به معلوم آهي ته سندس پهرين ايڊيشن جي آخري ڪاپي ساڍي ۹ بجي، ٻئي ايڊيشن جي آخري ڪاپي ساڍي ۱۱ بجي ۽ مارننگ ايڊيشن ۱ بجي ڊاري وڃڻي آهي.

"ڪجهه به ٿي سگهي ٿو." اهو سب ايڊيٽر جي ذهن ۾ سدائين هوندو آهي پر ياد رکو هن جا ٻه وڏا دشمن گهڙيال ۽ اخباري جاءِ کيس وهڻ نه ڏيندا. انهيءَ هوندي به هو ڪڏهن به ڪنهن امڪاني خبر کي، ڪنهن غير معمولي Something very unusual کي نه ڇڏيندو. تنهنڪري سندس ڪن هر وقت انهيءَ ليڊر کي Cover ڪندڙ رپورٽر/رپورٽرن جي ٽيليفون گهنٽي ۽ فوٽوگرافر جي تصوير جو انتظار هوندو. هاڻي ٿي هيئن ٿو ته:

استقبالي جلوس ختم ٿي ٿيو ۵ بجي. جلسه گاهه ۾ ليڊر تمام جوشيلي تقرير ڪري، مخالف ڌرين تي چوهه چنڊي ٿو ۽ پنهنجي ايندڙ قدم جو اعلان ڪري ٿو. رپورٽر پهرين ٦ بجه شام خبر موڪليندو.

"مسٽر الف خان اڄ هتي اعلان ڪيو ته هن جي پارٽي ايندڙ چونڊن ۾ مزدور جي گهٽ ۾ گهٽ ۳۰۰۰ رپيا پگهار ڏيڻ کي پنهنجو انتخابي بنياد بنائيندي.

هو اڄ نوابشاهه ۾ هڪ عام جلسي کي خطاب ڪري رهيو هو جنهن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻ ۾ گهڻ ٣ لک ماڻهو هئا... وغيره.“

سب ايڊيٽر اها خبر لکي ٺاهي جوڙي اجا ڪمپوز ۾ ڏني ته مٿان ساڍي ٧ بجي خبر آئي ته جلسو مقرر وقت کان اڌ ڪلاڪ پوءِ ختم ٿيو پر ليڊر وفدن سان ملڻ ۽ بار ورڪرن کي خطاب ڪرڻ وارو پروگرام ملتوي ڪري ڇڏيو آهي ڇاڪاڻ ته ڪيس، انتظاميه ٻڌايو آهي ته هن کي جلد از جلد شهر ڇڏڻ گهرجي.

سب ايڊيٽر کي فورن ڪاپي گهرائي ان جو انٽرو بدلائڻو پيو ۽ ڪجهه هن طرح لکيائين ته:

”مسٽر الف خان جنهن کي اڄ شام پهچڻ بعد پارٽي ورڪرن کي خطاب ڪرڻ ۽ وفدن سان نه ملڻ ڏنو ويو. تنهن اعلان ڪيو آهي ته هو مزدورن کي وڌ ۾ وڌ اجرت ڏيارڻ واري نڪتي کي پنهنجو آئينده جو انتخابي منشور بنائيندو.“

هو اڄ هتي هڪ عام جلسي کي خطاب ڪري رهيو هو جنهن کي اٽڪل ٣ لک ماڻهن ٻڌو. جلسي ۾ تقرير ڪرڻ کان پوءِ پنهنجن ورڪرن ۽ وڪيلن سان ملڻو هو پر فورن بعد ڪيس انتظاميه ٻڌايو ته هو ٻيا پروگرام منسوخ ڪري واپس هليو وڃي.

جلسي کي خطاب ڪندي الف خان چيو....

هن چيو...

هن ٿاڙين جي گونج ۾ اعلان ڪيو ته...

هن انتظاميه جي رويه کي سخت ننديو ۽ چيو ته هو......

اجا سب ايڊيٽر انهيءَ انٽرو کي ٺاهي، نئين خبر لکي رهيو هو ته مٿان رپورٽر جي گهنٽي آئي ته وڪيلن جو وفد انتظامي سربراهه سان ملڻ ويو آهي. هنن جي احتجاج ڪرڻ سان گڏ الف خان، صدر مملڪت سان فون تي ڳالهايو.

سب ايڊيٽر اتي قلم روڪي ٿو ۽ خبر ٻه ڪمپوز روم مان گهرائي روڪي ٿو. وقت ٻه پرجيو وڃي ٿو پر هن تقرير جو گهربل حصو ته ڪمپوز ڪرائي ڇڏيو آهي. ڪيس هاڻي وڪيلن جي ڊنر ۾ اتي خطاب جو انتظار آهي. سوا اٺين بجي رپورٽر فون ڪيو ته ڪمشنر پنهنجي هدايت واپس ورتي آهي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چند گھڙين ۾ الف خان، وڪيلن کي خطاب ڪرڻ لڳندو. سب ايڊيٽر جي جسم ۾ ساهه پيو. انهيءَ سان گڏ سندس اک، گھڙيءَ ۾ ويتر ٽڪ ٻڌي تي.

سوا نوين بجي رپورٽر اهڙي خبر ڏني تو جيڪا واقعي سب ايڊيٽر کي چرڪائي تي چڙي. انهيءَ ليڊر پارليامينٽ جي بائيڪاٽ ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي.

سب ايڊيٽر جي اڳيان عام جلسي واري خبر جي اهميت گھٽجي وئي تي. هو انهيءَ خبر کي يا تہ ڏار سرخي ڏيئي موڪلي ڏيندو ۽ ان کي بائيڪاٽ واري خبر سان tie ڪري ڇڏيندو يا وري بائيڪاٽ واري خبر کي هن طرح جلسي واري خبر سان ملائيندو؛

”انتظاميہ ۽ الف خان جي وچ ۾ هائوڪار، نهڪار ۽ هائوڪار جي هڪ لڪ لڪوٽي بعد وڪيلن کي خطاب ڪندي الف خان رات اعلان ڪيو تہ هو اسيمبلي اجلاس جو بائيڪاٽ ڪندو.“

هو رات مقامي هوٽل الفا ۾ وڪيلن کي خطاب ڪري رهيو هو جيڪو وقت مقرر کان ۱۵ منٽ پوءِ شروع ٿيو هو ڇاڪاڻ تہ ان کان اڳ ۾ انتظاميہ الف خان کي وفد ۽ وڪيلن کي خطاب ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني. ڪيس جلد کان جلد شهر ڇڏڻ لاءِ بہ چيو هو.

وڪيلن انتظاميہ سان ڳالهايو. انهيءَ وچ ۾ الف خان سربراهہ مملڪت سان بہ فون تي رابطو قائم ڪيو ۽ ڪيس صورتحال کان آگاهہ ڪيو، جنهن کان پوءِ وڃي انتظاميہ وڪيلن واري اجتماع جي اجازت ڏني.

مني ڪلاڪ جي تقرير ۾ آزاد پارٽيءَ جي سربراهہ حڪومت تي سخت نڪتہ چيني ڪئي. هن چيو تہ........

خدا خدا ڪري سب ايڊيٽر انهيءَ تقرير کي سميٽي ناهي نوڪي خبر موڪلي ڏني، صفحي ۾ رکي تہ پوڻين ڏهين بجي خبر آئي تہ الف خان تقرير ڪري وڪلين جي درميان ڳالهائي رهيو هو تہ گوليءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. الف خان کي ڪرسيءَ تي اهلندي ڏٺو ويو.

سب ايڊيٽر، تفصيلن جو انتظار نٿو ڪري سگھي ڇاڪاڻ تہ هن وقت پهرين ايڊيشن لاءِ وقت نہ بچيو آهي تنهنڪري ان کي ختم ڪري چند



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاٿينون وجهي ڇڏيون. هاڻي ڪيس ٻئي ايڊيشن لاءِ مڪمل خبر جو انتظار ڪرڻو آهي.

١١ بجي خبر آئي تہ "اها گولي هجوم ڪان ٻاهران هوٽل جي ڇت تي ڪنهن چڙهي هلائي هئي. ڪل ٽي گوليون هلايون ويون جن مان هڪ الف خان کي لڳي ۽ ٻہ گسي ويون. الف خان کي گولي ٻانهن ۾ لڳي. ڪيس فورن اسپتال نيو ويو جتي هن جو آپريشن ڪري گولي ڪڍي ويئي. بهرحال سندس حالت خطري کان ٻاهر آهي. سيڪيورٽي جي ماڻهن انهيءَ ماڻهوءَ کي پڪڙي پيچا ڳاچا لاءِ وٺي ويئي آهي. ملزم جي سڃاڻپ ٻڌائڻ کان پوليس انڪار ڪري ڇڏيو آهي. پر آزاد پارٽي ان کي مخالف ڌرين جو عمل قرار ڏنو آهي ۽ ان کي ڪريل حرڪت تصور ڪيو آهي.

اها خبر ملڻ کان پوءِ سب ايڊيٽر پنهنجو هنر هلائي سڄي خبر نئين سر لکندو ۽ ٻئي ايڊيشن لاءِ خبر جو سرو ڪجهہ هن ريت وجي بيهندو.

"مقامي وڪيلن طرفان ڏنل ڊنر ۾ رات الف خان، پارليامينٽ جي بائيڪاٽ ڪرڻ جي اعلان ڪرڻ کان پوءِ جيئن وينو تہ هڪ گولي سندس ٻانهن کي پار ڪري ويئي، جيڪا ڪيس اڌ مارڻ لاءِ هلائي ويئي هئي.

٣٢ بور جي گولي الف خان کان صرف ٣٢ فوٽن تان، هوٽل جي ديوار تان هڪ ٣٠ سالن جي نوجوان هلائي جنهن کي گرفتار ڪري پوليس وٺي ويئي آهي. گولي هلائيندڙ جي نالي ۽ ڏس پتي ٻڌائڻ کان پوليس انڪار ڪري ڇڏيو آهي پر آزاد پارٽيءَ جي ٻڌرائي موجب "اها گيڊين واري ڪارروائي مخالف ڌرين ڪئي آهي."

گولي انهيءَ وقت الف خان کي لڳي جڏهن هو ڊنر کان پوءِ ورڪرن سان ڳالهائي رهيو هو. ٽن گولين جا نڪاءَ ٽيا پر الف خان کي فقط هڪ لڳي. لڳڻ شرط هو ڪرسيءَ تي جهڪيو. فورن وڪيلن ۽ ميزبانن ڪيس گهيري ورتو ۽ ٦ منٽن ۾ اسپتال رسايو ويو. ٻئي طرف سيڪيورٽي گارڊ هوٽل جي ٨ فٽ اوچي ڪمپائونڊ وال تان لهندڙ نوجوان کي پڪڙي ورتو. هن جي روالور ۾ انهيءَ وقت ٢ رائونڊ اجا بہ هئا، جيڪي هو هلائي نہ سگهيو.

انهيءَ کان پوءِ.....

بعد ۾ .....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسپتال اختياري وارن جو چوڻ آهي ته....“

انهيءَ خبر بعد سب ايڊيٽر چاهي ته سندس تقرير انهيءَ سان Tie ڪري چڙي يا پــر ۾ رکي. آخري ايڊيـشـن ۾ الـف خان جي آخري رپورٽ ڏيـٽـي پوندي.

چاهي اها مڪمل خبر آيل هجي يا Running story هجي، سب ايڊيٽر کي اهو ياد رکڻ گهرجي تـه هن جي لاءِ ڪٿين ماڻهو منتظر آهن ۽ جيڪڏهن هن ڪٿين صفحن جي هڪ خبر کي يڪو هڪ ئي صفحي تي لکيو تـه نـه صرف انهيءَ ۾ دير ٿيندي پر ڪمپوز ۾ پيڻي دير ٿيندي. تنهنڪري آپريٽر اهڙي يڪي لکيل خبر کي حصن ۾ ورهائي ڪمپوز ڪندا آهن. اهڙي طرح هڪ ڊگهي خبر ٿوري عرصي ۾ ڪمپوز ٿي گهربل صفحي ۾ موزون جاءِ تي هلي سگهي ٿي. فني طور انهيءَ ننڍي صفحي کي Take چئبو آهي. تنهنڪري سب ايڊيٽر ڪم کي سولائي سان اڪلائڻ لاءِ ننڍيون سلپون ٺاهيندو جنهن جو چوٿون حصو حاشيه وانگيان خالي هوندو. سلپ ۾ سولائي خاطر ٦ يا ٧ لائينون هونديون. ڇڏيل حاشيه ۾ آپريٽر جي رهبري خاطر خبر جي ٽائيپ جو نمونو، ماپ وغيره رکيل هوندو آهي جڏهن تـه مٿين ڪاپي ڪنڊ تي خبر جو نالـو ۽ خبر ڏيـنـدڙ رپورٽـر جو نالو هونـدو آهي. رپورٽـر جو نالو انـهيءَ ڪري ڏنو ويندو آهي تـه جيئن هڪ ئي موضوع تي ٻن يا ٽن رپورٽرن جون ڏار خبرون هڪٻئي ۾ گهڙي نـه وڃن. سب ايڊيٽر کي نـه صرف هنن Takes جي عنوانن کي ياد رکڻو آهي پر انهن جا صفحا نمبر بـه ياد رکڻا آهن. انهيءَ آپريٽر يا فورمئن جي مونجهاري کي ياد رکو جيڪو هڪ ئي خبر جي ڇهين صفحي جا ٢ نمبر ڪٽي بيهي رهندو يا وري ۵ صـفحي ڪـان پوءِ ٧ صـفحـو ڪڻندو، جيتوڻيڪ اهو پـل ڪان ٦ نمبر تي آهي.

جيڪڏهن سب ايڊيٽر ننڍا صفحا نتو ٺاهي تـه ڪم جلدي نـه اڪلندو، ۽ خبر صفحي ۾ نـه ويندي ۽ ان ڪـان پوءِ ميـڪ اپ، مـشين تي ڇپائي ۽ اخبار جي روانگي بـه اهم آهن.

سب ايڊيٽر جڏهن خبر جا مختلف حصا موڪليندو رهندو آهي تـه آخر ۾ هن کي سرخي ڏيـٽي پوندي آهي. ظاهر آهي تـه هو وري ٻيهر خبر پڙهي جنهن ۾ وقت ويندو تنهنڪري بهتر ٿيندو تـه سب ايڊيٽر ڊگهين خبرن لاءِ خبرن جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حصا موڪلڻ سان گڏ پاڻ وٽ ان جا نوٽ رکندو وڃي آخر ۾ ڪيس سرخي لکڻ ۾ تمام گهٽي سولائي ٿيندي.

سب ايڊيٽر ڪي خبر ونڻ جو ڪردار به ادا ڪرڻو آهي. انهيءَ جو وڏو ذريعو ٽيليفون آهي. ٽيليفون تي ڪن ڪي ڪولي صاف رکڻو آهي ڇاڪاڻ ته ڪٿين لفظ اهڙا آهن جيڪي ڏار ڏار هئڻ ۽ ڏار ڏار معنائن رکندي به هڪجهڙا ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. يا وري آواز جهيٽي هئڻ ڪري هڪ جو ٻيو لفظ سمجهه ۾ ايندو. مثال طور هڪ رپورٽر لکايو.

”ٻه ڏينهن لڳندا“ - سب ايڊيٽر لکيو:

”ڏهه ڏينهن لڳندا.“

”جيڪڏهن پاڻي نه مليو ته ماڻهو لڏڻ لڳندا.“

بدران ٿي ويو ”جيڪڏهن پاڻي نه مليو ته ماڻهو اڏڻ لڳندا.“

ٻيا جيڪي لفظ ٽيليفون تي ٻيا ٻڌجڻ ۾ ايندا آهن تن ۾

| | | |
|---|---|---|
| بيڪار | بدران | بيدار |
| عبدالحفيظ | بدران | عبدالعزيز |
| بنڊ | بدران | ڪنڊ |
| سيٺارجا | بدران | ڏيپارجا |

ڪريم آباد بدران ڪريم آزار ۽ ڪٿين ٻيا.

انهيءَ مونجهاري کي روڪڻ جا ڪٿين طريقا آهن جيڪي صورتحال مطابق اختيار ڪري سگهجن ٿا. مثال طور انگن اکرن ٻڌائيندي انگن کي نيهه لک ستهٺ هزار ٻه سؤ پنجانوي بدران ڪاپي ڪان انگ ٻڌائجن ته ٽي، ٻڙي، ڇهه، ست، ٻه، نو، پنج سب ايڊيٽر ان کي سولائي سان ۳۰۶۷۲۹۵ لکي ويندو. ساڳي طرح هيئن به نه ٿيڻ گهرجي ته شهر جو نالو اڏورو لکجي. سنڌ ۾ توڙي برصغير ۾ ڪٿين شهر هڪجهڙن نالن سان مشهور آهن:

حيدرآباد دکن، حيدرآباد سنڌ، حيدرآباد (ايران)، ڪوٽڙي (دادو ضلعو)، ڪوٽڙي الهرکيو (ٺٽو) ڪوٽري ڪبير (نوشهرو فيروز) ڪوٽري (آزاد ڪشمير)، خيرپور ميرس (خيرپور)، خيرپور جوسو، خيرپور ناٿن شاهه (دادو)، خيرپور گنبو (حيدرآباد) اهڙي طرح شاهپور ٻه آهن، دولتپور ٻه، پريا روڊ ۽ پريا شهر ڌار ڌار آهن، اڏيرو لعل اسٽيشن ڌار ۽ شهر ڌار آهي. اها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيچي پڪ ڪري، واضح لکجي تہ شهر ڪهڙا آهن. سب ايڊيٽر کي دنيا جي بين شهرن ۾ بہ بلڪل وضاحت سان اهو لکڻو آهي تہ Dateline وارو اهو شهر ڪٿي ۽ ڪهڙي برصغير ۾ آهي ڇاڪاڻ تہ اسان کي اهو سمجهڻ نہ گهرجي تہ پڙهندڙ سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو. هن کي دنيا جي هر ڪنڊ جي ڄاڻ آهي، تنهنڪري هڪ يا بہ لفظ وڌيڪ لکڻ سان اسان پڙهندڙ کي مڪمل معلومات ڏيئي سگهنداسين.

سب ايڊيٽر کي سڀ کان آخر ۾ هڪ سڄي صفحي جو نقشو ٺاهڻو آهي جيڪو بنيادي طور سندس ذهن جي تخليق آهي. هن کي ذهن ۾ نہ صرف خبرن جي اهميت، ڏينهن جي مکيہ خبرن کي سلسليوار ۽ اهميت وار رکڻو آهي پر صفحي جي Visual impact کي بہ اڳ رکڻو آهي. هن کي سائنسي طور تيار ڪيل اهڙو نقشو ڏيڻو آهي جيڪو پرڪشش بہ هجي تہ هر خبر جي اهميت بہ ظاهر ڪندو هجي. ٻنهي ۾ انصاف ڪرڻو آهي. اهڙو سب ايڊيٽر هڪ صاف سٿري ذهن ۽ تناسب وارو هوندو آهي. هن جي ذهن ۾ فيصلي جي تڪڙي ۽ اعتماد واري طاقت هوندي آهي. هن جي ذهن ۾ معلومات جو هڪ ڀنڊار هوندو آهي ۽ جڏهن انهيءَ مان ڪجهہ حصي جي استعمال ڪرڻ جي ضرورت پوي تہ فوري طور ڀرپور انداز ۾ استعمال ڪري. هن کي انتظاميہ جي جوابدارين ۽ اخبار جي ڪاروباري پهلو جو احساس هئڻ گهرجي. سٺو حافظو، لفظن جو ذخيرو، تخليقي قوت ۽ رواني هئڻ گهرجي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تڪڙ ۽ ڇڪ ڇڪان واري ماحول ۾ ڪم ڪرڻ جو اهل- اهوئي ڪارڻ آهي جو ڪنهن اخباري ڄڻي مڙس چيو تہ "اوهان سو سٺا رپورٽر پيدا ڪري سگهو ٿا پر هڪ سٺو سب ايڊيٽر پيدا ڪرڻ مشڪل آهي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رپورٽنگ Reporting-1

اخبار پڙهندي پڙهندي، سرخيءَ جي هيٺان شهر جو نالو ڏيڻ کان پوءِ، هڪ نامعلوم شخصيت جو نالو نظر ايندو آهي جنهن کي رپورٽر ڪري لکيو ويندو آهي. نالو نه ڇاپايل ماڻهو دراصل انهيءَ خبر جو مصنف آهي. هن جو ڪم اهو آهي ته واقعي جا تفصيل اهڙي طريقي ۾، تاجي پيٽي وانگيان اُٿي جو پڙهندڙ يا ٻڌندڙ انهيءَ سموري واقعي جي ذري پرزي کان واقف ٿي وڃي. انهيءَ ڏانءَ کي رپورٽنگ ۽ ڪم ڪندڙ کي رپورٽر چئبو آهي. هر اخبار پنهنجي لاءِ خبرن گڏ ڪرڻ لاءِ ڪئين رپورٽر رکندي آهي جيڪي مختلف واقعن، جلسن جلوسن، هڙتالن، اسڪولن، ڪاليجن، تقريبن، تباهين، زلزلن، عدالتي مقدمن ۽ ٻين واقعن جي روئداد لکندا ۽ اخبار جي ذريعي ماڻهن کي معلومات فراهم ڪندا.

مڪاني اخبارن وارا پنهنجي سرڪيوليشن جي علائقي ۾ ئي رپورٽر رکندا آهن ته وڏيون قومي سطح تي ڇپجندڙ اخبارون رپورٽرن جو ڄار وڇائي ڇڏينديون آهن، جيڪي روزانه يا جيئن جيئن ضرورت پوندي تيئن ٽپال، تار، فون، ٽيليڪس يا فوٽو وائر رستي خبرون، تصويرون موڪليندا رهندا آهن. ڪي وري مختلف شعبن جهڙوڪ تجارتي خبرن، سياسي خبرن، راندين وغيره تي مامور هوندا آهن ۽ هو پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ پڙ هوندا آهن. مثال طور ڪراچيءَ جي قومي اخبارن جا شهر ئي شهر ۾ هڪ ڊزن جي قريب رپورٽر آهن ۽ ان کان پوءِ ملڪ جي هر شهر ۾ هڪ رپورٽر آهي. اهڙيءَ طرح وڏين اخبارن ۽ گهٽو هلندڙ اخبارن جا عيوضي وري ملڪ کان ٻاهر به رهن ٿا جيڪي اتان جي واقعن تي پنهنجي نڪته نظر کان يا وري قومي خيال کان پنهنجن اخبارن کي خبرون موڪلين ٿا. پنهنجو رپورٽر هن طرح به فائديمند آهي جو هن کي اخبار جي پاليسي جي خبر هوندي آهي، اخبار ۾ موجود جاءِ، تصويرن جي قسم کين آخري خبر وڃڻ جو وقت معلوم هوندو آهي. قومي يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بين الاقوامي نيوز ايجنسين کي انهيءَ سوچڻ جي گهرج ناهي تہ کهڙين اخبارن ۾ کهڙيون خبرون اچن ٿيون.

## Spot and spread news

خبرن جا ڪيترا بہ نمونا هجن پر رپورٽنگ جي زبان ۾ انهن کي ٻن شعبن ۾ ورهايو ويو آهي. هڪ Spot news. اسپاٽ نيوز ۾ غير متوقع خبرون، اوچتا واقعا، تازه جيئرا ۽ اهم واقعا، حادثا، تباهيون، جهڳڙا، زلزلا، ٻاهيون وغيره آهن جيڪي اخبار ڇپجڻ کان چند گهڙيون اڳ بہ ٿي سگهن ٿا ۽ اهڙا اهم ٿين ٿا جو اخبار ۾ اچڻ لازي بنجيو وڃن. اخبار هنن کي نظر انداز نٿي ڪري سگهي. ظاهر آهي تباه ڪارين، حادثن، زلزلن، ٻوڏن ۽ جهيڙن لاءِ ڪو وقت اڳواٽ مقرر نہ ٿيندو آهي، ۽ جڏهن بہ اهي ٿيا، چاهي اخبار جي بلڊنگ سان لڳ يا ٻہ سو ميل پري ٿين، صبح جو ٿين يا وري رات جو ١١ بجي، انهن خبرن کي جاءِ ضرور ملندي. رپورٽر اتي ضرور پهچندو، واقعي جا تفصيل، تصويرون، پس منظر، اکين ڏٺو احوال ضرور موڪليندو اهي آهن. متوقع خبرون يا Spread news اهي آهن جن جي اڳواٽ مختلف اندازن سان پڌرائي ڪئي وڃي، جنهن کي ايڊيٽر اڳواٽ هيڊ لائينس ذريعي ماڻهن کي واقف ڪيو هجي. هن جا ڪئين مددگار جزا ٿين ٿا جن ۾ تصويرون، نقشا، چارٽ وغيره اچي وڃن ٿا.

چاهي اهي اسپاٽ نيوز هجن يا Spread نيوز هجن، رپورٽر لاءِ ساڳي قسم جي ذميداري آهي. هو تمام اهم شخصيت آهي. پوءِ ڀلي لوڪل بيٽ تي ڪم ڪري يا ڪنهن شهر ۽ ڳوٺ ۾ يا وري سوين ميل پري ڪنهن جلسي لاءِ ويو آهي، هن جي ذميداري ساڳي آهي. هو اتي واقعي واري جاءِ تي وڃي اها معلومات موڪلي ٿو جنهن سان خبر ٺهي ٿي. ڪڏهن صرف ڏکيو دورو ڪري موٽي ٿو اچي، ڪڏهن چڙو چڪر ڏيئي اچي ٿو تہ ڪڏهن وري اخباري جاسوسي ڪرڻي پئي ٿي، محنت ڪري پيچا ڳاچا بہ ڪرڻي پئي ٿي ۽ انهيءَ سان تمام ڊرامائي خبر ٺهي ٿي. هن جو ڪم هر واقعي ۾ داخل ٿي، ان جي پس منظر ۾ وڃڻ، ڪردارن کان واقف ٿيڻ، سبب معلوم ڪرڻ، آئينده جا نتيجا ڪڍڻ آهي. ظاهر آهي تہ انهيءَ لاءِ هن کي غير معمولي محنت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پڇ ڏڪ ڪرڻي پوندي. هن جي اندر معلوم ڪرڻ وارو جذبو ٻين جي پيٽ ۾ وڏيڪ ٿئي ٿو. ۽ جيڪڏهن ڪنهن رپورٽر ۾ اهو ناهي تہ هن جي ڊيوٽي ڪيس اهو پيدا ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿي. پوءِ چاهي پوڙهو هجي يا نوجوان، هن کي هر واقعي جو پس منظر ڏسڻ ۽ پڙهندڙن کي ٻڌائڻ لازمي ٿيو پوي ۽ انهيءَ لاءِ هن کي واقعن کي ويجهڙائي تان ڏسڻ جو موقعو ملي ٿو.

اڳي ڪو زمانو هو، جڏهن اخباري ڪم ۾ گهٽ فائديمند ثابت ٿيندڙ ماڻهو کي رپورٽنگ جي ڪم ۾ لڳائي ڇڏبو هو پر هاڻي مقابلي جو زمانو اهو آهي. جيستائين ڪو اخبار نويس سٺي علمي ڄاڻ، واقعات کان پوري طرح ڄاڻ، سياست ۽ تاريخ جو چڱو اڀياس نٿو ڪري تيستائين سٺو رپورٽر نٿو ٿي سگهي. رپورٽر تاريخ جو مشاهده نگار ۽ لکندڙ آهي ۽ هڪ برک اخبار نويس جي چوڻ مطابق، "هڪ سٺو رپورٽر، هڪ سٺي ايڊيٽر کان چڱو آهي."

## Beat man and Leg man

ذميدارين جي بدلجڻ سان رپورٽرن جا نالا بہ بدلجي ويندا آهن. جهڙوڪ هڪ رپورٽر جو ڪم صرف هي آهي تہ هو ڪورٽون، ٿاڻا، پوليس هيڊ ڪوارٽر، اسپتالون، درياه جي ماپ، هوٽلون نئين ڇپيون اخبارون، مختلف ڪمپنين جا پريس رليز، مارڪيٽون وغيره چڪاسي. انهي کي Beat man سڏبو آهي. آهستي آهستي ڪم ڪرڻ سان هو پنهنجي دستوري ڪم کان واقف ٿي وڃي ٿو ۽ هن کي خبر پئجي ويندي آهي تہ هن کي ڪٿان خبرون ملي سگهن ٿيون. انهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن وڏيون خبرون بہ ٺهي وينديون آهن مثال طور مکيہ ڏوهن جا ڪيس هلڻ، شاهراهہ تي ڦرن، حادثن ۾ ڪو اهم ماڻهو مرڻ، ڪنهن اداڪاره يا مشهور ڳائڻيءَ جو آپريشن ٿيڻ يا شهر جي ڪنهن واپاريءَ سان ٺڳي ٿيڻ وغيره. پنهنجي روزمره جي ڪم ۾ بعض اوقات ايترو پڙ تي وڃن ٿا جو هنن کي خبرن ولڻ ۾ ڪا تڪليف نٿي ٿئي. عام طرح رواجي ڪارڪن، ڪلرڪن ۽ ڊسپيچرن کان خبر جي ٽپن ملڻ بعد ڪڏهن ڪڏهن وڏيون ۽ خاص خبرون بہ ٺهي وينديون آهن.

ٻيو جنرل رپورٽر آهي جنهن کي Leg man بہ سڏجي. هي اهو آهي جنهن کي Assignment ڏجي. ڪو سياسي جلسو آهي. رات جو ٿيٽر شو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. صبح جو يوم آزاديءَ جون تقريبون آهن، شام جو سياسي پارٽيءَ جي پارلياماني ليڊر جو پاليسي بيان جاري ڪرڻ لاءِ هڪ اهم پريس ڪانفرنس آهي، انهن کي ڪور ڪرڻ لاءِ ڪنهن رپورٽر جي ڊيوٽي لڳندي، ان کي Leg man يا جنرل رپورٽر سڏبو. اهو ضروري ناهي ته هن کي هڪ ئي ڏينهن ۾ ڪئين فنڪشن ڪور ڪرڻا پون. پر هڪ ئي وقت مختلف رپورٽر مختلف تقريبن ۾ ويندا. جيتوڻيڪ ذميداريون پنهي رپورٽرن جون ساڳيون پر هن قسم جي رپورٽر کي وڏيڪ تکو ٽيڻو پوي ٿو. سياسي جلسن ۾ خاص ڪري ڳالهائڻ جي تيزي سان گڏ نوٽس وٺڻا پوندا آهن يا پريس ڪانفرنس ۾ هر سوال سمجهڻ، جواب ٻڌڻ، اهي سمورا نوٽ ڪرڻ ۽ انهن کي خبري انداز ۾ وجهڻ وڏي هوشياري جي ڳالهه آهي.

رپورٽر جي ذميدارين کي ڏسڻ بعد مجموعي طور هن جون لياقتون هي هئڻ گهرجن ته هو حاليه واقعات ۽ ٿيندڙ تبديلين کان چڱيءَ طرح واقف هجي. جيڪڏهن ڪا سياسي پريس ڪانفرنس آهي ۽ ان ۾ ڪن ٻن جماعتن جي ناهه جو اعلان ٿو ٿئي ته رپورٽر کي هڪدم انهيءَ جي پس منظر ۾ وڃڻ گهرجي ته اعلان کان اڳ انهن جماعتن ڪڏهن ڳالهيون شروع ڪيون، ڪيئن ۽ ڪٿي ڳالهيون ٿيون، اختلافي نڪتن تي ڪيئن ناهه ٿيو ۽ ڪهڙي جماعت نرم رخ اختيار ڪيو، ايندڙ چونڊن ۾ هو هڪبئي سان ڪيترو ناهه ڪندا وغيره.

سياسي اڳواڻ، آفيسر، وزير، حڪومت جا ذميدار ماڻهو انتظامي عهديدار ڪئين ڳالهيون ڪندا. ڪهڙين ڳالهين کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا پر سٺو رپورٽر اهو آهي ته هن کان ڳهربل ڳالهه چورائي وهندو.

مثال طور ڪو سياسي اڳواڻ، دارالحڪومت مان هوائي جهاز رستي يا ريل رستي اچي ٿو جتان اهي افواهه هئا ته هن جا، پنهنجي پارٽي جي هڪ اڳواڻ سان اختلاف ٿي پيا آهن. ظاهر آهي ته في الحال لڪائڻ جي ڪوشش ڪندو پر رپورٽر جنهن کي پنهنجي هڪ دوست پارٽي ورڪر ڦوڪ ڏني آهي، سو هن کان ڪوئي ڪوئي مختلف بيانن جا حوالا، پراسرار خاموشي، گذشته واقعا ٻڌائي، اها ڳالهه چورائيندو. جيڪڏهن هو اختلاف ظاهر نٿو ڪري ۽ چئي ٿو ته اسان جو ناهه آهي، ڪو اختلاف ناهي تڏهن به خبر آهي، جيڪڏهن ظاهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ٿو تڏهن بہ خبر آهي ۽ جيڪڏهن خاموش ٿو رهي تہ بہ خبر هي.

رپورٽر، پبلڪ جي هڪ وڏي طبقي سان لهہ وچڙ ۾ اچي ٿو. هن کي گهورڙئي کان وٺي سربراهہ مملڪت سان، پبلڪ ليڊرن، آفيسرن، سماجي ڪارڪنن، فلمي اداڪارائن هر ڪنهن سان واسطو پئي ٿو. تنهنڪري هن کي لازمي طور اهڙي دلڪش شخصيت، فضيلت ڀرئي طبيعت، مٺي ڳالهائڻ، لفظن جي وڏي ذخيري سان ليس هئڻ گهرجي. هن کي ڇاڪاڻ تہ ملڪ جي هر طبقي جي نمائندگي ڪرڻي آهي ۽ جيستائين هو ٻڌايل حقيقتون صحيح طريقي ۾ نہ ڇاپيندو تيستائين پبلڪ جو ڪو ماڻهو هن کي معلومات نہ ٻڌائيندو. تنهنڪري رپورٽر جي بنيادي لياقتن مان مکيہ اها هئڻ گهرجي تہ هو ديانتدار هجي ۽ انگ اکر، حقيقتون صحيح ٻڌائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رپورٽنگ - ٢ ذريعا ۽ قسم

رپورٽر چاهي Stringer هجي يا Free lance پر هن جا وسيلا پنهنجا ٿيندا آهن. حادثو ٿيو تہ رپورٽر ٽڏي ٽپي پهچي پنهنجي معلومات حاصل ڪندو. ڪو وڏو ماڻهو مري ويو تہ هو ان جي زندگي جو احوال بہ هٿ ڪندو تہ موت جي سببن کي بہ تفصيل سان چاڻندو. ٻوڏ آئي تہ هو ان جا ڪارڻ، تباهي جو انداز، جاني ۽ مالي نقصان هٿ ڪندو پر ممڪن آهي انهيءَ سموري معلومات لاءِ هن جي انهيءَ کاتي جي وڏي ۽ وڏي آفيسر سان ملاقات نہ ٿي سگهي يا هن کي انهيءَ باري ۾ اجا مڪمل معلومات نہ ٿئي ۽ هي ٿئي تہ ڪا تمام خفيہ ۽ ضروري معلومات ڪنهن ڪلرڪ کان ملي. ڪي رپورٽر ڏوهن بابت پوليس جي اعليٰ عملدار کي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن پر ممڪن آهي هو تفصيل ڏيڻ کان ڪيائي يا وري نہ بہ ڏئي. پر عين ممڪن آهي تہ هڪ پوليس جمعدار يا ننڍو صوبيدار رپورٽر سان دوستي ۽ روزمره جي ملاقات کي آڏو رکي سڀ کان اڳواٽ پنهنجي دوست رپورٽر کي الف کان وٺي ي تائين سموري ڄاڻ پهچائي ڇڏي. هيءَ حيرت انگيز ڳالهہ ناهي تہ گهڻيون وڏيون خبرون هيٺين عملي رپورٽرن سان پنهنجي دوستيءَ ۾ ڏنيون هونديون. خود پاڪستان ۾ هڪ گهمرو ۾ عظيم اڳواڻن جي فون تي ملاقات جي خبر هڪ ٽيليفون آپريٽر هڪ ننڍي شهر مان پنهنجي دوست کي ڏني جيڪا پهرين هڪ علاقائي اخبار ۾ ڇپي ۽ پوءِ ٻين قومي اخبارن ۾- رپورٽنگ جي زبان ۾ انهيءَ خبر ڏيندڙ کي Source يا ذريعو چئبو آهي.

سنڌ جي هڪ رپورٽر ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس ۾ ڊسپئيچ ڪندڙ ڪلرڪ کان بهترين خبرون هٿ ڪيون يا وري سپرنٽينڊنٽ پوليس جي مئسينجر کان. اهڙيءَ طرح وڏن اسڪينڊلس ۾ ڊرائيور، بيئرر، خانگي نوڪرن وڏا ڦاٽ ڦاڙيا آهن ۽ هو وڏين خبرن جا راز ڦاڙڻ جا موجب بڻيا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر رپورٽر جا پنهنجا ذريعا ٿين ٿا جنهن جو ٻئي رپورٽر کي پتو نہ هوندو اهي. مثال طور واسطيدار انجنيئر يا اٽارني تہ سيني لاءِ عام ذريعا آهن ۽ سڀ ان کي استعمال ڪري سگهن ٿا پر نجي ذريعو سڀڪو رپورٽر لڪائي رکندو آهي ۽ هو ڪنهن بہ قيمت تي انهيءَ ذريعي کي ظاهر نہ ڪندو اهي. آمريڪي ۽ برطانوي صحافت جي تاريخ ۾ اهڙا ڪيئي مثال آهن جو صحافين خفيہ رازن جا ذريعا نہ ٻڌايا هوندا ۽ رپورٽر انهيءَ پاداش ۾ سزائون ڪاٽيون هونديون. هر رپورٽر پنهنجي ذريعي کي مخفي رکڻ عظيم فرض سمجهندو آهي.

صحافت جي شروع ۾ هڪ رپورٽر سيني قسم جي رپورٽنگ ڪندو هو. هڪ ئي وقت هن کي ڏوهن جون خبرون، حادثن، باهہ، ٻوڏ، عام جلسن، اليڪشن، واپاري لاهن چاڙهن، راندين جون خبرون آڻيون پونديون هيون پر انهيءَ ۾ هو نہ تہ پنهنجو ڪو انداز رکي سگهندو هو نہ وري ڪنهن خاص شعبي ۾ ملڪو حاصل ڪري سگهندو هو. نتيجو اهو نڪتو تہ هو سڀي اخبار جو مصنف تہ ٿي ويندو هو پر هو صرف رپورٽ ڪندو هو جنهن ۾ ڪا جان نہ هوندي هئي.

گذريل مني صديءَ ۾ زندگي تيزيءَ سان رخ مٽايو آهي. تيز رفتاري وقت کي گهٽايو ۽ ڪم وڌائي ڇڏيا. نوان علم، هنر ۽ فنون وجود ۾ آيا. ماڻهو وڌيا ۽ ڪم بہ وڌيا. روزگار جا نوان ذريعا کليا ۽ اهڙيءَ طرح انسان نئين قسم جي مسئلن سان دوچار ٿيو. اخبارن ۾ نون علمن، وندرن، مسئلن علم زندگي جي شعبن ۽ پيچيده مسئلن جاءِ ورتي. ان جا حل نڪتا، تہ رپورٽنگ بہ لکڻ سان گڏ نئون رخ ورتو. نون شعبن سان گڏ صحافت بہ نوان افق ڳولي ورتا ۽ اهو محسوس ٿيو تہ هڪ ماڻهو سيني شعبن تي قدرت حاصل ڪري نٿو سگهي. هو هڪ يا ٻن علمن ۽ فنن تي قدرت حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ انهيءَ جي اڀياس بعد انهن جي سٺي رپورٽنگ ساڳي خاص ٽيڪنيڪي زبان ۽ انداز سان ڪري سگهي ٿو.

مثال طور اوڻويهين صدي پاسو ورايو تہ پهرين مهاڀاري لڙائي لڳي، انهيءَ اخبارن کي جنگي رپورٽر رکڻ لاءِ مجبور ڪيو. ڪن اخبارن کي اڳيئي جنگي رپورٽر هئا پر هاڻي جنگ جو انداز بدلجي چڪو هو تنهنڪري لکڻ جو انداز بہ بدليو. عظيم صحافي پيدا ٿيا جن اڳين مورچن تان ويهي جنگ جي تباهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارين، شڪستن ۽ ڪامياين جا اکين ڏٺا داستان لکيا. هنن رپورٽرن اهڙيون خبرون لکيون جو ڪئين جرنيل پڙهي عش عش ڪندا هئا. سر ونسٽن چرچل (بعد ۾ برطانوي وزير اعظم) گهوڙي جي پٺيءَ تي ويهي جنگي خبرون موڪليندو هو. پر انهيءَ سان گڏوگڏ سينسر شپ به جنم ورتو جنهن ڪي حڪومتن سلامتيءَ خاطر لازمي سمجهيو تنهنڪري اخبار نويس به مجبور ٿي پيو ته هو ڪيتري به سٺي خبر لکي پر بريفنگ Briefing کان سواءِ نٿي موڪلي سگهيو. انهيءَ هوندي به انهيءَ زماني ۾ جنگي رپورٽرن جا ڪي شاهڪار پيدا ٿيا.

ٻي جنگ عظيم ۾ سينسرشپ اچا سخت ٿي. سڄي دنيا جي اخبارن پنهنجا جنگي نمائندا مصروف ۽ اهم محاذن تي موڪليا جن مان اٽڪل روءِ ۴۴ پنهنجيون جانيون وڃايون. ٻي جنگ عظيم ۾ اهڙا رپورٽر آيا جن جي تفصيلن دنيا ڏڪائي ڇڏي. اهي جنگي رپورٽر ئي هئا جن جي تحريرن دنيا کي جنگ خلاف Anti-war تحريرن تي مجبور ڪيو ۽ اڻ ڳڻت فلمون اخباري تحريرن تي ٺهيون.

سئيز واري جنگ، ڪوريا واري لڙائي، الجزائر واري جنگ، ويتنام، بيافرا، اسپين جي گهرو لڙائي ڪئين عظيم رپورٽرن کان اسان کي محروم ڪري ڇڏيو.

اڄ به جنگ جو خطرو ساڳيو موجود آهي تنهنڪري سابق فوجي يا جنگي فن متعلق ڄاڻو ماڻهو رپورٽرن جي حيثيت سان مختلف اخبارن سان وابسته آهن. ٽيليگراف آف لنڊن، جيڪا رپورٽرس اخبار سڏبي آهي، پاڻ وٽ سابق فوجي آفيسرن کي فوجي رپورٽر ڪري رکندي آهي.

## غير ملڪي رپورٽنگ Foreign reporting

ڪنهن وڏي قومي اخبار جو رپورٽر ڪنهن ٻاهرين ملڪ جي دارالحڪومت ڏانهن موڪليو ويندو آهي جيئن هو ٻنهي ملڪن درميان معاملات بابت، يا ٻين ملڪن بابت يا وري اهو معاملو جيڪو سندس ملڪ تي اثر ڪري سا خبر موڪلين. هي رپورٽر عالمي سفارت ۽ صحافي برادري جو رڪن ٿئي ٿو ۽ هو هر وقت ڪنهن وڏي عالمي خبر جي تلاش ۾ رهي ٿو. پر حقيقت هيءَ آهي ته هو انهيءَ ملڪ ۾ ڇپيل خبرن جي رپورٽرن جي محنت به ڪائي سگهي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ خبر موڪلڻ ۾ ڪو هرج ناهي جيڪا ٻين رپورٽرن جي ان ملڪ جي اخبارن ۾ ڇپجي. مثال طور ڪراچيءَ ۾ صبح جا ٦ ٿيا آهن ته لنڊن ۾ ان وقت رات جو ١ ٿيو آهي. هو پاڪستان جي اخبارن ۾ ڇپيل سنئي خبر جيڪا برطانيه بابت هجي، موڪلي سگهي ٿو جيڪا سندس ڪل بچائي سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح برطانيه ۾ نڪتل ليٽ مارننگ ايڊيشن ۾ ڪا خبر آمريڪا متعلق آهي جيڪا آمريڪي اخبار جي رپورٽر متعين لنڊن نه موڪلي آهي ته برطانيه ۾ اخبارون ٣ بجه صبح جو آئوٽ ٿي ويندي يون آهن جنهن جي معنيٰ واشنگٽن ۾ ١٢ بجه اڌ رات ته هو اها خبر موڪلي پنهنجي پڳ بچائي سگهي ٿو.

اها ته ٿي راهه فرار، پر حقيقت هي آهي ته غير ملڪي رپورٽر کي پنهنجي ملڪ جي سموري تاريخ، جغرافيه، سياست، اقتصاديات، ثقافت ۽ سياسي ناهه جوڙ متعلق پوري طرح ڄاڻ هئڻ گهرجي. ان ڪان سواءِ هن کي لکڻ ۽ عالمي زبان جي ڄاڻ تمام ضروري آهي. ٻي صورت ۾ سندس ڪم ڏکيو ٿي سگهي ٿو. هن جي ترسيل جا ذريعا ٽيليڪس، ٽيلي پرنٽر، فوٽو واير ۽ سيٽلائيٽ شامل آهي.

## Commercial reporting تجارتي رپورٽنگ

واپار اسان جي بنيادي شعبن مان آهي ۽ ان جي سڌ اسان جي واپارين توڙي صارفين لاءِ تمام ضروري آهي. واپار جو اثر هر شهري تي پئي ٿو تنهنڪري هن شعبي کي صحافت ۾ به خاص اهميت حاصل آهي. پر هن شعبي جي پنهنجي لاهي چاڙهي، مال جي حاضري، وعدي، وڪري، آوت وغيره جا نڪتا اهڙا نج ٽيڪنيڪي آهن جو صرف ڪامرس جو شاگرد ۽ هن شعبي ۾ پڙ رپوٽر ئي ان جي باريڪين کي سمجهي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته ٻولي به هن جي خاص واپاري ٿئي ٿي، هن جا اندازا ۽ تور تڪ به انهيءَ انداز ۾ ٿئي ٿي تنهنڪري هي رپورٽر خاص تربيت بعد بڻبا آهن.

هن شعبي ۾ اهو ڄاڻائبو آهي ته ڪهڙين جنسن جو اگهه ڪهڙيو، وڌيو يا گهٽيو ته ڇو؟ ڪيترو مال آيو، ڪيترو مال ويو. حاضر مال جي حساب مان ڪيترو اگهه گهٽيو ۽ ٻئي مارڪيٽ، اسٽاڪ ايڪسچينج، صرافه بازار وغيره سڀ جا اگهه ڏيڻ، آئينده جي ڪٿ ڪرڻ، آوت ۽ روانگي جا انگ اکر ٻڌائي پنهنجي ماهرانه ڪٿ ڏيڻ کي تجارتي رپورٽنگ چئبو آهي. ڇاڪاڻ جو هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو سڀ کان وڏو تعلق هڪ وڏي مالياتي طبقي جي پئسي سان آهي تنهنڪري مجموعي طور اقتصاديات شعبي سان واسطو رکندڙ ادارا ۽ ماڻهو به هن کي دلچسپي سان ڏسندا آهن. اهوئي ڪارڻ آهي جو واپاري خبرن کي اقتصاديات، بئنڪاري، سيڙپ، ڪمپنين، انشورنس ۽ سيڙپ ڪندڙ ڪان ڌار نٿو ڪري سگهجي. اوهان عام طور ڏسندؤ ته روزانه قومي اخبارن ۾ هڪ صفحو يا گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه حصو

MARKET يا، COMMERCE, FINANCE, جي عنوان سان مخصوص هوندو آهي. دنيا ۾ وڏيون اخبارون جيڪي ملڪي اقتصاديات سان گڏ عالمي مارڪيٽ جون به خبرون شامل ڪنديون آهن سي ته ڪيترن ئي صفحن تي ڌار حصا ڏينديون آهن ۽ ڪي وري ته صرف انهيءَ شعبي لاءِ هونديون آهن. هو هين خبرن کي گهٽ اهميت ڏينديون آهن. مثال طور برطانيه ۾ Financial Times، پاڪستان ۾ بزنيس رڪاردر ڪراچي، فنانشل پوسٽ ڪراچي، لائلپور مان ڊيلي بزنيس. يورپي ملڪن ۾ برطانوي Economist هفت روزه نالي سان نڪرندو آهي اهو اقتصادي مسئلن کي برابر اهميت ڏئي ٿو پر هين عام خبرن جي پس منظرن کي به نظر انداز نه ڪندو آهي، جنهن سان عام زندگي تي اثر پوندو هجي.

سنڌ، هن شعبي سان تمام مختلف رويو اختيار ڪيو آهي، جنهن جا ڪيئي ڪارڻ آهن. مثال طور سنڌ هڪ زرعي ملڪ آهي تنهنڪري هتان جي ماڻهن واپارين سيڙپ ڪندڙن جو وچولو طبقو زرعي جنسن، باردانه ۽ صراف بابت معلومات چاهيندو آهي. ڦتين لاءِ وڏي اهميت ٽئي تي اسٽاڪ مارڪيٽ، شيئر مارڪيٽ چاڪاڻ ته گهٽو ڪري صنعتي سيڙپ ڪندڙن لاءِ اهم آهي ۽ سنڌ ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد تائين محدود آهي، تنهنڪري انهن خبرن کي قومي اخبارون تفصيل سان ڇاپينديون آهن. موجوده دور ۾ روزانه برسات ڪراچي، سنڌيءَ ۾ اها ضرورت گهٽي ياڳي پوري ڪئي آهي.

## اسپورٽس رپورٽنگ Sports reporting

هين نج فني قسم جي رپورٽنگ ۾ راندين جي رپورٽنگ آهي. ظاهر آهي ته هر راند جا پنهنجا اصول، قائدا قانون، رڪارڊ ٿين ٿا. تيئن هر راند جي ٻولي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ محاورا بہ مخصوص ٿين ٿا. تنهن ڪري عام رپورٽر ڪي راندين جا مقابلا رپورٽ ڪرڻ ۾ دشواري ٿيندي. اهو ماڻهو سٺيءَ طرح رپورٽنگ ڪري سگهندو جيڪو پاڻ رانديگر رهيو هوندو يا وري اسپورٽسمين هوندو. وڏيون اخبارون وڏن ماهر رانديگرن کي رکنديون آهن جيڪي يا تہ راند جي دنيا ۾ هوندا آهن يا وري رٽائر ڪيو هوندن. مشهور نالن سان اخبار جو مان وڌندو آهي. عالمي راندين ۾ شهرت يافتہ رپورٽر هڪ کان وڌيڪ اخبارن جي رپورٽنگ ڪندا آهن.

اسپورٽس رپورٽنگ جي ٻولي پنهنجي ڊار هوندي آهي ۾ ان جي لکڻ ۾ عام خبر لکڻ جي انداز ۾ وڏو فرق هوندو آهي. رپورٽر، راند جي محاورن کي راند جي صورتحال سان تاجي پيٽي ۾ مڙهي ڇڏيندو آهي. انهيءَ کان سواءِ رانديگر جو پس منظر ۾ انهيءَ مخصوص راند جي گذريل رڪارڊن جي ڄاڻ تمام ضروري آهي. مثال طور ڪرڪيٽ ۾ مختلف وڪيٽن جي پارٽنرشپ جا رڪارڊ، بالنگ رڪارڊ، پهرين هزار رنس جو رڪارڊ، رانديگر جو ذاتي رڪارڊ، بالنگ جي اسپيڊ موجود هئڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح فٽبال، هاڪي، ديسي راندين وغيره سيني جي معلومات رکڻ بنيادي نڪتو آهي. انهيءَ کان پوءِ اندازا ۽ قياس آرايون Predictions ڪرڻ بہ اسپورٽس رپورٽر جو ڪم آهي، ۽ پڙ اسپورٽس رپورٽر جا اندازا صحيح بہ نڪرندا آهن. ريس رپورٽنگ ۾ گهڻن رپورٽرن جا Tips بہ صحيح نڪتا آهن.

### ڏوهن ۽ عدالتن جي رپورٽن Crime and court reporting

ڏوهہ انساني فطرت جو لازمي جزو آهن ۽ ٿيندا ئي رهن ٿا. ڏوهہ ٿيڻ سڀ کان وڏي خبر آهي. تنهنڪري ان جي صحيح حقيقت معلوم ڪرڻ وارو ڪامياب ترين رپورٽر سڏبو.

ڏوهہ اسپاٽ رپورٽنگ آهي تنهنڪري ان جي معلومات جاءِ واردات تان چڱيءَ طرح ملي سگهي ٿي. هلڪو ڦلڪو ڏوهہ تہ پوليس جي رڪارڊ ڏسڻ يا ايف -آءِ- آر ڏسڻ سان بہ لکي سگهجي ٿو پر جتي ڦرلٽ، ڌاڙي، قتل يا ٻيا جهڙا سنگين ڏوهہ ٿين اتي جي رپورٽنگ لاءِ ٿڌي تي وڃڻ، واسطيدارن کان معلومات حاصل ڪرڻ، پس منظر ۾ وڃڻ، فريادي يا جوابدارن سان ڳالهائي جزئيات ۾ وڃڻ سان ئي خبر مڪمل ٿي سگهي ٿي. مثال طور:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"پوليس کي ڦاهو لٽڪيل ماڻهو جو لاش مليو."

رپورٽر کي پهرين معلومات پوليس کان ملي جنهن انهيءَ کي خود ڪشي قرار ڏنو. رپورٽر پوليس جو نڪتہ نظر آڏو رکي لاش کي ڏٺو، هن کي ڪجهہ نشان ڏسڻ ۾ آيا، سندس عزيزن سان ڳالهايو. فوتيءَ جا دوست دشمن معلوم ڪيا. اهو بہ معلوم ڪيو تہ هن جي ڪنهن ڏانهن رهت يا پئسي جي ڏيتي، ڪنهن ڏي وهنوار، اٿ ويهہ جو حلقو ڪهڙو هو. اهڙيءَ طرح هن کي اهو رستو ملندو تہ فوتيءَ جي ڪن ماڻهن سان دشمني هئي ۽ انهن سان هو اٽندو ويهندو بہ هو، مڃاڻ انهن قتل ڪيو هجي. ممڪن آهي تہ پوليس قتل واري ڳالهہ لڪائڻ چاهيندي هجي تہ انهيءَ صورت ۾ رپورٽر اها ڳالهہ عوام آڏو اٿي سگهي ٿو ۽ قانون جي بالادستي قائم رکي سگهي ٿو. ڪرائيم رپورٽر جي هڪ ٻي خوبي هيءَ هئڻ گهرجي تہ هو قانوني ڳالهين کان پوري طرح واقف هجي. عام شهري تہ قانون جي فقرن کان واقف نہ هوندو تنهنڪري رپورٽر کي اهي فقرا وضاحت سان سمجهائڻا پوندا. مثال طور ۳۰۷، ۴۰٦، ۴۲۰ لکڻ بدران هيئن لکجي تہ قتل جي ڪوشش، ٺڳي ۽ ويساهہ گهاتي. انهيءَ سان گڏ هي بہ تہ ڪهڙي ڳالهہ جيڪا پوليس رپورٽ ۾ ناهي اها اخبار ۾ ڇاپجي ۽ قانون جي بندش کان بہ بچجي. ڪرائيم خبرون ٿڌي کان سواءِ، پوليس ٿاڻي، اينٽي ڪرپشن جي آفيسن، وڪيلن، ٽريڊ يونين آفيسن تان بہ ملي سگهنديون.

خالي، ڏوهن جون خبرون ڏيڻ ڪافي ناهن. ڏوهارين کي سزائون بہ ملڻ گهرجن. ماڻهو اهو معلوم ڪرڻ گهرن ٿا تہ ڪنهن وڏي زميندار جي قتل جو ڇا ٿيو. تنهنڪري ڪورٽن ۾ هلندڙ ڪي شاهديون، شنوايون، بيان، چارج شيٽون سڀ ڪجهہ خبرون آهن. ظاهر آهي تہ ڪرائيم رپورٽر کي واقعا ذهن ۾ هوندا آهن تنهنڪري هو ڪيسن جي رپورٽنگ بهتر ڪري سگهي ٿو. باقي رهيو هڪ سوال تہ ڪهڙي ڪيس جو ڪيترو حصو رپورٽ ڪجي، انهيءَ جو مدار هر ڪيس جي اهميت، نوعيت ۽ انهيءَ ۾ شامل ماڻهن جي سماجي حيثيت ۽ ڏوهہ جي سنگيني تي رهندو، ننڍن ڪيسن جي خالي فتويٰ ڏني ويندي باقي وڏن ڪيسن کي ڪچي چالان کان وٺي هر قدم کي رپورٽ ڪبو. ڪورٽ ۾ اندر تصوير وٺڻ جي اجازت (سواءِ جج جي) نہ هوندي آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنڪري ملزمن ۽ فريادين جون تصويرون ٻاهر وٺي سگهجن ٿيون.

## سياسي رپورٽنگ Political reporting

سياسي رپورٽر جو ڪم صرف سياسي پيچ ڏاهه، ٺاهه، معاهدا، سياسي پارٽين جي پاليسين، مختلف مسئلن بابت سياسي پارٽين جي رد عمل بابت اندازا ڪرڻ نه آهي. سياسي رپورٽر سياسي جلسن ۾ ويندو، پارٽين جي ميٽنگن ۾ ويندو، هنن جي لڪل ڳالهين، ٺاهن، ٽهراٺن معاهدن بابت خبرون به ڏيندو. هو ملڪ جي سياسي ڍانچي جو نباض ٿيندو آهي. هن کي خبر هئڻ گهرجي ته پيپلز پارٽي جوڻيجو ليگ سان سرحد ۾ ٺاهه ڪيو آهي ته انهيءَ جو سرحد ۾ ڪهڙو اثر پوندو. سرحد ۾ ڪنهن اڪيلي پارٽي جي حڪومت ٺهندي يا مخلوط حڪومت ٿيندي. جوڻيجو ليگ کي انهيءَ ۾ ڇا ملندو، ولي خان ڪهڙو رويو اختيار ڪندو، ٻين جماعتن جو ڇا رويو آهي، اها حڪومت لاءِ ڪهڙا مسئلا اپاريندي وغيره. سياسي رپورٽر جو جائزو ۽ اندازو تمام گهڻا گهمرا صحيح نڪتو آهي. پر هڪ ڳالهه تمام اهميت ڀري اهي ته سياسي رپورٽر تڏهن ئي ڪامياب وڃي سگهي ٿو جڏهن اخبار آزاد هجي. پارٽي پيپر يا ڪهن خاص سياسي نظريه رکندڙ اخبار ۾ رپورٽر کي خاص زاويه رکڻو پوي ٿو.

هن ضمري ۾ پارليامينٽ جي اجلاسن جي رپورٽ ڪندڙ رپورٽر به شامل آهن. پارليامينٽ جو سمورو اجلاس هڪ يا وڌيڪ رپورٽر ڪور Cover ڪندا آهن ۽ خاص پاليسي جا بيان اکر به اکر لکيا ويندا آهن، باقي تقريرن جون خاص ڳالهيون ۽ ميمبرن جا هڪٻئي تي لفظي حملي جا انداز ۽ فقرا هوندا آهن.

برطانيه، يورپ ۽ آمريڪا جي وڏين اخبارن، پارليامينٽ ۾ پنهنجا ڊڪٽا فون هٽي ڇڏيا آهن جنهن جي لائين اخبار جي آفيس ۾ لڳل هوندي آهي جنهن رستي اسيمبلي جي سڄي ڪارروائي سڌي طرح آفيس ۾ ڪمپوز ٿي ويندي آهي ۽ رپورٽر صرف ڪارروائي جون ٿلهيون ڳالهيون رڪارڊ ڪندو آهي.

## ايجنسي رپورٽنگ Agency reporting

خبر رسان ايجنسين جي رپورٽنگ ۽ اخباري رپورٽنگ ۾ ٿورڙي فرق ٿيندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي اهو انهيءَ ڪري جو ايجنسي ڪي سموري ملڪ يا پنهنجي دائره جي ... جو خيال رکڻو پوندو آهي. مثال طور ڪا اهڙي خبر جيڪا صرف هڪ ضلعي لاءِ آهي تہ انهيءَ جي مڪاني حيثيت ڪري ايجنسي رپورٽ نہ ڪندي يا وڌ ۾ وڌ ان کي لوڪل چئنل تي رليز ڪندي. پر جيڪڏهن ڪنهن ننڍي شهر ۾ بہ وڏو واقعو ٿئي تہ ايجنسي ان کي ملڪي اهميت سان رپورٽ ڪندي. هن ۾ ايجنسي کي سڀ ڪنهن قسم جي رپورٽنگ ڪرڻي پوي ٿي، جنهن ۾ ڪورٽ، ڪرائيم، جنرل، سياسي، تجارتي سڀ اچي وڃي ٿي.

پنهنجي ملڪ ۾ ايسوسيئيٽڊ پريس آف پاڪستان يا پاڪستان پريس انٽرنيشنل PPI, APP يا ٻين عالمي ايجنسين جو ٻيو پهلو بين الاقوامي چئنل آهي، جنهن ۾ عالمي نوعيت جا ٿيندڙ واقعا رپورٽ ڪيا ويندا آهن. مثال طور حيدرآباد ۾ ٻي ٽيسٽ مئچ ٿي تہ سموري ملڪ جا اسپورٽس رپورٽر ۽ ٻين ملڪن جا رپورٽر پهچي ويا ۽ حيدرآباد جو نالو عالمي اخبارن ۾ اچڻ لڳو. ساڳيءَ طرح ڪنهن ٻي شهر ۾ سياسي هنگامہ آرائي، خونريزي ۾ تبديل ٿي ويئي تہ اها بہ بين الاقوامي اهميت جي خبرن ۾ ايندي. اهو ايجنسي رپورٽر تي منحصر آهي تہ هو خبر جي اهميت ۽ اثر کي خيال ۾ رکي چئنل پسند ڪري.

رپورٽنگ جا هي چند انداز اسان کي اڳوڻي صحافت مان مليا آهن ۽ پنهنجي افاديت جي لحاظ کان اڄا مروج آهن. انهيءَ کان سواءِ جديد دنيا ۾ رپورٽنگ جا ٻيا انداز پيدا ٿيا آهن جيڪي ايندڙ باب ۾ ٻڌايا ويندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رپورٽنگ - ٣ جديد لاڙا

رپورٽر، اخبار نويس جي حيثيت سان معاشري جو اهم فرد آهي ۽ هن کي عام شهريءَ کان اڳتي ڪئين ڀيرا وڌيڪ ڪم ڪرڻو آهي. خود صحافت جي بنيادي ذميدارين ۾ ڪئين اهڙيون آهن جن جي ڪري معاشري ۾ هن جو وڏو مقام بڻجي ويجي ٿو. مثال طور اخبار نويسي جي فرضن مان هڪ اهو به آهي ته هو معاشري جي برائين کي اجاگر ڪري، انهن کان ماڻهن کي بچائي، رشوت ۽ بدعنوانين کي بي نقاب ڪري، ماڻهن کي ٻڌائي ته سندن شهري حق ڪهڙا آهن. جيڪڏهن اهي نٿا ملن ته انهن لاءِ رڙيون ڪري، جمهوري حق ۽ آزادي ناهي ته انهيءَ لاءِ جدوجهد ڪري. بهرحال انهيءَ مسئلي کي اڳتي هلي تفصيلي ڏسنداسين، هتي صرف اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته معاشري جي وڌيل ذميدارين کان صحافي آجو نه آهي ۽ هن کي صرف ٿيل واقعن جي رپورٽ ناهي ڪرڻي، پر اڻ ڏٺل ڳالهيون جن سان گهڻن ماڻهن تي اثر پوي يا اهڙيون شيون جيڪي ڪي ماڻهو لڪائي نقصان وجهندا هجن تن کي کوٽي ڳولي، حقيقتون ڳڻ ڪري ٻڌائي. وضاحت ڪرڻي آهي، سمجهائڻو آهي، ماڻهن کي تربيت ڏيڻي آهي. انهن ذميدارين کي پور ڪندي اخبار نويسي به نوان رخ ۽ لاڙا اختيار ڪيا آهن، جنهن کي ٿلهي ليکي Interpretive or Active جرنلزم چئبو آهي. انهيءَ جا هن وقت مکيه شعبا هي آهن:

(1) Investigative reporting
(2) Cyclopaedic reporting

## تحقيقاتي رپورٽنگ Investigative reporting

هر خبر ۾ پچا ڳاڇا ۽ تفتيش ڪرڻ ضروري ٿيندو آهي پوءِ ڪنهن ۾ گهٽ ڪنهن ۾ وڌ. ڪڏهن اها تفتيش هڪ ڏينهن هلندي، ڪڏهن هفتو به، ڪڏهن ڪڏهن هڪ خبر سالن جي تحقيقات ۽ جاچ جوچ وٺي ويندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳهڻن ملڪن ۾ معاشري جي گنداين کي منظر عام تي آڻڻ جو ڪم اخبارون ڪنديون آهن ۽ ڪن هنڌ وري سستي ڪان اخبارون فرض پورو نٿيون ڪن يا وري هن احساس ڪان تہ "هيءُ ڪم منهنجو ناهي." اخبارن کي نااهليت، رشوت خوري، اقربا پروري، غير منصفانہ قانون، استحصال يا ناانصافي جون ڳالهيون ڦولڻ گهرجن. آفيسر جيڪي هزارين ڳالهيون، پنهنجي فائدي لاءِ ڪيل ڪم، رشوت ۽ ٻين بدعنوانين جون ڳالهيون دٻائڻ چاهي ٿو، سو اخبار کان ڪنبندو، ۽ محنتي ۽ بيباڪ رپورٽر جو ڪم اهي بدعنوانيون ظاهر ڪرڻ آهي، ثوس ثبوت هٿ ڪري اهي ماڻهن کي ڏيڻا آهن، حقدار کي حق وٺي ڏيڻو آهي.

انهيءَ ذميداري پوري ڪرڻ ۾ وڏي جرئت، همت، غير جانبداري جي گهرج آهي. اخبار جيڪا سرڪاري يا غير سرڪاري دٻاءُ کان هٽي ڪري پنهنجو فرض پورو ڪري ٿي سا ترت ئي سوسائٽي جي محافظ جي درجي کي پڇيو ماڻهن ۾ پنهنجي مقبوليت حاصل ڪيو وٺي. هڪ گهمرو ماڻهو ميجي وٺن ۽ اوهان اسڪينڊل کي منظر عام تي آڻڻ جا خواهان آهيو تہ هو پاڻ اوهان جي مدد ڪندا، اجا بہ هو اوهان کي معلومات ڏيندا. پر ڪنهن بہ تحقيقاتي مهم شروع ڪرڻ کان اڳ اوهان کي پڪ ڪرڻ گهرجي تہ اوهان عوام جي ڀلي وٽان ڪري رهيا آهيو. ڪٿي ائين نہ ٿئي تہ اوهان صرف ماڻهن جي جذبات سان کيڏڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هجو. اوهان جي نيت ڀلي کهڙي بہ هجي پر ياد رکجو تہ آفيسر نہ صرف اوهان کي غلط سمجهندا پر اوهان جي راهہ ۾ رڪاوٽ بہ بڻبا. ان کان سواءِ هڪ آفيسر ٻئي آفيسر جي رک ڪندو. تنهنڪري هو ڪڏهن بہ رپورٽر جي مدد نہ ڪندا.

آمريڪا ۾ اخبارن انهيءَ Muck-racking جي فن ۾ مهارت حاصل ڪئي آهي ۽ ڪئين راشي ڪامورن، سياستدانن ۽ آفيسرن کي، اخبارن ۾ انگ اکر اچڻ بعد ڪيتو ڀوڳڻو پيو آهي. آمريڪي انداز، ٻين ملڪن ۾ بہ ساڳي طرح نقل ڪيا پيا وڃن. ڀارت ۾ اميتابا چوڌري، جگونتر جي اسسٽنٽ ايڊيٽر جي حيثيت ۾ ڪلڪتي ۾ رشوت کي منظر عام تي آندو تہ کيس انعام مليو. برطانوي اخبارن ڪئين مهمون هلايون آهن ۽ انهيءَ مان اهو فائدو رسيو تہ تمام افسوسناڪ حقيقتون ظاهر ٿيون ۽ انڪواريون ٿيون. برطانوي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اخبارن ٽائيمس، دي پيپل، ڊيلي ميل اهڙيون حقيقتون پڌايون جو خود پين اخبارن، ريڊيو، ٽيليويزن ۽ پارليامينٽ جي ميمبرن کي بہ معلوم نہ هيون، ۽ هنن پوءِ اهي خبرون ڇاپيون.

## معلومات ڪيئن ڪڏ ڪجي؟

جيئن بہ ڪا خبر ڪڏ ڪجي، تيئن تحقيقات اهڙين سچين ڳالهين تي ٻڌل هجي جن کي اوهان ثابت ڪري سگهو. پر جيڪڏهن اوهان اهڙيون حقيقتون پڌائڻ شروع ڪيون جنهن تي قانوني ڪارروائي ٿي سگهي ٿي يا وري اوهان ڏوهاري ثابت ٿيو تہ پوءِ انهيءَ لاءِ خاص اپاءَ وٺڻ گهرجن. اهو ڪافي ناهي تہ اوهان انهيءَ تحقيقات دوران ڪنهن ماڻهوءَ سان ڳالهايو هجي تہ صرف انهيءَ ڳالهہ ٻولهہ جا نوٽ محفوظ رکجن. برطانيہ جو اخبار نويس مائيڪل گيرٽ، جنهن برطانيہ ۾ فٽبال جي مئچن ۾ رشوت جي زبردست سازش جو انڪشاف ڪيو، تنهن جو چوڻ آهي تہ ”اسان هميشہ جوڙن ۾ ڪم ڪندا آهيون. اسان هر انٽرويو کي تمام محفوظ رکندا آهيون. هڪڙي کي قاسائي ڳنڍي ڇڏيندا آهيون. اسان هر ڇيل ڳالهہ دوران ننڍي ننڍي ڳالهہ نوٽ ڪندا آهيون. اسان اها ڳالهہ بہ لکندا آهيون تہ اهو بيان ڪهڙي حالت ۾ ڏنو ويو. جيڪڏهن ممڪن ٿيو تہ اسان ڪنهن شاهد کان قسم نامي جي صورت ۾ بہ لکرائي وٺندا آهيون يا وري ان کي وٺي ڪنهن اوٿ ڪمشنر آڏو بيان ڪرائيندا آهيون. اسان هر شاهد جو تمام احتياط سان مطالعو ڪندا آهيون ۽ اهو اندازو ڪندا آهيون تہ اهو نئون ماڻهو ڪيئن برتاءُ ڪندو، نپ جواب ڏيندو يا وري مدد ڪندو.“

ٽيپ رڪارڊر هن سلسلي ۾ سٺي مدد ڪري سگهن ٿا پر اهي عدالتي ڪارروائي دوران شاهدي ۾ ڪم نہ ايندا آهن ڇاڪاڻ تہ انهيءَ ۾ ڦير گهير ڪري سگهجي ٿي. ڪنهن اهڙي قسم جي رڪارڊنگ ٻاهر پين شاهدن کي ٻڌائي پنهنجي ڪم جي ڳالهہ ڪيرائڻ لاءِ ڪورٽ کان ٻاهر سٺو ڪم ڏئي سگهي ٿي.

ڪٿين شاهد اهڙا بہ ملندا جيڪي پئسن کان سواءِ معلومات نہ ڏيندا. ليڪن انهيءَ ”چيڪ بوڪ جرنلزم“ جون پنهنجون خاميون آهن. گهڻا اهم ماڻهن وڏن انعامن جي لالچ ۾ يا وڏيڪ ڪمائڻ جي خيال کان ڳالهيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هرويرو تاهيندا يا تيليءَ مان ٽنب ڪندا، نتيجي ۾ اخبار ۽ اخبار وارو ٻئي آزار ۾ اچي سگهن ٿا. يا جنهن ماڻهوءَ جو ڪو مفاد هوندو تہ هو ان ڪي اهڙو رنگ ڏيئي سگهي ٿو. اهڙن رشوتي شاهدن کان بچڻ جي ڪوشش ڪريو، هو هرويرو بہ ڪوڙيون خبرون ڏيئي پئسا ڪمائيندا. اوهان کي برطانيہ ۾ ڪرسٽين ڪيلر ۽ ڊاڪٽر وارڊ جو ڪيس ياد هوندو تہ هن جي خبرن ڇاپڻ وقت اخبار وارن ڪئين ماڻهن کي پئسا ڏيئي معلومات حاصل ڪري ڇپي ۽ انهيءَ مان ڪيترا اهڙا نڪتا جن پئسن تي ڪوڙيون خبرون گهڙيون.

ڪوشش ڪري لکت ۾ ثبوت هٿ ڪريو. يا تہ بيان لکرائي وٺو، جي نہ تہ دستاويز حاصل ڪريو. انهن جون فوٽو اسٽيٽ ڪاپيون وٺو. هر چيز هڪ ڊار نوٽ بڪ ۾ تاريخ وار درج ڪريو. نہ وري اهو ڇاپيو جيڪو ٻين اخبارن ڇاپيو آهي. ڇاڪاڻ تہ اهو ٻين ڇاپيو آهي تنهنڪري اهو ضروري ناهي تہ اهو سچ هوندو. نہ وري انهيءَ تي ڀروسو ڪريو ڇاڪاڻ تہ اوهان لاءِ ثابت ڪرڻ ڏکيو آهي. جيڪڏهن ڪنهن سان ٽيليفون تي پيا ڳالهايو تہ انهيءَ کي رڪارڊ ڪريو يا وري شارٽ هئنڊ ۾ نوٽس وٺو. ڪنهن سٺي قانوندان سان مشورو ڪريو تہ ڇا ڇاپجي ۽ ڇا نہ. هر رپورٽ ڇاپڻ ۾ اوهان نتيجا نہ ڪڍو پر حقيقتون پيش ڪريو. جيڪڏهن ثابت ڪري نٿا سگهو تہ پوءِ هرويرو وڌايل ڳالهيون نہ ڇاپيو. نہ تہ هڪ ڏينهن ماڻهو اوهان کي سمجهي ويندا ۽ پوءِ ڇاهي اوهان ڪيتري بہ سچي ڳالهہ ڇاپيندا تہ ڪو اعتبار نہ ڪندو.

## ڪٿان مواد ملندو؟

هر ملڪ جو پنهنجو نظام آهي، جتان پبلڪ رڪارڊ ملي سگهن ٿا. برطانيہ ۾ پبلڪ رڪارڊ آفيس، سمرسيٽ هائوس ۽ لوڪل ڪائونسلز منٽس ڪمپنين لاءِ هر ننڍي وڏي شيءِ فراهم ڪري سگهن ٿيون. پاڪستان ۾ رڪارڊ آفيس، روينيو آفيسون، پوليس جا رڪارڊ، ايڪسچينج اهڙا هنڌ آهن جتان رڪارڊ ملي سگهي ٿو. پبلڪ ڪاتن جا رڪارڊ بہ وڏا شاهد آهن. انهيءَ کان سواءِ هر رپورٽر جا پنهنجا وسيلا، ذريعا ۽ تعلقات وڏو بنياد آهن. ڪيترن رپورٽرن ڌاڙيلن جي وجود ۾ اچڻ جي سببن تي تحقيقات ڪئي ۽ هي ثابت ڪيو تہ ڌاڙيلن جو وڏو ڪارڻ زميندارن جون ڌاڌايون ۽ پوليس جون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زيادتيون آهن جنهن تي سابق ون يونٽ سرڪار انڪوائري لاءِ هڪ خاص آفيسر مقرر ڪيو هو. پر سڀ ڪان سٺو ذريعو پنهنجا پڙهندڙ آهن جن کي اوهان تعاون لاءِ چئو ۽ هو اوهان کي تمام قيمتي معلومات ڏيندا. مثال طور سرڪاري آفيس ۾ Red tapism، رشوت ۽ ٻين عام معاملن تي تمام گهٽي معلومات ڏيئي سگهن ٿا. ويلس جي هڪ اخبار ويسٽرن ميل، جاين کي ليز تي ڏيڻ بابت زميندارن کي چيو ته معلومات ڏيو. اها ڇاپڻ کان پوءِ اخبار، پڙهندڙن کان انهيءَ بابت حقيقتون گهرايون جنهن مان ثابت ٿيو ته زميندارن صحيح نه ڳالهايو هو ۽ نيٺ هنن کي معافي وٺڻي پئي.

برطانيه جي هڪ اخبار سنڊي ٽائيمس پنهنجي هڪ رپورٽر کي هڪ خفيه مائيڪرو فون سان هڪ نيلام گهر ۾ موڪليو جتي هڪ نڳن جو ٽولو ڪوڙا واڪ ڏيئي اگهه وڌائي ماڻهن کي ٺڳيندا ها. انهيءَ کان پوءِ اهو رڪارڊ ٽولي جي اڳواڻ کي ٻڌايو ۽ ڪيس انهن بيقائدگين تي تبصرو ڪرڻ لاءِ چيو. انهيءَ اسڪينڊل ڇپڻ کان پوءِ قانون ۾ تبديلي آئي. سنڊي ٽائيمس پڻ خانداني رٿابندي جي ٽڪين خلاف هڪ مهم تي جاچ ڪئي. معلوم ٿيو ته اها تحريڪ هڪ ربڙ ڪمپني هلائي رهي هئي.

برطانيه جي هڪ ٻي اخبار People اهڙا اسڪينڊل ڇاپيندي هئي جنهن کان پوءِ پوليس جي ڪارروائي لازمي بنجي ٿي ويئي. غير سرڪاري طرح ڪم ڪرڻ ۽ ماڻهن کي خريدڻ سان سٺيون خبرون مليو وڃن، جيڪي پوليس کي نٿيون ملن. مائيڪل گيبرٽ جو چوڻ آهي ته اسان جو سولو طريقو هي آهي ته "پئسا ڏيئي انهيءَ ناٽي کي هٿ ڪريو جنهن انهيءَ سازش ۾ حصو ورتو." هي وري به پوليس جي حرڪت کان غير اخلاقي ناهي جيڪي شاهدن کي سرڪاري شاهد ٺاهيو معلومات حاصل ڪن ٿا. ڊيلي ٽيليگراف انهيءَ فرض کي وڏي تندهي سان ادا ڪري ٿي. هن لنڊن شهر ۾ ڪئين اسڪينڊل کڊيا ۽ هڪ ڀيرو ته وزير کي استعيفا ڏيڻي پئي. انهيءَ مان ظاهر ٿيو ته ڪنزرويٽو پارٽيءَ جو هڪ پارليامينٽ ميمبر هڪ اهڙي ڪمپني جو ڊائريڪٽر هو جنهن ڪارن مسواڙين تي بندش وجهي ڇڏي هئي ۽ انهيءَ ڪمپني جا باقي حصا ٻن ڪنزرويٽو وزيرن جا هئا.

جيڪي اخبارون هن قسم جو سرشتو هلائين ٿيون تن کي تمام خبردار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهڻو پوي ٿو. هي وڏو مهانگو بہ ٿئي ٿو تہ خطرناڪ بہ. چاڪاڻ تہ هن قسم جي رپورٽنگ ۾ رپورٽر، اخبار وارن ڪان وڌيڪ جاسوس بنجي ٿو، تنهنڪري هن لاءِ ڪڏهن ڪڏهن غير اخلاقي حرڪتون ڪرڻ بہ ضروري ٿيو پون جيڪي جائز آهي.

اسان اڳتي هلي Investigative reporting جو هڪ اهڙو مثال پيش ڪنداسين جنهن دنيا ۾ ٿرٿلو مچائي ڇڏيو، ۽ هڪ اخبار جي جاسوسي جي ٻئي اخبار واري جاسوسي ڪئي.

## Cyclopaedic reporting

اجمالي، (سائيڪلو پيڊڪ رپورٽنگ) جاءِ ۽ وقت جي تنگي ۽ نيوز مئگزين جي پيداوار آهي، جنهن ۾ خبر جو پس منظر، اسباب، اصلي واقعو تمام اجمالي طرح بيان ڪيو ويندو آهي. هن ۾ لفظن جي وڏي ذخيري جي گهرج آهي. ذهن تي زور ڏيئي هڪ هڪ لفظ تمام توري تڪي استعمال ڪرڻو پوندو آهي. روزمره جي ٻوليءَ ڪان هٽيل ٻولي ڪتب ايندي آهي. هيءَ اسٽائيل ٽائيم رسالي (آمريڪا) رائج ڪئي. هن ۾ گذري ويل خبر جو پس منظر ۽ آئينده جا اثرات ٻڌايا ويندا آهن. هن جي هڪ خبر ۾ ڪئين انٽرويو، پس منظر، سڀ تمام مختصر ٻڌائڻو پوندو آهي. خبر کي رنگين ۽ جامع بنائڻ لاءِ ڪتابن، رسالن، ٻين اخبارن، مخزنن جا حوالا ڏنا ويندا آهن. هڪ خبر تي ڪئين رپورٽر، ڪئين Rewrite-men ايڊيٽر، فوٽو ايڊيٽر ۽ رفرنس ايڊيٽر ڪم ڪندا آهن تنهنڪري هنن جي راءِ تمام وزندار ٿي پوندي آهي. خبر ۾ استعمال ٿيل ڪئين نوان محاورا بنجي ويندا آهن ۽ آئيندي ٻين اخبارن ۾ ڪتب اچڻ لڳندا آهن. ٽائيم، نيوز ويڪ، اسٽيٽسمئن، اڪانامسٽ انهيءَ قسم جون معياري مئگزنون آهن.

دنيا جي وڌندڙ ڪم، ۽ وقت جي تنگي ڪري جيڪي ماڻهو روزانہ گهڻو وقت اخبارن کي پڙهي نٿا سگهن، انهن لاءِ هيءَ رپورٽنگ خاص اهميت جي حامل آهي ۽ ايندڙ وقتن ۾ هن جي اهميت اڃا وڌندي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رپورٽنگ - ۴ انٽرويو ۽ تقرير

اسان روزانہ ڪيئي خبرون پڙهون ٿا جن جو بنياد انٽرويو هوندو يا وري انٽرويوز جو مجموعو. ڪا خبر هڪ انٽرويو تي مشتمل هوندي تہ ڪا گهڻن انٽرويوز جو مجموعو.

اڄ جي جديد رپورٽنگ ۾ توڙي قديم صحافت ۾ انٽرويو بنيادي حيثيت رکي ٿو. مثال طور ڪنهن فائيو اسٽار هوٽل ڪي رات جو ڌاڙو لڳو تہ رپورٽر کي ڪيئي انٽرويو ڪرڻا پوندا. پهرين ڪئشيئر ڪان تہ ڌاڙيل ڪيئن داخل ٿيا، ۽ ڪيئن ڦر ڪيائون، چوڪيدار ڪان تہ هن انهيءَ وقت ڇا پئي ڪيو، هوٽل مالڪ جو رد عمل تہ وري پوليس آفيسر ۽ جاسوسن جي جاچ. هو انهن سمورن انٽرويوز کي گڏي پنهنجا نتيجا ضرور ڪيندو پر انهيءَ کي انٽرويو نہ پر ڌاڙي جي خبر سڏبو.

قريب قريب هر خبر ۾ هڪ نہ ٻئي طرح ننڍو يا وڏو انٽرويو ٿيندو ئي آهي. اڄ ڪلهہ جي صحافت ۾ انٽرويو نوان انداز اختيار ڪيا آهن ۽ ڪن رپورٽرن تہ صرف انٽرويو ۾ مهارت حاصل ڪئي آهي. انٽرويو جو بنيادي مقصد هيءُ آهي تہ رپورٽر انٽرويو ٿيندڙ شخصيت سان ذاتي تعلق پيدا ڪري، اخباري پڙهندڙن لاءِ مواد حاصل ڪري ٿو جيڪو يا تہ ملاقاتي شخص جو ذاتي خيال ٿئي ٿو يا وري هن جو ذاتي رد عمل، يا ذاتي ڄاڻ. بهرحال انهيءَ جو بنيادي روح، ٻن ماڻهن جو ذاتي تعلق آهي؛ رپورٽر ۽ انٽرويو ڏيندڙ. رپورٽر کي خبر آهي تہ هو جنهن ماڻهوءَ سان ملي رهيو آهي ان جي ڪنهن خاص واقعي کي ڪهڙي اهميت حاصل آهي ۽ هن کي ڪهڙي معلومات ڪيڏي پڙهندڙ کي ڏيڻ گهرجي. تنهنڪري هو اهڙا سوال ڪندو جن جا جواب ۽ انهيءَ ماڻهو جو شخصي رد عمل، هائوڪار يا نهڪار رپورٽر لاءِ مواد بنجيو وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## انٽرويو کان اڳ

رپورٽر، اهو سوچيندو آهي تہ هن کي سڀ ڪجهہ معلوم ڪرڻ گهرجي. اها صحيح ڳالهہ آهي پر ڪيئن ڳالهيون اهڙيون هونديون آهن جيڪي اخلاقي طور نہ معلوم ڪرڻ گهرجن، نہ وري پڌائڻ ضروري ٿيندو آهي. ڪي وري اهڙيون ڳالهيون هونديون آهن جيڪي انٽرويو ڏيندڙ پڌائڻ ضروري سمجهندو آهي، يا واسطيدار سمجهندو آهي تہ رپورٽر کي بہ ديانتداري سان اهي ڏيڻ گهرجن.

انٽرويو جي بنيادي ڳالهين مان هڪ وڏي اهم هيءَ آهي تہ انٽرويو ڪندڙ خوش پوش، قابل ديد ۽ گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن سراسري وچولي درجي ۾ اٿڻ ويهڻ جهڙو هجي. ان کان سواءِ جنهن ماڻهوءَ کان انٽرويو ڪجي ٿو سو ظاهر آهي تہ انهيءَ رپورٽر يا اخبار لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ان وقت اهم آهي. تنهنڪري هئڻ هيئن گهرجي تہ هن جو ڪم از ڪم وقت ورتو وڃي. هو چاهيندو تہ رپورٽر جنهن معاملي بابت مون کان پڇڻ آيو آهي تنهن جي ڪيس ڪجهہ نہ ڪجهہ معلومات آهي. تنهنڪري هو اجايا ۽ ٻاراڻا سوال نہ، پر ضروري ۽ عقلمندي جا سوال ڪندو. رپورٽر انهيءَ کي محسوس ڪندي تہ وقت گهٽ آهي، انٽرويو جي موضوع يا واقعي تي پنهنجي اخبار جي لائبريري مان واقعي جو پس منظر حاصل ڪري ويندو يا وري انهيءَ موضوع تي بنيادي معلومات پڙهي پنهنجي ذهن کي تازو بنائي ويندو، تاڪہ هو انٽرويو ڏيندڙ شخص کان نج فني يا اهميت ڀريا سوال ڪري. پوءِ ڀلي اهو شخص صرف ڪنڌ جي ڌوڻ سان هائوڪار يا نهڪار ڪندو وڃي تڏهن بہ هو سڻي خبر ٺاهي سگهندو. جنهن ماڻهوءَ کان انٽرويو وٺڻ وڃو ٿا انهيءَ کان حالتن، موقعي جي نزاڪت مطابق آڌرڀاءُ جي توقع رکي ذهني طور تيار ٿي وڃو. مثال طور رات جو ١٠ بجي هڪ نوجوان مرد جو قتل ٿيو ۽ اوهان هن جي بيوهہ کان سندس رد عمل معلوم ڪرڻ وڃو تہ اها توقع ڪرڻ اجائي آهي تہ هو توهان کي چاءِ جي پيالي آڇيندي يا توهان کي ڏسي چنبڙي وڃي. قلم ۽ ڪاپي تيار هجي متان اوڏيءَ مهل انٽرويو ڏيندڙ کي ڪاغذ جي ٽڪري لاءِ عرض ڪجي.

انٽرويو ڪنهن جو وٺجي، انهيءَ جو جواب ڪو مشڪل ناهي. اخبار جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ايشيائي ڪنڊ جي صورتحال هاڻي بدلجي چڪي آهي. اسان وڏين طاقتن جي اشاري تي هلڻ وارا ناهيون،“ هن چيو.

هن چيو تہ ايشيا ڪنڊ جي صورتحال بدلجي چڪي آهي... انهيءَ ڪان پوءِ لفظن جي تصوير ٺاهڻ لاءِ لکي سگهجي ٿو: هن جوش ۾ اعلان ڪيو.....

هن روسٽرم تي مڪ هڻندي چيو،

هن ولولہ انگيز نعرن جي گونج ۾ اعلان ڪيو تہ.....

هن سنجيده ٿي چيو.....

پنهنجي روايتي انداز ۾ هٿ لوڏيندي چيو. اهي لفظ ۽ محاورا وڏي مدد ڪن ٿا.

مقرر جو اچڻ، هن جو آڏرياءُ، ڊائيس تي وينل ماڻهن جو انداز، هنن جا نالا، لکيل بئنر ۽ نعرا تقريري رپورٽ جا بنيادي جزا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فيچر - ۱: موضوع

اخبار صرف خبرن جو مجموعو ناهي. ان جي بنيادي مقصدن ۾ ڪئين ڳالهيون شامل آهن جن ۾ معلومات فراهم ڪرڻ، وندر مهيا ڪرڻ، راء عامہ ناهڻ ۽ سماج مخالف عناصر جي چڪاس ڪرڻ آهي. خبر تہ تازه تر معلومات فراهم ڪندي جنهن کي جيڪڏهن سندس مقصدي انداز سان پيش ڪيو وڃي تہ ضروري ناهي تہ انهيءَ سان راء عامہ هموار ٿئي. هر خبر پڙهندڙ پنهنجي معيار ۽ سوچ سان راء ٺاهيندو پر ٻيا مقصد؛ وندر مهيا ڪرڻ، مزيد معلومات فراهم ڪرڻ، راء عامہ ناهڻ ۽ خود سماج دشمن عناصر جي چڪاس ڪرڻ فيچر ۽ مضمون جي ذمي هوندو آهي. هن جو هڪ نفسياتي پهلو هيءُ بہ آهي تہ؛

انسان عام حالتن، زندگي جي روزمره جي جهنجهٽن کان فرار اختيار ڪرڻ چاهيندو آهي. يا وري هو ڪڏهن ڪڏهن سياسي چالبازين، جنگين ۽ ٻين خبرن کان تنگ اچي ڀڄڻ چاهيندو آهي. ۽ انهيءَ جا ذريعا، ظاهر آهي تہ انساني زندگي جا خوشيءَ جا پهلو، جرئتمندي جا مثال، بهادري جا ڪارناما، حيرت انگيز واقعا آهن. اسان بهرحال انسان آهيون ۽ هڪ عام پڙهندڙ جي حيثيت ۾ اسان ٻين جا ڏنڊين آڱريون آٿيندڙ واقعا، ڪنهن وڏي ماڻهو، ائڪٽريس جي خانگي زندگي پڙهڻ جا خواهشمند هونداسون. اهائي آرزو هر پڙهندڙ جي هوندي آهي. جرئتمندي جون ڪهاڻيون هجن، بهادري جا ڪارناما يا ڪنهن بادشاهہ يا اداڪار جي رنگين زندگي جا حالات هجن، انهن سمورن مضمونن جو بنيادي مقصد فراريت آهي ۽ انهيءَ کان سواء ٻيو ڪجهہ.

ٿلهي ليکي مضمونن کي ٻن مکيہ حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: هڪ فيچر يا هلڪا مضمون ٻيو مضمون مقالا يا Paper انهيءَ کان ڌار آهن.

اخباري دنيا ۾ گهڻو ڪري فيچر هلندا آهن، باقي مضمون اخبار جي هفتيوار مئگزين يا مئگزينن ۽ رسالن ۾ هوندا آهن، جن جو مقصد محض تحقيق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ، تاريخ جي ورق گرداني يا وري ثقافت جي ويجهو هوندو آهي. اسان جي تذڪري جو ميدان ڇاڪاڻ تہ اخباري دنيا آهي تنهن ڪري اسان انهيءَ تي ڳالهہ ڀولهہ ڪنداسون.

اخباري فيچرس يا آرٽيڪلس جي زندگي هڪ ڏينهن يا ڪجهہ ڪلاڪ هوندي آهي (ڪن ٿورن مثالن کان سواءِ)، تنهنڪري هن کي "ترت ادب" سڏيو ويجي ٿو.

جيئن متي چيو ويو آهي تہ اخباري دنيا جي مضمونن جو بنيادي مقصد فراريت ۽ مزيد معلومات فراهم ڪرڻ آهي جيڪي پڙهندڙ جي دلچسپي ۾ واڌارو آڻين. تنهنڪري هن شعبي جا مکيہ سرچشما هي ٿين ٿا:

## حالات حاضره

ماڻهو اهو معلوم ڪرڻ چاهيندا آهن تہ سندن چوڌاري ڇا پيو ٿئي، سندن چوڌاري سندن شهر ۾، ملڪ ۾ ۽ دنيا ۾ ڇا پيو ٿئي، انهيءَ بابت اها معلومات جيڪا خبر ۾ نتي اچي سگهي يا وضاحت ٿيل هجي يا اڳڪٿي ٿيل هجي. هن ۾ سياسي تبصرا، اڳڪٿيون، ملڪ جون مالي حالتون، لاڳاپا، لهہ وچڙ اچن ٿا.

## غير معمولي ۽ حيرت انگيز

ماڻهو اهو ڄاڻڻ چاهين ٿا جيڪو تمام عجيب هجي يا هر هنڌ نہ ملندو هجي. سندن زندگي ۾ جيڪا عجيب چيز اچي انهيءَ متعلق وڌ ۾ وڌ معلوم ڪرڻ گهرندا. مثال طور دنيا ۾ ڊگهي ۾ ڊگهو ماڻهو، ننڍي ۾ ننڍو ماڻهو، ڪراڙي ۾ ڪراڙو ماڻهو ۽ انجي زندگي، ايجادون، خاص دلچسپي جا مرڪز ٿين ٿا.

## پراسرار

ماڻهو اهو بہ پڙهڻ چاهيندا جيڪو سندن سمجهہ ۾ نہ اچي. عجيب ڪهاڻيون، يا وري اهڙيون پراسرار سياسي ۽ سماجي حقيقتون جيڪي سمجهہ ۾ نہ اچن. وهم جون ڳالهيون بہ عوام جي خاص دلچسپي جو مرڪز ٿين ٿيون. مثال طور ڪراچي ۾ آمريڪي سفارت خاني ۾ جن ۽ ڀوتن جو اثر جنهن عمارت ٺهرائڻ نہ ڏني يا عمارت ٺهڻ کان پوءِ ان ۾ عجيب و غريب ڳالهيون ٿينديون رهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## رومان ۽ جنسيات

وڏن ماڻھن جا عشق، عام پڙھندڙ جي دل ۾ خاصي جاء والارين ٿا. مثال طور اڳوڻي آمريڪي صدر آنجھاني ڪينيڊي جي زال جيڪيء جي ارسٽاٽل اوناسس سان شادي ڪئين مهينا اخبارن جي صفحن کي سينگاريو پئي هئي. ويجهڙائي ۾ ليڊي ڊيانا ۽ شهزادي فرگوسن جي ڪهاڻين وڏيون خبرون ناهيون. جنسيات تي بحث هر پڙھندڙ مرد ۽ عورت لاء وڏي توجه جو مرڪز ٿئي ٿو.

## جوئتمندي ۽ بهادري

ٻنسفڪ پار ڪرڻ يا ايوريسٽ فتح ڪرڻ يا سندر بن هٿين خالي پار ڪرڻ ۽ اهڙيون ٻيون حقيقتون وڏي دلچسپي پيدا ڪن ٿيون. يا وري هيءَ ته هڪ ماڻهو ڪيئن ننڍڙي ڪشتي ۾ اڍائي هزار ميل سامونڊي سفر ڪرڻ ۾ ٢٨ ڏينهن هيٺ پاڻي مٿي آسمان واري ماحول ۾ سمنڊ جهاڳيندو رهيو. پڙھندڙن لاء غير معمولي دلچسپي پيدا ڪري ٿي. يا وري هي ته ڪو پاڪستاني جنگي قيدي، اوپر پاڪستان جي جيل مان اڪيلائي ۾ ڀڄي برما وڃي نڪتو، جتان ٿلڪندو ٿلڪندو سيلون ڪان ٿيندو اچي ڪراچي پهتو، هن جي ڪهاڻي يقينن عام دلچسپي پيدا ڪندي. ٻي جنگ عظيم ڪان پوء اخبارن جنگي قيدين ۽ فرار ٿيڻ جي ڪهاڻين کي ايترو سلسليوار ڇاپيو جو ڪتاب ڇپجي ويا.

## ذاتي ڪهاڻيون

ڪي وڏا ماڻهو جيڪي ننڍي هوندي غريب هئا پر پوء پنهنجي محنت سان يا ڪنهن اوچتي واقعي هنن جو ڀاڳ کولي وڌو ۽ هو دنيا جي مشهرو مالدارن مان بنجي پيا، هر پڙھندڙ جي دل ۾ اشتياق پيدا ڪندا. يا وري هيءَ ته ڪنهن مشهور فلمي اداڪاره، ڳائڻي، يا وي فنڪار جي خانگي زندگي هر ماڻهوء کي پڙهڻ لاء دلچسپي جو مواد فراهم ڪندي.

## ٻارن ۽ خواتين لاء

ٻارن جي تعليم، پالنا، هنن جي صحت هر اولاد مند ماڻهو لاء دلچسپي رکندي. انهيءَ متعلق ماهرن جا رايا، صلاحون، ٻارن جي فيشن وغيره جا مضمون عورتن ۽ مردن لاء هڪجهڙي دلچسپي رکن ٿا. ساڳيءَ طرح عورتن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي فيشن، تقريبن جون رپورٽون، رڌ پچاءُ ۽ نمايان خواتين جو ڪيه تيون به دلچسپي جو باعث آهن.

## وندرون ۽ شوق

ٽڪيلن گڏ ڪرڻ جو شوق، ماچيس گڏ ڪرڻ، قلمي دوستي تصويرون ڪڍڻ، پينٽنگ وغيره جا شوق پڙهندڙن جي دلي خواهشن جي ترجماني ڪندا آهن. انهيءَ کان سواءِ ڪتابن جي معلومات ۽ تبصرا پڙهندڙن جي هڪ حصي جي شوق کي پورو ڪندا آهن.

## ڪاروبار ۽ پيشه ورانه

ڪاروبار ڪندڙن ۾ هڪ وڏو طبقو اخبارون پڙهندو آهي ۽ هر واپاري پنهنجي واپار ۽ پين واپارن متعلق معلوم ڪرڻ چاهيندو آهي. هن ۾ معلومات فراهم ڪرڻ بنيادي ضرورت آهي. ڪئين اخبارون بزنيس جي مختلف شعبن، اسٽاڪ مارڪيٽن، شيئر بازار، بئنڪاري، وٽ وڪڻ، سيڙپ جي شعبن تي اخبار جو هڪ حصو مخصوص ڪنديون آهن ۽ ڪي صرف روزمره جي اگهن بابت معلومات ڏينديون آهن. هونئن به واپاري اگهه پار، آئيندي جي اڳڪٿي ۾ هر پڙهندڙ جي دلچسپي هوندي آهي. هيءَ تجارتي رپورٽنگ ۽ رائيٽنگ، رپورٽنگ ۾ هڪ مخصوص شعبو آهي ۽ فني رپورٽنگ سڏي ويندي آهي.

## سماجي

روزمره جي ماحول ۾ ڪئين مونجهارا پيدا ٿين ٿا جن تي صلاح ضروري آهي. اخبارون اهو ڪم Advice column مشوري جي ڪالم ذريعي ادا ڪنديون آهن، يعني طلاق، شادي، بيماري، مونجهارا، گهريلو معاملن تي مشورا ڏينديون آهن جيڪي پڙهندڙن لاءِ دلچسپي جو ڪارڻ هوندا آهن.

## طنز و مزاح

طنز و مزاح ۾ مکيه به حصا آهن. هڪ ته روزمره جو ڪالم جنهن ۾ ڪو لکندڙ روزمره جي واقعن تي پنهنجي مخصوص تيڪا ٽپڻي ڪري ان کي دلچسپ بنائيندو آهي. آرٽسٽ وري پنهنجي ڪارٽون ذريعي روزمره جي واقعن تي پنهنجو تبصرو ڪندو آهي. ڪارٽونسٽ عام فنڪار کان تمام ذهين، معاشري جو اهڙو نقاد هوندو آهي جنهن جي هڪ اسڪيچ سان هو سموري واقعي کي نه صرف بيان ڪندو آهي، پر انهيءَ تي اهڙو رد عمل چرچي ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندو آهي جو عام ماڻهوءَ جي نہ فقط دل وٺان هجي پر اهڙو زاويو پڙهندڙ سوچيو بہ نہ هجي. ڪارٽونسٽ، ايڊيٽر کان تمام گهرو اثر ڪندڙ اداريو، پنهنجي ڪارٽون جي ذريعي پيش ڪندو آهي. دنيا جا مشهور ڪارٽونسٽ پنهنجا ڪردار ٺاهيندا آهن ۽ هنن کي مختلف انداز ۾ ڏيئي سلسليوار تنقيد و تبصرو ڪندا رهندا آهن.

پاڪستان ۾ اهڙن ڪارٽونسٽن ۾ عزيز احمد (مارننگ نيوز)، جميل (ڊان)، مشتاق (جنگ)، مرزا (حريت)، انور شيخ (پاڪستان ٽائيمز). سنڌي اخبارن ۾ ظفر ڪاظمي (عبرت) ۽ سري محمود نالو ڪڍيو. موجوده ڪارٽونسٽن ۾، مشتاق، فيڪا، مئڪسر مشهور ڪارٽونسٽ آهن. دنيا جي مشهور ڪارٽونسٽن ۾ آليفنٽ (ڊينور پوسٽ)، ڪمنگز (ايڪسپريس لنڊن) جا ڪارٽون مشهور آهن.

## معما

معما وينئي جي وندر آهي. اسان جي ملڪ ۾ انهيءَ کي اخبارن بزنيس بہ بنايو آهي ۽ هنن جو مستقل فيچر ٿيئي ٿو. پر دنيا جي ٻين ملڪن ۾ روز نئون معمو ايندو آهي جنهن تي ڪوبہ انعام نہ هوندو آهي. پڙهندڙ جيڪڏهن واندو هجي تہ وينو معمو ڀري. پڙهندڙ کي ڇڪڻ لاءِ اهو سٺو طريقو آهي.

## قسمت جو ڏينهن

انسان بنيادي طرح وهمي آهي. هو چاهيندو آهي تہ ڪيس ڪو تقدير جو لڪل حال ٻڌائي. ستارن جو بهرحال هڪ سائنٽيفڪ علم آهي جنهن ذريعي هر پڙهندڙ کي روزانہ ڀيو نہ تہ ڪجهہ وقت لاءِ اخبار سان ڇڪي سگهجي ٿو. تقدير جو ڏينهن جيڪڏهن اخبار ۾ آهي تہ پڙهندڙ ڀلي ان تي يقين نہ ڪري پر پڙهندو ضرور. ڪيترين اخبارون تہ نجومين جون خدمتون حاصل ڪنديون آهن، ڪي وري سنڊيڪيٽ کان وٺنديون آهن.

اهي ۽ انهيءَ جهڙيون ڪيئي ڳالهيون اخباري فيچر جي دائري ۾ اچن ٿيون جن کي ڪتب آڻڻ سان اخبار جي غير خبري دلچسپي وڌائي سگهجي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فيچر- ۲: گهاڙٻٽو

ڪي اخبارون فيچرن کي ٻئي درجي جي خبر سمجهي انهن جي معيار مطابق ڪين جاءِ ڏينديون آهن پر حقيقت هيءَ آهي ته فيچر به اخبار جو اوترو ئي لازمي جزو آهن جيتريون خبرون. خبرن ۽ فيچر ۾ فرق هيءُ آهي ته خبرون گرم هونديون آهن ۽ انهن ۾ ڪنهن به صورت ۾ دير نه ڪرڻ گهرجي. فيچر، خبرن مان ٺهندا آهن يا اهي حصا جيڪي گرم خبر وانگيان جاءِ والاري نه سگهندا آهن يا وري هيءُ ته اهي خبر جو پس منظر يا ٽيڪا ٽپڻي، اڳڪٿيون، جائزا ورتل هوندا آهن. اهي فيچر رپورٽر به لکندا آهن ته وري انهن مضمونن جا ماهر به لکندا آهن. وڏين اخبارن ۾ فيچر لکڻ وارا ڌار هوندا آهن، ڪن ۾ مورڳو فيچر سيڪشن ڌار هوندو آهي ۽ ننڍين يا علاقائي اخبارن ۾ فيچر ڪو سينير ماڻهو سنڀاليندو آهي.

فيچر لکڻ جي به بنيادي ضرورت جملا آهي. جملا ٻن قسمن جا ٿين. هڪ بي ربط Loose يا Vague ۽ ٻيو Periodic سلسليوار يا ڳنڍيل. لوز جملو، ننڍن ٻارن يا اسڪولي شاگردن جي تحريرن ۾ هوندو آهي. هو ڪو جملو سوچيندا ۽ ان کي مڪمل سمجهي لکي ڇڏيندا. انهيءَ کان پوءِ ٻيو جملو ذهن ۾ آيو اهو لکي ڇڏيندا. تنهن کان پوءِ وري ٽيون ۽ چوٿون جملو. پر پوءِ ڪيس ياد ايندو ته ڪا ڳالهه هن کي پهرين چوٿي هٽي پر هو ان کي اتي ئي شامل ڪري ڇڏيندو. مثال طور:

”حادثو اڌ رات جو ٿيو ۽ ان کان پوءِ سنت ئي پوليس جاءِ واردات تي پهتي ۽ هن ڊرائيور کان پڇيو ته اهو حادثو ڪيئن ٿيو، جنهن جي جواب ۾ ڊرائيور جواب ڏنو ته رات جي وڳڙي ۾ رستو آلو هئو ۽ هن بريڪ هنئي پر گاڏي ترڪي ويئي ۽ هن جون روشنيون خراب هيون.“

هي ڪيترن ننڍن وڏن جملن ۾ ٽوڙي سگهجي ٿو جنهن ڪري هن ۾ وڌيڪ اثر ۽ سلسلو پيدا ٿي سگهي ٿو. يعني:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”حادثي کان فورن پوءِ اڌ رات جو ٿي جڏهن پوليس جاءِ واردات تي پهتي تہ ڊرائيور کين ٻڌايو تہ هن جي گاڏيءَ جون ٻتيون ٺيڪ نہ هيون. هن بريڪون هنيون پر رستو آلو هئڻ ڪري گاڏي ترڪي ويئي.“

بي ربط جملا ڪنهن ترتيب کان سواءِ ٽين ٽا تنهنڪري هنن ۾ اثر ڪونہ ٿئي. ياد رکو تہ توهان جن جملن مان گهٽا ڳنڍيل هجن. پر سمورا نہ ڳنڍيل هجن. ڇاڪاڻ تہ ڳنڍيل جملن جي لانيڊ بہ اوتري ٿي بي اثر ٿي سگهي ٿي جهڙيءَ طرح بي ربط جملن جي لانيڊ. اوهان جي جملن ۾ لازمي طور Variety هئڻ گهرجي.

## لفظن جي ترتيب

جملن جي ترتيب اهڙي هئڻ گهرجي جو اهي سلسليوار ۽ تمام سولائي سان اڳتي هلن. اهي اهڙي طريقي لکيا وڃن جو سندن معنيٰ پڙهندڙ کي فورن سمجهہ ۾ اچي ۽ بلڪل صاف هجي. هن ۾ تمام خبرداري جي گهرج آهي، نہ تہ هڪ ئي لفظ جون بہ معنائون پيدا ٿي مونجهارو ٿي سگهي ٿو. مثال طور:

وزير قانون، وزير اعليٰ جو انهيءَ وقت استقبال ڪيو جڏهن هو موٽر کان ٻاهر نڪتو.

ڪير موٽر مان ٻاهر نڪتو- وزير اعليٰ يا وزير قانون. تنهن ڪري اهو بلڪل صاف لکڻ گهرجي. اهو هيئن بہ لکي سگهجي ٿو:

”وزير اعليٰ موٽر کان ٻاهر نڪتو تہ وزير قانون سندس استقبال ڪيو.“

جڏهن اوهان وٽ ٻہ محاورا، ٻہ فقرا يا ٻہ جملا گڏ لکڻا آهن تہ پوءِ ڪوشش ڪري ننڍو حصو پهرين لکو.

”مون برطانيہ جو دلچسپ دورو، گذريل مهيني ڪيو.“ اهو هيئن بهتر لکي سگهجي ٿو:

”گذريل مهيني، مون برطانيہ جو دلچسپ دورو ڪيو.“

جملن جا شروع وارا ۽ آخري حصا تمام اهم ۽ نازڪ آهن تنهنڪري انهن جاين تي غير اهم ۽ ننڍڙا يا مبهم لفظ استعمال نہ ڪريو. جملي جي پڇاڙي، شروعات کان وڌيڪ اهم آهي تنهنڪري انهن هنڌن تي وڌيڪ توجہ ڪرڻو آهي. جيڪڏهن اهو حصو منجهيل رهندو تہ پڙهندڙ کي هٽائيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جملن جي شروعات ۾ پچاڙي جيئن بہ بنايو، نهندي، پر جيڪڏهن ان جي منڍ زوردار بنائي نتا سگهو تہ گهٽ ۾ گهٽ پڇاڙي کي نہ وڃايو.

## پئراگراف

مضمون پئراگرافس ۾ ڇوتا لکيا وڃن؟ ڇا اهو صرف مواد جي ڏکهي ڪاراڻ کي ٽوڙڻ لاءِ آهي يا ٻيا ڪي ڪارڻ آهن؟

ڏسبو تہ ان جا هڪ کان گهڻا سبب آهن.

پهريون هيءُ آهي تہ گهڻا پڙهندڙ گهڻي ڳالهہ هڪ ئي وقت تي جذب ڪري نہ سگهندا آهن. هن جي اڪ پهريائين "لفظن" جي ٽڪرن کي ذهن ۾ جمع ڪندي ۽ پوءِ وري جملن جي ڪنهن ٽڪري کي محفوظ ڪندي ۽ اهو سمجهندي. گهڻو پڙهيل، دانشور، ڏاها، سائنسدان ۽ استاد گهڻي ڳالهہ کي هڪ ئي دفعي پڙهي ۽ سمجهي سگهندا آهن. هن لاءِ لکيل مواد جي هڪ پئرا هڪ ٻن صفحن تائين بہ هوندي آهي. پر گهٽ ۾ عام رواجي مزدور طبقي جا ماڻهو ننڍا ننڍا جملا ۽ پئرائون ئي پڙهي ۽ جذب ڪري سگهندا آهن.

برطانيہ جي Mirror اخبار عام مزدور جي اخبار آهي تنهن ڪري هن جا جملا ۽ پئراگراف جيڪڏهن ننڍا ٿين ٿا تہ اهو ڪو اتفاق سان نہ، پر ڄاڻي واڻي ڪيو ويندو آهي.

صرف مضمون کي ننڍن پئراگراف ۾ لکڻ بنيادي ڪارڻ ناهي. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ائين هجي ها تہ پوءِ سيني کان بهتر مضمون هڪ هڪ جملي وارن پئراگرافس تي مشتمل هجي ها. هن قسم جي هڪ جملي وارا پئرا پڙهڻ ۾ تمام ٿاهيندڙ آهن. ڇاڪاڻ تہ هيءُ سڀ جملا هڪ ئي موضوع سان تعلق رکن ٿا تنهنڪري هڪ ئي پئراگراف ۾ هئڻ گهرجن. هوندن بہ هڪ هڪ جملي وارا پئراگراف ڏيڻ سان پڙهندڙ جي ذهن کي جهٽڪن سان منهن ڏيڻو پوندو. تنهنڪري هر پئرا،هڪ موضوع متعلق هئڻ گهرجي ۽ جڏهن اسان ٻئي موضوع تي وڃون يا انهيءُ موضوع جي ٻئي مرحلي ڏانهن وڌون تہ پئرا بہ نئين شروع ڪريون.

پئراگرافس اهڙيءَ طرح لکڻ گهرجن، جو اهي بهترين سلسلي ۾ اچن. واقعو واقعي سان مليل هجي، جملو جملي سان ٺهڪي اچي، دليل واضح ۽ صاف هجن، منجهيل نہ هجن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتوڻيڪ سٽاءَ جي سلسلي ۾ اوهان جو پنهنجو فيصلو ڪتب ايندو پر تڏهن بہ ڪي تجويزون انهيءَ سٽا ڪي سڌاري سگهن ٿيون. انهيءَ سٽاءَ جا ڪي مروج نمونا هي آهن:

### سلسليوار Choronological

سلسليوار خبر وانگيان فيچر جو هي انداز بہ سلسليوار ٿئي ٿو. جيڪڏهن مزدور تي فيچر لکڻو آهي تہ ڪنهن تمثيلي مزدور جي ٿي ڪهاڻي لکبي. صبح جو سوير اٿڻ، پنڌ ڪرڻ، ڪارخاني وڃڻ ۽ پوءِ محنت ۽ مشقت ڪرڻ جون سموريون عام ڳالهيون ڪري مقصد تي اچو.

### عمومي کان مخصوص تائين General to particular

ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي پٽ جو هڪ مزدور جي ڌيءُ سان معاشقو ٿي وڃي ۽ هو شادي ڪري ڪنوار کي محل نما وڏي گهر ۾ وٺي وڃي ٿو. انهيءَ تي فيچر لکڻ چاهيو ٿا.

اهڙي قسم جي فيچر لاءِ انهيءَ شاهي خوبصورت گهر جو تفصيل لکو. هن جي سونهن ۽ سوڀيا بابت ذري پرزي کان واقف ڪرايو ۽ پوءِ مزدور جي ڌيءُ جي خوابن ۾ اهو آئيو ۽ پوءِ وري ڪيس انهيءَ محل ۾ ويٺل ڏيکاريو. ائين آهستي آهستي ڪري وري پس منظر کي سلسليوار واقعن (جيئن رونما ٿين) تيئن ڏيکاريو ۽ پنهنجي زبان جي حرفت ۽ لفظن جي جڙا سان سموري تصوير بنايو. هڪ برطانوي اخبار نويس جو چوڻ آهي تہ فيچر لکڻ لاءِ پهرين سوچيو ۽ پوءِ گهٽا پاسا ڪندون جاچي پوءِ لکو. هن جي چوڻ مطابق:

”فيچر لکڻ ڪمري جي فرش رنگڻ برابر آهي. جيڪڏهن اوهان دروازي کان رنگ ڪرڻ شروع ڪيو تہ پوءِ پاڻ کي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڦاسائي وجهندؤ ۽ نڪرڻ جي ڪوشش ڪندي پنهنجي سموري ڪم کي خراب ڪري ڇڏيندؤ. سمجهو رنگيندڙ، رنگ دروازي وٽ دنگ ڪندو.“

هر پئراگراف، هڪ هڪ دليل کي نبيري. اهي سلسلي ۾ هجن. جيڪڏهن پنهنجي فيچر کي جاندار بنائڻ گهرو ٿا تہ پوءِ دليلن کي منطقي بنايو. پنهنجي راءِ ڏيڻ کان اڳ ۾ پڙهندڙن آڏو پڪا انگ اکر پيش ڪريو. مثال طور هيئن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڻ ڪافي ناهي تہ

”سنڌين سان واپڊا ۾ ظلم آهي. ڪين نوڪريون ڪونہ ٿيون ملن.“

اها Vague اجائي ڳالهہ آهي. مڃڻ ڪري تہ اسان مڃي ويندا سون پر انهيءَ لاءِ انگ اکر هجن تہ بهتر. يعني هيءَ تہ ”واپڊا ۾ ١٨ هزار ملازم آهن جن مان سنڌي ماڻهو صرف ٣٥٠ آهن اهو وڃي ٠٠٥ سيڪڙو ٿيو.“

هاڻي وڃي پڙهندڙ فيصلو ڪري تہ سنڌ سان ظلم آهي يا نہ. انهيءَ کان سواءِ ٿي سگهي تہ اهو ٻڌايو تہ سنڌ مان واپڊا کي ڪيتري اپت آهي ۽ سنڌ ۾ ڪيترو خرچ ٿئي ٿو.

## جذباتي Emotional

فيچر کي وڌيڪ اثرائتو بنائڻ جي لاءِ هڪ ٻيو انداز ان کي جذباتي بنائڻ آهي. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن جذبات پڙهندڙ جي جذبات سان ٺهڪي ويا تہ هو ان کي متاثر ڪندو. هي انداز ڪن ڏينهين جنگي انداز جي خبرن ۾ ڪتب ايندو هو پر اڄ ڪلهہ مضمونن ۾ بہ ڪتب ايندو آهي.

## سٽاءَ جا بنيادي اصول

ڀرپور قسم جو لکڻ اجمال نويسي آهي. هڪ جملي ۾ اجايا لفظ نہ هئڻ گهرجن ۽ هڪ پئراگراف ۾ اجايا جملا نہ هئڻ گهرجن. انهيءَ جي معنيٰ هي ناهي تہ لکندڙ پنهنجن جملن کي بنهہ مختصر ڪري يا هرويرو ننڍا جملا لکو، يا وري هيءَ تہ پنهنجين لکڻين ۾ تفصيل کان پاسو ڪريو يا وري صرف ٽپن تي گذارو ڪريو، پر من جي اها معنيٰ ضرور آهي تہ هر لفظ اهميت ڀريو ۽ ضروري هجي. هر لفظ پنهنجي جاءِ تي ڪٽل هجي.

سٺي لکڻ جو ٻيو راز هي آهي تہ

پنهنجي نڪتہ نظر کي ڌيان ۾ رکو. اوهان کي اهو صاف طرح ٻڌائڻ گهرجي تہ چوڻ ڇا ٿا گهرو؟ جيڪي ڪجهہ اوهان جو مقصد آهي تہ ان کي بلڪل سادي نموني، سڌي طرح ۽ اڻ منجهائيندڙ انداز ۾ گهٽ ۾ گهٽ لفظن ۾ لکو.

پنهنجي نڪتہ نظر تي سوچيو. هڪ گهمرو، ٻيو گهمرو ۽ پوءِ ان کي ٿورن لفظن ۾ ادا ڪريو. نہ صرف ٿورن لفظن ۾ من جي ڳالهہ چوٽي آهي پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳي وقت سهڻي ۽ صاف به چوڻو آهي. هرويرو منجهائيندڙ انداز ۾ چوڻ مان ڪو فائدو ناهي.

ٻي اهم ڳالهه "لفظي تصوير" ٺاهڻ آهي. ڪنهن واقعي کي پيش ڪرڻ وقت اوهان کي لفظن جي اهڙي جڙا ڪرڻي آهي جو سمورو منظر ٺهي وڃي ۽ پڙهندڙ جي ذهن ۾ به پيدا ٿي وڃي.

گهڻن لکندڙن کي مضمون شروع ڪرڻ ۾ دشواري ٿيندي آهي. اهو آهي به ٿورو ڏکيو ڪم پر جيڪڏهن ٿورو ڌيان ڏجي ته سولو ٿي پوندو. يعني اوهان پڙهندڙجي جذبات کي چوريو يا منظر کي لفظن جي پوشاڪ ڍڪايو يا وري هيبتناڪ ۽ سنسني خيز منظر ٺاهيو جو پڙهندڙ ان کي پورو ڪرڻ کان سواء نه ڇڏي. مثال طور سعيد آباد ويجهو شاهراهه تي هڪ ڌاڙو لڳو. لکندڙ هن کي افسانوي انداز ۾ وچ کان شروع ڪري پوء پيرائتو واقعو ٻڌائي سگهي ٿو. لکڻ جو انداز ته هر ڪنهن جي سوچ جي انداز تي آهي پر هيئن به ٿي سگهي ٿو:

"شاهراه جي هڪ فرلانگ فاصلي ۾ اٽڪل ٨ مسافر بسون رستو بلاڪ ڪيو بيٺيون هيون ۽ هنن جا ٢ سؤ مسافر هڪ قطار ۾ هٿ مٿي ڪيو بيٺا هئا. ڪنهنجي وات مان ٻڙڪ ڪانه ٿي نڪتي. ڇاڪاڻ ته سندن آڏو ٨ ٻٽون ٻڌل ڌاڙيلن جون رائفلون هيون ۽ هو سندن تلاشي وٺي سڀ ڪجهه ڦري رهيا هئا."

يا هن کي ٻي طرح جذباتي بنائي به لکي سگهجي ٿو ته "ذرا، انهيء ڇچ جو اندازو ڪريو جيڪا گهوٽ پرڻائڻ پئي وئي پر رستي ۾ ڌاڙيلن هٿان سڀ ڪجهه ڦرائي ويٺي."

جملن جي سٽاء ۾ به جملن جي ڊيگهه جو خيال رکڻ بنيادي ڳالهه آهي. جنهن مضمون ۾ صرف ننڍا جملا هوندا انهيء ۾ وزن نه ٿيندو ۽ انهيء جي ٻوليء ۾ جهٽڪا ٿيندا. ٻي طرف جيڪڏهن مضمون ۾ صرف ڊگها جملا هوندا ته اهو پڙهڻ ۾ ڏکيو ٿيندو. تنهنڪري پنهنجن جملن جي ڊيگهه گهٽ وڌ ڪريو. هڪجهڙي نه هجي. پر جڏهن به ٿورو شڪ پئي ته ننڍو جملو لکو.

بهترين ترڪيب هيء آهي ته پنهنجي مضمون جي شروعات ننڍن جملن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ڪريو. اهي آسانيءَ سان هضم ڪري سگهجن ٿا ۽ ساڳي وقت پڙهندڙن کي ڇڪين ٿا. انهيءَ کان پوءِ ڊگها جملا ڀلي اچن. وچ ۾ ڀلي وڏا جملا هجن ۽ جڏهن پنهنجا دليل ختم ڪري هاڻي نتيجن تي اچي پهتا آهيو ته وري ننڍڙا جملا استعمال ڪريو.

ريڊرس ڊائجيسٽ جي هڪ مضمون "پئسفڪ ۾ چين جو چئليج" جي عنوان سان ڇپيو جنهنجي پهرين پئراگراف جا چار جملا هئا. پهريون جملو ١١ لفظن جو، ٻيو جملو ١٨ لفظن جو، ٽيون ٨ لفظن جو ۽ چوٿون ٻن لفظن جو.

پهرين پئرا کان پوءِ مصنف، جملن جي ڊيگهه گهٽائي وڌائي. ڇهين پيرا ۾ ٣ جملا هئا. پهريون ٢٧ لفظن جو، ٻيو ٢٠ جو ۽ ٽيون ٥١ لفظن جو هو. هي مضمون مضموني اصولن تي هلي رهيو آهي.

مضمون جي آخري پيرا ۾ ٽن جملن جي هئي. پهريون جملو ١٠ لفظن جو، ٻيو ٣٢ لفظن ۾، ٽيون ٨ لفظن جو ۽ آخري ١١ لفظن جو.

## واقعاتي ابتدا Anecdotal opening

مضمون جي شروعات ڪرڻ لاءِ واقعاتي منظرڪشي ڪرڻ به سٺي ڪوشش ٿئي ٿي. هن سان پڙهندڙ جي دلچسپي وڌي ٿي پر انهيءَ سان گڏ ڊرامائي به ٿيو وڃي. خاص ڪري انهن فيچرن ۾ فائديمند ٿئي ٿي جنهن ۾ ڪنهن شخصيت تي لکيو وڃي، جنهن ۾ تعارف کان سواءِ ماڻهو اڳتي وڌي سگهي ٿو؛ هن جي مقبوليت، هن جو ڪردار هن جو فن ۽ مشغولي.

هن مضمون جو مثال ريڊرس ڊائجيسٽ ۾ برنارڊ جيف جي مضمون جي ابتدا تي سگهي ٿي.

"٢٠ مئي، ١٩٢١ع تي هڪ ڪمزور عورت ڪاري لباس ۾ ملبوس، وائيٽ هائوس ۾ معززين جي هڪ گروپ ۾ بيٺي هئي. آمريڪا جو صدر ڳالهائي رهيو هو؛ اها توهان جي ئي قسمت آهي جو اوهان انسانيت لاءِ هڪ لافاني ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي ۽ پوءِ ڪيس ريڊيم جو هڪ ذرو پيش ڪيو.

"انهيءَ لوڻ جي ڪڻي جيڏي ذري لاءِ ٥٠٠ ماڻهن هر سائنسي اوزار سان ليس، ٥٠٠ ٽن پهاڙي ۽ ڪچي مال تي هڪ سال ڪم ڪيو آهي. پر انهيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙي ڪان ٢۴ ڪلاڪ اڳ هن عورت، ميري ڪيوري، ساڳيو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو. پنهنجي مڙس پائريا سان گڏ هن پيرس جي هڪ پراڻي لانڍي ۾، تمام ننڍين اوزارن ۽ ڪجهه به رقم ڪان سواءِ انساني تاريخ جي عظيم دريافتن مان هڪ ڪري ڏيکاري."

## ڪي ٻيا نڪتا

سٺي لکڻ لاءِ، اهو فيصلو ڪريو ته ڪهڙي ڳالهه متعلق آهي ۽ ڪهڙي غير متعلق ۽ انهيءَ ڪان سواءِ حقيقت ۽ محض راءِ ۾ فرق محسوس ڪريو. تنهنڪري واسطيدار اهم حقيقتن تي معقول زور ڏيو.

پنهنجا دليل چڱيءَ طرح ۽ منطقي طور تي ڏيو. ماهرين جا حوالا پلي ڏيو پر اهي جيڪڏهن سمجهو ٿا ته انهيءَ سان مدد ملندي يا اوهان جي دليل کي وزن ملندو. صرف خالي نالي ڪري استعمال نه ڪريو ته پڙهندڙ اوهان جي وسيع معلومات ڪان متاثر ٿين.

ڪوشش ڪري تشبيهون ۽ استعارا ۽ ٻيون ٻوليءَ جون خوبيون استعمال ڪريو. ان سان هڪ ته ٻوليءَ ۾ حسن پيدا ٿئي ٿو ٻيو ته دليل کي وزن ملي ٿو ۽ جيڪا ڳالهه ٿورن لفظن ۾ چٽي سگهجي ٿي سا غالباً سڌي سنئين ٻولي لکڻ ۾ ڪئين ڀيرا وڌيڪ لکڻ سان به ادا نه ٿي سگهي.

ٻي مکيه ڳالهه هيءَ ته پنهنجن پڙهندڙن کي ڄاڻو يعني هي ته پنهنجي پڙهندڙ جي معيار، هن جي سمجهه ۽ قسم جي ڄاڻ رکو. انهيءَ سان اوهان پنهنجي لکڻ جي اسٽائيل، لفظن ۽ موضوع جو انتخاب ڪري سگهندؤ. ٻين لفظن ۾ اوهان کي ڪنهن زرعي مسئلي تي ڏکيا لفظ ڪتب آڻنا ناهن يا وري ٻارن لاءِ لکندا هجو ته بزنيس جي ٻولي ڪم ناهي آڻي. جيڪڏهن اوهان جي اخبار يا رسالو واپاري طبقي ۾ هلي ٿو ته پوءِ اوهان کي عام مزدور طبقي واري ٻوليءَ کان ڏار ٿي لکڻو پوندو پر جيڪڏهن ڪنهن محاوري يا جملي ۾ شڪ پوي ته فورن سادگي ڏانهن لڙو. ڪو پڙهيل ڪڙهيل ماڻهو سادو لکيل مضمون سمجهي ويندو، پر ڪو وچولي پڙهيل يا مزدور طبقي جو ماڻهو ڏکئي ۽ اوچي مضمون کي پڙهي نه سگهندو.

لکڻ کي منجهايو نه ۽ ٻيهڪ جون نشانيون خبرداري سان ڏيو. هڪ غلط جاءِ تي اڌ دم لڳائڻ سا سڄي معنيٰ بدلجي سگهي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بنهه مختصر نويسي کان به ڪم نه ورتو. مخفف ڪتب نه آڻيو. پلي آڻيو يا ضروري ٿي پئي ته پوءِ، انهيءَ تنظيم جو نالو پهريائين سڄو ڏيئي پوءِ جڏهن به اهو لفظ (ساڳي مضمون ۾) ڪتب اچي ته پوءِ مخفف ڪتب آڻجي. مثال طور:

سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن (سپاف) پهرين ڀيري لکجي ٿو. پوءِ پلي سپاف ڪتب آڻجي. جيڪڏهن مضمون هلندي هلندي ڪنهن مخفف تي پڙهندڙ اچي رڪجي ۽ انهيءَ جو مطلب ڪڍڻ لاءِ سوچي ته پوءِ اوهان جي لکڻ جي محنت اجائي ويئي.

ٻين ذريعن جهڙوڪ ريڊيو، ٽي وي يا اشتهارن جي زبان ڪتب نه آڻيو ڇاڪاڻ ته انهن ذريعن جي ٻولي پنهنجي ٿيندي آهي. اشتهاري ٻولي ۾ ٻوليءَ جي اصولن ۽ صحافت جي روايتن کي ڇڏي به ڏبو آهي. بزنيس ۽ قانون توڙي پارلياماني ٻولين ۾ به بيهڪ جون نشانيون گهٽ ملنديون.

انگريزي زبان ۾ آمريڪن سلئنگ گهڻين ٻولين تي اثر وڌو آهي. پر اهو صرف تڏهن سٺو لڳي ٿو جڏهن ڪو ماڻهو چئي ۽ اوهان ان جو حوالو ڏيو.

ٻين لکندڙن کي پڙهو. هنن جي سٺن لفظن کي پڙهو ۽ سٺا هجن ته ساراهه ڪريو. هنن جو نقل نه ڪريو پر ڪوشش ڪري انهن جي معنيٰ سمجهي انهن جي ڪتب آڻڻ جو طريقو پنهنجو ڪريو. پوءِ پنهنجي لفظي ذخيري مان لفظن ۾ نواڻ به پيدا ڪبي ۽ اسٽائيل به. اهي لفظ جن جي معنيٰ اوهان کي معلوم ناهي، سي ڪڏهن ڪتب نه آڻيو. متان ائين سمجهو ته وڏا، ثقيل ۽ ڳرا لفظ ڪتب آڻڻ سان پڙهندڙ اوهان جي علميت کان متاثر ٿيندو، سو ڪونهي. پڙهندڙ صرف سادي، سولي، صاف، سڌي ٻولي جنهن کي پڙهي ۽ مٿي ۾ وهاري سگهي، تنهن کي ساراهيندو. مضمون لکي ان تي نظرثاني ڪرڻ کان نه گهٻرايو. ان کي پڙهو ۽ ڏسو ته اوهان ان جو ڪو جملو يا ڪا پئرا ڪيئن سڌاري سگهو ٿا.

حقيقتن پيش ڪرڻ ۾ وڌاءُ نه ڪريو. ڇاڪاڻ ته هڪ گهمرو پڙهندڙ کي شڪ ٿيو ته لکندڙ وڌائي لکيو آهي يا صحيح نه لکيو آهي ته هو اوهان جي سڄي مضمون کي پسند نه ڪندو ۽ ممڪن آهي پوءِ اوهان جي هر لکڻي کي وڌاءُ سمجهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ايڊيٽوريل

اخبار نويسي جي بنيادي فرضن ۾ هي ڳالهيون شامل آهن:

To inform
To entertain
To educate
To build public opinion
To interprete
To be watch dog of social evils.

جيتريقدر اطلاع فراهم ڪرڻ جو تعلق آهي ته اهو اخبار جي خبرن ذريعي چڱيءَ طرح ادا ٿئي ٿو. ساڳيءَ طرح مزاح، ڪارٽونن، ڪهاڻين، افسانن، وغيره جي ذريعي تفريح جو سامان فراهم ڪري ٿي. اهڙيءَ طرح زبان جي رواني وڌائڻ يا ادب و ثقافت جي خاص پهلوئن تي لکڻ سان پڙهندڙن جي سکيا ٿئي ٿي. پر سڀ کان اهم جزا "راءِ عامه کي متاثر ڪرڻ، واقعن جي وضاحت ڪرڻ ۽ سماجي برائين جو چوڪيدار ٿيڻ" وارا آهن. هي ذميداريون جيتريون اهم آهن، اوتريون نازڪ به. هن ۾ تمام خبردار ٿيڻو آهي. ڇاڪاڻ ته هن ذميداري پوري ڪرڻ ۾ هو ڪنهن فرد واحد اڪيلي نه، پر پوري معاشري آڏو جوابده ٿئي ٿو، اتي اخبار نويس جي ذميداري تمام اهم ٿئي ٿي.

ايڊيٽر يا اخبار نويس اها ذميداري اداريه، ايڊيٽوريل يا راءِ جي عنوان سان هڪ مخصوص ڪيل ڪالم ذريعي ادا ڪندو آهي. انهيءَ مقصد لاءِ هو سموري اخبار باقي سڀ خبرن سان پيري ڇڏيندو آهي، البته ڏيڍ يا ٻه سيڪڙو جاءِ پنهنجي راءِ لاءِ رکندو آهي، جنهن سان هو پنهنجي مجمع Audience کي خطاب ڪندو آهي. صحافت جي ابتدائي ڏينهن ۾ اخبار وارن، ادارين جي ضرورت محسوس نه ڪئي ۽ صرف وقائع نويسي تي اخبار کي هلايو. پر بعد ۾ محسوس ٿيو ته اخبار واري جي ذميداري واقعن کي جيئن ٿين، تيئن پڙهندڙن تائين رسائڻ نه، پر ان تي پنهنجي راءِ ڏيڻ به آهي، ته جيئن پڙهندڙ جيڪو ان جي پس پرده واقعن يا انهيءَ سان واسطيدار معاملن کان واقف نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي اهو معلوم ڪري سگهي. هو واقعي جي تهہ تي پهچي، ان جي آئيندي جا اثرات معلوم ڪري سگهي. ڇاپيون عوام آڏو اچڻ ۾ حڪام انهن کي روڪين. ماڻهو جيڪڏهن جذبات جي رؤ ۾ يا ڪنهن غلط خيال ڪري ابتا وڃي رهيا آهن تہ انهن جي رهبري تي سگهي. ايڊيٽر قومي نفسيات جو نباض ۽ رهبر آهي.

دنيا جو پهريون ايڊيٽر غالباً Daniel Dafoe هو جنهن ۱۷۰۴ ۾ اخبار "دي ريويو" ۾ ايڊيٽوريل جو خيال ڏنو ۽ ان تي عمل ڪيو.

هن وقتائتي مضمون جو مقصد تلهي ليکي هي ٿيندو تہ اخبار جو پنهنجو ڇا رايو آهي. اهو خيال ڪيترن نمونن ۾ ظاهر ڪري سگهجي ٿو. هڪ وڏي جهوني ايڊيٽر آرٿر برسبين جو چوڻ آهي تہ "ايڊيٽوريل لکندڙ ڇهن نمونن سان راءِ ظاهر ڪري سگهي ٿو يعني؛ هو سيکاري سگهي ٿو، حملو ڪري سگهي ٿو، بچاءُ ڪري سگهي ٿو ۽ ساراهہ ڪري سگهي ٿو." سيکارڻ ڏکئي ۾ ڏکيو ۽ سڀ کان اهم ڪم آهي. حملو ڪرڻ سولي ۾ سولو ڪم آهي جيڪو جيتوڻيڪ آهي تمام اگرو پر ڪڏهن ڪڏهن ضروري ٿي پئي ٿو. بچاءُ بہ اهم ڪم آهي جنهن ۾ ڪمزور کي ڏاڍي کان بچائڻ، جدت کي قدامت ۽ رجعت پسندي کان بچائڻ تمام ضروري آهي. سڀ کان سولو ڪم ساراهہ ڪرڻ آهي. ساراهہ ڪريو ان جي جيڪو ساراهہ ڪرڻ جڳائي. هرويرو ساراهہ ڪرڻ هلڪڙائي ۽ پاڻ وڃائڻ جي برابر آهي ۽ اهو ايڊيٽر خوشامندڙيو سڏبو آهي. اهو ايڊيٽر پنهنجي قلم جي اهميت وڃائي ٿو ويهي.

اداريہ نويسي جي ابتدائي ڏينهن ۾ ايڊيٽوريل لکڻ جو مقصد خبر جي تشريح ڪرڻ ۽ راءِ عامہ کي متاثر ڪرڻ هو، ۽ هاڻي بہ ساڳيو فلسفو آهي. پر جديد دنيا جي تقاضائن وڌڻ ڪري اداريہ نويسي جون حدون بہ وڌي ويون آهن. اداريہ کي خبر جي وضاحت ڪرڻ ضروري آهي. جديد لاڙن مطابق ايڊيٽوريل جون ذميداريون هي ٽي ٽيون؛

| | |
|---|---|
| To interpret | وضاحت ڪرڻ |
| To effect public opinion | راءِ عامہ متاثر ڪر |
| To safeguard civil rights | شهري حقن جو بچاءُ ڪرڻ |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

To check social evils سماجي بيڙاين کي روڪڻ

To predict ۽ اڳڪٿي ڪرڻ

وڏين اخبارن ۾ ايڊيٽوريل لکندڙ ڌار هوندا آهن جيڪي پنهنجي موضوع تي پڙ هوندا آهن. چاڪاڻ تہ ايڊيٽوريل ۾ پرپور ۽ وزندار راءِ ڏيڻي پوندي آهي تنهنڪري لکندڙ جي معلومات وسيع هئڻ گهرجي. ننڍين اخبارن ۾ ايڊيٽوريل ڪوبہ هڪ ايڊيٽوريل لکندڙ Leader writer لکندو آهي. تنهنڪري، اهڙي ايڊيٽوريل لکندڙ کي هر موضوع تي ڄاڻ هئڻ گهرجي. ظاهر آهي تہ هر فن ۽ علم تي دسترس هئڻ مشڪل ڳالهہ آهي تنهنڪري هوشيار ايڊيٽوريل لکندڙ، لکڻ کان اڳ ۾ انهيءَ موضوع تي پڙهي وٺندا آهن. پر جيڪڏهن هن جي معلومات هر موضوع تي آهي ۽ واقعن سان پاڻ کي آگاهہ ٿو رکي تہ اهڙي ايڊيٽر جي اپيل ۽ لکڻ ۾ وڏيڪ اثر ٿئي ٿو.

نيويارڪ هيرالڊ ٽربيون جي مکيہ ادارتي صلاحڪار فرئنسز بيڪن چيو آهي:

"جيتري ايڊيٽوريل لکندڙ جي معلومات وسيع هوندي هو اوتروئي هر ڳالهہ تي اثرائتي نموني لکي سگهندو.

هڪ سٺو ايڊيٽوريل لکندڙ هڪ استاد، فلسفي يا نقاد کان وڌيڪ ماڻهن جي طبقي کي خطاب ڪري سگهندو."

ايتري وڏي ذميداري ۽ اخبار جو هتيار ساڻ هئڻ ڪري ان جو غلط استعمال بہ ٿي سگهي ٿو. هو ذاتي پسند ۽ ناپسند يا ذهني لاڙن ڪري صحيح حقيقت تي گمراهہ ڪن راءِ ڏيئي سگهي ٿو، يا واقعن جي غلط انداز ۾ وضاحت ڪري سگهي ٿو. انهيءَ اختيار جي غلط استعمال کان بچڻ لاءِ ايڊيٽوريل لکڻ جا ڪي اصول بہ وضع ڪيا ويا آهن. ڪي ايڊيٽر اخلاقي طور پنهنجو پاڻ ضابطن سان پاڻ کي ٻڌل رکندا آهن، تہ ڪي اصول روايتن سان ٺهي ويا آهن. آمريڪا جي ايڊيٽوريل لکندڙن نيشنل ڪانفرنس، ضابطہ اخلاق ٺاهيو جنهن جون مکيہ ڳالهيون هي آهن:

١- ايڊيٽوريل لکندڙ کي ايمانداريءَ سان ۽ مڪمل حقيقتون پيش ڪرڻ گهرجن،

٢- بيان ڪيل حقيقتن مان، شاهدين، ثبوتن ۽ سببن جي آڌار تي بامقصد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نتيجا ڪڍڻ گهرجن،

٣- ذاتي مفاد هن جي راءِ تي اثر نہ ڪري،

٤- هو پاڻ کي نڪتہ چيني کان متي نہ سمجهي، ۽ جيڪي ماڻهو ساڻس اختلاف راءِ رکن تن جي ڳالهہ بہ خطن جي ڪالم يا ٻئي ذريعي سان ڇاپي،

٥- جيڪڏهن هن جي اڳئين معلومات مطابق ڪي غلط نتيجا نڪتا آهن تہ خبر پوڻ تي انهن کي درست ڪري،

٦- ضمير جي خلاف نہ لکي، ۽

٧- پيشہ ورانہ صلاحيتن جي ساک ۽ ڀرم رکڻ لاءِ پنهنجن ساٿين جو مڪمل ساٿ ڏئي.

## مقصد ۽ ڍانچو

جديد ايڊيٽوريل، مقصد جي لحاظ کان نشاندهي ڪرڻ آهي ۽ اها پڙهندڙ تائين پهچائڻ آهي. ايڊيٽوريل پڙهندڙ ۽ عام پڙهندڙ ۾ فرق آهي. ڪتاب جو پڙهندڙ يا خبرون پڙهندڙ صرف معلومات چاهيندو، پر ايڊيٽوريل جو پڙهندڙ انهيءَ کان گهڻو متي آهي. هو وڌيڪ معلومات، ڪارڻ، نتيجا ۽ اثر معلوم ڪرڻ گهري ٿو. يقينن انهيءَ لاءِ ايڊيٽوريل جو مواد متانهون هئڻ گهرجي. اهوئي سبب آهي جو ايڊيٽوريل لکندڙ هن نڪري کي تمام خبرداريءَ ۽ هوشياري سان لکندو آهي.

ساخت جي لحاظ کان ايڊيٽوريل مضمون جو پاءُ آهي پر فرق صرف هيءُ آهي تہ مضمون هميشہ لاءِ هوندوآهي. سورهين صديءَ جو مضمون اڄ بہ اهائي اهميت رکي ٿو جيڪا لکڻ جي وقت. پر، ايڊيٽوريل صرف انهيءَ وقت لاءِ آهي جڏهن اهو لکيو ويو آهي، سواءِ انهن ادبي ايڊيٽوريلن جي، جيڪي ڪنهن خاص مقصد لاءِ لکيا وڃن ۽ ان ۾ اهو ادبي رنگ ڏنو وڃي.

اداريہ جو ڍانچو تمام سادو آهي، يعني تمهيدي پئراگراف جنهن کي News peg سڏجي ٿو. هن ۾ اها خبر يا خبر جو حصو هوندو آهي جنهن تي پنهنجي راءِ ڏيڻي هوندي آهي. انهيءَ کان پوءِ پنهنجو رايو ۽ انهيءَ بعد (ڪنهن ڪنهن وقت) انهن راين لاءِ سبب. هن ٽنهي حصن کي معلوماتي Informative، رد عمل Reactive ۽ فيصلہ ڪندڙ Deliberative سڏبو آهي. ڪي ايڊيٽوريل تہ بنهہ ٻن ٽن پئراگرافن ۾ هوندا آهن جن ۾ اهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حصا مختصراً هوندا آهن يا وري اجمالي هوندا آهن.

اڳي ڏگها ايڊيٽوريل لکڻ عقلمندي ۽ هوشياري سمجهيو ويندو هو پر هاڻي وڏو ايڊيٽوريل لکڻ وقت جو وڃاڻ سمجهيو ويندو آهي. اڳي ايڊيٽوريل ڪئين قسطن ۾ ڇپبا هئا. اصولي طور ضرورت کان وڌيڪ ڏگها ايڊيٽوريل، پڙهندڙن جو حق مارڻ برابر آهي.

هن وقت مصروف زندگيءَ جي ڪري مختصر ايڊيٽوريل لکڻ جو رواج آهي. آمريڪا ۾ اٽڪل ٣٠٠ لفظن جا ايڊيٽوريل لکيا ويندا آهن جڏهن ته برطانيه ۾ ٨٠٠ لفظن تائين به لکي سگهبا آهن. انهيءَ صورت ۾ ايڊيٽوريل لکندڙ لاءِ تمام محنت ۽ لفظ لفظ توري تکي لکڻ جي ضرورت پئي ٿي.

ڇا ايڊيٽوريل ضروري آهي؟

ٻي جنگ عظيم ۾ جڏهن ڪاغذ جي پيداوار محدود ٿي ويئي هئي ته وڌيڪ جاءِ بچائڻ جي ضرورت پيدا ٿي. انهيءَ وقت اخبار وارن اهو به سوچيو ته ڇا ايڊيٽوريل ضروري آهي؟ ڪيترين اخبارن اڃا به ايڊيٽوريل گهٽائي ڇڏيا جڏهن ته ڪن پهرين صفحي تي سنگل ڪالم ۾ مختصر ايڊيٽوريل ڏيڻ شروع ڪيو. برطانيه جي مشهور ننڍي Tabloid اخبار مرر Mirror ايڊيٽوريل لکڻ ڇڏي ڏنو. هن جو چوڻ هو ته "اهو ضروري ناهي ته روز ڪا اهڙي ڳالهه پيدا ٿئي جنهن تي ايڊيٽر جي راءِ ڏيڻ ضروري ٿي پوي ۽ اهو به ضروري ناهي ته ايڊيٽر هر مسئلي تي مهارت رکندو هجي ۽ هر ننڍي وڏي ڳالهه تي ايڊيٽر پنهنجي راءِ ظاهر ڪري. جڏهن ڪو اهڙو واقعو ٿئي جنهن تي ايڊيٽر جي راءِ ضروري هجي ته ايڊيٽوريل لکي ڇڏجي." هينئر به مرر ايڊيٽوريل ڪڏهن ڪڏهن لکندي آهي نه ته اخبار ۾ ايڊيٽوريل نه هوندو آهي.

## موضوع ۽ انداز

ايڊيٽوريل جا موضوع روزمره جون سياسي تبديليون، ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جو مرڻ، حادثا ۽ واقعا، دريافتون ۽ ايجادات، سماجي برايون، اسڪينڊل، ڦڪيون، عام ماڻهوءَ جون شيون، اقتصاديات، واپار، ناهه، فيصلا، قانون ايڊيٽوريل جا عام موضوع آهن.

موضوع ڪهڙو به هجي، اسٽائيل هرڪا اخبار رکندي آهي. ڇاهي هڪڙو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڊيٽوريل لکندڙ لکندو هجي يا گهڻا ڇڻا ملي مختلف ايڊيٽوريل لکندا هجن، هٿن کي اخبار جو انداز هٿان نہ ڇڏڻو آهي. ڪي پنهنجي ٻولي ڪڙي ۽ انداز سخت اختيار ڪندا آهن تہ ڪي وري مثبت طريقو، تہ ڪي وري انهيءَ کي عام ماڻهوءَ جي ٻولي ۾ لکندا آهن. ڪي وري ٻنهي جارح ۽ نڪتہ چين هوندا آهن. نيويارڪ ٽائيمس پنهنجن ايڊيٽوريلن ۾ پهريون ايڊيٽوريل سياسي موضوعن تي لکندي آهي جڏهن تہ ٻيو ۽ ٽيون ايڊيٽوريل هلڪي زبان ۾ عام ماڻهوءَ جي حالت تي، جڏهن تہ سڀ کان آخري ايڊيٽوريل، نج ادبي زبان ۾ لکندي آهي. آخري ايڊيٽوريل ادب جو شهپارو هوندو آهي.

پاڪستان ۾ بہ چند اهڙا ناميارا ايڊيٽوريل رائيٽر پيدا ٿيا جن پنهنجي ڌار اسٽائل رکي. انهن ۾ فخر ماتري مرحوم، مولوي خير محمد نظاماڻي، ڊان جو الطاف حسين مرحوم ۽ ٻيا خاص زاويي سان لکندا هئا. فخر ماتري مرحوم، اردو صحافت کي ايڊيٽوريل لکڻ جو هڪ خاص انداز ڏنو جنهن ۾ تمثيل نگاري، ذاتي انگ ۽ هر پڙهندڙ کي ذاتي تخاطب هوندو هو.

پنهنجي نڪتہ نظر کي واضح ڪرڻ لاءِ بہ ايڊيٽرن ڌار ڌار انداز رکيو آهي. انهن ۾ احتجاج ڪرڻ واسطي ڪارا بارڊر ڏيڻ، سينسرشپ ظاهر ڪرڻ لاءِ وچ ۾ لائينون سفيد ڇڏي ڏيڻ ۽ خالي ذهن ڏيکارڻ ۽ پنهنجو احتجاج ظاهر ڪرڻ لاءِ ايڊيٽوريل جي جاءِ ڇڏي ڏيڻ جا انداز بہ ڪن ايڊيٽرن اختيار ڪيا.

بالٽيمور (آمريڪا) جي اخبار ايوننگ سن جي ايڊيٽر هينري مينيڪن ١٠ فيبروري ١٩٣٨ع تي وفاقي ملازمن جي تعداد کي ڊراماٽائيز ڪرڻ لاءِ ايڊيٽوريل جا پورا ٦ ڪالم ڪارن ٽڪن سان ڀري ڇڏيا جنهن ۾ ١٠ لک سوا ٧ سؤ ٽڪا ڪم آيا.

اڄ جو ايڊيٽر انهيءَ جديد دنيا جو ايڊيٽر آهي جتي هن جو مخالف ريڊيو، ٽيليويزن، رنگين ٽيليويزن آهن. مواصلات جي رفتار ايتري تيز آهي جو جيستائين هو پنهنجو انداز نئو بدلي تيستائين زنده رهڻ مشڪل آهي انهيءَ ڪري جديد ايڊيٽر پنهنجون ذميداريون بہ وڌائي ڇڏيون آهن. اڄ جو ايڊيٽر بنا ڊپ، رعايت، هرويرو ساراهہ، اجائي خوشامد ۽ مصلحت کي ڇڏي جيستائين ديانتداري ۽ ٻيا ڪي سان ادارتي فرائض ادا نہ ڪندو تيستائين هو اخبار نويسي جي معزز فرض جو حق ادا ڪري نہ سگهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ايڊيٽوريل صفحو

پهرين صفحي کان پوءِ ايڊيٽوريل وارو صفحو اخبار جو اهم ترين هوندو آهي. هن ۾ نہ صرف اداريہ هوندو آهي، پر ٻيون اهڙيون خبرون ڏنديون آهن جن ۾ صرف رايا هوندا آهن. هن لکڻين مان اخبارجي راءِ، سوچ جو انداز ۽ ڪنهن معاملي تي ورتاءُ جو اندازو ڪري سگهبو آهي.

## ايڊيٽوريل صفحي تي ڇا اچڻ گهرجي

ايڊيٽوريل صفحي ۾ اداريہ کان پوءِ ٻي اهم ضرورت حالات حاضره تي تبصرو، فيچر، مضمون وغيره ڏيندا آهن. انهيءَ کان پوءِ پڙهندڙن جا ٻاهران آيل خط، طنز و مزاح جو ڪالم، ايڊيٽوريل ڪارٽون ڪا سلسليوار باتصوير ڪهاڻي وغيره شامل هونديون آهن.

## مضمون Leading article

هي مضمون گهڻو ڪري حالات حاضره تي ماهرانہ تبصرو، يا ٻيو ڪو اهڙو مضمون هوندو آهي جيڪو اخبار جي پاليسي، اخبار جي قسم، پڙهندڙن جي طبقي، سندن سوچ ۽ معيار جي مطابق هوندو آهي. جيڪڏهن اخبار شام جو نڪرندڙ آهي تہ لازمي طور ان جا مضمون هلڪا، تفريحي، ۽ زندگي جي ڪوڙهين حقيقتن کان هٽيل هئڻ گهرجن جيئن سڄي ڏينهن جي ڪم ڪار ۽ ٿڪاوٽ بعد هو هلڪيون ڦلڪيون ڳالهيون پڙهي وندري سگهي. انهيءَ قسم جي اخبار ۾ سنجيده مضمون ڏيڻ ڀل ڏيندي.

انهيءَ جي مقابلي ۾ سنجيده، صبح جي اخبارن ۾ غير سنجيده ۽ هرويرو تفريحي مضمون ڏيڻ اجايو ۽ بي موقع ڏيندو. اهو ضروري ناهي تہ انهيءَ مضمون ۾ ظاهر ڪيل خيال اخبار جا پنهنجا خيال هجن. وڏين اخبارن ۾ مضمون اخبار جا پنهنجا رکيل اسٽاف رائيٽرس جا لکيل هوندا آهن ۽ انهن ۾ اخبار جو پنهنجي نڪتہ نگاه يا لکندڙ جو زاويہ نگاهہ پڌرو ڪيل هوندو آهي. مضمون جي ڊيگهہ هڪ هزار کان ١٢ سو لفظن جي سراسري ڏيندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## Gossip column طنز و مزاح جو ڪالم

ايڊيٽوريل صفحي لاءِ هن ڪالم جي اهميت کان انڪار ڪري نٿو سگهجي. اهي واقعا يا خبرون جن ۾ مزاح ۽ طنز جو ڪو پهلو نڪري سگهي ٿو تن تي اخباري ڪالم نويس پنهنجي خاص انداز ۾ ٻوليءَ سان ٽيڪا ٽپڻي ڪندو آهي. هي ڪالم پنهنجي محض زاويہ نگاه جي ڪري پڙهندڙن ۾ مقبوليت اختيار ڪندا آهن. پاڪستان جي تاريخ ۾ مجيد لاهوري، عبدالمجيد سالڪ، ابراهيم جليس، شفيع عقيل، ابن انشا ۽ انگريزي ۾ آرٽ بڪوالڊ ۽ سنڌي ۾ نور عباسي ۽ قمر شهباز نالو ڪڍيو.

### پڙهندڙن جا خط

اخبار پڙهندڙن جو هڪ وڏو تعداد اهڙو حساس هوندو آهي جيڪو مختلف مسئلن، اهنجن، عالمي حالتن، ملڪي واقعن تي راءِ جو اظهار ڪرڻ گهرندو آهي. اهي خط هو سڌو ايڊيٽر کي لکندا آهن جيڪو انهن خطن جي معقوليت، معيار، مواد ۽ دليلن جي وزن مطابق جاءِ ڏيندو آهي. هنن خطن ۾ پڙهندڙ جي ذاتي راءِ هوندي آهي ۽ پڙهندڙ ڪوشش ڪري پنهنجو نڪتہ نظر ٺوس دليلن سان پيش ڪندو آهي. هنن ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙي محنت، حوالن ۽ دليلن سان خط لکيل هوندا آهن جو خود ايڊيٽر کي انهن بابت خبر نہ هوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن، اهي خط ايڊيٽر جي لکت جي ترديد ۾ هوندا آهن، ۽ ڪڏهن وري ايڊيٽر کي صلاح ڏنل هوندي آهي. ايڊيٽر کي اصولي طور اهي ڇاپڻ گهرجن ۽ جيڪڏهن انهن ۾ درست حقيقتون بيان ڪيل هجن تہ قبول ڪرڻ گهرجن. هن ۾ هڪ هيءَ بہ فائدو رهي ٿو تہ ڪنهن غلط رپورٽ يا خبر ڇپجڻ بعد پڙهندڙ، ايڊيٽر ۽ پڙهندڙن کي صحيح صورت کان آگاهہ ڪري سگهندو. جيئن تہ هيءَ خط هرهڪ پڙهندڙ پنهنجي معيار مطابق لکندو آهي تنهنڪري لازمي طور بدليل هوندا آهن. ڪو مسئلو لکندو، ڪو عجيب چيز لکندو، ڪو پڙهندڙ نج قانوني ٻولي لکندو تنهنڪري خطن وارو ڪالم نہ صرف موضوع جي لحاظ کان هڪ سهڻو مرڪب ٿي ويندو آهي پر ٻوليءَ جي لحاظ کان بہ هڪ گلدستو.

ڪي اخبار وارا خطن جي ٻوليءَ کي هڪجهڙو رکڻ لاءِ خط جو مقصد ساڳيو رکندا آهن پر ٻولي پنهنجي لکندا آهن. ڪي وري اخبارون جيڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبرن لاءِ Rewrite man رکندیون آهن، سي وري ذرا Variety پيدا ڪرڻ لاءِ خطن جا ڪي حصا ائين جو ائين ڇپيندیون آهن. ڪي خط بنهه علمي ۽ ادبي هوندا آهن ۽ ڪنهن خاص موضوع تي لکيل هوندا آهن. اهي لکندڙ جي حيثيت ۽ موضوع جي اهميت مطابق ڇپبا آهن. لارڊ برٽرانڊ رسل جهڙي فلسفي جا لاتعداد خط لنڊن جي ٽائيمس اخبار ۾ ڇپيا.

خطن ۾ احتياط به تمام گهڻو ڪيو ويندو آهي. ڇاڪاڻ جو ڪيترا خط لکندڙ هرو ڀرو مذاق خاطر يا اخبار لاءِ ڏکيائي پيدا ڪرڻ يا وري ڪن ادارن ۽ تنظيمن کي بدنام ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪوڙن نالن ۽ ايڊريسن سان خط موڪليندا آهن جيڪي اخبارون صحيح سمجهي ڇپي ڇڏيندیون آهن. نتيجي طور اخبارون به آزار ۾ ۽ اهي ادارا به بدنامي جي منهن ۾. اهڙو واقعو ٽائيمز نيوز مئگزين سان به ٿيو، جنهن ۾ هڪ اسٽافر جي هندستاني نالن کان ناواقفيت ڪري انگريزي صورتخطي ۾ اردو گاريون لکيل هيون.

وڏيون اخبارون اهڙي ڪنهن صورتحال کان بچڻ لاءِ لکندڙ کي واپس هڪ خط لکي پڇنديون آهن ۽ جيڪڏهن خط جو جواب آيو ته صحيح ايڊريس ۽ لکندڙجو پتو پئجي ويندو آهي. ڪيتريون اخبارون سٺن خطن تي انعام به ڏينديون آهن.

خطن ڇپجڻ جا عام طور ٻه معيار هوندا آهن. هڪ ان جو موضوع ۽ مضمون، ٻيو منطقي. پهريون نج ٻولي يا ضرورت تي ٻڌل آهي. ظاهر آهي ته فني تعليم جي ضرورت يا جي پي فنڊ جي واپسي، پگهار وڌائڻ يا اسڪول مهيا ڪري ڏيڻو آهي ته ان جو مضمون ان دائري ۾ هئڻ گهرجي ۽ ٻين غير واسطيدار ڳالهين کي ڇڏڻ گهرجي. علمي موضوع آهي ته ان ۾ موضوع سان ورتاءُ، نياءُ ۽ ٻوليءَ جون تقاضائون بهرحال پوريون ڪرڻيون آهن جيڪي ڪاليج ۽ اسڪول جي ضرورت يا براج جي گهرج کان وڌيڪ نوس هونديون آهن.

ٻيو پهلو منطقي آهي، جنهن جو مقصد آهي ته ڪابه گهر، ڪابه ڳالهه عقل مڃي ته مطالبو مڃڻ جي صورت ۾ اهو امڪاني صورت اختيار ڪري سگهي ٿو يا نه، يا هيءَ ته اهو موجوده حالتن ۾ ممڪن آهي يا نه. مثال طور ڪو ماڻهو اها گهر ڪري ته خانواهڻ ۾ ڏار ريڊيو اسٽيشن قائم ڪيو وڃي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سا ڳالهہ ميڄڻ کان ٻاهر آهي، جيستائين ملڪ ايڏي ترقي ڪري وڃي جو اتي ريڊيو اسٽيشن قائم ڪرڻ ضروري ٿي پوي. ان وقت، اها ڳهر عقلي هوندي.

ايڊيٽوريل صفحي جي ٻين اسمن جو تعين ڪرڻ اخبار جي قسم تي هوندوآهي. يعني ڪوالٽي اخبار جي لاءِ ڌار انداز، ۽ اخبار جي پڙهندڙن جي معيار مطابق. پيو پاپولر اخبار جو مواد ۽ موضوعن جي چونڊ ان اخبار جي معيار مطابق هوندي. Tabloid اڌ صفحي واري اخبار جو وري پنهنجو ميدان هوندو تہ شام جي اخبار جو وري انداز پنهنجو.

مواد جي چونڊ ۾ ٽيون اهم نقطو اخبار جي پڙهندڙن جي طبقي جو آهي. جيڪڏهن ڪنهن اخبار کي سراسري پڙهيل ماڻهو يا مزدور پيشہ وارو ماڻهو Average man پڙهندو هجي تہ ان اخبار جي موضوعن ۾ مزدور جي دلچسپي جي شين، پڙهائي ۽ عوام جي مسئلن، ڪاڌي جي شين جي ڪوٽ يا فراهمي، ڪپڙي جي فروخت، درمياني درجي جي نوڪرين جي شرطن جا اطلاع وغيره هوندا.

ڪوالٽي جي اخبار ٻين اسمن ۾ سٺن لکندڙن کان ورتل طنز و مزاح، تاريخ، ٥٠ يا ١٠٠ سال اڳ، واقعن جو طنزيہ جائزو، قانوني مشورا، وڏن ڪيسن جون ڪارروائيون، ڪتابن جا سيريل ۽ ڀرپور ماهرانہ تبصرا، اهم ماڻهن جي اچ وڃ، شاديون ۽ موت، سماجي تقريبن جا پروگرام ڏينديون آهن، تہ پاپولر اخبارون وري اسڪينڊل، ائڪٽرن ۽ وڏن ماڻهن جي زندگيءَ جا دلچسپ پهلو، ايڊيٽوريل ڪارٽون، ڪامڪ اسٽرپ، فيشن واريون ڳالهيون، ڏوهن جا پس منظر، عام ماڻهوءَ جي رهڻي ڪهڻي بابت احوال، لاٽريون، پراسرار داستان، ماڻهوءَ جي ڪمزورين ۽ سراسري ماڻهوءَ جي نفسيات بابت علاج، صلاحون، خريداري جي مرڪزن جا اطلاع شامل هوندا آهن. ٽيب لائڊ ۾ ڇاڪاڻ تہ صفحي جي گنجائش گهٽ هوندي آهي ۽ مختصر ڪرڻو هوندو آهي تنهنڪري عموماً ٽيب لائڊ ۾ ايڊيٽوريل صفحوئي نہ رکبو آهي. جيڪڏهن اخبار ضروري سمجهيو تہ هو مهيني اڌ ۾ هڪ ننڍڙو اداريو لکي ڇڏيندا آهن. باقي مضمونن جي ضرورت محسوس نہ ڪندا آهن. ٽيبلائڊ ۾ خط بہ بنهہ مختصر هوندا آهن، البتہ ڪامڪ اسٽرپ ڏيندا آهن. تصويرن۾ گهڻو ڪري اهي تصويرون لڳائيندا آهن جيڪي عام ماڻهن کي وڻن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوبصورت عورتن جون تصويرون جن کي Pin-up چئبو آهي سي لڳائيندا آهن. جيڪي عام مزدور ۽ White collar ورڪر جون هونديون آهن جن ۾ عام اپيل هجي.

اڄ اوهان جو ڌيئهن ڪيئن گذرندو. سڀ کان دلچسپ ڪالم آهي جيڪو گهڻو ڪري پاپولر ۽ ڪوالٽي اخبار ۾ ساڳي اهميت جو هوندو آهي. البت ٻيا ڪالم هر اخبار جي معيار مطابق ۽ پڙهندڙن جي معيار مطابق ڌار هوندا آهن.

مختصر طور هيئن چئجي ته ايڊيٽوريل صفحو پوري اخبار جي پاليسي جو آئينو ٿئي ٿو. ايڊيٽوريل صفحو ڏسي پوري اخبار جي پاليسي، ۽ ان جي فلسفي جو اولڙو ڏسي سگهجي ٿو. ايڊيٽوريل صفحو اخبار جي زندگي آهي، اها اخبار جي پاليسي آهي ۽ زنده رهڻ جي ضمانت آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ايڊيٽوريل صفحي جو ميڪ اپ

جهڙيءَ طرح ايڊيٽوريل صفحو مواد جي لحاظ کان اخبار ۾ تمام انوکو صفحو آهي اهڙيءَ طرح هن جو ميڪ اپ ۽ سٽاءُ به ساڳي طرح انوکو هوندو آهي.

بنيادي طور تي هي ڇاڪاڻ ته فيچر صفحو آهي تنهنڪري هن جي ميڪ اپ جو اصول فيچر وارو ٿيندو يعني بغير رولن جي، خالي جاءِ ڪي ڪتب آڻڻ، Constrast and movement ۽ واضح سٽاءُ هن جو بنيادي مقصد ٿيندو.

هن صفحي ۾ اهميت ادارتي نوٽ جي آهي پر ميڪ اپ ۾ ٻين صفحن جي ميڪ اپ وارا اصول ڪتب ايندا آهن، البته ڪيترا ڀيرا سان هن کي خوبصورت بنائي سگهبو آهي. ڇاڪاڻ ته ايڊيٽوريل سيني کان اهم شيءِ ليکبي آهي تنهنڪري هن کي ٻئي عام ٽائيپ کان ٿلهيرڙي ٽائيپ ۾ سيٽ ڪبو آهي ۽ گهٽو ڪري ٽائيپ جو فيس به قدري مختلف هوندو آهي. خطن جي ٽائيپ کي اخبار جي عام پوائنٽ ۾ رکيو ويندو آهي، مکيه مضمون جي به ٽائيپ اخبار جي ٻئي عام ٽائيپ پوائنٽ واري هوندي آهي. پر ڇاڪاڻ ته ايڊيٽوريل صفحي ۾ مواد ڏکو هوندو آهي تنهنڪري صفحي جي سٽا ۽ ميڪ اپ ۾ Variety ڏيڻ لاءِ ڪالمن جي سائيز مختلف رکي ويندي آهي مثال طور ايڊيٽوريل ٻن ڪالمن ۾ هليو ۽ مکيه مضمون لاءِ جاءِ ۴ ڪالم ڇڏيل آهي ته اتي ۴۸ ايم (۱۲x۴ايم) جاءِ کي ۱۲-۱۲ جي ۴ ڪالمن جي بدران ۱٦ ايم جا ۳ ڪالم هلائي سگهجن ٿا. اهڙيءَ طرح خطن کي ۳ ڪالم ۱۲-۱۲ ايم جي بدران (۱۲x۳) بدران ۱۸-۱۸ ايم جا ۲ ڪالم سولائي سان هلائي سگهجن ٿا. هن ۾ ڪجهه نواڻ ايندي ۽ هر چيز نمايان لڳندي.

ائين ڪرڻ سان هر ڪالم جي نه فقط پنهنجي اهميت محسوس ڪرائي سگهجي ٿي پر انهيءَ سان گڏ ذهن کي به چڱو لڳندو. جيئن اڳتي ميڪ اپ جي باب ۾ ايندو،خالي جاءِ White space کان ڪم وٺڻ ضروري آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خالي جاءِ ڪالم جي مقرره جاءِ کان ٿورو گهٽ ڪمپوز ڪري پيدا ڪري سگهجي ٿي. مثال طور ايڊيٽوريل ۱۴ ايم بدران ۲۲ ۾ هلائجي ۽ پاسن کان ۲۴ جي ماپ وٺان هڪ هڪ ڪارو رول ڏيڻ سان ٻه ايم جي اڃي جاءِ خوبصورتي اڀاريندي. ساڳيءَ طرح مضمون جي هيڊ لائين ۾ جيڪڏهن ٿوري ٿوري جاءِ ڇڏي ڏبي ته اها جاءِ اجائي نه وينديءَ سونهن وڌائيندي.

ايڊيٽوريل صفحي ۾ جيڪڏهن ڊگها مضمون آهن ته انهيءَ هڪجهڙائيءَ کي ٽوڙڻ لاءِ وچ ۾ يا ته سب هيڊنگس Sub-headings ڏبا آهن. يا هوشيار سب ايڊيٽر ذيلي سرخين بدران ڪجهه جاءِ (گهٽو ڪري ۱۲ پوائنٽ جو هڪ ايم) ڇڏي ڏيندا آهن ۽ ان ۾ هڪ چار پوائنٽ جو ڪارو رول Short rule ڏيئي ڇڏيندا آهن، جنهن سان مضمون جي پوٽي وانگيان هڪجهڙائي ختم ٿي ويندي آهي.

هيڊ لائين کي واسطيدار تصويرن ۾ روِرس ڪري ڏيڻ يا صرف هيڊ لائينون روِرس ڪرڻ سان به سونهن وڌي ٿي.

مجموعي طور هن صفحي جي ميڪ اپ جو ڪو خاص نمونو مقرر ناهي پر هر اخبار پنهنجي مواد سليقي ۽ پڙهندڙن جي دلچسپي جي معيار ۽ پسند مطابق هن صفحي کي وڌ ۾ وڌ دلچسپ بنائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي.

خالي جاءِ ۽ صاف سادي سودي ميڪ اپ ۾ حسن پيدا ڪرڻ جي لاءِ برطانيه جي Guardian اخبار تمام سٺو ميڪ اپ ڪندي آهي. ٻيون اخبارون پنهنجو پنهنجو انداز رکنديون آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



فرانس‌پرس

اوج شورش مسلمانان در اتیوپی

خیابان‌های یکطرفه

مصاحبه فیگارو با ماریو سوارس وزیر خارجه پرتغال

پرتغال: ریشه‌های بحران و نقش حزب کمونیست

گرومیکو در دمشق

پایان ماه عسل میان هند و بنگلادش

تظاهرات در لبنان

Le Monde

Newsweek

ايران جي اخبار "اطلاعات" جو ايڊيٽوريل صفحو، جنهن کي سٺو نمائنده ايڊيٽوريل صفحو سڏي سگهجي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



هلال پاڪستان

چوڙ جا سنگتي

ڪشمير کي ڪرسمس ڪيڪ ناهي

هڙتال جو حق

جهاتيون

"هلال پاڪستان" ڪراچي جو هڪ ايڊيٽوريل صفحو، ليٽيل، ڪڙي ۽ چورس ميڪ اپ جو هڪ ڪامياب ميلاپ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مشرق

آپ دوا کے بغیر بھی صحت یاب ہو سکتے ہیں

شاکر علی مرحوم کا فن ہمیشہ زندہ رہے گا

مشرق، ڪراچي جو ايڊيٽوريل صفحو ايي ۽ ليٽيل ميڪ اپ جو هڪ بيو عمدو نمونو.

# تصوير

چوڻي آهي تہ هڪ سٺي تصوير ١٠ هزار لفظن جو ملهہ لهي. مقصد هيءُ تہ هڪ تصوير جيڪڏهن تصوير جي صحيح نظريي، فلسفي ۽ مقصد ادا ڪرڻ جو حق ادا ڪري ٿي تہ اها تصوير ١٠ هزار لڪيل لفظن جي اُپٽار ڪري سگهي ٿي. هر تصوير هڪ پيغام ڏئي ٿي، اهو پيغام جيڪو فوٽوگرافر ڪئميرا ذريعي ڏسندڙ تائين رسائي ٿو. جيڪا تصوير ڪوبہ پيغام نٿي پهچائي، ڳالهائي نٿي، اها تصوير ناهي.

صحافت تصويرن سان شروع ٿي. هزارين سال اڳ، تاريخ جي زماني کان گهڻو آڳاٽو، انسان پنهنجن ڪمن جو داستان ۽ روزمره جي واقعن کي ڪن تصويرن سان چٽيو.

آثار قديمہ جي چٽن کي ڏسڻ ڪانپوءِ اهو صاف ظاهر ٿيو آهي تہ اسان جي وڏن، پنهنجي شڪار، جنگين، پسند، ناپسند، ضرورت جي شين جو سمورو احوال تصويرن جي صورت ۾ رڪارڊ ڪيو. انهن تصويرن پهرين لکيل زبان ناهي ۽ اڄ بہ دنيا جي هر زبان جو بنياد گهڻو ڪري شڪلين تي آهي.

اشڪالي زبان ڪان ڦرندي، مختلف ارتقائي مرحلا طئي ڪندا اڄ اسين پنهنجي زبان جي ترقي يافتہ صورت تي بيٺل آهيون، پر اڄ بہ اسان ڏسنداسين تہ اسان وري تصويري زماني ۾ آهيون. ساڪت تصويرون Stills ۽ متحرڪ تصويرون Film & television تصويرون اڄ جي متحرڪ انسان لاءِ ابلاغ عامہ ۽ ترسيل اطلاعات ۾ وڏي ۾ وڏو ذريعو بنيل آهن پر اڄ تصويري صحافت جي ترقي ۽ معيار اختيار ڪيو آهي سو صرف تصويري صنعت جي واڌاري جي رهين منت ناهي، پر ان جو سڀ ڪان وڏو ٿنيو تصوير جي Reproduction جي ذريعن جي ابتدا، واڌ ۽ Impact آهي.

An Introduction to Journalism جي مصنف جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڻ مطابق پهريون تصويرون جيڪي اخبارن ۾ آيون، سي غالباً مذهبي ڏهاڙن تي تيل چراغان جون تصويرون هيون. جيڪي گهٽو ڪري هٿ سان ٺهيل هيون. ان ڪان پوءِ اهي ڪاٺ تي اکر جي ڪم سان ڪتب ايندڙ هيون. سنڌ ۾ انهيءَ قسم جا بلاڪ اڃا ڪتب ايندا آهن جن کي ”پور“ چئبو آهي. هيءُ گهٽو ڪري لائين ورڪ هوندو آهي ۽ هر ڪاريگر پنهنجي صفائي ۽ معيار مطابق اکر ۽ پور جي ڪم مطابق ڪندو آهي. ان ڪان وري مس لائي Reproduce ڪبو آهي. اهي ڪاٺ جا پور پهريان اخباري بلاڪ هئا جيڪي آمريڪي اخبار Reproduction ۾ ڪتب آيا. پهرين ڪاٺ تي اکريل تصوير ان وقت بينڪي آمريڪا جي اخبار ”نيوز ليٽر“ ۾ ۱۷۰۷ع ۾ ڇپي ۽ اهو بلاڪ برطانوي جهنڊي جو هو. ان ڪانپوءِ پهرين تصوير ۱۷۰۵ع ۾ پينسلوينيا جي اخبار گزيٽ ۾ بينجمڻ فرينڪلن جي مضمون Join or die ۾ ملي ٿي.

انهيءَ ڪان پوءِ ڪاٺ جا پور تمام گهڻا استعمال ٿيڻ لڳا. يورپ ۽ آمريڪا ۾نهي ڪنڊن جي اخبار نويسي ۱۸۳۵ع ۾ پهريون پيرو هرشيل جي ۴۰ فٽ ڊگهي دوربينيءَ جي سلسلي ۾ Moon hoax جي سيريز ۾ ڪاٺ جا بلاڪ مڪمل طرح ڪتب آندا. انهيءَ ڪان پوءِ پينسلوينيا جي اخبار ”گزيٽ“ ۱۸۵۴ع ۾ ڪاٺ جا سٺا بلاڪ استعمال ڪيا جيڪي لائين جي اسڪيچ تي مشتمل هئا. آمريڪا جي گهرو لڙائي ۾ نيويارڪ هيرالڊ نقشا ۽ خاڪا ڇاپڻ لاءِ ڏاڍا ڪاٺ جا پور استعمال ڪيا جن مان ڪيترا ته اڌ اڌ صفحي جا به هئا.

ڪاٺ جا پور، پراڻي نموني جي فوٽوگرافي تان ٺهندا هئا. انهيءَ ڪانپوءِ تجسس ۽ تحقيق هلندي رهي ۽ صحافتي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو ۱۸۷۲ع ۾ نيويارڪ جي اخبار ڊيلي گرافڪ Grovelling photography جي نالي ۾، هڪ طريقو دريافت ڪيو جنهن سان پهريون دفعو اخبار ۾ تصويرن جي اصلي Reproduction ٿي. پر اهو طريقو توڙي گرافڪ اخبار تمام ٿورو عرصو زنده رهي سگهيا. دراصل فوٽوگرافي ۽ ان جي ريپراڊڪشن کي ايترو ترقي ڪرڻي هئي ۽ ڇاپڻ جو اهڙو طريقو بڻائڻو هو جيڪو ڪا اخبار برداشت ڪري سگهي. اخبار نويسي، فوٽوگرافي ۽ ان کي ڇاپڻ جي لاءِ نت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوان طريقا ڳولي رهي هئي. اوڻويهين صدي ۾ فوٽوگرافي اڳتي وڌي. ١٨٢٦ع ۾ ٻن فرانسيسي باشندن جي اين نيپي ۽ بعد ۾ جي ايم ڊيگوري هن ميدان ۾ وڌو ڪم ڪيو. سنه ١٨٢٦ع ۾ ۽ پوءِ ١٨٣٩ع ۾ هنن چانديءَ جي چادرن تي تصويرن جا مستقل عڪس منتقل ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ورتي. هن طريقي کي هنن Daguerreo types سڏيو. ان کان پوءِ وڌيڪ ترقي يافته طريقو ساڳي سال ۾ هڪ ٻئي محقق وليم ايچ-ايف ٽالبوٽ دريافت ڪيو جنهن ٻرهن چادرن بدران هڪ حساس Sensitized ڪاغذ استعمال ڪيو. چار سال پوءِ نيويارڪ يونيورسٽي جي پروفيسر جان ڊبليو ڊريپر هڪ انساني تصوير (اها سندس ڀيڻ جي هئي) کي ڇاپڻ ۾ڪامياب ٿي ويو ۽ ان ۵ منٽ Exposure ۾ ورتا. ١١ سال پوءِ سنه ١٨٥١ع ۾ فريڊرڪ اسڪاٽ آرمر Collodion طريقو دريافت ڪيو. انهن ڏينهن کانپوءِ فوٽوگرافي به تيزيءَ سان ترقي ڪرڻ لڳي.

فوٽو اينگريونگ ١٨٧٠ع کان پوءِ ترقي ڪئي ١٨٩٧ع ۾ ايس-ايچ هارگن نالي هڪ پرنٽر هڪ تيزي سان هلندڙ ويب Web مشين لاءِ اسٽيريو تيار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هيءَ تصوير ١٨٩٧ع جي ٢١ فيبروري واري نيويارڪ ٽربيون ۾ شايع ٿي.

هيءَ ته ٿي تصوير، تصوير جي ڇپائي ۽ ان ۾ آيل دشوارين جي تاريخ، هاڻي اچو ته ڀهرين تصوير ۽ اخباري تصوير جي روح، فلسفي، مقصد ۽ بنيادي خوبين کي ڏسون.

اسان ڪنهن انسان کي ڏسنداسين ته ان جي چهري ۾ هڪ اک، ٻيو پاسا ڏسڻ به ايندا پر پٺ ڏسڻ ۾ ڪونه ايندي. اک ۽ پاسا ڏسڻ ۽ پيٽڻ کان پوءِ اندازو ضرور ٿيندو ته هن جي پٺ ڪيتري آهي جيڪا مون نه ڏٺي آهي. اهو اندازو صحيح آهي. پر تصوير تي وچي عڪس. بجنس ڏسڻ سان اسان گهٽ ۾ گهٽ ٻه پاسا Dimensions (سامهون ۽ پاسن وارا) ته ڏٺا. هاڻي ٽيون Dimension انهن ٻن جي آسري تي پاڻهي ابري ايندو. پر تصوير صرف سڌي سنئين ڪاغذ تي ڇپيل هوندي آهي، تنهنڪري هن ۾ هڪ سرو رخ ڏيکاريل هوندو آهي يعني هڪ ئي Dimension هوندو آهي، تنهنڪري ٻيو پهلو، سندس لائيٽ ۽ شيڊ Light & shade مان پيدا ٿيندو آهي. لائيٽ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيڊ Contrast پيدا ڪندو آهي ۽ اهوئي شيڊ سندس ٻہ رخو تضاد Contrast پيدا ڪندو آهي. ٽئين پهلو جو اندازو اهو لائيٽ ۽ شيڊ جو تضاد محسوس ڪرائيندو آهي جنهن کي Depth چئبو آهي. ظاهر آهي تہ تصوير ۾ جنهن ۾ سڌو سنئون ڪاغذ آهي تنهن ۾ اهي ٽي رخ، ٽي پهلو 3-dimensions ڪيئن پيدا ڪري سگهجي ٿو. هن جي لاءِ ان ڪان سواءِ ڪا واٽ ڪانهي تہ هو حسين ۾ حسين تصوير ناهي ۽ حسين تصوير ناهڻ لاءِ هن کي وڌ ۾ وڌ Depth ڏيڻي پوندي ۽ بنيادي طريقو آهي ان کي حسن سان Contrast ڪرڻ. فوٽوگرافيءَ جي ابتدا ڪانوئي اڄ تائين تصوير پنهنجو مقصد انهيءَ تضاد Contrast سان ادا ڪيو آهي. ڪنهن بہ سٺي فوٽوگرافر، جيڪڏهن سٺي تصوير ناهي هوندي تہ صرف Light ۽ Shade جي ٽڪراءَ Contrast سان.

## تصوير جو فلسفو ۽ مقصد

تصوير چاڪاڻ تہ حقيقت جو عڪس آهي انهيءَ ڪري ان جي چڪڻ ۽ Reproduction ۾ اهوئي تاثر هئڻ گهرجي جيڪو حقيقت ۾ ٿئي ٿو. جيڪڏهن ائين بہ نہ ٿي سگهي تہ گهٽ ۾ گهٽ ان جهڙو هڪ تاثر تہ ضروري آهي. فرض ڪريو تہ تصوير ڪنهن زلزلي جي آهي. انهيءَ صورت ۾ فوٽوگرافر جو ڪم اهو آهي تہ هو اهڙي تصوير ڪڍي جيڪا زلزلي جي وقت ڪانپوءِ آيل تباهي، بربادي، ياسيت، نااميدي، نراسائي ۽ اڪيلائي بابت هجي. چاهي ان تصوير ۾ پٿرن سان ڍڪيل انسانن جا لاش هجن يا وري رت سان رڱيل پٿر. ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڏکيل ۽ رنجايل انسانن جي گهنجن جي تصوير ٺي هن جي سمورن ڏکن جي داستان جي آرسي بنجي وڃي. هن جي هر گهنج مان Subject جي ڪيفيت، حال، سوچ ۽ انداز عمل جو تجزيو ٿيڻ گهرجي. وسيع تر ۽ مثالي انداز ۾، هيئن چئي سگهجي ٿو تہ اها اهڙن ڏکويلن جو ترجمان هئڻ گهرجي. انهيءَ ڪيفيت جو تاثر ڏيندڙ تصوير عوامل جي عڪاس هوندي آهي. انهيءَ کي تمثيل نگاري چئبو آهي.

ٽيڪنيڪي انداز ۾ تصوير انهيءَ عڪس جو نالو آهي جيڪو ڪنهن تصوير ڪيندڙ (Photographer) ڪنهن ڪيفيت ۽ حالت کي پنهنجي ڪئميرا ۾ قيد ڪري ڇڏيو هجي ۽ هيءَ تہ انهيءَ تصوير ڏسڻ ڪانپوءِ اها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيفيت ڏسندڙ Veiwer کي محسوس ٿئي. هو سمجهي ته انهيءَ تصوير جو ماحول ۽ مقصد هن تائين اچي ويو. هو محسوس ڪري ته انهيءَ تصوير ۾ جيڪا ڳالهه چيل آهي اها هن تائين پهچي ويئي آهي، اها مون محسوس ڪئي آهي. سولن سنڌي لفظن ۾ مقصد هيءُ ته جيڪڏهن اها تصوير موت ۽ زندگي جي جنگ جي آهي ته پوءِ اها تصوير موت جي ڏهڪائيندڙ تصور سان پريل هجي. ان جي تضاد ۾ بيگناه انسان کي تڙپندو ڏيکارجي ته پوءِ اها تصوير ڏسندڙ ڏسڻ شرط، تڙپندڙ روح سان همدردي ڪندو، پيو ڪجهه نه- تصوير جو ڪمال اهو آهي.

خوشي، حيرت، تجسس، جدوجهد، فراخدلي، همدردي، محبت ۽ ٻين اهڙن انساني جذبن جي تصويرن ۾ انهن ڪيفيتن کي منعڪس ڪندڙ جذبا ڏيکاريا ويندا آهن. تصوير جي ڪيفيت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ماحول يا پس منظر وڏي مدد ڏيندوآهي. پس منظر تصوير ۾ اونهائي آڻيندو آهي جڏهن ته Object مجموعي تاثر ڏيندو. هنگري جو چاول عظيم نيوز فوٽوگرافر رابرٽ ڪاپا، انهيءَ جزي ڪان ڪم ونندو هو. هن جي ڪتاب "موت نهندي" ۾ اهي تصويرون ڏنيون آهن جيڪي موت جي پيڙاءَ، تڪليف، انسان جي بيوسي ۽ موت جي سڪوت کي ظاهر ڪن ٿيون. ساڳيءَ طرح ٻين مڪتبن جا فوٽوگرافر به ساڳي قسم جا جذبا ظاهر ڪندڙ تصويرون چڪيندا آهن.

مٿي لکيو ويو آهي ته تصوير جو ڪم ڏسندڙ کي هڪ پيغام رسائڻ جو آهي. هاڻي اهو ڏسڻو آهي ته اهو پيغام رسائڻ جو زوردار طريقو ڪهڙي تصوير ۾ اختيار ڪيل آهي. تصوير جي جزن، ماحول، پس منظر ۽ هن جي مکيه حصن Components کان سواءِ، ٻي اهم ڳالهه Angle زاويه آهي. اوهان تقريبن ۾ ڏٺو هوندو ته اخباري فوٽوگرافر فوٽو ڇڪڻ کان اڳ مختلف هنڌان بندوقچي وانگيان زاويه جاچيندا ۽ ان کي Adjust ڪندا آهن. هن جو مقصد اهوئي هوندو آهي ته مقصدي چيز کي اپارڻ لاءِ ڪهڙو زاويو اختيار ڪجي جو تصوير ڏسندڙ، تصوير جي انهيءَ ئي حصي کان متاثر ٿئي جيڪو فوٽوگرافر ڏيکارڻ چاهي ٿو. يا هيئن ته جيڪا چيز فوٽوگرافر چاهي، اها سڄي تصوير ۾ ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان واضح، اثرائتي ۽ گهڻ منجهائيندڙ هجي. ٻين لفظن ۾ ته تصوير کي ڏسڻ ڪانپوءِ هڪدم ڳالهه کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهي تہ فوٽوگرافر فلاڻي چيز ڏيکارڻ گهري ٿو.

رهيو سوال انهيءَ زاويہ جو، تہ اهو زاويہ هٽ ڪرڻ لاءِ ٿوري گهڻي Aesthetic sense جي ضرورت آهي ۽ ڪجهہ وري تجربي سان ٿي وڃي ٿو. بهرحال فوٽوگرافي جنهن کي ڪن ڏينهن صرف مشيني اوزار ۽ مڪينزم جي استعمال ڪري هيٺاهون ڪم يا غير فني سمجهيو ويندو هو تنهن کي نت نون خيالن ۽ اندازن دريافت ٿيڻ ڪان پوءِ فن لطيف ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

زندگي حرڪت جو نالو آهي ۽ تصوير زندگيءَ جوعڪس آهي تنهنڪري هر تصوير ۾ حرڪت هئڻ ضروري آهي. فوٽوگرافي ۽ خاص ڪري پريس فوٽوگرافي ۾ حرڪت Movement بنيادي شرط آهي. ساڪت Stale ۽ اڻ چرندڙ جسم جي تصوير کي تصوير چوڻ ڏوهہ آهي، سواءِ ڪلوز اپ جي. هوندڻ بہ جرنلزم Movement ۽ Action کان سواءِ ڪنهن چيز جو نالو ناهي.

جهڙيءَ طرح خبر جي وصف نج فني لحاظ کان هيئن ٿي سگهي ٿي تہ Somebody doing something " ڪوئي ڪجهہ ڪري پيو؛ " تيئن، اخباري تصوير ڪشي ۾ بہ سني ۽ ڇپجڻ لائق تصوير اها آهي جيڪا متحرڪ هجي، جنهن ۾ تحرڪ، چرپر ۽ زندگيءَ جي علامت هجي. اها تحريڪ ۽ چرپر هيئن پيدا ٿيندي آهي تہ تصوير جا مکيہ ڪردار چرپر ۾ هجن، ڪم ڪندا هجن، ڪجهہ Action ڏيکاريندا هجن. ڪجهہ ڳالهائيندا هجن. ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪندا هجن. خاموش وينو رهڻ، يا بيهي رهڻ تصوير جو ڪو ڪردار ناهي.

هتي هي ياد رکڻ گهرجي تہ تصوير جو هڪ بنيادي مقصد هڪ پيغام رسائڻ بہ آهي ۽ اهو پيغام، چرپر بغير اوهان ڪيئن پهچائي سگهندؤ؟ مثال طور ڪنهن تقريري تقريب جي تصوير ڏيٺي آهي تہ ٻڌندڙ ظاهر آهي تہ خاموش ٻڌڻ گهرجن. پر هو رد عمل ضرور ظاهر ڪندا، اهو ڏيکارڻ گهرجي. مقررين جون تصويرون خاموشي سان ناهن ڪيڻيون، يا هو جڏهن اچي مائيڪ تي بيهن تہ هڪدم نہ ڪيجن، اهو قطعي غلط آهي. مقررين، ظاهر آهي تہ ڪا جذباتي ڳالهہ ضرور ڪندا. ڪاوڙ، احتجاج، غم، مصيبت، هراس، پريشاني، خوشي ظاهر ڪندا تہ انهن ڳالهين ڪندي هو هٿن سان اشارا ڏيندا، روسترم کي مکون هڻندا، آڱرين جا ڳل ناهيندا ۽ غضب ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زوردار لفظ استعمال ڪندي هٿن جي چهرن جا تاثرات بدلبا. فوٽوگرافر ڪي اهي لمحا قيد ڪرڻا آهن. تصوير صرف اها سٺي آهي، جيڪا ڪاوڙ، مصيبت، احتجاج يا خوشيءَ جا جذبا ظاهر ڪري.

هن حقيقت کي رڪارڊ ڪرڻ ۾ فوٽوگرافر کي سدائين تڪليف، مختصر گڏجاڻين ۾ ٿيندي آهي جتي فوٽوگرافر کي چيو ويندو آهي ته گروپ فوٽو ڪڍ. دراصل گروپ فوٽو جو تصور جديد تحقيق کان پوءِ ختم ٿي ويو آهي. گروپ فوٽو جنهن ۾ ميمبر پاڻهون پڌيو، خاموش ويٺا هجن، اهو فوٽو ڪو تاثر نه ڏيندو تنهنڪري گروپ فوٽو ڇاپڻ جو دستور ختم ٿي ويو آهي. جيڪڏهن مرندي ڪسندي فوٽوگرافر کي ڪا واهه نه هجيءَ هو گروپ ڪڍڻ تي مجبور هجي ته پوءِ واحد صورت اها آهي ته هو فوٽو ڪڍڻ وقت گروپ جي رڪنن کي عرض ڪري ته هو پاڻ ۾ڪجهه ڳالهائين ته هو تصوير ڪڍي وٺي. گهڻن فوٽوگرافرن کي اوهان ڏٺو هوندو ته گروپ تصوير يا اڪيلي ڪلوز اپ ڪڍڻ وقت حاضرين کي چوندا آهن " ذرا مسڪرايو " صرف هن ڪري ته تصوير ۾ Action پيدا ٿئي.

تصويرن ڇاپڻ ۾ ذهين فوٽوگرافر هميشه تقريب جي نوعيت سمجهندو آهي. مثال طور برسراقتدار پارٽيءَ جي ڪا ڪنوينشن يا وري ڪا استبقاليه آهي جنهن ۾ پارٽي اڳواڻ مخالف اڳواڻ تي چوهه چنڊيا آهن، ظاهر آهي ته هن زوردار ريمارڪ پاس ڪيا هوندا ۽ هي به ظاهر آهي ته هن انهن رمارڪس ڏيڻ ۾ منهن ۾ڪئين گهنڊ، گهنج ۽ نمونا بنايا هوندا. اها خبر ته اخبار ۾ ايندي ئي ايندي، پر اهو رپورٽر جڏهن برسراقتدار اڳواڻ جي ڪاوڙ جي خبر ڏيندو ته سندس لفظن جي پٺڀرائي تصوير ڪندي، جيڪڏهن فوٽوگرافر سمجهو ۽ داناءُ آهي ته.

## ڪلوز اپ

جيئن مٿي چيو ويو آهي ته ڪلوز اپ ۾ڪنهن ائڪشن جي ضرورت ناهي جيڪڏهن هجي ته سون تي سهاڳ آهي. پر ڪلوز اپ ڪڍڻ ۾ بي جزي جو خيال رکيو ويندو آهي ۽ اهو آهي تاثر؛ اهو تاثر ئي تصوير جو پيغام آهي ته Object جي دماغ ۾ ڇا آهي ۽ هو ڪهڙي ڪيفيت ۾ آهي. مثال طور ڪاوڙ ۾ آهي ته انهيءَ شخص جي تصوير کي اهو ڪاوڙ جو جذبو سنجيدگي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاموشي، گهوري نهارڻ مان ظاهر ڪرڻو آهي. خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ ٻہ هلڪي يا ڳوڙهي مسڪراهٽ ڏيکاري اهو مقصد ادا ڪري سگهجي ٿو.

اخبارن ۾ ڪي خبري تصويرون هونديون جن جي اهميت واسطيدار ڏينهن لاءِ هوندي آهي يا واقعي جي خبر سان گڏ هوندي آهي. اهي تصويرون خبرن سان گڏ اچڻ يا Tie ڪرڻ ضروري آهن.

ڪي اخبارون مکيہ اڳواڻن ۽ اهم شخصيتن جا مختلف موقعن ۽ ڪيفيتن تي ورتل ڪلوز اپ رکي ڇڏينديون آهن جن کي Stock picture يا File photo چئبو آهي. هي تصويرون انهيءَ وقت ڪتب آنديون آهن جڏهن ڪنهن واقعي جي تازي تصوير موجود نہ ٿي سگهي يا



دنيا جي پهرين تصوير

فوٽوگرافي جي ٽيڪنيڪ دريافت ڪندڙ فرينچ فوٽوگرافر نيپي جو ١٨٢٦ع ۾ ورتل فوٽو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري اهو واقعو ملڪ جي اهڙي هنڌ ٿئي جتان ڪنهن به طريقي فورن فوٽو اچي نٿو سگهي ته انهيءَ ۾ ڪتب ايندا آهن. اسٽاڪ تصويرن جو قاعدو هيءُ آهي ته انهيءَ تقرير، يا واقعي ۾ مکيه ڪردارن جو جيڪو موڊ هجي تنهن مطابق ڪلوز اپ چونڊي ڪتب آندو ويندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تصوير- ڪاٽ ڇانٽ

هر تصوير ڪو پيغام ضرور ڏيندي آهي پر انهيءَ پيغام کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ۽ وڌيڪ اثرائتو بنائڻ لاءِ تصوير کي اهڙي ڍانءِ سان ڇپيو ويندو آهي جو پيغام ڏيندڙ حصو وڌيڪ نمايان ٿئي.

اوهان اخبارن ۾ ڏٺو هوندو ته سب ايڊيٽر يا پڪچر ايڊيٽر تصوير کي غور سان ڏسي ان جي ڪن حصن جي ڪاٽ ڇانٽ ڪندو آهي. اهو هن ڪري ته جيئن پاسن کان جيڪي غير ضروري پاسا آهن سي ڪٽي ڇڏي ۽ اصل گهربل مقصد وارو حصو ڪجهه نمايان ٿئي. هتي هيءَ ڳالهه وسارڻ نه گهرجي ته تصوير جو پس منظر ايتروئي اهم آهي جيترو Object خود. پر فوٽوگرافر رش ۾ فوٽ ڪڍي ايندو آهي ۽ انهيءَ ڪانپوءِ هو پنهنجي خيال سان تصوير وڏائي پرنٽ ڪري ايڊيٽر کي ڏيندو آهي جيڪو خبر جي اهميت واقعي جي نوعيت جي مطابقت سان فيصلو ڪندو ته ڪيس تصوير جو ڪهڙو حصو وڌيڪ ضروري گهرجي ۽ هن جي خيال ۾تصوير جو ڪهڙو پس منظر اجايو ۽ ڪهڙو پس منظر تصوير جي مقصد کي مدد ڏئي ٿو. انهيءَ حقيقت کي به وسارڻ ڇڏڻ نه گهرجي ته تصوير کي پنهنجي پس منظر معرفت اهو ٻڌائڻ گهرجي ته اهو ڪهڙي هنڌ واقعو ٿيو آهي. پر اهو پس منظر ايترو dominating نه هجي جو تصوير جي مک حصي کي ڪائي وڃي. انهيءَ ڪري اهڙو وچٿرو رستو اختيار ڪبو آهي جو پس منظر مان، جاءِ وقوع جي سچائي به بکي ۽ اصل آبجيڪٽ به ايري اچي. انهيءَ ڪاٽ ڇانٽ کي صحافتي زبان ۾ Cropping چئبو آهي.

هن ڪراپنگ ۾ گهٽو ڪري ٻه طريقا مروج آهن. هڪ هي ته جيڪڏهن تصوير ڪنهن تقريري واقعي جي آهي ۽ اهميت هڪ ماڻهوءَ جي آهي ته انهيءَ جي خاص موڊ جي تصوير کي وڏائي Blow up ڪري خبر سان گڏ Tie ڪبو آهي. هن ۾پس منظر هلڪو ڏبو آهي تاڪه تصوير جو موڊ بنهه نکري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچي. گھڻا فوٽوگرافر جلسي جي تصويرن کي پٽي Strip ۾ ڏيکاريندا آهن ۽ پوءِ هڪ اڌ مقرر جي تصوير مائيڪ ۽ پس منظر ۾ موزون شيون ڏيکاري باقي سامعين جي ٽڪر جي ڏار تصوير ڪڍي ڇڏيندا آهن. اهو عيب آهي. ڇاڪاڻ ته مجموعا ته سڀ ساڳي قسم جا ۽ ساڳين انساني چهرن جا هوندا آهن تنهنڪري فوٽوگرافر سولائي سان ان ۾ ٽڪي ڪري پراڻو مجموعو نئين فوٽو ۾ ڇڏيندي سگهندا آهن يا وري جيڪڏهن حاضري گهٽ آهي ته وڏيڪ ڪنهن ٻي مجمع جي تصوير لڳائي ڇڏيندا آهن. هن مان نقصان هيءُ آهي ته پڙهندڙ سدائين هڪجهڙيون پٽيون ڏسي انهيءَ قسم جي تصويرن کان دلچسپي وڃائي ويندا آهن. تنهنڪري هن قسم جي ڪراپنگ ۾ ڪوشش اها هوندي آهي ته وڌ ۾ وڌ پس منظر اچي ۽ ڪانه ڪا انهيءَ واقعي واري ڏينهن جي سچائي ثابت ڪري. ائين نه ٿئي ته پڙهندڙ اخبار ۾ ڪنهن سياسي جلسي جي تصوير ڏسي پهريون رمارڪ اهو ڏئي ته هيءَ تصوير ڪوڙي آهي. ڪنهن اڳئين جلسي جي ڪڍي موڪلي ڏني اٿن. انهيءَ سچائي کي ثابت ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهرين پرک اتي موجود غير معمولي مهمان آهن جيڪي انهيءَ تقريب ۾ خاص ڪري آيا آهن. ان کان پوءِ انهيءَ تقريب جو بينر جيڪو پويان لڳايو ويندو آهي. گهڻن جلسن ۾ صدارتي ڪرسيءَ جي پويان انهيءَ تقريب جو بينر يا ٽيبل تي اڳيان رکيل جهنڊو يا ٻي ڪا شيءِ ضروري آهي جيڪا انهيءَ تقريب جي وقت کي ظاهر ڪري.

هاڻي انهن بنيادي شين کي ڇڏي، باقي چيزون، غير ضروري ۽ غير اهم ماڻهو، اجايو پس منظر جيڪو نه صرف فوٽو جي پيغام ۾ واڌ نه آڻي پر پاڻ ڳڻتي ويهي، انهيءَ کي ڪڍڻو آهي.

Cropping کان پوءِ ٻي عملي ضرورت Scaling ماپ ڪرڻ آهي. هي انهيءَ ڪري ضروري آهي جو جيڪڏهن فوٽوگرافر اوهان کي هڪ تصوير اهڙي ڏئي جيڪا اوهان جي ڪراپنگ کانپوءِ وڃي سوا ست ۽ سوا ٽي انچ ويڪر ۾ بچي. ظاهر آهي ته يا ان کي تقرير جي اهميت مطابق وڌائيندو يا وري گهربل اهميت ۽ جاءِ مطابق گهٽائيندو. ٻنهي صورتن ۾ يا ته تصوير جو بلاڪ يا فلم ٺهي اچي، ايڊيٽر ايستائين انتظار ڪري ڇاڪاڻ ته ايڊيٽر کي معلوم ناهي ته گهربل سائيز ۾ وڌائڻ ۽ گهٽائڻ کان پوءِ فلم يا بلاڪ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊيگهه ويڪر ڪيتري ٿيندي. هو بلاڪ يا فلم نهڻ جو انتظار نه ڪندو پر تصوير جي گهربل سائيز ۾ وڏو يا ننڍو ڪرڻ جي ماپ ڪڍي، تصوير بلاڪ آپريٽر کي ڏيئي ڇڏيندو ۽ ماپ ڪئپشن سميت پريس جي سپروائيزر يا پيج ميڪر کي ڏيندو جيڪو انهيءَ جي جاءِ رکندو ۽ جڏهن اهو بلاڪ يا فلم ٺهي ايندي ته صرف ايتري دير لڳندي جو فورمئن انهيءَ جاءِ تي رکي ڇڏيندو.

هن Scaling جو مکيه طريقو هي آهي ته گهربل تصوير کي فوٽو جي اصل جاءِ، يا Crop ڪرڻ ڪانپوءِ آئوٽ لائين لڳايو. پر آئوٽ لائين تصوير جي پٺ ۾ پينسل سان هجي جيئن ان جو اثر ٻئي طرف نه پوي. جيڪڏهن اها پينسل تصوير جي سبتي پاسي هئي ته اها تصوير خراب ڪري ڇڏيندو ۽ ٻئي دفعي انهيءَ تصوير جو ڪنيل حصو استعمال ڪري نه سگهبو. نه وري Cropping ۾ ڪئنچي استعمال ڪبي آهي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ سان به تصوير خراب ٿي وڃي ٿي.

ڪراپنگ جو بهترين طريقو ٽريسرس ٽيبل Tracer's table آهي جيڪا عام طور اخبارن جي دفتر ۾ هوندي آهي. ان ۾ هيٺان روشني ٻرڻ ڪري تصوير کي ابتو رکڻ سان تصوير جي ڪمپوزيشن اوهان کي سمجهه ۾ اچي ويندي ۽ سولائي سان ڪاٽ ڇانٽ ڪري سگهو ٿا.

هاڻي ڪاٽ ڇانٽ ڪرڻ ۽ آئوٽ لائين ڪڍڻ ۾ ڏسو ته اها مستطيل يا چورس، صحيح طريقي ۾ ضرور هجي. ائين نه هجي ته هڪ پاسو وڏو ته ان جي سامهون وارو پاسو ننڍو هجي. جيڪڏهن ائين ٿيو ته تصوير جي ماپ صحيح نه ايندي.



منديٺري واري اصل تصوير آهي جيڪا اوهان اخبار ۾ ڏيڻ چاهيو ٿا.

باقي جيڪو حصو نه کپي انهيءَ کي نانگ وڪوڙي ڏبي آهي يا وري گهربل حصي تائين تير جا نشان ڏبا آهن مثال طور:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



هاڻي انهيءَ گهربل تصوير واري حصي جي پڻ آمهون سامهون ڪنڊن Diagonal طريقي ۾ملايو.



يعني ملائڻ ڪانپوءِ هاڻي اوهان ڏسو ته تصوير جي لاءِ اوهان ڪهڙو فيصلو ڪيو آهي. آيا اها تصوير گهٽ ڪرڻي آهي يا وڌائڻي آهي. ٻنهي صورتن ۾ Diagonal ليڪ ضرور ڪڍڻي آهي.

هاڻي فرض ڪريو ته تصوير اوهان کي ۵ انچ ويڪري ۽ ساڍا ۳ انچ ڊگهي ملي آهي جنهن کي گهٽائي اوهان کي پوڻا ۴ انچ ويڪر ۾ ڪرڻي آهي ته هيئن ٿيندو ته Diagonal ليڪ ڪڍڻ ڪانپوءِ اوهان ڪاپي ڪنڊ کان وٺي هيٺئين ليڪ تائين پوڻا ۴ انچ ماپ ڪري ٽپڪو لڳايو.

هاڻي اهڙوئي پوڻا ۴ انچن جو ٽپڪو مٿين لائين تي لڳايو. انهيءَ کان پوءِ ٻنهي ٽپڪن کي ملايو ته اهي ج لائين جي صورت ۾ملندا. هاڻي ڏسو ته اها لائين Diagonal لائين سان ڪٿي ملي آهي، اتان وٺي هيٺئين لائين جي متوازي ڪاپي واري لائين تي ڪيو. جتي ملي اها تصوير گهٽجڻ کان پوءِ اوهان جي ڪٽيل ڊيگهه ويڪر مطابق ٿيندي. هن خاص مثال ۾ هي صورت بيهندي.

هاڻي منڊيئڙي ڏنل وجي گهربل ماپ ٿيندي.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي تہ ٽيو پوٽا چار انچ جي سائيز ڪيڻ پر جيڪڏهن اوهان کي اڌ انچ، منو انچ ويڪر، انچ ويڪر، سوا انچ ويڪر ۽ ان کان پوء ڪنهن بہ ماپ پر ويڪر گهرجي تہ اوهان بخوبي ساڳي اصول تي ڪيي سگهو ٿا.

هن طريقي سان اوهان ڪهڙي بہ گهربل ماپ تصوير گهٽائي يا وڌائي سگهو ٿا، ۽ پنهنجي آپريٽر کي تڪليف ڏيڻ يا انتظار ڪرڻ جي بدران اوهان پاڻ سائيز ڪيي سپروائيزر يا پيج ميڪر وٽ جاء رڪائي سگهو ٿا. البتہ Enlargment ۾ ڪجهہ تڪليف آهي. مثال طور اوهان وٽ تصوير اڍائي انچ ويڪري ۽ ۴ انچ ڊگهي آئي آهي. اوهان جو خيال آهي تہ اها تصوير گهٽ ۾ گهٽ ۴ انچ ويڪري ڇپجڻ گهرجي تہ ڇا ڪندؤ؟ انهيء صورت ۾ اوهان هيٺن ڪندؤ تہ تصوير کي ڪنهن وڏي ڪاغذ تي عارضي طور چنبڙائيندؤ ۽ انهيء کان پوء ساڳئي پنئين پاسي Diagonal ليڪ ڪيندؤ. هن تصوير جي بنيادي ليڪ کي اڳتي ڇڪيندؤ. مثان باؤنڊري ليڪ بہ ڇڪيندؤ. اهڙي طرح ليڪون ڇڪڻ بعد جنهن پاسي کان اوهان ليڪ ڇڪڻ شروع ڪئي تنهن پاسي کان ۴ انچ ماپ تي نشان ڪريو ۽ پوء مٿان ۴ انچ واري ماپ تي نشان لڳايو. انهيء کانپوء Diagonal لائين وڌايو، جتي اها وڃي ۴ انچن جي ٽيڪن سان ملي.



هاڻي ۴ انچ ويڪر وٽان اوچائي ماپيو جتي Diagonal ليڪ ملي اها ٿيندي گهربل Enlargement جي اوچائي. اهوئي صحيح ۽ معياري طريقو، تصوير جي سائيز ڪيڻ جو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪئپشن

تصوير جيڪڏهن ڪو پيغام ڏئي ٿي، تہ ڪئپشن انهيءَ پيغام جي نشاندهي ڪري ٿو. ڪئپشن تصوير جي وضاحت ڪري ٿو. ڪئپشن ڪي محض ائين چند حقيقتن جو اندراج چوڻ غلط آهي. هڪ سٺو ڪئپشن هڪ بيڪار تصوير ۾ جان وجهي سگهي ٿو، ۽ هڪ خراب ڪئپشن پڙهندڙ کي هڪ سٺي تصوير کان هٽائي سگهي ٿو. ٻين لفظن ۾ ڪئپشن کي تصوير جو روح ڪٺي چئجي.

تلهي ليکي ڪئپشن جا ٻہ گروپ آهن. هڪ اهو جيڪو صرف پڙهندڙ کي هت کان وٺي تصوير گهمائي اچي، ڪيس تصوير ۾ ڏيکاريل حقيقتن کان آگاهہ ڪري، ماڻهو سچارائي ۽ جاءِ جو هنڌ ڏسي. هن ۾ بہ هڪ سمجهدار سبنگ جي ضرورت آهي ۽ ممڪن آهي تہ انهيءَ ۾ هوشياري پرپا جملا ۽ محاورا استعمال ڪرڻا پون.

ٻيو گروپ ڪنهن خاص شخص جي نشاندهي ڪرڻ آهي. اهو مخصوص ماڻهو، انهيءَ عمل ۾ ڇو آيو، ڪيئن آيو. ڇو سندس تصوير هن انداز ۾ ڇاپي ويئي آهي. تنهنڪري انهيءَ قسم جي ڪئپشن لاءِ خبر مان هڪ لائين ڏيڻ ڪافي ٿيندو آهي.

خراب ڪئپشن اهو هوندو آهي جيڪو ائين محسوس ٿئي تہ ڪئپشن لاءِ جاءِ رکي ويئي آهي ۽ پوءِ سب ايڊيٽر کي چيو ويو آهي تہ هو انهيءَ جاءِ کي ڀري. پوءِ ڀل تہ انهيءَ جاءِ لاءِ ايترا لفظ موجود نہ ٿين، يا هڪ لائين ۾ تصوير جي ڪئپشن جو مقصد ادا ٿي وڃي.

مٿي ذڪر ڪيل ڪئپشن جا ٻہ گروپ ڇئن نندن گروپن ۾ ورهائجي وڃن ٿا.

(۱) اهو ڪئپشن جيڪو خبر سان گڏ هلندڙ تصوير سان هلي. انهيءَ صورت ۾ اهو مختصر هئڻ گهرجي جنهن کي Identifier چيو ويندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙوڪ ٽائيم مئگزين يا نيوز ويڪ ۾ ايندو آهي.

(٢) تصوير جي بيان ڪندڙ ڪئپشن جنهن جي تصوير اخبار ۾ اندر ڪنهن هنڌ يا آخري صفحي تي ڇپيل آهي، يا انهيءَ واقعي جون ٻيون تصويرون اندر ڪٿي ڇپيل آهن. اهو ڪئپشن ٿورو وڌيل هئڻ گهرجي ۽ هڪ Cross reference سان هئڻ گهرجي (جيڪڏهن ڪا ٻي تصوير آهي تہ) انهيءَ باري ۾ هڪ ٻيو Teaser caption سڏبو آهي مثال طور:

"خان قيوم، سيمنٽ ڪارخاني ۾ ڇا پيو ڪري؟"

يا وري هيئن تہ

"سائنسدان پاڳل خاني ۾؟ ڇا ٿو ڪري، اهو اندر صفحي ٣ تي معلوم ڪريو."

(٣) اهو ڪئپشن جنهنجي ڪا خبر اخبار ۾ ناهي ۽ صرف واقعي جي تصوير آهي تہ انهيءَ ۾ سمورا انگ اکر، واقعا، حقيقتون شامل هجن. هن قسم جي ڪئپشن کي Self-contained ڪئپشن چئبو آهي. هن ڪئپشن ۾ اهي سموريون حقيقتون هئڻ گهرجن جيڪي هڪ خبر ۾ هجن جهڙوڪ:

"اسماعيلي فرقي جو روحاني پيشوا، پرنس ڪريم آغا خان، آچر ڏينهن، فلپائين ويندي ڪراچي هوائي اڏي تي ٿوري دير ترسڻ لاءِ لهي رهيو آهي."

(٤) خبري ڪئپشن: اهو ڪئپشن جنهن جي خبر ۾ ايتريون حقيقتون ناهن، يا اها خبر اهڙي اهميت جي ناهي جو ان کي الڳ خبر ڪري ڇاپي سگهجي. تنهنڪري هن قسم جي ڪئپشن کي وڌائي اهڙو ڇاپجي جو انهيءَ واقعي جي حقيقتن کان بہ ڄاڻ ٿئي ۽ تصوير جو مقصد بہ ادا ٿئي. يلي پوءِ هن ڪئپشن ۾ انهيءَ مقرر جا چيل ٻہ جملا بہ شامل هجن.

## ڇا ڪئپشن ضروري آهي؟

گهڻا سب ايڊيٽر ائين سوچيندا آهن تہ مشهور شخصيتن لاءِ ڪئپشن ضروري ناهي ڇاڪاڻ تہ اهي چهرا روز ڇپبا رهبا آهن. اها ڳالهہ بينظير ڀٽي، نواز شريف، ممتاز علي ڀٽي، ائڪٽر محمد علي، زيبا يا ٻين عام دلچسپي جي شخصيتن لاءِ تہ مجيوسين درست ٿي سگهي ٿي، پر پڙهندڙن مان ڪيترا هوندا جيڪي پير حسام الدين، مولانا گرامي، شيخ اياز، ڊاڪٽر جمعي، ٻيڙي فقير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا تنوير عباسي جي چهري کان چاڻو هوندا. انهن ماڻهن جون تصويرون ته ڪڏهن ڪڏهن ڇپبيون آهن. انهيءَ کان سواءِ، ڇاڪاڻ ته سب ايڊيٽر يا ڪئپشن لکندڙ انهيءَ چهري کي سڃاڻي ٿو، تنهنڪري هو توقع رکي ٿو ته سمورا پڙهندڙ انهن چهرن کي سڃاڻندا هوندا. اهو غلط آهي. پڙهندڙ هر طبقي جا ٿين ٿا ۽ هنن کان اها توقع رکڻ اجائي آهي. انهيءَ کان علاوه بنيادي طور روز ٿيندڙ ڳالهين ۾ انساني حافظو ڪمزور ثابت ٿيو آهي. مثال طور گهٽ ماڻهن کي ياد هوندو ته هنن ڪلهه منجهند جي ماني ڇا کاڌي؟ ڇاڪاڻ ته اهي عمل روز ٿيندا رهن ٿا. تنهنڪري انسان انهن کي ياد رکڻ جي ضرورت محسوس نٿو ڪري، سواءِ ڪن خاص غير معمولي واقعن جي، جيڪي ذهن تي گهٽو اثر وجهن، سي ياد رهجي ويندا آهن. اخباري صفحا ڏسڻ به پڙهندڙن لاءِ ساڳي قسم جو معمول آهي تنهنڪري هو سواءِ چند مانوس چهرن جي يا جيڪي گهڻا اخبارن ۾ ايندا آهن، ٻيا ياد نه پوندا آهن.

انهن حقيقتن ڪري اهو ضروري آهي ته هر تصوير جي هيٺان ڪئپشن ڏجي، چاهي اها هڪ لائين هجي يا هڪ ننڍڙو سنگل ڪالم جو ڪلوز اپ هجي. خبر سان گڏ هلندڙ شخصيت جي تصوير جنهن جي تازه تصوير ناهي ته اسٽاڪ تصوير هلائڻي پوندي، تنهن صورت ۾ به ڪئپشن ضروري آهي ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن خبر ۾ ٻن يا وڌيڪ شخصيتن جو ذڪر اچي ٿو ته پڙهندڙ کي ڪيئن خبر پوندي ته بيان ڏيندڙ ڪير آهي يا هيءَ ڇپيل تصوير متي ذڪر ۾ آيل ماڻهن مان ڪنهن جي آهي.

## ڪئپشن جي ٻولي

ڪئپشن جو مقصد، تصوير جي وضاحت ۽ شخصيت جي نشاندهي ڪرڻ ۽ واقعي جا تفصيل ٻڌائڻ آهي. انهيءَ ڪري ڪئپشن جي ٻولي وضاحتي ۽ غير مبهم هئڻ گهرجي. انهيءَ کان سواءِ جيڪڏهن تصوير جي ڪئپشن ۾ به اهي لفظ، اهي محاورا ۽ اهي انگ اکر آيا جيڪي خبر ۾ ڏنل آهن ته اهو ورجاءُ پڙهندڙ جي دلچسپي کي ختم ڪندي. انهيءَ ڪري ڪوشش ڪري ڪئپشن جي ٻولي هلندڙ خبر جي ٻوليءَ کان مختلف ۽ سڌي هئڻ گهرجي.

انهيءَ کان سواءِ اهي ڪئپشن جيڪي تصوير جي موڊ مطابق ناهن يا وري تصوير جو موڊ بگاڙين، اهي ڪڏهن نه ڏيڻ گهرجن. مثال طور تصوير ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا شيز بظاهر ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي تنهن کي لفظن ۾ ورجائڻ نہ گهرجي. مثال طور پاڪستاني ڪرڪيٽ ٽيم جي ڪپتان ايم سي سي خلاف حيدرآباد ۾ ميچ کيڏندي، هڪ سئي ڪيچ ڇڏي ڏني ۽ انهيءَ گهڙي ڦڪو ٿي منهن لڪائي ورتو، تہ انهيءَ منهن لڪائڻ واري تصوير جو ڪئپشن، هيئن نہ هئڻ گهرجي تہ:

"ماجد، ووڊ ڪاڪ جي ڪيچ ڇڏڻ کان پوءِ شرم وچان منهن لڪائي ورتو."

اهو تہ ظاهر آهي تہ هن منهن لڪائي ورتو اهو پڙهندڙ بہ ڏسي سگهي ٿو. پر ان ۾ ٻولي کا نئين ڳالهہ پڌايو. يا ان ڳالهہ کي اهڙي انداز سان پڌايو جو پڙهندڙ ۾ دلچسپي وڌائي. مثال طور هيئن ٻين لفظن ۾ لکي سگهجي ٿو:

"هار جيت جو ڊراپ: ممڪن آهي تہ ماجد جيڪڏهن ووڊ ڪاڪ جي هيءَ ڪيچ نہ ڇڏي ها تہ هو نہ صرف شرم وچان منهن لڪائڻ کان بچي وڃي ها پر پاڪستاني ٽيم جي کٽڻ جو بہ سبب بنجي ها."

## ڪئپشن جي سرخي

ڪئپشن ٺلهو وجڻ تصوير جي اڌ روح کي ٻوڙڻ جي برابر آهي. ڇاڪاڻ تہ تصوير جيڪي ڪجهہ پڌائي ٿي، ان جو تفصيل ڪئپشن آهي ۽ ڪئپشن جو هوڪو سرخي آهي. ڇاڪاڻ تہ تصوير ۽ ڪئپشن خود هڪ خبر آهي، تنهنڪري خبر کي سرخي بنا نہ وجڻ ڏجي.

ڪئپشن تي سرخي لڳائڻ، تصوير جي سرخي لڳائڻ برابر آهي ۽ جيئن تہ خبر جي جان ۽ دلچسپي سرخي ۾ آهي تنهنڪري تصوير جي ڪئپشن جي جان بہ سرخي ۾ آهي. وڏيون اخبارون صرف ڪئپشن لکڻ لاءِ ڌار ڌار سب ايڊيٽر رکنديون آهن،جن جو ڪم صرف تصويرن جا سٺا ڪئپشن ۽ پڙهندڙکي ڇڪيندڙ سرخيون لکڻ هوندو آهي.

ڪئپشن جي سرخي لکڻ جو قاعدو هي آهي تہ تصوير کي ڏسڻ شرط ڪئپشن لکندڙ آڏو تصوير جو روح ابري ايندو تہ تصوير ڪهڙو پيغام ڏئي ٿي، انجا مکيہ ڪردار ڪهڙي موڊ ۾ آهن. يا هيءَ تہ تصوير ڇا ٿي ڳالهائي ان مقصد کي سمجهڻ بعد اصل ڳالهہ کي Twist ڏيڻ يا مقصد کي زور سان ظاهر ڪرڻ لاءِ، بلڪل خبر جي سرخي ڏيڻ واري اصول تي ڪاربند رهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئپشن جي به سرخي ڏيٽي پوندي. ٿلهي ليکي، سرخيءَ ۾ ست ڪڏي مٿان ڏيٺو آهي. مثال طور هڪ تصوير ۾ ڪئپشن ۽ سرخي هن ريت موضوع سان هلي:



**سڀ ڪجهه فلم تي قيد**

ملڪ فرح پهلوي جنهن جون دنيا ۾ سڀ کان گهڻيون تصويرون نڪتيون آهن، سا پنهنجي نوزيليند جي دوري وقت گهڻو ڪري ڪئميرا جي پٺي طرف هوندي هئي ۽ هن پاڻ کي تمام مشغول فوٽوگرافر ثابت ڪيو.

وري هيءَ تصوير ڏسو جنهن ۾ تصوير جي سرخي، تصوير جي روح جي ابتڙ وڃي، سبب ظاهر تي ڪري. هن کي تضادي ڪئپشن Contrast Caption جو انداز سڏبو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



## ڏيڇاريندڙ ڇھري سان آجيان

ڇا، اوھان ڪڏھن پنھنجي مھمان کي ڏيڇاريندڙ ڇھري سان خوش آمديد چوندؤ؟ يقينن نہ، پر ميونسپل ڪارپوريشن حيدرآباد اھو ڪري ڏيکاريو آھي. ھيءَ ھوائي اڏي کان شھر ۾ داخل ٿيندڙ رستي جي حالت آھي، جتي خوش آمديد جو بورڊ لڳل آھي ۽ رستي جي حالت پنڌ ھلڻ کان بہ ويل آھي. پاڻ فيصلو ڪريو.



## ٿر ڪراچي ڪڇي آيو!

سچ پچ ٿر نہ، پر ٽيليويزن طرفان منعقد ڪيل عوامي ميلي تي چونرا لڳائي ٿر جو نظارو ڪڙو ڪيو ويو آھي. ھن حصي ۾ ٿر جي زندگي ڏيکاري ويئي آھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڪئپشن Teaser سڏبو آهي جنهن جو مقصد هيءُ هوندو آهي تہ پڙهندڙ ان جي تفصيل معلوم ڪرڻ لاءِ حقيقت ڳولي. اهو هيئن تہ ڪنهن واقعي جون چار پنج تصويرون ڪڍي ان مان هڪ غير معمولي ۽ خبري اهميت جي تصوير پهرين صفحي تي لڳائي، ان جي هيٺان لکجي تہ جواب معلوم ڪرڻ لاءِ باقي تصويرون اندر فلاڻي نمبر صفحي تي ڏسو ۽ اتي باقي تفصيلي ڪئپشنن سميت تصويرون ڏجن. مثال طور وزير اعظم پنهنجو، حيدرآباد جي جيل جو اوچتو معائنو ڪرڻ ويو ۽ هو قيدين سان اندر بيرڪن ۾ ڳالهائي رهيو آهي. فوٽوگرافر بيرڪ جي ٻاهران لوهي دروازي کي پيش منظر ۾ رکي تصوير ڪڍي، ۽ اها تصوير پهرين صفحي تي ڏئي، ان جي هيٺان هيئن لکي سگهجي ٿو تہ:

"وزير اعظم پنهنجو، جيل ۾"

يا وري

"پنهنجو جيل ۾ ڇا پيو ڪري؟"

اهڙي ريت مڪمل ڪئپشن ڪجهہ هن ريت ٿيندو:

**"وزير اعظم پنهنجو جيل ۾!**

جي ها، پر قيدي جي حيثيت ۾ نہ، معائني لاءِ. وزير اعظم ڪلهہ حيدرآباد جي دوري وقت جيل جو بہ معائنو ڪيو- ڇا ڇا ڏٺو، وڌيڪ تصويرون ڏسو صفحو-"

انهيءَ ريت پڙهندڙ جي دلچسپي وڌندي ۽ اخبار نويس جو اهو ڪم پورو ٿيندو تہ پڙهندڙ کي هر اها چيز ڏيکاريئين ۽ پيغام پهچايائين جيڪو هو چاهي پيو.

عام پڙهندڙ جي نفسيات وٽان هي بہ آهي تہ پڙهندڙ تصوير جي مٿان نظر پهرين کڻائيندو آهي. ان صورت ۾ تصوير جي مٿان ڪئپشن ڏيڻ ضروري ٿي پوندو آهي. پر ان جو فني پهلو هي آهي تہ ميڪ اپ ۾ اها تصوير ڪيئن بيهي ٿي. جيڪڏهن اها تصوير ائين بيهي ٿي جو ڪئپشن جي سرخي تصوير مٿان ڏيڻ لازمي ٿي پوي ٿي تہ پوءِ ڪو هرج ناهي. (جيئن اسان اڳتي هلي صفحي جي ميڪ اپ بابت ڪجهہ ذڪر ڪنداسين).

ڪن اخبارن توڙي خبري مخزنن News magazines ۾ خاص ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انگريزي رسالن ۽ اخبارن ۾ اهو لاڙو ڏٺو ويو آهي تہ جاءِ جي تنگي يا وري مورڳو اڳ ۾ سٽا ٿيل صفحي ۾ تصوير مٿان ڪئپشن هوندو آهي. اهو قطعي غلط آهي. ان جي معنيٰ اها ٿيندي تہ گهوڙي کي گاڏي جي پويان ٻڌجي. اهو نفسياتي طرح، علمي لحاظ کان، توڙي فني نڪتہ نگاهہ کان تمام عيبدار آهي.

هن وقت عام طور تي ڪئپشن لکڻ جا ۽ انهن جي سٽا جا هي قسم مروج آهن:

### خبر سان گڏ تصوير Running with story

هن قسم جي تصوير لاءِ ڊگهو ڪئپشن ڏيڻ نہ گهرجي، نہ تہ اهو ڊپ آهي تہ خبر جا ڪي وڏا حصا ڪئپشن ۾ ورجائجن نہ. جيڪڏهن اهڙو ڪو ڊگهو ڪئپشن ڏسو تہ سمجهو تہ اهو ڪنهن سست ايڊيٽر لکيو آهي.

موڊ يا تصوير جو مزاج تمام ضروري آهي. مثال طور ٻوڏ بعد ڪنهن گم ٿيل ماڻهوءَ جي ملڻ جي اميد ۾ تلاش، ڪو انعام کٽڻ جي خوشي، ڪنهن اڻچاڻ حادثي سان ٽڪراءُ تي حيرت، سزا ملڻ بعد شرمساري، يا اعتراف جرم بعد جو جذبو. ڪئپشن ۾ اها جان وجهو جيڪا تصوير جو روح آهي.

### پهرين صفحي جي تصوير، پر خبر اندر
### Front page picture & inside story

هن قسم جي تصوير اها ٿئي ٿي جيڪا پنهنجي لياقت جي لحاظ کان تہ تمام وڏي ۽ ڀرپور تصوير آهي پر ان جي خبر جي جاءِ ناهي جو پهرين صفحي تي اچي. تنهنڪري، هن تصوير کي هڪ سٽي ۽ وڏي سرخي ڏيئي، ڪي قدر تفصيلي ڪئپشن ڏيو ۽ ان جي هيٺان اندرين خبر لاءِ حوالو Cross reference ڏنو ويندو آهي.

### مڪمل ڪئپشن Self-contained caption

هي انهيءَ تصوير جي ڪئپشن جو لکيو ويندو جيڪا بنان ڪنهن خبر جي ڇپي ويندي آهي. هي ضروري ناهي تہ هي ڪا تمام غير معمولي تصوير هجي، پر اهڙي تصوير جنهن ۾ گهڻ ۾ گهٽ ڪجهہ نہ ڪجهہ خبريت هجي. مثال طور ڪا غير معمولي ميٽنگ، ڪنهن وڏي اڳواڻ يا تعليمي ماهر جي وڏي بيماريءَ مان صحتياب ٿيڻ، يا ڪنهن سائنسي ايجاد جي تصوير.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## کئپشن خبر Caption story

هن قسم جي ڪئپشن ۾ اهڙي قسم جا واقعا درج هوندا آهن جن انهيءَ تصوير ڪڍڻ تي مجبور ڪيو. جيتوڻيڪ اها تصوير ڪا غير معمولي نوعيت جي نه هوندي آهي پر اهڙي هوندي آهي جو ان کي الڳ نتو ڇاپي سگهجي. ان جي اهميت انهيءَ خبري واقعن جي ڪري ئي واضح ٿئي ٿي. هن ۾ ڪئپشن لکندڙ کي ڪجهه تصوراتي قسم جي خيال کان ڦيرائي تمام فنڪارانه انداز ۾ طريقي سان واقعن کي پيش ڪرڻو پوندو آهي.

## ڳجهارتي ڪئپشن Puzzle picture

هيءَ ان قسم جي تصويرن تي لڳندو آهي جنهن ۾ خبرون نه اهيندڙ شخصيتون ڪجهه عجيب و غريب قسم جي حرڪتن ۾ هجن. يا وري ڪنهن عام ماڻهو، رانديگر يا گهوڙي جي اهڙي تصوير ڪڍي وڃي جو پهرين نظر سان اها سمجهه ۾ نه اچي يا حيرت لڳي. مثال طور ڄام صادق علي وزير بلديات هفته صفائي جو افتتاح ڪرڻ وقت ٻهارو کڻي صفائي ڪري رهيو هجي ۽ فوٽوگرافر انهيءَ جو ڪلوز اپ ايڏي خوبصورتي سان ڪاڍيو هجي جو پس منظر يا پيش منظر ۾ ڪا شيءِ ڏسڻ ۾ نه اچي جيڪا پهرين نظر ۾ اهو ظاهر ڪري ته هيءَ ڪنهن مهم جو افتتاح آهي. هاڻي انهيءَ تصوير جي هيٺان هيءَ لکي سگهجي ٿو.

**"ڄام صادق علي ٻهارو ڏيڻ لڳو. ڇا ٻيو ڪو ڪم نه اٿس؟"**

انهيءَ سرخي کان پوءِ هيءَ ان جي وضاحت ڪري سگهجي ٿي ته:

"ها، ٻيو ڪم به اٿس، پر وزير بلديات جي حيثيت ۾ هو شهري صفائي ۽ صحت جو به ذميدار آهي. ڪلهه حيدرآباد ۾ هفته صفائي جو افتتاح ڪندي، آفيسرن جي موجودگي ۾ تندي يوسف ۾ پهريون ٻهارو ڦيرائي هفتي جو افتتاح ڪيو."

## سلسليوار ڪئپشن Sequence caption

هي انهن تصويرن جا ڪئپشن هوندا آهن. جيڪي ڪنهن اڳواڻ، سربراهه، محڪماتي سربراهه يا راءِ عامه جي اڳواڻن جي ڪنهن بيان ڏيڻ وقت رد عمل جي مختلف مزاجن جا هوندا آهن، يا وري ڪنهن واقعي تي رد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمل ڏيڪارڻ واسطي هوندا آهن. مثال طور وزير اعظم ڀٽي کان، پاڪستان ۾ آيل ٻوڏ جي تباهه ڪاري بابت انٽرويو ۾ ڀٽي جا مختلف رد عمل ڪيئن ٿا ظاهر ٿين، تن جو اظهار هن طرح لکي سگهجن ٿا:

وڏو ڀيانڪ

افسوسناڪ

هڪ وڏيڪ رڪاوٽ

دوستن لاءِ للڪار

قوم لاءِ امتحان، وغيره

### حادثي جو ڪئپشن Wreckage caption

حادثي جون تصويرون ڀيانڪ هونديون آهن، ۽ عام طور هڪجهڙيون ڏسڻ ۾ اينديون آهن. تنهنڪري ڪوشش ڪري ڪلوز اپ نه، پر پري کان ڏيڻ گهرجن جنهن مان تباهيءَ جو اثر Impact وڌي، پاڻ جيڪڏهن حادثي کان ٿورڙي پنڌ تي ڪا اهڙي شيءِ، جاءِ، معصوم ٻار بچي ويو هجي ان جي تصوير ڏيڻي خبر ۽ تصوير کي وڌيڪ زنده ڪري سگهجي ٿو ته:

"موت جي پاڇي کان صرف ٣ فٽ پري.

٣ سالن جو معصوم علي محمد راند ڪيڏي رهيو هو ته پرسان اڻ ڪنٽرول ٿيل جيپ ٽنيي سان ٽڪري جنهن ۾ ڊرائيور ۽ مالڪ ٻئي مري ويا، پر هي ٻارڙو بچي ويو."

### سنسني خيز ڪئپشن Suspense picture

ڪنهن خود ڪشي جي خبر جو تصور ڪريو، جنهن ۾ ڪنهن شخص ڪراچي جي هڪ ٨ ماڙ عمارت جي دريءَ تان ٽپ ڏيئي پاڻ کي هيٺ ماري ڇڏيو. ظاهر آهي ته فوٽوگرافر مٿل ماڻهو کي اتاري ٽپو ڏياري وري خودڪشيءَ جي تصوير نٿو ناهي سگهي. تنهنڪري تصوير بغير يا صرف خودڪشي ڪيل ماڻهوءَ جي تصوير سان خبر ڇو هلائجي. ٿورو ڌيان ڪريو. انهيءَ دري، عمارت ۽ پوءِ هيٺ ٽرئفڪ سان مصروف رستي جون تصويرون ڏيئي هيٺ هيئن ڪئپشن لکي سگهجي ٿو:

**"موت کان ڪجهه گهڙيون اڳيم، ٨ ماڙن جي هيٺانهين ۽ پوءِ موت."**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سليم پنهنجي بچڻ جو ڪو رستو نہ ڇڏيو. جيتوڻيڪ راهگيرن ڪيس ڪرڻ ڪانپوءِ بچائڻ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي."

**مانوس ڪنپشن** Familiar sense

ڪنهن انعام ورهائڻ واري رسم جو خيال ڪريو. هر تقريب هڪجهڙي هوندي آهي. يا انعام ڪٽندڙ وڪٽري اسٽئنڊ تي بيٺل هوندو آهي يا وري مهمان خصوصي سان هٿ ملائيندي مسڪرائيندو هوندو، پر ان ڪي ڪجهہ اهڙي انداز سان زندهہ ڪري نيائي سگهجي ٿو تہ:

"حياتيءَ جي پهرين آس پوري ٿي. نزهت، پاڪستان جي سترهين ائٿليٽڪ مقابلن ۾ پهرين خاتون ائٿليٽڪ چئمپين جو اعزاز نيٺ حاصل ڪيو. هن نندي هوندي کان سدائين اها آس رکي تہ هوءَ چئمپينشپ جو اعزاز حاصل ڪري."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪئپشن ڪيئن وڪجن

هر ڪئپشن جي هڪ سرخي ٿيندي آهي. ظاهر آهي تہ سرخي مٿان وجڻ گهرجي. پر تصوير جي معاملي ۾ سرخي ڪئپشن جي هيٺ اچڻ گهرجي، اهو هڪ طئي شده اصول آهي. ڇاڪاڻ تہ انسان تصوير ڏسڻ بعد ان جي مٿان نہ ويندو آهي، پر هيٺ ڪئپشن ڏسڻ شروع ڪندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪئپشن جي سرخي دلچسپ آهي تہ هو باقي حصو بہ پڙهندو.

دنيا جي اخبارن ۾ ڪئپشن لکڻ لاءِ ۽ تصوير جا تفصيل ياد رکڻ لاءِ هن قسم جي ڪئپشن شيٽ ڪتب آندي ويئي آهي جيڪا ڪئپشن لکڻ ۾ مدد ڏيندي آهي.

## فوٽو جي ڪئپشن شيٽ

جهنڪار حيدرآباد

آپريٽر-------------------

ڊيوٽي-------------------

تاريخ-------------------

فوٽو نمبر ڪئپشن جو مضمون

## ڇا اوهان کي ياد آهي تہ

ڪنهن --- ڇا--- ڪٿي --- ڪڏهن --- ڇو --- مهرباني ڪري پوري معلومات، جنهن حد تائين بہ ٿئي، ڏسو

ڊارڪ روم رمارڪ

لاءِ هدايتون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تصويري صفحو- ميڪ اپ

ميڪ اپ جا بنيادي مقصد ٻه آهن. هڪ ته اهميت ۽ مقصد جي لحاظ کان تصويرن جي سٽا، ۽ ٻيو بصري Visual لحاظ کان سنو لڳي. مقصد جي لحاظ کان تصويرن جي سٽا جي معنيٰ هيءَ آهي ته تصويرون چاهي ننڍيون هجن يا وڏيون، پر اهي صفحي ۾ ائين جڙجن جيئن اهم تصوير مٿي ۽ پهرين اچي، پوءِ غير اهم تصويرون اچن. هن خيال واري سٽاءَ ۾ بصري اثر Visual impact جو خيال ٻه رکيو ويندو آهي جيڪو ڪنهن صفحي جي سونهن آهي. ظاهر آهي جيستائين ڪو صفحو اک کي نه وڻندو تيستائين هن کي ڪو گهوري ڏسڻ ۽ ڪئپشن پڙهي اهو معلوم ڪرڻ لاءِ تيار نه هوندو ته اهي تصويرون ڇا بابت آهن. پوءِ ڀلي اهي ڪن اهم واقعن جون ڇونه هجن.

هن مان ظاهر ٿيو ته اک کي وڻندڙ سونهن پيدا ڪرڻ پهرين بنيادي ڳالهه آهي. تنهنڪري Visual impact پيدا ڪرڻ تمام ضروري آهي. هاڻي هن اثر وڌائڻ جا ڪئين جزا آهن.

هن جزن کي سمجهڻ لاءِ بصري نفسيات جي اصولن کي سمجهڻ ضروري آهي. هاڻي هن شيءِ کي غور سان ڏسو.



۽ ان بابت ڪجهه ٻه تصور ڪريو. هن کي دنيا جي ڪنهن ٻه شيءِ سان ڀيٽيو. ٿلهي ليکي اسان هن کي ماٿهو جو بدل قرار ڏيون ٿا. هن کي ماٿهو قرار ڏيڻ بعد هي جنهن صورت ۾ موجود آهي ان مان اهو تاثر ملي ٿو ته اهو بيٺو آهي.

انهيءَ جي پيٽ ۾ هيءَ  ڏسو ۽ غور ڪريو، يقينن هن تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ستل هڻڻ جو گمان ٿيندو، معنيٰ آرام ۾ آهي. آرام فرحت ۽ سڪون جي نشاني آهي جڏهن ته بيٺل سڪتي جي ڪيفيت، يا ڪتل هڻڻ جي عڪاسي ڪري ٿي.

هاڻي هن ٽئين خاڪي تي ڌيان ڏيو اهو آهي.



هن کي غور سان ڏسو ۽ هن جي علامت کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪريو. عمومي طور هي لٽڪيل تصور ڪيو ويندو پر ڳوڙهو ويچار ڪري ڏسبو ته هي يا ڪري رهيو آهي يا وري پنهنجي رخ ۾ اڳتي وڌي رهيو آهي. پنهي صورتن ۾ معنيٰ هي ته Action يا تحرڪ ۾ آهي. بصري اصول جي لحاظ کان هيءُ خاڪو سڀ کان وڌيڪ دلچسپ ۽ ڇڪيندڙ آهي ڇاڪاڻ ته انساني زندگي متحرڪ آهي ۽ هو سدائين تحرڪ کي وڌيڪ قرب ڪندي. هاڻي اهو تحرڪ، اها چرپر جڏهن زندگيءَ جي علامت ٿي ته پوءِ اکين کي چونڊ وٽندي. اهوئي تحرڪ ۽ چرپر ڪنهن به تصوير جي Composition کان وٺي گهڻين تصويرن جي صفحي جي ميڪ اپ، يا خبرن جي صفحي جي ميڪ اپ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿي. (خبرن جي صفحي جي ميڪ اپ جو بعد ۾ ذڪر ايندو.)



مثال طور جيڪڏهن اوهان هڪ اهڙي صفحي کي ڏسو، جنهن جي سٽاءُ هيئن هجي.

يقينن هيءُ سٽا (Stale) بيٺل سرن جي سٽي کان وڌيڪ ڪجهه نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيئل Vertical تصوير جي پر ۾ Horizontal
سٽل تصوير هجي. هن جا ٻه مقصد آهن. هڪ بصري لحاظ کان تضاد پيدا ڪرڻ ۽ ٻيو نفسياتي طرح هن ۾ تحرڪ Movement پيدا ڪرڻ آهي. پر هن ۾ اهو تضاد ايڏو فنڪارانه، ايڏو حسين، ايڏو موضوع سان پرجي ايندڙ هجي جو نه صرف نظرن کي چڱو لڳي، پر خيال جي هڪجهڙائي، تسلسل ۽ ڳانڍاپي کي به جياريندو اچي. هن جي معنيٰ اها ٿي ته تصويري صفحي جي سٽاء ڪا اهڙي ٿئي جيڪا:

(١) هڪجهڙائي جي نمائندگي نه ڪري، يعني Monotonous نه هجي،
(٢) واضح طور تي هر تصوير جي بيهڪ ۽ ڪمپوزيشن پنهنجي هجي،
(٣) هڪ ئي تصوير ۽ هڪ ئي فڪر کي اڪيلي وڌائڻ واريون تصويرون هڪ هنڌ هجن،
(٤) غير متوازن Asymmeterical هجي، ۽
(٥) هر صفحي کي چئن برابر حصن ۾ ورهائجي ۽ انهيءَ تصوراتي ليڪ ۾ ورهايل هر حصو Independent هئڻ گهرجي.

هر ميڪ اپ جي بصري نفسيات جو اصول آهي ته انسان ڪنڌن کان ڏسڻ شروع ڪندو آهي، ۽ جيڪڏهن ڪنڌون مضبوط ناهن ته پورو صفحو ڍلو ۽ ڍرڪٽو نظر ايندو.

تصويري ميڪ اپ ۾ به اهيئي اصول هلندا آهن جيڪي خبري صفحي جي ميڪ اپ ۾ يا فيچر صفحي جي ميڪ اپ لاء ٿيندا آهن يعني Variety, Contrast ۽ Movement.

اهي ٽيئي خوبيون ميڪ اپ جي هر انداز ۾ بخوبي اچي سگهن ٿيون پر عمومي طور تي ٣ انداز مروج آهن: Symmetrical؛ هن کي جيڪڏهن اييءَ طرح ورهائجي ته ٻئي پاسا برابر ٿيندا. جيڪڏهن ساڄي پاسي پهرين ڪالمن ۾ ٣ ڪالمن جي ٧ انچ ڊگهي تصوير آهي ته کابي پاسي به انهيءَ ڪالم سائيز ۾ ٻي تصوير هجي. وچ ۾ مٿين چوٿائي ۾جيڪڏهن سنگل جي تصوير آهي ته انهيءَ تصوير جي ابتي طرف به هئڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح جو جيڪڏهن اخبار کي ايو اڌ ڪجي ته ٻئي پاسا هڪجهڙا لڳن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙوڪ:



هن انداز ۾ ڪيئي نمونا ٿي سگهن ٿا.

هي انداز ڏسڻ ۾ چڱو پر هن کي ڏسڻ بعد معلوم ٿيندو ته انهيءَ ۾ هڪ سٺي صفحي جون خوبيون ته سموريون آهن، منجهس Variety آهي، تضاد Contrast آهي پر Movement لاءِ اڃا ڪجهه گهرجي. اها چرپر ناهي جيڪا اک کي ڀانئي. تنهنڪري هي انداز هاڻي گهٽئي ڀاڱي اخبارن مان نڪري ويو آهي.

ٻيو انداز غير متوازن يا Asymmetrical آهي. هن ۾ ميڪ اپ جا سمورا اصول ڪتب ايندا آهن پر اهڙيءَ طرح تصويرون رکيون آهن جو مٿئين انداز ۾ چرپر واري جيڪا خوبي گهٽ آهي، سا هن ۾ زوردار نموني اڀري ٿي. هن ۾ Vertical ۽ Horizontal تصويرن جي اهڙي خوبصورت سٽا ڪرڻي پوندي آهي جو نه صرف نئي خوبيون اڀرن پر سڀ کان وڏي خوبي Visual واري تمام نمايان نظر اچي.

جيئن سنڌس ناليءَ مان ظاهر آهي ته متوازن صفحي بنائڻ بدران هر تصوير جو ڪائونٽر ڳولبو آهي. اڀي تصوير جي لاءِ بهترين توڙ پاسيري آهي ۽ پاسيري جي انداز کي اڀي تصوير ڪائونٽر ڪندي آهي. مثال طور:



Asymmetrical انداز ۾ ڪيئي ٻيا نمونا به ٿي سگهن ٿا.

اڄ جي دنيا جا بهترين لي آئوٽ وارا صفحا انهيءَ انداز جا هوندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڍيون تصويرون وڏين تصويرن جي پر ۾ رکڻ اجايو ۽ جاء وڃائڻ جي برابر آهي.



صاف، واضح ۽ اثرائتي پڪچر پيج جو هڪ نمونو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لي آئوٽ

فرض ڪريو ته اوهان هڪ فوجي ڪمانڊنگ آفيسر آهيو. اوهان وٽ هٿيار به آهن. پر دشمن سان وڙهڻ کان اڳ ۾ اوهان يقينن هڪ نقشو ٺاهيندؤ پاڻ ڳڻ ڳوت ڪندؤ ته ڪهڙي چال سڀ کان اهم آهي ۽ ڪهڙو هٿيار سڀ کان اول استعمال ڪجي. ان کان پوءِ پنهنجن ماتحتن کي ٻڌائيندؤ ۽ پوءِ ان تي عمل ٿيندو. جتي محاذ ڪمزور پوندو ته اتي هڪدم تازه ڪمڪ به پهچائيندؤ. اهائي حالت اخبار واري جي آهي. ايڊيٽر ڪجهه انهيءَ حيثيت ۾ آهي. ان ماڻهن جي حالت ۾ جنهنجي ذمي اخبار کي ٺاهي ٺوڪي سٺا ڏيئي ڪڍڻو آهي. هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته هڪ سٺي اخبار ڪڍڻ لاءِ صرف سٺيون خبرون، معلوماتي ۽ دلچسپ مضمون، دلڪش تصويرون ۽ غير جانبدار پاليسي جي ضرورت ناهي.. اهي ضرورتون پوريون ڪرڻ کانپوءِ به جيڪڏهن ڪا اخبار انهن کي سٺي ۽ پرڪشش انداز ۾ نٿي ٺاهي جوڙي ته پوءِ هيتري سٺي مواد هٿ ڪرڻ جي ڪوشش اجائي آهي.

هيءَ ياد رکجي ته هڪ سٺي خبر، پڙهندڙ پڙهندو بعد ۾ آهي، پهرين ان کي ڏسندو آهي. ۽ جيڪڏهن هن کي انهيءَ زبردست، حيرت انگيز، تعجب خيز، پرڪشش ۽ معلوماتي مواد غير دلچسپ ۽ اڻ ٺڪيندڙ انداز ۾ ملندو ته يقينن هو ان کان ٽهندو، پوءِ ڀلي اوهان راتين جون راتيون نور نچوئي اهو مواد لکيو هجي. هوشيار ۽ ڏاها اخبار وارا، گهٽ دلچسپ خبرن ۽ ٻئي مواد کي به اهڙي سهڻي ڏانو سان ڇپيندا جو ڏسندڙ پڙهڻ کان پهرين انکي پاڻڻ لڳندا ۽ پوءِ مجبورن پڙهڻ به لڳندا. ظاهر آهي اوهان گهوڙي کي پاڻي وٽ ته آندو پر ڪيس زوري پاڻي پياري نٿا سگهو. اهو ڪم اخبار واري جو آهي. پڙهندڙ جو صرف اهو ڪم آهي ته هو اخبار وٺي ڏسي. اهو ڪم ايڊيٽر جو آهي ته هو ڪيئن ڪيس پڙهڻ تي مجبور ڪري. انهيءَ آرٽ کي سنو لي آئوٽ چئبو آهي.

انهيءَ ٺاهه جوڙ، سٽا، ترتيب، انداز انهن سمورين ڳالهين کي ميڪ اپ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميدان ۾ اخبار واري وٽ Make up يا Setting چئبو آهي. انهيءَ سموري ميدان ۾ اخبار واري وٽ پنهنجا هٿيار خبرن، تصويرن ۽ سرخين جي صورت ۾ موجود آهي ۽ سنڌس ميدان جنگ، اخبار جو صفحو آهي. انهيءَ رٿابندي، اڳواٽ سوچ، نقشي يا اخباري تعمير جي ڍانچي کي Dummy چئبو آهي. اخبار واري جو سڀ کان وڌو اهم ترين دستاويز ۽ اخبار کي پنهنجي سوچ مطابق عملي صورت ڏيڻ جي هڪ ابتدائي صورت اها ڊمي آهي.

ڊمي Dummy انهيءَ ڪاغذ جو نالو آهي جنهن تي صرف ڪالمن جا نشان لڳل هجن ۽ سب ايڊيٽر، ايڊيٽر، نيوز ايڊيٽر يا فيچر ايڊيٽر انهيءَ تي انهيءَ مواد جو نشان هٽي ڏين جيڪو ايڊيٽر اتي رکڻ چاهي ٿو. ڊمي کي ٻين لفظن ۾ اخبار جو اهو نقشو ڪٺي چئجي جيڪو ايڊيٽر پنهنجي دانائي سان ٺاهي پيش ڪرڻ چاهيندو هجي. پيج ميڪر سموري مواد ڪمپوز ٿيڻ کان پوءِ ڊيوٽي ايڊيٽر کان ڊمي وٺي ان مطابق خبرن، مضمونن ۽ ٻئي مواد کي اخبار ۾ رکندو.

## ڇا ڊمي ضروري آهي؟

ڊمي جي رواج هئڻ کان اڳ هيئن ٿيندو هوته ايڊيٽر، يا نيوز ايڊيٽر فيچر ايڊيٽر ميٽر ڏنو. اهو ڪمپوز ٿيو. ان کان پوءِ فورمئن ان مواد کي جيئن آيو تيئن ميڪ اپ ڪري ڇڏيو. پوءِ ٿيندو هيئن هو ته فورمئن کي تڪڙ ۾، يا وقت ۽ محنت بچائڻ لاءِ ويجهي ۾ ويجهي گيلي ۾ پيل ميٽر ۽ گهربل ماپ واري خبر ڪنهن ۽ صفحي ۾ رکي ڇڏي. پلي ان جي پر ۾ ٻي گيلي ۾ ملڪ جون اهم خبرون پيون هجن، ۽ اهي بچي پون. اخبار ۾ اهي انڪري اچي نه سگهنديون جو خبرن جي اها گيلي ٿورو پرڀرو رکيل هئي ۽ گهربل ماپ ۾ آيون به نه پئي. جيتوڻيڪ ٿورڙيءَ ڪوشش سان ڪئين اهم خبرون اچي پيون سگهن.

يا وري هيئن ٿيو ته هڪ ئي موضوع ۽ مسئلي تي ڪئين خبرون آيون پر اهي پيج ميڪنگ مهل فورمئن ٽيڙي پکيڙي رکي ڇڏيون جنهن ڪري انهيءَ مسئلي جو اثر Impact ختم ٿيو وڃي. مثال طور وزير اعظم پٽي جو بنگله ديش تي بيان ۴ ڪالمي سرخي آهي. انهيءَ بيان تي وري مخالف اڳواڻولي خان جو رد عمل، ته وري پيپلز پارٽي عهديدارن جا پٽي جي حمايت ۾ بيان، ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽي جي انهيءَ اعلان ڪندي تصوير. اهي سڀ چيزون ڪمپوز ٿيون، تيار پيون هونديون پر سپروائيزر کي ۴ ڪالمن واري سرخي جي هيٺان ٣ انچ جاءِ بچي جيڪا، هن وچ مشرق بابت ڳالهين جي خبر ڪٽي اتي رکي ۽ جيڪا ماپ ۾ ٣ انچ هئي. ولي خان وارو بيان، پٽي جي بيان کان پري پنجين ڪالم ۾ هوندو. ۽ ولي خان جي ٻي خبر ڪنهن اندرين صفحي يا پوئين صفحي تي هلي ويندي. پٽي جي تصوير صفحي جي ڪاٻي هوندي ته خبر ساڄي پاسي وچ ۾ ٻه ڪالم وري ڪنهن حادثي جي خبر هوندي.

جيڪڏهن اها تصوير مٿان هجي، هيٺان پٽي جي خبر هجي، ان جي پرپاسي ۾ يا وري جتي خبر ختم ٿئي، اتي ولي خان جو رد عمل هجي ۽ وري ولي خان جي بيان جي پڇ ۾ پارٽي عهديدارن جا حمايتي بيان هجن ته پڙهندڙ کي سوچ ۾ ڪنهن مسئلي جي اهميت جو اندازو ٿي سگهندو. هن کي سوچ ۾ تسلسل ملندو. هو چاڻندو ته بنگلہ ديش جي مسئلي تي برسراقتدار پارٽيءَ جو ڪهڙو موقف آهي، مخالف اڳواڻ ولي خان انهيءَ تي ڪهڙو نڪتہ نظر رکي ٿو، ته پٽي جي حمايت ۾ ڪهڙا عهديدار، ڪيئن سوچين ٿا. پر چاڪاڻ ته فورمئن تڪڙو ۽ انهيءَ نفسيات کان ناواقف آهي تنهنڪري هن کي انهيءَ تسلسل جي پرواهہ ناهي. هو جتي خبر جيڪا سمائجي سگهندي سا ڏيندو.

ڪڏهن هيئن ٿيو ته ڪا خبر سٽي پيج جي آهي يا آخري صفحي جي آهي، پر اها پهرين صفحي تي اچي ويندي. يا وري ڪڏهن ائين ٿيندو ته شهر ۾ تمام وڏو ڏوهہ ٿيو آهي جيڪو ايڊيٽر پهرين صفحي تي ڏيڻ چاهيندو پر فورمئن ان کي سٽي پيج تي ڦٽي ڪري ڇڏيندو. اهڙي ڪنهن صورتحال کان بچڻ لاءِ ڊمي ضروي آهي.

ذرا، انهيءَ صورتحال جو تصور ڪريو جڏهن ڪنهن هوائي ڪمپني جو ڇئن ڪالمن ۾ ١٠ انچ ڊگهو اشتهار ڇپيو هجي، ۽ انهيءَ اشتهار مٿان ڪنهن هوائي حادثي جي خبر ڇپي هجي. ٻئي ڏينهن هوائي ڪمپني جو ايڊورٽائيزر يا ايڊورٽائيزنگ ڪمپني، اخبار کي ليٽر لکي ته اخبار اها خبر اشتهار مٿان لڳائي، اشتهار جي اثر کي ختم ڪري ڇڏيو. يا ٻين لفظن ۾ هيئن ته پڙهندڙ جو روح هوائي سفر تان کٽو ڪري ڇڏيو آهي. ظاهر آهي ته اهڙي ڪنهن قدم جي ڪري اخبار کي نقصان ئي رسي سگهي ٿو. انهيءَ کان بچڻ لاءِ ٻه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊمي تمام ضروري آهي.

ڊمي هڻڻ جو سڀ کان اهم ڪارڻ هي آهي تہ اخبار جو خالق، ايڊيٽر ۽ سندس معاون آهن. هوئي سني خبر لکڻ، سٺي سرخي لکڻ ۽ اهڙي سٽا ڪرڻ جو خالق آهي جنهن کي ڏسي پڙهندڙ پهريون اثر اهو وٺي تہ هيءَ خبر يا هي خبرون ڪيس سموريون پڙهڻيون آهن. جيئن مٿي لکيو ويو آهي تہ پڙهندڙ اخبار کي هٿ ۾ کڻي پنهنجو فرض پورو ڪيو، پر هاڻي اخبار واري جو ڪم آهي تہ ڪيس پڙهڻ تي مجبور ڪري. اهو ڪم سٺي سٽاءَ ذريعي ئي سگهي ٿو، اهڙي سٽاءَ نہ، جيڪا صرف خوبصورت ڏسڻ ۾ اچي ۽ خبرن جي ڪا اهميت نہ هجي، جا صرف بصري اثر Visual impact رکي ۽ ان ۾ خبرن جي اهميت ڪانہ هجي. خبر مٿي اچڻ بدران هيٺ اچي وڃي ڇاڪاڻ تہ صرف بصري اثر ٿي وڌيو، يا وري ڪا خبر ٻن ڪالمن جهڙي اهميت رکي ٿي، پر بصري اثر وڌائڻ لاءِ انکي ۵ ڪالم ڪري ڇڏجي. اهو غلط آهي. سٺو لي آئوٽ اهو آهي جيڪو:

(۱) خبرن جي اهميت برقرار رکي.

(۲) خبرن جي سٽاءَ ۾ بصري اثر کي وڌائي،

(۳) خيال جي تلسلس کي برقرار رکي ۽ وڌائي، ۽

(۴) انسان سان دوچار (وقتي ۽ جزوي) مسئلن کان پڙهندڙ کي آگاهہ ڪري، ان جي اهميت کان متاثر ڪرائي، پڙهندڙ تي پنهنجو اثر ڇڏي.

يا هيئن چئجي تہ خبرن جي خبري اهميت News value ۽ انهن جي سٽاءَ بصري اثر کي وڌائي، جيئن ٻنهي جو هڪ هم آهنگ ميلاپ (يا انگريزي ۾ Happy marriage)، ٿئي، اهو سٺو ميڪ اپ جو اصول آهي.

## ڊمي ڪهڙي ماپ ۾ ۽ ڪيئن

اهو طئي ٿيو تہ ڊمي ضروري آهي: هر صفحي لاءِ ڌار ڊمي ضروري آهي. پر ڪهڙي سائيز ۾ ڊمي هڻڻ گهرجي؟ ڊمي ڇاڪاڻ تہ نمونو آهي تنهنڪري ڊمي تہ هڪ استعمال ٿيل لفافي جي پٺ تي بہ ٺهي سگهي ٿي ۽ هوشيار فورمئن انکي تمام قڙتيءَ سان وڏي صفحي تي آڻي سگهي ٿو. ڪي اخبارون وري اخبار جي اصل سائيز جي اڌ يا چوٿين حصي سائيز ۾ ڊمي ٺاهينديون آهن. پر سڀ کان سٺو طريقو اصل اخبار جي اڌ سائيز ۾ ڊمي ٺاهڻ جو آهي. انهيءَ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سولائي آهي.

معياري ڊمي اها تيندي آهي جيڪا اخبار جي پوري صفحي تي ڪالم جي ليڪن سان ۽ انچن يا سينٽي ميٽرن جا نشان لڳل هوندي آهي. هن ۾ اها سولائي ٿئي ٿي جو هر ڪهمري فٽ پٽي هٽ ۾ ڪٽي ماپڻ ۽ نشان ڪرڻ جي ضرورت نٽي پئي. ڊمي هيٺن هٿڻ گهرجي.



ڊمي ٻن قسمن جي ٿيندي آهي. هڪ کي Rough dummy چئبو آهي جيڪا پينسل سان نشان هٽي، سرخي ۽ خبر جي ڊيگهه ويڪر ڏيکاري، انجي جاء ڏيکاري، ۽ پيج ميڪر ان کي ڏسي سولائي سان حقيقي ميڪ اپ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تمام ڊراميٽڪ تصوير اچي وڃي ٿي جيڪا ۴ ڪالم لهڻي ته ان وقت بهترين تصوير سنگل ڪالم يا ڊبل ڪالم ۾ ڏئي اچي سگهي ٿي. جيڪڏهن ايڊيٽر کي نقشو خبرن ڏسڻ کان سواءِ ڏئي ناهي چڪو هوندو ته انهيءَ ۾ ڦير گهير ڪرڻ ناممڪن ٿيندو پر رف ڊمي ۾ ڪنهن به قسم جي ڦير گهير ڪرڻ ۾ سولائي ٿيندي. سٺا ايڊيٽر هڪ ئي صفحي جون چار چار ڊميون ٺاهي بهتر کان بهتر ڊمي جي تلاش ڪندا رهندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لي آئوٽ- بنيادي اصول

اخبار جو هر صفحو لي آئوٽ ٿئي ٿو ۽ هر صفحي جو ڏيک ۽ حسن، ۽ اهميت ڏار ڏار ٿئي ٿي. پر ان جا بنيادي اصول هڪ ئي ٿين ٿا. لي آئوٽ، جيئن اسان مٿي تصوير صفحي جي ميڪ اپ ۾ ذڪر ڪري چڪا آهيون، ۽ پڪچر پيج جي لي آئوٽ ۾ ڪجهه بنيادي اصول ٻڌايا آهن، انهن مان گهڻا اصول ساڳيا رهندا. جاڪاڻ ته ميڪ اپ تصويري صفحي توڙي خبري يا فيچر صفحي جا اصول ۽ ان جو انداز ساڳيو آهي.

اهي اصول آهن:

Variety

Movement ۽

Contrast

Variety: لي آئوٽ ۾ بنيادي ڳالهه Variety جي آهي. هن جو مقصد هيءُ آهي ته سرخين جي ٽائپ پوائنٽيج، نمونو (فيس)، سٽاءَ ۾ مختلف قسم هجن. مثال طور جيڪڏهن ڪنهن اخباري پريس ۾ ٢۴ پوائنٽ جا ۴ فونٽ Font آهن ۽ ١٢ خبرون ٻن ڪالمن جون آهن ته ايڊيٽر سولائي سان انهن خبرن ۾ ۴ ئي فونٽ مختلف اندازن سان استعمال ڪري ورائٽي آڻي سگهي ٿو. ڪي سرخيون ساڄي پاسي Set right ڪري، ڪي کاٻي، ڪي Stepped ڪي وچو وچ Centred ڪي هوڊ ۽ ٻيا قسم ڏاهپ سان استعمال ڪري ورائٽي آڻي سگهجي ٿي. يا ٣٦ پوائنٽ آهي ته ان ۾ ڪئين قسمن جون سٽائون ٺي سگهن ٿيون. ٣ ڪالمن جي ڪئين سرخين کي مختلف اندازن سان ٺاهي هڪ ٻڙن ڪان وڌيڪ انداز اختيار ڪري سگهجن ٿا. (هن جو تفصيلي ذڪر، سرخي واري باب ۾ ڪيو ويو آهي.) Variety اها آهي ته جيڪڏهن اسان کي ٽي ڊبل ڪالم جي سرخين کي هڪٻئي جي پر ۾ رکڻو پوي ته هنن جي ٽائيپ، ٽائيپ پوائنٽيج، فيملي ۽ فيس اهڙو هئڻ گهرجي جو ڏسڻ ۾ هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڪان ڊار تي بيهن، هرهڪ ۾ نواڻ هجي، پنهنجو انداز هجي ۽ پڙهڻ جي ارادي کي وڌائي.


R Draft deferment for school study abroad

Accord to buy wheat

Marriage age bill out of committee

Asian Games play director is a painter at heart

By MARYAM KHARAZMI

ساڳي صورت کهڙي به سرخيءَ ۽ خبر جي Body matter جي ٽائيپ سان ٿي سگهي ٿي.

Contrast: سٽاءَ جي هيءَ لياقت به مٿئين خوبي کان گهٽ ناهي. جيئن هن جي عنوان مان ظاهر آهي ته هن جو مقصد Variety کي هٿي ڏيڻ آهي. يعني هڪ لحاظ کان سوچجي ته نواڻ تڏهن پيدا ٿي سگهي ٿي جڏهن ان ۾ تضاد هوندو. هيءَ خوبي وري به بصري Visual شعبي سان واسطو رکي ٿي. هن جو مقصد هي آهي ته جيڪڏهن ٻه خبرون يا خبرن جي سرخين کي پير ۾ رکجي ته اهي ٻئي گڏ ڏسڻ سان نه فقط ڌار ڌار نظر اچن، پر پنهنجي اهميت به نه وڃائين، ۽ پڙهندڙ ٻئي خبر پڙهڻ تي مجبور هجي. اها ڏاهپ جي اٽڪل صرف تضاد ڏيڻ سان ئي پيدا ڪري سگهجي ٿي.

اهو تضاد ڪيترين ئي ڳالهين سان پيدا ٿي سگهي ٿو. مثال طور هڪ سرخين جي سيٽنگ ۾ ڌار ڌار انداز. اهو جيئن سرخي واري باب ۾ ٻڌايو ويو آهي تيئن حاصل ڪري سگهجي ٿو. سڀ کان اثرائتو انداز سرخيءَ کي وچو وچ ڪري اچا اکر ۽ ڪارو پس منظر Reverse ڪرڻ آهي. اها ڪاري پس منظر واري سرخي جڏهن اڇي پس منظر وارين سرخين ۾ بيهندي ته سڀ کان نمايان نظر ايندي.

ٻيو ڏاهپ ڀريو قدم، سفيد جاءِ White space ڪتب آڻڻ آهي. هن جو مقصد هيءُ آهي ته ڪنهن به صفحي جو پس منظر اڇين ئي اڇو هوندو آهي پر اهو ڪارن لفظن ۽ تلهي ميٽر، تصويرن ڇپڻ سان ايترو ته ڳتجي ويندو آهي جو ان ۾ اڇاڻ جو احساس ئي نه رهندو آهي. تنهنڪري تضاد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Contrast ڏيکارڻ سان نظرن کي هڪدم ڇڪ ٿيندي آهي. ذرا سوچيو تہ سموري ڪاراڻ جي وچ ۾ جيڪڏهن اوهان ڪجهہ اڇي جاءِ ڏيکاري تہ اها وڏيڪ نمايان نظر ايندي. اهڙيءَ طرح اوهان پنهنجن پڙهندڙن جي نظرن کي چورائي انهيءَ خبر يا اڇاڻ طرف ڇڪائي سگهندؤ. انهيءَ اڇاڻ پيدا ڪرڻ جا ڪجهہ هن طرح انداز بہ آهن تہ ڪي اهم يا دلچسپ خبرون عام ڪالم جي ماپ کان گهٽ ويڪر ۾ هلائي چئني طرفن کان اڇاڻ ڇڏي وڃي ۽ پوءِ وري ان کي ڪو ڪارو ليڪو ڏيئي باڪس، هوڊ، بڪيٽ، ائنڪر وغيره ٺاهي ڇڏجي. هٽنگنگ انڊينٽ بہ سفيد جاءِ ڇڏي خبر کي پوري صفحي ۾نمايان ڪندو آهي. انهيءَ کان سواءِ مختلف ماپن جا رول مثال طور ڏيڍ پوائنٽ، ٢ پوائنٽ، ۴ پوائنٽ، ٦ پوائنٽ جا رول، سرخيءَ جي مٿان هيٺان استعمال ڪرڻ سان تضاد جي خوبي ادا ٿي سگهندي آهي. تصوير کي پنهنجي حقيقي ماپ کان ٿورڙو گهٽ ٺاهي بہ سفيد جاءِ پيدا ڪبي آهي، ان سان گهٽي مدد ملندي آهي. ٿنهنڪري خبرن واري صفحي ۾ جتي چئني طرفن خبرون هجن، گهٽ سائيز واري تصوير ٺاهڻ سان تضاد ملي سگهندو آهي.

تضاد پيدا ڪرڻ جو سڀ کان سنو طريقو، سرخين ۾ سفيدي استعمال ڪرڻ آهي. اها صحيح ڳالهہ آهي تہ اخبار جي هر سٽ جي جاءِ اهم آهي ۽ ان کي تمام هوشياريءَ سان استعمال ڪرڻ گهرجي. پر اهو بہ ضروري آهي تہ جيڪڏهن هر سٽ جي جاءِ پري ڇڏجي تہ پوءِ سرخين کان بہ جان ڇڏائڻي پوندي. پر جيڪڏهن سرخيون بہ ڏجن تہ پوءِ سڀ سرخيون هڪجهڙيون لڳنديون (جيئن نيويارڪ ٽائيمس ڪندي هئي) تہ انهيءَ صورت ۾ پورو صفحو ميٽر جي هڪ ڪاري چپ جيان لڳندو جنهن ۾ پڙهندڙ لاءِ ڪا بصري دلچسپي نہ هوندي. انهيءَ Monotony کي ٽوڙڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ Variety بہ هجي تہ Contrast بہ. جنهن کان سواءِ انهيءَ Mess کان جان ڇٽي نہ سگهندي نہ وري صفحي ۾ ڪا دلڪشي رهندي. دنيا جون وڏيون ۽ سٺيون ٺهيل اخبارون، انهيءَ سفيد جاءِ کي گهٽو ڪم آڻينديون آهن.

Movement: ٽيون، آخري ۽ سڀ کان اهم خوبي چرپر يا تحرڪ جي آهي. جيئن تصويري صفحي جي باب ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ هيءَ چرپر ستل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Horizontal ۽ بيٺل Vertical حصن جي موزون لحاظ سان بيهارڻ سان پيدا ڪري سگهجي ٿي. Movement جو مقصد صرف Visual impact پيدا ڪرڻ آهي، پر اهو ياد رکڻ گهرجي تہ انهيءَ بصري اثر سان گڏ مواد جي موزونيت، هڪجهڙائي، هڪٻئي جي تضاد ۽ تردد ڪي بہ ڌيان ۾ رکڻو آهي. ائين نہ هئڻ گهرجي تہ صفحي ۾ مواد ڇڪن جي صورت ۾ ڇهٽيو پيو هجي، يا تصويرون سڀ هڪ هنڌ ٽڪيل هجن، يا وري مضمون يا خبرن جا ڏگها ڪالم ڇت جي ٿنين وانگيان، يا وري سنئل سرن جي قطار وانگيان صفحي جي حصن ۾ ورهايل هجن. اهو ياد رکڻ گهرجي تہ:


مستطيل انداز ۾ سنئل ڪابہ خبر يا مواد جو حصو ڏسڻ ۾ صرف سڪون ڏيندو يا سستي جو تاثر ڏيندو. انهيءَ جي


پيٽ ۾ هن طرح بيٺل ڪوبہ مواد يا انداز بيٺل هئڻ جو تاثر ڏيندو. انهن ٻنهي اندازن مان جيڪڏهن ڪوبہ صفحو صرف سنئل ٽڪرن ۾ ورهايل هوندو تہ اهو سستي ۽ ننڊاڪرو تصور ڏيندو. ان جي بدران وري جيڪڏهن بيٺل حصن ۾ ورهايل هوندو تہ اهو صفحو هڪ ڪڙي ديوار جو تاثر ڏيندو. گهڻيون اخبارون هنن ٻنهي مان هڪ انداز اختيار ڪنديون آهن. مستطيل انداز کي Horizontal لي آئوٽ چئبو آهي ۽ ڪڙي ميڪ اپ کي Vertical لي آئوٽ چئبو آهي. جديد صحافت کان اڳ ۾ اهي انداز گهڻو مروج هئا.

زندگي چرپر جو نالو آهي تنهنڪري صفحي ۾ چرپر آڻڻ لاءِ هنن ٻنهي ٽڪرن کي تمام قابل قبول انداز ۾ ملائڻ ضروري آهي، جنهن جو سنئو طريقو ڪجهہ هن طرح ٿيندو تہ سنئل جي پير ۾ بيٺل ڏيکارجي. انهيءَ تضاد ڏيکارڻ سان چرپر جو احساس ٿيندو. ڏاهاايڊيٽر انهيءَ مفيد اصول کان فائدو وٺندا آهن.

بهرحال جديد تحقيق، ۽ پڙهندڙ جي نفسيات تي وڏي ڇنڊ ڇاڻ بعد Mixed لي آئوٽ تي اتفاق ڪيو ويو آهي. هن قسم جي ميڪ اپ جا بہ ڪئين انداز هن وقت مروج آهن جن جو ذڪر بعد ۾ ڪبو. ليڪن هيءَ ڳالهہ وسارڻ نہ گهرجي تہ سٺو صفحو اهو آهي جيڪو ڏسڻ ۾ صاف ۽ واضح هجي ۽ ان ۾ هر خبر پنهنجي اهميت مطابق جاءِ تي هئڻ گهرجي. ان کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صحيح انداز جي سرخي ملبل هجي. واسطيدار خبرون هڪٻئي جي پرسان هجن جيئن هڪ خبر کان ٻي خبر سان ملبل هجي، خبرون جهڳٽي Jumble جي صورت ۾ نہ هجن ۽ هر خبر گڏ هئڻ سان گڏ ڌار ڌار ڏسڻ ۾ اچي، تصويرون پنهنجن واسطيدار خبرن سان Tie ٿيل هجن. پڙهڻ ۾ سوليون هجن، پڙهندڙ جي اکين ۽ ذهن تي بار نہ ٿئي. ايڊيٽر خبر يا مضمون جي اهميت جي لحاظ کان جيڪا خبر پهرين پڙهائڻ چاهي، پڙهندڙ اهائي پهرين پڙهي. پڙهندڙ کي اهو محسوس نہ ٿئي تہ هو ڪا خبر پڙهڻ چاهي ٿو ليڪن ان کي پڙهڻ ۾ دشواري ٿئي ٿي. اهي سڀ لي آئوٽ جون خوبيون آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لي آئوٽ - قسم

هر صفحي جو لي آئوٽ ڌار ٿيندو آهي، ۽ وڏين اخبارن ۾ لي آئوٽ ايڊيٽر به ڌار ٿيندا آهن. يا وري جيڪو صفحو جنهن ايڊيٽر جي ذمي آهي سوئي ان جي ذمي ٿاهيندو آهي. چاهي اهو پهريون صفحو هجي يا ايڊيٽوريل، عورتن جو هجي يا سٽي پيج يا فيشن صفحو، هنن سڀني جي سٽاءَ جي ميڪ اپ جا اصول ساڳيا رهندا.

پهريون صفحو تمام اهم ۽ اخبار جو چهرو هوندو آهي، تنهنڪري اسان پهرين ان جي لي آئوٽ جو ذڪر ڪنداسين. ٿلهي ليکي لي آئوٽ جا ٻه وڏا قسم آهن؛ هڪ Symmetrical يا Formal ۽ ٻيو Informal يا Asymmetrical جديد صحافت هڪ ٽيون قسم Functional لي آئوٽ جو ڏنو آهي، جيڪو وڏيڪ چند چاڻ، پڙهندڙ جي نفسيات ۽ اکين جي وهڪ Flow of eye جي ڳوڙهي اڀياس بعد دريافت ٿيو آهي.

متوازن Formal lay out يا Symmetrical ۾ ڪوشش ڪري صفحي جا ٻئي حصا هڪجهڙا رکيا آهن. مثال طور هڪ طرف ٣ ڪالمي سرخي ساڄي پاسي کان صفحي جي مٿين حصي ۾ ڏنل آهي ته کاٻي پاسي، ساڄي پاسي واري سرخي آڏو ٣ ڪالمن واري سرخي ڏيٺي آهي. ساڄي پاسي پهرين ڪالم ۾ هڪ سنگل ڪالم سرخي ۽ خبر آهي ته ان جي بلڪل سامهون کاٻي پاسي آخري ڪالم ۾ ساڳي انداز سان سنگل ڪالم جي سرخي ڏيٺي آهي. وچ وارن ڪالمن ۾ به هڪجهڙائي رکي ويندي آهي. هيٺ صفحي جي تري ۾ ٻنهي پاسي ٻه ٻه ڪالم ڇڏي وچ ۾ ۴ ڪالمن جو ائنڪر ٿاهي توازن ڏئي سگهجي ٿو.

هن انداز جا ڪيئي نمونا آهن جيڪي فائديمند به آهن ته نقصانڪار به. هن جي نقصانن ۽ فائدن جو تفصيلي بحث بعد ۾ ايندو آهي، پر ٿلهي ليکي متوازن يا Symmetrical ميڪ اپ ۾ ڪن ٻن يا وڏيڪ حصن ۾ ورهائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ۾ ساڄي کاٻي توازن برقرار رکڻ کي ڏي چوندا آهن.

Informal انداز ميڪ اپ صحافت جي جديد لاڙن ۾ انساني چاڻ ۽ مزاج جي نفسيات جي چند چاڻ ڪرڻ بعد اختيار ٿيو آهي. هن جا ڪئين قسم آهن جن سمورن جو مکيه مقصد هي آهي ته:

(۱) وقت گهٽ ۾ گهٽ سيڙجي.

(۲) پڙهندڙ کي پهرين سرخي اها پڙهائجي جيڪا ايڊيٽر پڙهائڻ چاهي.

(۳) انهيءَ ذينهن جي اهم ترين خبر کي، پنهنجي عقل ۽ ڏاهپ سان پڙهندڙ کي پهرين نظر ۾ سڀ کان اڳ پڙهائي.

(۴) متئين نمبر (۳) واري خبر سان واسطو رکندڙ خبرن کي مک خبر سان گڏوگڏ پڙهائيندو اچي، انهيءَ اهم خبر سان واسطيدار تصويرون ڏيکاريندو ۽ پڙهندڙ جي نظرن کي بنا ڪنهن امتياز جي هلائي.

(۵) پڙهندڙ جي ذهن تي بار نه پوي. هو منجهي نه، هر سرخي پڙهڻ کان پوءِ هن جي اک گهٽ ۾ گهٽ مفاصلو طئي ڪري، هڪدم خبر جو متن پڙهي.

هينٺر ڪتب ايندڙ پيا ميڪ اپ جا هي قسم مروج آهن.

## متوازن Symmetrical

هن ۾ هر لائين لائين جي برابر، تصوير تصوير جي برابر ۽ سرخي سرخيءَ جي برابر توازن ڪيو ويندو آهي. گويا اخبار کي اڌ ۾ ڀيجي ته ٻئي پاسا برابر ٿين. پر اهو قسم هاڻي تمام گهٽ ملي ٿو. هن جا ڪئين نقصان آهن جن مان سڀ کان وڏو هيءُ آهي ته هر خبر جي بقايا ٽپائڻي پئي ٿي. انهيءَ هڪ سبب جي ڪري به اخبارن کي مجبورن انهيءَ انداز کي ڇڏڻو پيو. جيڪڏهن خبرون ٽپائجن نٿيون ته وري خبرن کي گهربل جاءِ ۾ وهارڻ لاءِ هرويرو ڪٽڻو پوندو، ۽ ممڪن آهي ته خبر جو دلچسپ ۽ اهم حصو ڪٽجي وڃي. دلچسپ خبرون جيڪي باڪس جي صورت وٺن ٿيون، ممڪن آهي ته اهي مقرره جاءِ اندر فٽ ڪرڻ لاءِ غير فطري انداز ۾ لڪٽيون پون.

متوازن صفحو ڏسڻ ۾ هتراڌو لڳندو آهي. انهيءَ کان سواءِ پڙهندڙ کي اهو تاثر ملي ٿو ته شهر ۾ تيل هڪ ڊاڪٽر جي قتل جي خبر، ۱۰ هزار رپين جي چوري جيتري اهميت رکي ٿي. نه ته زندگيءَ جون خبرون مختلف انداز سان پنهنجي ڌار ڌار اهميت سان پڙهيون وينديون آهن. ايڊيٽر کي خبرن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهميت ڏيکارڻ بدران، صرف جياميٽري جي ڪنهن ڍانچي کي ناهڻو پئي ٿي.

ڪنهن وقت "نيويارڪ ٽائيمس" اخبار هن انداز جي منفرد نمائنده هئي، هن اخبار اهو انداز پنهنجي سنجيدگي ظاهر ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيو. پر هونئن هن اندز ۾ هي فائدو آهي ته سياسي گرما گرمي ۾ پنهنجي غير جانبداري ظاهر ڪرڻ لاءِ ڏاهو ايڊيٽر برسراقتدار ۽ حزب اختلاف جي اڳواڻن کي برابر جي اهميت ڏيئي ٻنهي سان هڪجيترو ورتاءُ ڏيکاري سگهي ٿو.

انهن نقصانن ۽ فائدن کي آڏو رکي مڪمل توازن نه رکيو ويندو آهي. ڪن اخبارن ۾ مٿيون اڌ صفحو متوازن ڪري باقي حصي کي مليل جليل انداز ۾ رکيو ويندو آهي. هي انداز انهن شهري اخبارن لاءِ آهي جيڪي ڦهريون اڌ، نيوز اسٽنڊ تي موڙي رکنديون آهن.

## فريم ميڪ اپ Frame make up

هن ۾ هر ڪالم ۾ هڪ خبر ڏبي آهي. Vertical انداز ۾ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ڪنڊن کي مضبوط ڪري ائين ڏيکاريو ويندو آهي ته هن جي سونهن، صفحي جي حدن ۾ محدود ٿيل هجي. ڪي ايڊيٽر هي دليل ڏيندا آهن ته ٿلهي قسم جي ٽائيپ، سفيد و سياهه جي تضاد ۽ تصويرن جي خوبي کي ڪنڊن تي ڪتب آڻي اهو تاثر پيدا ڪري سگهي ٿو. فريم ميڪ اپ ان وقت ايڊيٽر لاءِ مسئلو بڻجي ويندو آهي جڏهن، هن وٽ هڪ وقت ڪالم سائيز کان ٿورڙو گهٽ ڊيگهه جون خبرون آهن ۽ مجبورن ايڊيٽر کي اجايو ئي خبر وجهڻي پوندي آهي.

هن انداز جو اصول هي آهي ته ڀرين ڪالم ۾ هڪ تصوير، انهيءَ سطح تي ٦ ۽ ٧ ڪالم ۾ ٻن ڪالمن جي سرخيءَ کي توازن ڏيندي يا وري مختلف ٽائيپن وارين سرخين کي وچن ڪالمن ۾ آسي پاسي ڪرڻ سان توازن ڏيئي سگهجي ٿو. ائين ڪٿي سمجهو ته اوهان کي هڪ ننڍڙي بندري ٿلهي ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ سنهڙن ٻارن آڏو بيهاري هنن ۾ توازن آڻڻو آهي.

جيتوڻيڪ هن ميڪ اپ جا ڪي ٺوس اصول ناهن، نڪو بنائي سگهجن ٿا، جن تي سختي سان عمل ڪجي، پر ايڊيٽر پنهنجي تصوراتي See-saw سان نيائي سگهي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڊاڪڻ ميڪ اپ Brace make up

هن ميڪ اپ پنهنجو جنم ڊاڪڻ جي انداز يا ديوار جي اوساري مان ورتو. جيئن ديوار ۾ سرون يا پٿر هڪٻئي جي هيٺان ڪنڊائتا جوڙيل هوندا آهن، هي ميڪ اپ ائين ئي ٿيندو آهي. هن ۾ ليڊ کان وٺي آخري خبر، هڪٻئي ۾ ڪنڊائتيون جڙيل هونديون آهن. هن ۾ ڪنهن قسم جي ذهني ڪاوش جي ضرورت نه هوندي آهي ۽ ڪجهه سال اڳ تائين هن کي ميڪ اپ تسليم ئي نه ڪيو ويندو هو. پر هن ۾ جڏهن فن ۽ فڪر شامل ٿيو ته ميڪ اپ تسليم ٿيو. هن ۾ مٿئين حصي ۽ هيٺئين حصي ۾ ڪنهن ائنڪر ذريعي ۽ ٽيزر جي ذريعي متوازن ڪرڻ سان هن ۾ خوبي اچي ويندي آهي.



هن ميڪ اپ ۾ هڪ ۴ ڪالمن جي تصوير، صفحي جي ڪابي (سنڌي يا ٻين اهڙين ٻولين جيڪي ساڄي کان پڙهيون وينديون آهن) ۽ ساڄي (اهڙيون ٻوليون جيڪي ڪابي کان پڙهيون وينديون آهن) رکڻ سان بئلنس ڪري سگهجي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪمپ مچ ميڪ اپ Cricus or razzle - dazzle make up

جيئن سندس نالي مان ظاهر آهي، هن قسم جو ميڪ اپ به انهيءَ ماحول کي ظاهر ٿو ڪري تہ ڏسندڙ ڪڏهن رڇ جو ڪرتب ڏسي آگريون ڏنديــن ڏين ٿا تہ وري هڪ گهڙي پوءِ پولٽن جا ڪرتب ڏسي ٿو. يا وري جهولي تي اونڌو ٿي لٽڪڻ ۽ اتان جمپ ڏيئي ٻئي جهولي واري ساٿي سان ملي. يا وري اڪيون پوري ڇوڪريءَ کي ڇرا هٽندڙ نوجوان کي ڏسي. هرڪو تماشبين انهيءَ تلاش ۾ هجي تہ بهتر مظاهرو ڪنهن جو آهي ۽ هر مظاهري لاءِ ائين سمجهي تہ اهوئي بهترين آهي.

يا وري جيئن فٽبال جي ٻولي ۾ Razzle dazzle چوندا آهن. جنهن جي معنيٰ هي ٿي تہ ڪوئي ڏاهو فٽبال رانديگر. بال ڪٽي سيني پوزيشن وارن مخالف رانديگرن کي dodge ڏيئي بال پاڻ پوري ميدان ۾ ڀيو ڊوڙائي ۽ مخالف ٽيم جا رانديگر اهو فيصلو ڪري نہ سگهن تہ ڪٿي بال ڳولجي. انهيءَ سان هر هنڌ اهم بڻجو وڃي. تنهنڪري هن قسم جي ميڪ اپ ۾ هر خبر جي سرخي ايتري دلچسپي انداز ۾ display ڪيل هجي جهٽڪ بال آهيئي هن وٽ. چاهي ڪو پڙهندڙ هڪ ننڍڙي فيچر خبر پڙهي، هو ان خبر ۾ گم ٿي وڃي. ڪو پڙهندڙ وري متي ڏنل هڪ سني ۴ ڪالمي تصوير ۾ گم ٿي وڃي ۽ ان ڪانپوءِ هر خبر کي تمام دلچسپي سان پڙهي.

جيتوڻيڪ هن قسم جي ميڪ اپ مان خوبيون گهٽ ملن ٿيون پر خامين جي لحاظ کان هي مهانگو ميڪ اپ آهي. ڇاڪاڻ تہ هر خبر کي هڪ ڊرامائي سرخي ڏنل هوندي آهي ۽ هر سرخي ايتري زور سان ڇيڪون ڪندي آهي جو اهميت واري شيءِ جي رڙ بہ ان ۾ گم ٿي ويندي آهي. پڙهندڙ فٽبال جي مخالف ٽيم جو رانديگر بڻجي وڃي ٿو تہ تلاش ڪري تہ ڪٿان پڙهڻ شروع ڪري. تنهنڪري هن قسم جي ميڪ اپ کي گهٽ ۽ ڪڏهن ڪڏهن استعمال ڪرڻ ئي فائديمند آهي. روزانہ يا گهڻو استعمال سان هيءُ پڙهندڙن کي ٿاهيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مستطيلي يا ستل ميڪ اپ Horizontal make up

ميڪ اپ جو هيءُ انداز ٻي جنگ عظيم کان پوءِ جي پيداوار آهي. هن ۾ هر خبر مستطيلي انداز ۾ برابر حصا ڪري ورهائي ويندي آهي ۽ ڪوشش ڪري ان ۾ اخبار جي دستوري ڪالمن جي سائيز کان هٽي ڪري ١٦ ايم، ١٨ ايم، ١٩ ايم، يا وڌيڪ ۾ ميٽر سيٽ ڪيو ويندو آهي. جيئن وڌيڪ Horizontal تاثر ڏيئي سگهجي.

هن وقت ڪيترين ئي اخبارن ۾ هي ميڪ اپ قبول ڪيو ويندو آهي ڇاڪاڻ تہ ان ۾ Flexibility اچي وڃي ٿي ۽ گهڻيون خبرون اهميت وٺي وڃن ٿيون. گهڻو ڪري تصويرون بہ مستطيلي ڪمپوزيشن ۾ ٿين ٿيون تنهن ڪري اهي ميڪ اپ ۾ کپي وڃن ٿيون.

انهيءَ کان سواءِ نفسياتي طور تي پڙهندڙ کي ۴ ڪالمن ۾ ٽي انچ اونهائي واري خبر، ۴ ڪالمي سرخي کان وڌيڪ دلچسپ لڳندي. ان جي ڀيٽ ۾ سنگل ڪالم جي اونهي سرخي واري ١٢ انچ ڊگهي خبر، هن کي ممڪن آهي تہ، اپيل نہ ڪري. ساڳي وقت Display جي لحاظ کان اخبار جو مٿيون اڌ ۽ هيٺيون اڌ پڙهندڙ کي خبرن پڙهڻ کان سواءِ، صرف ڏسڻ سان ئي وڌيڪ پرڪشش لڳندو. گهڻيون اخبارون صفحي جي هيٺين حصي ۾ ان قسم جو ميڪ اپ ڏيئي مٿين اڌ کي متوازن ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. اها هڪ سٺي اٽڪل آهي. ڏاها ايڊيٽر يا ميڪ اپ مئن، هن قسم جي ميڪ اپ ۾ ڪيترن هنڌن ڪالم رولس ڪڍي، سفيد جاءِ کان Contrast جو ڪم وٺندا آهن.

ڪيترن سالن تائين ڪيترائي ايڊيٽر هڪ ڪالم کان وڌيڪ سرخي نہ لکندا ها، ۽ چوندا ها تہ ان سان وقت ضايع ٿئي ٿو يا وري ان ۾ خرچ وڌيڪ ٿئي ٿو. پر حقيقت هيءَ آهي تہ وڏي سرخي لکڻ ۾ گهٽ محنت ٿئي ٿي جڏهن تہ سنگل ڪالم جي سرخي لکڻ ۾ وقت ۽ محنت ٻئي وڌيڪ صرف ٿين ٿا. ان کان سواءِ Horizontal ميڪ اپ ۾ باڪس ۽ رول استعمال نٿا ٿين جنهن ڪري اهو بہ وقت ۽ خرچ بچي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ايو ميڪ اپ Vertical make up

هن سيني اندازن ۾ وري ايو ميڪ اپ مختلف انداز آهي. هن جي ضرورت وقت ايجاد ڪئي. وڌيڪ مڪينڪي ۽ تيز رفتار زندگي اچڻ ڪري ماڻهن کي وقت گهٽ ٿي ملي ٿو. ٽيڪسي ، بس ۾ هلندي، يا ريل گاڏي ۾ سفر ڪندي، جتي سوڙهه گهٽي ٿئي ٿي، اتي اخبار پڙهڻ خاصو ڏکيو ڪم آهي. ترقي يافته ملڪن ۾ ته اخبار پڙهڻ ٿي مسئلو بنجيو وڃي جنهن ڪري عام ماڻهو صرف بس، ريل يا ٻين ڪتيل جاين تي اخبارون پڙهي گذارو ڪندا آهن. گهڻا ماڻهن جي پيهه ۾ صرف دفتر يا ڪارخاني ڏانهن ويندي سفر دوران ئي وقت ملي ٿو. انهيءَ صورت ۾ اخبار کي ايو هيٺو ڪري پڙهڻو پوندو آهي، ۽ پڙهندڙ چاهيندو آهي ته هو سموري خبر. ايي طرح بنا ڪنهن بقايا ڪٽڻ جي پڙهي وڃي.

هن انداز ۾ گهٽو ڪري مختصر سرخيون، ۽ سموريون خبرون بنا بقايا ڪٽڻ جي هلنديون آهن. اڪين کي هيءَ صفحو چگو نه لڳندو آهي چاڪاڻ ته ڊگها ڪالم ان کي پوتي بنائي ڇڏيندا آهن. البته ڏاهپ استعمال ڪري، ان ۾ ميڪ اپ جي بنيادي اصولن ذريعي پرڪشش بنائي سگهجي ٿو پر ياد رکجي ته هن ۾ ۴ ڪالمن کان وڌيڪ سرخي نه هجي چاڪاڻ ته اخبار کي اڌ مان موڙڻو ٿو پوي. ۷ ڪالمن واري اخبار ۾ وڌ ۾ وڌ ۳ ڪالم سرخي هجي.

## مقصدي ميڪ اپ Functional make up

مٿيئن سمورن قسمن جا ميڪ اپ، جيتوڻيڪ قطعي ناهن، پر انهن ۾ گهٽو ڪري هر قسم جي مواد کي سندس اهميت، مقصد ۽ ضرورت جي پيش نظر سٺاءُ ڏيئي سگهجي ٿي. انهيءَ هوندي به تحقيق جي گنجائش هر انداز ۾ موجود رهي ٿي. ميڪ اپ جو چاڪاڻ ته مقصد، مواد کي بهتر کان بهتر انداز بخشڻ آهي، تنهنڪري وڏي ڇنڊ ڇاڻ بعد ماهرين اها راءِ قائم ڪئي ته؛

ميڪ اپ جو مقصد ۽ ڪارج اهو آهي ته انهيءَ صورت ۾ مقصدي ميڪ اپ جي نوس لفظن ۾ وضاحت ڪرڻ ڏکي آهي. بهرحال، هيئن ضرور چئي سگهجي ٿو ته

”هيءُ اهو ميڪ اپ آهي جنهن ۾ خبرن کي وڌ ۾ وڌ چڪيندڙ، متاثر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندڙ Appealing ۾ هنن جي سمجهڻ ۾ آساني پيدا ڪئي ويئي هجي. پوءِ چاهي ايڊيٽر ان ۾ ڪهڙن به اندازن کي ملائي هڪ نئون انداز اختيار ڪري، يا وري پنهنجي عقل کي استعمال ڪري، خبرن جي تسلسل يا تضاد کي آڏو رکي، اهڙو وڻندڙ ۾ سلوڻو انداز ڏئي، جو پڙهندڙ پاڻ مرادو هڪ ڪان ٻي خبر، ٻي خبر کان تصوير ۾ نيٺ آخري خبر پڙهڻ تي مجبور ٿئي."

انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪي ڏاهپ ڀريا طريقا اختيار ڪيا ويا آهن. مثال طور:

**(۱) ٻوليءَ جي وهڪ:** هر ٻولي پنهنجي وهڪ رکي ٿي. سنڌي ٻولي يا ان جهڙيون عربي، فارسي ۽ اردو سڄي هٿ کان کاٻي هلن ٿيون. انهيءَ لحاظ کان پڙهندڙ جي اک به ساڄي کان کاٻي هلندي، تنهن ڪري ساڄي پاسي وارو حصو پهرين پڙهندڙ جي ور چڙهندو. سنڌي ٻولي ۾ ان جهڙين ٻين ٻولين ۾ صفحي جو ساڄو، مٿيون پاسو اهم آهي، تنهنڪري اهم ترين خبر، انهيءَ حصي جو سينگار ٿيڻ گهرجي. جڏهن ته انگريزي، فرانسي، جرمن يا ٻين اهڙين ٻولين ۾ کاٻو پاسو پهرين پڙهبو ۽ اهوئي اهم ليکبو.

اهو سمجهڻ درست ناهي ته اهم ترين خبر کي ليڊ بنائي ۴ يا ۵ ڪالمن ۾ سرخي ڏيئي به ٽي ڪالم ڇڏي پوءِ ڏيڻ بعد به ليڊ پهرين پڙهبي، ڇاڪاڻ ته اها ٿلهن اکرن ۾ ڏنل آهي. نه، هرگز نه. اک پنهنجو فطري رخ اختيار ڪري ٿي. جيڪڏهن ساڳي سطح تي پهرين به ڪالمي سرخي ڏيئي پوءِ ۴ ڪالمي ليڊ ڏبي، ۽ پوءِ وري به ڪالمي سرخي ڏبي ته به پهرين، اک پنهنجي فطري وهڪ هيٺ ايندڙ به ڪالمي خبر پڙهندي ۽ پوءِ ۴ ڪالمي مکيه سرخي. تنهن ڪري چونه پهرين هن کي اها خبر پڙهائجي جيڪا ايڊيٽر، ان ڏينهن جي اهم ترين خبر سمجهي آهي.

### ڊسپلي Display

Display اخبار کي دلچسپ بنائڻ ۾ سڀ کان وڏيڪ ڪردار ادا ڪري ٿو. ۽ ان سان گڏ اهو به اندازو ٿئي ٿو ته هيءَ خبر اڄوڪين خبرن ۾ ڪيتري اهم آهي. آيا هن کان به ٻي ڪا اهم خبر آهي جنهن کي وڌيڪ نمايان ڪرڻ چاهجي. خبرن کي پنهنجي اهميت مطابق ڏئي بعد انهن کي اهڙيءَ طرح ايڊيٽر سٽاءِ ۾ ٻيهاريندو جو هو پڙهندڙ کي پنهنجي مرضيءَ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com


KAYHAN
INTERNATIONAL EDITION

Guerrilla 'war' claims four more Israelis

Nuclear weapons for region 'ridiculous'

Monarch also says Iran not for Iraqi Kurds independence

S. Lebanon shelled: Sadat warns of air help

Pompidou formula 'admirable'

ڪي اخبارون انهيءَ نظر جي پنڌ گهٽائڻ لاءِ ٨ ڪالمي سرخي ڏيئي، آخري ڪالم ۾ نئي خبر کي رکندا آهن جيئن نظر واپس پوئنتي نه موٽي وڃي. اهو سياڻپ ڀريو طريقو آهي. ڪي اخبارون، اهڙيون خبرون جيڪي پهرين صفحي تي ليڊ جهڙي اهميت نه رکن ٿيون پر ايڊيٽر پڙهندڙ تي اهو اثر وهارڻ نٿو گهري ته اها ليڊ کان اهم آهي. تڏهن هو هلڪي ٽائيپ ۾ پوري صفحي جي هڪ لائين واري سرخي ڏيئي، ان جي هيٺان خبر ڏيندا آهن يا وري خبر اندر هوندي ته ان جو حوالو ڏينديون آهن. پر حقيقت هي آهي ته ليڊ، ليڊ ئي ٿي. ان جي اهميت، مقصد جي لحاظ کان سڀ کان وزني ۽ اکين کي ڇڪيندڙ هجي.

اک کي ڇڪڻ لاءِ ٻيو اهم ذريعو تصوير کي خوبصورتي سان ڏيڻ آهي. تصوير اک کي ڇڪي ٿي، ليڪن لفظن کان پوءِ، اڳ نه. ليڊ چاهي ٽن ڪالمن جي سرخي ۾ هجي يا اٺن ڪالمن ۾، تصوير لوح جي اهڙي طرف اچڻ گهرجي جيئن پهرين اک پاڻمرادو تصوير کي ڏسڻ لاءِ اڳتي وڌي، ۽ ان وڌڻ ۾ ليڊ کي پڙهندي وڃي.

اک جي وهڪ جو هڪ ٻيو اصول هي آهي ته اهڙيءَ طرح سٽا نه هجي جو اک اخبار جي صفحي جي هڪڙي ئي طرف وهندي وڃي ۽ ٻيو پاسو پڙهندڙ کي ڏسڻ ۾ به نه اچي. اهو صرف تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن هڪئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرف تصويرون، سرخيون، باڪس بيو پاسو خالي نظر اچي. انهيءَ ڪان بچڻ لاءِ ڪائونٽر ڪرڻ جي ترڪيب استعمال ڪئي وڃي. Vertical کي Horizontal سان ۽ چوڪنڊي سان ڪائونٽر ڪيو وڃي.

## اشتهاري سيڪشن

هڪ سٺي صفحي ٺاهڻ جي اصولن تي اسان نظر وڌي، پر هڪ مکيه حصو اشتهار آهن. ڇاڪاڻ جو اشتهار اخبار جي ڪمائي جو مکيه ذريعو آهي تنهنڪري اخبار پرانهن جي جاءِ ڊمي ۾ مارڪ ڪري اشتهاري شعبو ڏيندو آهي. انهيءَ لحاظ کان ڊمي ٺاهيندڙ ايڊيٽر کي انهيءَ ڊمي تي پنهنجي ڊمي ٺاهڻي پوندي.

اشتهار ڏيندڙ تمام سياڻا ٿيندا آهن تنهنڪري هو ڪوشش ڪري روِرس Reverse ۾ ڏيندا آهن يا وري ان ۾ خوبصورت چوڪري يا منظر ڏيئي، صفحي جي چوٿين حصي جيترو اشتهار ڏيندا آهن جنهنڪري تصوير ۾ اهو ڪين فائدو رسندو آهي ته پڙهندڙ جي اک فورن اشتهار ڏانهن کڄندي آهي. گهڻا مشتهرين ته خوبصورت Ear panels لوح جي پنهي پاسن کان ڏيندا آهن، جيئن سيني خبرن پڙهڻ کان اڳ ۾ اهيئي اشتهار پڙهڻ ۾ اچن. جيڪڏهن ڪو وڏو اشتهار صفحي ۾ اهڙو اچي وڃي جيڪو صفحي جي ميڪ اپ کي Dominate ڪري، ان کي سياٽپ سان ڪائونٽر ڪرڻ گهرجي.

ميڪ اپ جا ڪيئي نمونا ۽ ڪئين انداز تي سکهن ٿا، ڪنهن نئوس انداز کي پڪڙي نٿو سگهجي ليڪن، بهتر ميڪ اپ اهو آهي جيڪو اک جي قدرتي وهڪ بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي اڳتي وڌائي ۽ اک ۽ ذهن تي هڪ خوش ڪن اثر ڇڏي، منجهائي نه.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# THE TIMES

The contenders David Wood on the Tory leadership battle, p 8

## Five-year deal agreed between EEC and former colonies

Markets assured for 46 nations

## Turks lose soldier in Nicosia flare-up

## 'Lord Home backs Mr Heath as Tory leader

## Irish Government ready to risk death of IRA hunger strikers

## Ethiopian tanks crush guerrillas in rebel city

## Ski lift firm to pay damages

## Arab oil money may go to British nuclear firm

## Memorial to M 62 coach bomb dead

## Airport strike goes on

The symbols of servic

## Miners find new weapon in pay talks

Rhodesian Africans to meet Mr Smith

Toyota moves into UK

US Budget deficit

Training marksmen

لنڊن جي ”ٽائيمس“، صاف، واضح، سنجيده قسم جو
ميڪ اپ ٽائيپ جي هڪ فيملي تي غور ڪريو.


DAWN

Luxury is LIPTONS TEA

STARLET

Shah, Numiery call for unity of Islamic world

Libya & Pakistan on path of Jehad against injustice

Gaddafi's declaration: Bhutto backs Arabs

Tripartite moot imminent, says Dr Kamal

Kissinger heads for Damascus: hopeful of disengagement


DAWN

STRIKE A MASSIVE SHOW OF UNITY

Total hartal in Pakistan, Azad Kashmir

Bhutto thanks people at home & abroad

Hartal in held Kashmir, UK, other countries

ڊان– بئلنسڊ ميڪ اپ جا ٻه نمونا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

LIPTON fills the generation gap

THE SUN

KARACHI, Friday, March 7

A New Value in Fine Watches
New BLACKIE

Israel kills 100 friends, 7 Fidayeen

# BLOOD-BATH

Action in Tel Aviv

OPEC DECLARATION

K due in Egypt today

Qathafi's sudden visit to S. Arabia

IRAN AND IRAQ COME TO TERMS

BHUTTO AWARDS 10,000 EACH TO SQUASH HEROES

MUJIB SEEKS HELP FROM BHASHANI

AK President discusses coming polls with Bhutto

One million march on Lok Sabha

EEC plans to offer $700m to developing countries

Weather

50 drown in BD

FAZAL OPENS P.P.F.

Riotous crowd tear-gassed

THEY DID IT



HANIF'S BROTHER

سن- انفارمل، ڪي قدر فنڪشل ميڪ اپ- روورس سرخين ۽ سفيدي جو استعمال ملاحظہ ڪريو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ملڪ ۾ جلد انجنيئرنگ ڪائونسل قائم ڪئي ويندي

هلال پاڪستان

پنهنجي تعليم
سان گڏ
عملي تجربي
جو موقعو پڻ
حاصل ڪريو

بورڊ آف مئنجمينٽ (سنڌ)

هلال پاڪستان: پريس ۾ هاريزنٽل ميڪ اپ جو گڏيل
يعني سرڪس ميڪ اپ جو نمونو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اخبار جي بنيادي ساخت: ايڊيٽوريل

اخبار ۾ گھڻيئي ماڻهو ڪم ڪن ٿا. جن مان هرهڪ جي ذميداري ڌار ڌار ٿئي ٿي. پر بنيادي ڍانچي ۾ سڀ کان وڌيڪ اهميت ٻن طبقن کي آهي: ايڊيٽوريل ۽ مئنيجمينٽ. ايڊيٽوريل سيڪشن ۾ نالا ڪٿي مختلف آفيسن، اخبارن ۽ ملڪن ۾ ٿورا بدليل هوندا. پر ڍانچي جي لحاظ کان سموري دنيا جي اخبارن ۾ هڪجهڙائي آهي. في الحال، مئنيجمينٽ کي ڇڏي اسان ايڊيٽوريل سيڪشن کي وٺون ٿا.

**ايڊيٽر** Editor

ادارتي شعبي جو سربراهه آهي. سموري اخبار جو ذميدار ٿئي ٿو جنهن کي سموري ادارتي اسٽاف تي ڪنٽرول ٿئي ٿو. ايڊيٽوريل لکڻ جو ذميدار ٿئي ٿو پر اڄڪلهه هي ڪم ايڊيٽوريل لکندڙ ماڻهو جنهن کي ليڊر رائيٽر چئجي، تنهن تي ڇڏيو ويندو آهي. هو صرف صبح جو ايڊيٽوريل سيڪشن جي ڪانفرنس ۾ رهبري جا ٻه ٽي نڪتا ٻڌائيندو يا لائين ڏيندو آهي. هو نائبن کي ذميداريون سونپيندو آهي. اهو ضروري ناهي ته ايڊيٽر روز ايڊيٽوريل لکي. ڪو موضوع ڏيئي ڪنهن ماتحت سينيئر ورڪر کان لکرائي سگهي ٿو. مجموعي طور اخبار ۾ ڇپيل هر اکر جو ذميدار ٿئي ٿو. ظاهر آهي ته هر لفظ، دم، اڌ دم چڪاس ڪرڻ ايڊيٽر لاءِ ممڪن ناهي تنهنڪري هو پنهنجي عملي جي هر ماڻهوءَ جي لياقت کان ڪم وٺي اخبار مڪمل ڪندو آهي. انهيءَ ڪري هن کي هر ماڻهوءَ جو اعتماد حاصل هئڻ گهرجي. ايڊيٽر سموري اخبار جو خالق ٿئي ٿو، تنهنڪري هن جي ذهانت غير معمولي هئڻ گهرجي.

هن کي سڄي خبر، ذريعا، سٽا، ميڪ اپ، ڊسپلي، مقصد، اخبار ۽ ملڪ جي پاليسي هر چيز جي چڱيءَ پر جاچ هئڻ گهرجي. ايڊيٽر کي مڪاني، قومي ۽ بين الاقوامي مسئلن جي ايتري جاچ هوندي آهي جو هو هر واقعي جي چند جاچ ڪري سگهندو آهي، ۽ نجومين وانگيان پيشن گوئي به ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي نگراني ڪري، مڪينيڪل اسٽاف ۽ ايڊيٽوريل سيڪشن درميان گهرو رابطو قائم رکي، غير ضروري خبرن کي ڪڍي، اخبار کي وقت سر پهچائي.

### نيوز ايڊيٽر News editor

هي، خبري سيڪشن جو انچارج آهي. خبر، ڪاپي بنجڻ کان اڳ ۾ هن وٽ پهچي ٿي. هيئن به چئي سگهجي ٿو ته هو سموري خبرن واري شعبي جو مئنيجر آهي. هو کين ذميداريون سونپيندو آهي، ايندڙ واقعن جي ڊائري رکندو آهي ۽ رپورٽرن جي ڪم ڪار جو تفصيل رکندو آهي. هن جو ٻئي ڪم آهي ته هر واقعي جي خبر اچي ۽ جيڪڏهن نه آئي ته ڏسي ته چونه آئي. هن جو ڪم آهي ته روزانه متوقع خبري واقعن جو شيڊول ناهي ۽ انهيءَ مطابق رپورٽرن جون ڊيوٽيون لڳائي. انهيءَ شيڊول کان ڪيس روزانه ايڊيٽوريل ڪانفرنس ۾ آگاه ڪرڻو آهي. مجموعي طور تي نيوز ايڊيٽر، خبرن جو انچارج آهي.

### غير ملڪي ايڊيٽر Foreign editor

ملڪ کان ٻاهر جيڪي ڪجهه ٿئي ٿو انهيءَ کي سنڀالڻ لاءِ اهميت پريو ماڻهو کپي، ۽ Foreign editor اهوئي ماڻهو آهي. هو ايڊيٽر کي ملڪ کان ٻاهر ٿيندڙ هر واقعي يا متوقع واقعي کان آگاهه ڪندو آهي ۽ انهيءَ متعلق راءِ طلب ڪندو آهي يا وري انهيءَ کي پاڻ هٿنڊل ڪندو آهي. بين الاقوامي خبرن کي پنهنجي اهميت مطابق، يا انهن جي مڪاني اثر جي حساب سان پيش ڪندو آهي. هن جي ذمي ٻاهرين ملڪن ۾ پنهنجا نمائندا، يا بين الاقوامي ايجنسيون ٿين ٿيون.

گهٽو ڪري وڏين اخبارن ۾ هي جاءِ ٿيندي آهي.

### ڪاپي ٽيسٽر Copy tester

هي گهٽو ڪري پراڻو صحافي هوندو آهي جنهن جو ڪم اهوئي هوندو آهي ته هر ايندڙ خبر کي ڏسي (گهٽو ڪري اتي جتي ٻه يا وڌيڪ ايجنسيون هجن) تاڪه ڪابه خبر، ٻيهر نه اچي يا ڇپجڻ جي لائق ناهي، يا وري ملڪ جي خلاف ناهي. ممڪن آهي ته ڊيوٽي ايڊيٽر جي ڌيان مان پاليسي جي ڳالهه نڪري وڃي ۽ هو اهو آئٽم هلائي ڇڏي. ڪاپي ٽيسٽر جو ڪم صرف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو آهي تہ چونڊي، ۽ چيف سب ايڊيٽر ڏانهن موڪلي.

## چيف سب ايڊيٽر Chief sub-editor

هي سب ايڊيٽرن جو انچارج آهي. هي ئي اهو ماڻهو آهي جو اخبار ٺاهڻ جوڙڻ ۾ حقيقي چئمپين آهي. هر خبر هن وٽ ايندي آهي. ۽ هو ان کي پنهنجن سب ايڊيٽرن ۾ ڏيئي ڪانئن خبرون نهرائي جوڙائي سينگاري وٺندو آهي. هن جو ئي ڪم آهي تہ هو ڏسي تہ هر قابل اشاعت خبر ٺهي جڙي، وقت اندر اخبار پيڙي تئي تي هو ئي صفحن جي ٺاهڻ جوڙڻ جو ذميدار آهي. (جيئن نائيٽ ايڊيٽر واري سيڪشن ۾ ٻڌايو ويو آهي.) هي ئي ٽائيپ جي چونڊ، هيڊ لائين ڏيڻ، تصويرن جي چونڊ، ڪاٽڻ ڇانٽڻ، سائيز ڪرڻ وغيره جو ذميدار آهي. هن ئي اخبار جي اهم ترين ماڻهن يعني Sub editors کان ڪم وٺندو آهي. هيئن ڪٿي چئجي تہ اخبار جو نقشو چيف سب ايڊيٽر چٽيندو آهي ۽ اهو ان کي عملي شڪل ڏيندو آهي.

## سب ايڊيٽر Sub editor

هيءُ پوري عملي ۾ سڀ کان محنتي ماڻهو آهي، گويا اخبار جي بنيادي ٿنڀي وانگيان آهي. وقت ۽ جاءِ جي تنگي ۾ قاتل، هر قسم جي خبرن کي سنواريندو آهي. هو هر خبر جي لفظ لفظ کي پڙهي، گهٽ ۾ گهٽ جاءِ ۾، واضح، بامقصد، پرڪشش بنائيندو ۽ جيڪڏهن ضرورت پئي تہ ٻيهر بہ لکندو. ان کان پوءِ، ان خبر جي ٽائيپ سيٽ ڪندو، ماپ لکندو، هڪ دلچسپ ۽ سٺي سرخي لکندو ۽ ان جي موزون عام طور وٺندڙ ۽ ڇڪيندڙ ٽائيپ سيٽ ڪندو. هو هر خبر جو پهريون پڙهندڙ ۽ آخري ڇڪاس ڪندڙ هوندو آهي. جيڪڏهن هو ڪنهن خبر ۾ ڪا غلطي ڇڏي ٿو تہ اها پئي ڏينهن اخبار ۾ ڇپجي ويندي، جنهن سان اخبار جي نالي تي ئي اثر پوندو.

سب ايڊيٽر جو سڀ کان وڏو دشمن وقت ۽ جاءِ آهي. اخبار ۾ جاءِ جي ڪري هن کي اختصار کان ڪم وٺڻو پوندو آهي ۽ رپورٽر خبر کي هرويرو بہ تفصيلي بنائيندو آهي جيڪو ڪن حالتن ۾ اجايو هوندو آهي. تنهنڪري رپورٽر، سب ايڊيٽر کي ڪاسائي بہ ڪري ليکيندو آهي پر ان ۾ سندس ڪو ڏوهہ ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اسٽون سب ايڊيٽر Stone sub editor

هي اهو سب ايڊيٽر آهي جيڪو صفحن جي ميڪ اپ وقت Stone يا ميڪ اپ جي ڪهوڙي تي بيهي ۽ ضرورت وقت ڏمي مطابق خبرن ۾ گهٽ وڌائي ڪرڻي پوي ته اها ڪري. ڇاڪاڻ جو، جيڪڏهن صرف لي آئوٽ مئن تي اهو ڪم ڇڏجي ته هو پنهنجي مرضي مطابق ضروري حصا ڪٽي سگهي ٿو. پر سب ايڊيٽر جي موجودگي ۾ هو خبر کي بيهر ڏسي، ان جا اجا به گهٽ ضروري، يا وڌيڪ تفصيل جا ڪي حصا ڪڍي خبر کي گنجائش مطابق آڻي سگهي ٿو.

اسٽون سب ايڊيٽر جي موجودگي اهو به موقعو فراهم ڪري ٿي ته سرخين، ڪئپشن، ڊيٽ لائينس تي هڪ ڀيرو وري چڪاس ڪري. هو اها به پڪ ڪندو آهي ته آيا ڪئپشن انهن ئي تصوير جا آهن، ڇاڪاڻ جو ڪي به تصويرون هڪ ئي سائيز جون ٿي سگهن ٿيون ۽ هي ته چيف سب جي ٺهيل Lay out جي پابندي ڪئي وڃي ٿي. انهيءَ ڪندي هو چيف سب ايڊيٽر، يا نيوز ايڊيٽر سان به رابطو رکيو ايندو آهي، يا وري هي ته ضروري شين کي مهل سر اڪلائيندو ايندو. مثال طور جيڪڏهن صرف "اندر جا پڙهندڙ" جي مختصر ڪان مختصر ائٽم جي ڪري پورو صفحو رکجي ويو هجي ته اهو هڪدم حاصل ڪري صفحي کي ڍڪي. وڏين اخبارن ۾ هن قسم جو سب ايڊيٽر هوندو آهي نه ته ننڍين اخبارن ۾ گهٽو ڪري نائيٽ شفٽ جو انچارج، ڪنهن نه ڪنهن سمجهدار سب ايڊيٽر کي موڪلي ڏيندو آهي.

## پروف ريڊرس Proof readers

سب ايڊيٽرن جي تيار ڪيل، ڪمپوز ٿيل ميٽر جو ڪجهو عڪس هڪ ڪاغذ تي ڪڍيو ويندو آهي. ان کي پروف يا پرنٽ آئوٽ چئبو آهي جنهن ۾ صورتخطي، جملن جي جوڙجڪ، بيهڪ جي نشانين يا ڀڳل ٽٽل اکرن کي درست ڪرڻ کي ريڊنگ چئبو آهي. انهيءَ لاءِ ڌار ڪارڪن هوندا آهن جن کي ريڊر چئبو آهي. پروف ريڊر لاءِ اهو ضروري آهي ته سب ايڊيٽر جي تيار ڪيل مواد مان پروف کي پيٽي ۽ ان جي پوئواري ڪري، پر اهو به ضروري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهي تہ جيڪڏهن سب ايڊيٽر ڪان ڪا صورتخطي جي، يا بيهڪ جي نشاني جي غلطي ٿي وڃي تہ اهو ائين غلط ئي رهڻ ڏئي. پروف ريڊر جو ڪم ان ڪي درست ڪرڻ آهي يا اجا بہ مونجهارو ٿئي تہ ان ڪي ڪنهن سب ايڊيٽر سان رجوع ڪرڻو آهي، ۽ ان ڪان پوءِ ضروري درستي ڪرڻي آهي. اخبار جي اسٽائيل کي آڏو رکڻ سان پروف ريڊر آخري چيڪر آهي، تنهنڪري هن کي وڏيڪ خبرداري سان ڪم ڪرڻو آهي.

## فوٽو گرافر Photographer

فوٽوگرافر سندس نالي مطابق، خبري تصويرو وٺندو آهي، انهن کي ڌاهيندو آهي ۽ انهن Contact print ڌاهي، پڪچر ايڊيٽر کي ڏيندو آهي جيڪو انهن جي معيار ۽ ضرورت مطابق تصويرون ٺهرائيندو. گهٽين اخبارن ۾ پڪچر ايڊيٽر نہ هوندو آهي. اتي چيف سب ايڊيٽر اهو سڀ ڪم ڪندو آهي. بهرحال، رپورٽر جيڪڏهن واقعي جي اصلي ڪيفيت لفظن ۾ پڌائڻ لاءِ آهي تہ فوٽوگرافر انهيءَ واقعي کي تصويري انداز سان رڪارڊ ڪندو آهي. چاڪاڻ تہ فوٽوگرافر، واقعي کي جيئن جو تيئن رڪارڊ ڪندو آهي تنهن ڪري، فوٽوگرافر هڪ خاص زاويہ سان وٺي انهيءَ واقعي کي قيد ڪري ڇڏيندو آهي. فوٽوگرافر کي انهيءَ ڪري نهايت ذهين ٿيڻو آهي. هو هڪ طرح جو فنڪار آهي جنهن کي ڪي گهڙيون پنهنجي ڪئميرا ۾ قيد ڪرڻيون آهن.

## آرٽ ايڊيٽر Art editor

هي گهڻو ڪم اخبار جي سونهن جو ڪندو آهي. هونئن تہ ننڍين اخبارن ۾ سب ايڊيٽر اخبار جي سونهن جو خالق هوندو آهي پر وڏين اخبارن ۾ آرٽ ايڊيٽر ذار هوندو آهي جيڪو نظر جي وهڪ، عمومي ۽ مقصدي سونهن کي آڏو رکي اخبار کي جوڙيندو آهي. هن وقت ۾ تيز رفتاري سان سب ايڊيٽر جي اهميت وڌندي وڃي ٿي ۽ آرٽ ايڊيٽر صرف مخزنن تائين محدود ٿي ويو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اخباري جوڙجڪ- انتظاميہ

ايڊيٽوريل سيڪشن تہ اخبار جي صورت، پرزن کي ڳنڍي بنائي ٿو، پر ٻيو اهم شعبو انتظاميہ آهي جنهن جا بہ ڪيئين ضمني شعبا، گڏجي انهيءَ تيار ڪيل اخبار کي وقت اندر پڙهندڙن جي هٿن تائين رسائي ٿو. هن ٻنهي شعبن جو ڪم ڏار ڏار آهي پر جيڪڏهن هن جو پاڻ ۾ گهاٽو سنبنڌ ۽ تعاون نہ هجي تہ صحافي اخبار ڪيڏي بہ سهڻي ناهي، پر پڙهندڙ تائين نہ پهتي، يا مهل سر نہ پهتي تہ ڪهڙي ڪم جو. انتظاميہ جو اهو پويون ڪم آهي. ظاهر آهي تہ انهيءَ صورت ۾ بهتر ۽ معاون انتظاميہ ڪامياب اخبار جي بنيادي ضرورت آهي. جيڪڏهن ڪو اخبار نويس يا ايڊيٽوريل سيڪشن جو ماڻهو هي چئي پنهنجي ذميداري ڪلهن تان لاهي ڦٽي ڪري ٿو تہ "منهنجو ڪم تہ صرف خبر ڏيڻ آهي،" تہ اهو عملي صحافي ناهي. هن کي خبر تہ ڏيڻي آهي پر انتظاميہ جي گهرج، وقت ۽ گنجائش کي بہ آڏو رکڻو آهي.

انتظاميہ کي ٻيو انتظام پئسن جو ڪرڻو آهي. اشتهار سڀ کان وڏو ذريعو آهن. اشتهار ڏيندڙن جا ڪيئين اثر ٿين ٿا جيڪي اخبارن کي برداشت ڪرڻا پوندا آهن. هن جي نڪتہ نظر کي ايڊيٽوريل سيڪشن ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪبي آهي. ٻي صورت ۾ هو اخبارن کي اشتهار ڇو ڏيندا. هتي اسان انهن اثرات جو تفصيلي ذڪر ڪنداسين.

### سرڪيوليشن Circulation

انتظاميہ ۾ سڀ کان اهم شعبو سرڪيوليشن جو آهي. هن سيڪشن وارن کي اخبارن جي طلب مطابق هر شهر ۽ هر ڳوٺ ۾ پڙهندڙن جي تعداد مطابق اخبارون نہ صرف موڪلڻيون پونديون آهن پر انهن جي صحيح ۽ مهل سر ترسيل ڪرڻي آهي. ريل گاڏين، هوائي جهازن يا موٽر گاڏين رستي اهڙيءَ طرح موڪلڻو پوندو آهي جو مهل سر پڙهندڙن کي رسي. جيڪڏهن سرڪيوليشن جي اراضي وڏي آهي تہ پوءِ ظاهر آهي تہ ترسيل ۾ بہ وقت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو، انهيءَ ڪري ساجهر اخبار موڪلٽي پوندي. انهيءَ صورت ۾ ڏاهو سرڪيوليشن ڊپارٽمينٽ، ايڊيٽوريل سيڪشن سان صلاح ڪري، اخبار جا سوير وارا Early edition ڪيندا آهن، جن جو تعين ويندڙ گاڏين، يا جهازن جي وقت سان ڪبو آهي. مثال طور لاهور جي مشرق، نواءِ وقت ۽ امروز ”ڊاڪ ايڊيشن“ جي نالي سان هڪ ايڊيشن ڪيندي آهن جيڪي رات جو ٨- يا سادي ٨ بجي تيار ٿي، ١٠ بجي ڏاري ڇپجي ملتان ۽ ٻين ڏورانهن علائقن ڏانهن روانو ٿي ويندا آهن. ان بعد انهن ۾ آيل خبرن، يا خبرن جي تفصيلن کي شامل ڪري دير جا ايڊيشن ڪيبا آهن. اهڙيءَ طرح عبرت ۽ ڪاوش پنهنجو اپر سنڌ ايڊيشن رات جو ١١ بجي تيار ڪري موڪلي ڏينديون آهن ۽ بعد ۾ لاڙ يا لوئر سنڌ ۾ ايڊيشن ڪجهہ ردو بدل ساڻ دير سان تيار ٿيندو آهي.

آمريڪا ۽ برطانيہ جون اخبارون ٨-٨ ايڊيشن بہ ڪيندي‌يون آهن، جيڪي شام جو ٨ بجہ کان شروع ٿيندا آهن. ايڪسپريس، ٽيليگراف، گارجين، مرر، ميل، ٽائيمس پنهنجو پهريون ايڊيشن رات جو ٨ بجي ايئر ايڊيشن نالي ڪيندي‌يون آهن جيڪو هوائي جهازن رستي ٻاهرين ملڪن ۾ ويندو آهي. اهو هلڪي رائيس پيپر تي ٿيندو آهي. ٻيو ايڊيشن ١٠ بجي آئرلينڊ لاءِ، ٻوءِ اسڪاٽ لينڊ، مڊلئنڊس لاءِ ۽ پوءِ دير سان اسر جو ٣ بجي Late city edition ڪيندي‌يون آهن. سرڪيوليشن کاتي جو ڪم اهو آهي تہ انهن جي مهر سر ترسيل ڪري. انهيءَ ڪم ۾ هو ايڊيٽوريل سيڪشن، خاص ڪري رات واري شفٽ سان برابر لاڳاپي ۾ هوندو آهي.

سرڪيوليشن سيڪشن جو ٻيو اهم ڪم سرڪيوليشن وڌائڻ ۽ برقرار قرڪڻ آهي. هو مسلسل اها جدوجهد ڪندو تہ سرڪيوليشن وڌي. انهيءَ جي اپياس ڪرڻ لاءِ هو جديد سائنسي طريقا استعمال ڪندو آهي، جنهن ۾ سڀ کان اهم ترين آهي سروي. سرڪيوليشن شعبو مستقل طرح پڙهندڙن کان اهو معلوم ڪندو رهندو آهي تہ سندن پسند جي ڪهڙي شيءِ آهي. هو اخبار کي هٿ ۾ ڪٽڻ سان پهرين ڪهڙي شيءِ پڙهندا آهن. جيڪڏهن نتا اخبار پڙهن تہ ڪهڙي سبب ڪري. اهي سڀ پسند نا پسند معلوم ڪري اخبار ۾ تبديليون آڻيون پونديون آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪيوليشن سيڪشن جو اهو به ڪم آهي ته مسلسل چڪاس رکي ته ڪهڙي هنڌ يا ڪهڙي شهر ۾ سرڪيوليشن گهٽي آهي يا وڌي آهي. جيڪڏهن گهٽي آهي ته ان جو ڪارڻ ڇا آهي. جيڪڏهن اهوسبب انهيءَ علائقي جي گهٽ خبرن اچڻ ڪري ٿيو آهي ته ان ڪان ايڊيٽر يا واسطيدار شعبي کي اطلاع ڪرڻ ضروري آهي.

وڏين اخبارن ۾، يا نين اخبارن ۾ سرڪيوليشن سيڪشن هر مهيني هڪ مقرر تعداد ڏار رکندو آهي جنهن جي ڪا قيمت نه وٺندو. انهيءَ کي Boosting چئبو آهي. هن ۾ پنهنجي شهر ۾ ٥٠ يا ١٠٠، يا جيئن به ممڪن هجي، ڪنهن محلي جا گهر متعين ڪيا آهن ۽ روز هڪ، هڪ، اخبار انهن ۾ مفت اسر جو ڇڏبي آهي. هڪ مهينو گذرڻ ڪان پوءِ سرڪيوليشن سيڪشن جو ماڻهو هنن وٽ وڃي پڇندو ته آيا هو اخبار پڙهندا آهن. جيڪڏهن مهينو اخبار پڙهي اٿن ته اخبار بابت سندن راءِ ڪهڙي آهي؟ جيڪڏهن اخبار سٺي ڀڏائين ٿا ته ڪائنن اهوئي پڇبو ته "ڇا اوهان اخبار جاري رکڻ چاهيو ٿا؟" جيڪڏهن جواب هائوڪار ۾ مليو ته هڪ گراهڪ مستقل طور تي وڌيو. جيڪڏهن جواب نهڪار ۾ مليو ته ڪائنن ناپسندي جا سبب معلوم ڪري اخبار وارو وڌ ۾ وڌ ان کي سمائڻ جي ڪوشش ڪندو. تجربي ظاهر ڪيو آهي ته انهيءَ اسڪيم ۾ اخبار وڌائڻ ۾ڪاميابي ٿي آهي.

## اشتهار Advertisement

اشتهاري سيڪشن، سڀ ڪان وڌيڪ ڪمائو آهي. جيئن هن جي نالي مان ظاهر آهي، هن جو ڪم سنها ٿلها سمورا اشتهار هٿ ڪرڻ آهي. هن کي اخبار جو پيٽ پئسن سان ڀرڻ جي بنيادي ذميداري سونپيل آهي. هن شعبي کي نه صرف پاڻمرادو ايندڙ اشتهارن کي ڇپڻ آهي، پر اشتهار حاصل ڪرڻ به آهي. اخباري شعبي ۾ مالياتي شعبي هئڻ ڪري، هن کي بجيٽنگ ۾ وڏو دخل هوندوآهي.

جتي اشتهاري سيڪشن جون اهي ذميداريون هونديون آهن ته ايجنسين جي معرفت آيل اشتهارن کي صحيح جاءِ ڏئي، اتي هي به آهي ته ڪيس اشتهاري ڏرين ۽ ايڊيٽوريل مواد درميان رابطو رکي. ائين نه ٿئي ته ڪو اشتهار فضائي جهاز ران ڪمپني جو هجي ۽ ان جي مٿان هوائي حادثي جي خبر هجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن ۾ سمورا مسافر عملي سميت مري ويا هجن. اهڙو display پڙهندڙن کي اشتهاري ڏر کان ڌار ڪري ڏيکاريندو ۽ ٻڌائيندو، ڇاڪاڻ ته اهو ۽ به ڪري هن جو ايڊيٽوريل سيڪشن سان گهرو رابطو هئڻ تمام ضروري آهي.

گهڻين اشتهاري پارٽين جون اهڙيون خبرون هونديون آهن جيڪي عام خبري معيار جي لحاظ کان ٢ انچن کان وڌيڪ اهم نه هونديون آهن ليڪن ڇاڪاڻ ته اشتهاري ڌر ان ۾ شامل آهي تنهنڪري ان خبر کي پارٽيءَ جي اطمينان تائين ڏيڻو پوندو. جيڪڏهن ڪنهن ڌر جي اها دلچسپي آهي ته ڪا خبر ڇاهي هن متعلق هجي يا نه، ته اها گهڻ اهميت سان ڇاپڻي پوندي ۽ ڪن حالتن ۾ نه به ڇاپڻي آهي (بشرطيڪ اها صحافت جي آزاديءَ سان ٽڪر ۾ نه هجي، يا انسان جي بنيادي حقن خلاف نه هجي.) بهرحال ڪن حالتن ۾ متصادم صورت ۾ به، ناهه جي گنجائش هوندي آهي، ڇاڪاڻ ته اخبار کي پئسي جي پهرين ضرورت هوندي آهي.

اشتهاري سيڪشن جي ٻي ذميداري Ethics آهي. اشتهارن جي پاليسي بنائڻ ۾ ملڪ جي تهذيب، ثقافت، اخلاقي قدر، فحاشيءَ ٻين معاشي ذميدارين کي آڏو رکڻو هوندو آهي. مکيه ڳالهين ۾ هيءَ ڳالهه شامل هوندي آهي ته اشتهارن جي ٻوليءَ بناوت ۾ اگهاڙپ نه هجي. ان کان سواءِ صحت لاءِ مضر شين جي تشهير نه هجي. دين مذهب جي منع ڪيل ڪنهن به شيءِ جو اشتهار نه ڇپجي، ڇاهي ان لاءِ ڪيتري به رقم ملندي هجي. مسلم ملڪن جي اخبارن ۾ ڪڏهن به شراب ۽ سوئر جي گوشت جو اشتهار نه ڇپبو آهي جڏهن ته مغربي ملڪن جي اخبارن ۾ اهي اشتهار ڇپبا آهن. وڏيون اخبارون پنهنجي اشتهاري پاليسي کي صحت لاءِ مضر شين ۽ معاشي ضرورتن کي آڏو رکي بنائينديون آهن. محض پئسن ڪمائڻ خاطر غلط شين جا اشتهار نه ڇپينديون آهن. ريڊرس ڊائجسٽ، برطانوي صحت جي ڪميشن طرفان هن رپورٽ ملڻ تي ته سگريٽ، سرطان پيدا ڪرڻ ۾ وڏو حصو ادا ڪن ٿا، سگريٽ جا اشتهار ڇپڻ بند ڪري ڇڏيا ۽ اعلان ڪيو ته سگريٽن جي اشتهارن جا سمورا معاهدا منسوخ سمجهيا وڃن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## Finance & accounts ماليات ۽ حساب ڪتاب

سرڪيوليشن ۽ اشتهاري کاتا پئسا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هوندا آهن ته مالياتي کاتو، آمدني جا نوان ذريعا ڳولڻ، موجود ذريعن کي وڌائڻ، متوقع آمدني جي رٿابندي ڪرڻ، ماليات ڪنٽرول ڪرڻ ۾ رڌل هوندو آهي. ان جو هيٺيون کاتو وري خرچ کاڌاڙي جي حساب ڪتاب رکڻ ۽ کاتا تيار رکندو آهي.

مالياتي کاتو، سيني شعبن سرڪيوليشن، خبرن، اشتهاري ڇپائي وارن سان گهري لاڳاپي ۾ ڪم ڪندو آهي ۽ پنهنجي ضرورت مطابق مناسب ردو بدل ڪندو آهي. مالياتي شعبي جو سربراهه، وڏين اخبارن ۾ ته ڪمپني سيڪريٽري هوندو آهي پر ننڍين اخبارن ۾ جنرل مئنيجر ڪندو آهي يا مالڪ خود ڪنٽرول ڪندو آهي.

## Works department ورڪس ڊپارٽمينٽ

هن شعبي ۾ ڪمپوزنگ، پرنٽنگ، بائينڊنگ ۽ پيو پراڊڪشن جو عملو هوندو آهي. هن جو انچارج ورڪس مئنيجر هوندوآهي جنهن جو گهرو رابطو سرڪيوليشن ۽ ايڊيٽوريل سيڪشن سان رهندو آهي. هن کي پنهنجي ضرورت مطابق ٽائيم جي شيڊول ٺاهڻ ۾ ايڊيٽوريل سيڪشن جي تعاون جي ضرورت هوندي آهي جڏهن ته ٻين ڪمن لاءِ سرڪيوليشن سيڪشن واسطو رکندو آهي.

اهي اخبار جا مکيه شعبا آهن. اهو سمجهڻ غلط آهي ته ڪنهن هڪڙي شعبي جي محنت سان اخبار هلي ٿي يا وڌي ٿي. جيڪڏهن اخبار جو ذهين ۽ عملي خالق ايڊيٽوريل سيڪشن آهي ته ان کي ڇپي پڙهڻ لائق بنائڻ جي صورت ڏيڻ وارو ورڪس سيڪشن آهي. پر جيڪڏهن سرڪيوليشن ڊپارٽمينٽ ان کي پڙهندڙن جي هٿن تائين نه پهچائي ته اها سموري محنت اڌوري رهجي ويجي ٿي. اهي ٽئي سيڪشن پنهنجي ڪم پورو ڪرڻ لاءِ تيار هجن، پر اشتهاري سيڪشن محنت نه ڪري ته اخبار جو پيٽ پئسن سان پرڻ ڏکيو ٿي پوي ۽ پئسا جيڪڏهن مالياتي ڪنٽرولنگ شعبو حاصل نه ڪري ته سمورا شعبا بيڪار رهجي ويندا. انهيءَ عالم ۾ اخبار تڏهن ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪامياب ٿي سگهي ٿي جڏهن سمورا شعبا، هڪ مشين جي پرزن وانگيان تمام رابطي ۾ ڪم ڪن. ٻي صورت ۾ اخبار نڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ٿلهي ليکي انجو ڍانچو هيٺن ٿي سگهي ٿو.






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اخباري فرهنگ
# NEWS PAPER GLOSSARY

شہ سرخي Banner, splash, across the page

صفحي جي مٿان مکيہ سرخي، جيڪا هڪ پيڙيءَ کان هلي ٻئي تائين ختم ٿئي.

باڪس Box

چئني طرفن کان رولن سان بند ڪيل، عام طور تي دستوري ماپ کان گهٽ ماپ ۾ ڪمپوز ڪيل خبر، جنهن ۾ اها نمايان ٿئي. ڪڏهن ڪڏهن باڪس دستوري ٽائيپ کان ٿلهيرڙي ٽائيپ ۾ هلندو آهي.

ڪريڊ Creed

نيوز ايجنسين طرفان ٽيليپرنٽر تي خبرون موڪلڻ يا اخباري دفترن ۾ پرنٽر تي خبرون اچڻ.

ننڍڙي سرخي Cross-head

هلندڙ مسودي ۾ وچ هڪ ننڍڙي سرخي

ڊيڪ Deck

سرخيءَ جي هڪ ليڪ. ٣ لائينن واري سرخيءَ کي 3- deck H/line چئبو آهي.

ڊراپ ليٽر Drop letter

مسودي جي ابتدا ۾ پهريون اکر ٿلهيرڙو ۽ وڏو هوندو آهي. انگريزيءَ ۾ ان کي هيٺين ظاهر ڪبو آهي.

"Dp. or Dr" or "Dp ltr"

ايئر Ear

پهرين صفحي تي لوح جي پر ۾ ٻنهي پاسن کان ننڍڙن اشتهارن جا باڪس تن کي Ear panel چئبو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ايم** Em

عام طور ۱۲ پوائنٽ جي انگريزي ٽائيپ جي m اکر جي ماپ. هن کي ڪمپوزنگ جي زبان ۾ "مَٽن" به چئبو آهي.

**اين** En

ايم جو اڌ، يا ۱۲ پوائنٽ انگريزي ڪيس جي n اکر جي ماپ. هن کي ڪمپوزنگ روم جي زبان ۾ هن کي نٽ Nut چئبو آهي. عام طور ڪمپوزنگ ڪمپوزنگ جي هدايتن ۾ Indent a nut به ڪتب آڻبو آهي.

**ايمبارگو** Embargo

ڪنهن اڳواٽ جاري ڪيل پڌرائي، پڌرنامي، معاهدي، تقرير يا خبر جي جاري ڪرڻ جو مقرر وقت.

**فائونٽ** Fount

ٽائيپ جو قسم جنهن کي Font به اچاربو آهي.

**هئنگنگ انڊينٽ** Hanging indent

ڪمپوزنگ جو اهو طريقو جنهن ۾ هر پئراگراف جي پهرين سٽ بنا پئراگراف حاشيہ جي پوري ماپ ۾ هلائجي، ۽ باقي ميٽر هڪ پاسي کان (سنڌيءَ ۾ ساڄي پاسي کان) گهٽ ماپ ۾ بنا حاشيہ ڇڏي هلائجي. هن کي هڪ ايم هئنگنگ انڊينٽ کي هيٺين مارڪ ڪبو آهي. "Q and 1".

**انڊينٽ ڪرڻ** Indention

ڪالم جي مقرر سائيز کان هڪ ايم، اڌ ايم، يا ڪنهن مقرر حد تائين گهٽ ماپ ۾ هلائڻ.

**ليڊ** Lead

اخبار ۾ سيني کان مکيہ ۽ اهم ترين خبر.

**لفٽ** Lift

پنهنجي ئي اخبار جا مختلف ايڊيشن ناهڻ وقت اڳئين خبر جي مسودي واري ساڳي ٽائيپ استعمال ڪرڻ لاءِ هدايت ڏيڻ خاطر پروف يا ڪاپي تي لکبو آهي Lift.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### پئنل Panel

گهٽو ڪري ٻن ڪالمن ڪان وڌيڪ حصن ۾ ورهايل خبر جيڪا گهٽو ڪري مستطيلي Horizontal انداز ۾ ٺهيل هجي ڇو جو ايئن تمام گهڻو حصو ڏيکاري تا ڪارا رول ڏنل هجنس.

### پوائنٽ Point

ٽائيپ جي ماپ جو معياري ايڪو. هڪ پوائنٽ ۰.۱۳۸۳ انچ ٿئي يا انچ جو ٻاهتريون حصو. عام طور تي اخباري مسودن جي سائيز ۵، ساڍا ۵، ۶، ۷، ۸، ۱۰، ۱۲ پوائنٽ ٿئي ۽ اخباري سرخي وارين ٽائيپن جي سائيز ۱۴، ۱۸، ۲۴، ۳۳، ۳۶، ۴۲، ۴۸، ۶۰ ۽ ۷۲ پوائنٽ ٿئي. هن کي Pica به چئبو آهي.

### ڪوائير Quire

اخبارن ورهائڻ جو يونٽ، عمومي طور تي ۲۴ ڪاپيون.

### ريڊر (پروف) Reader

گيلي يا پرنٽ آئوٽ پڙهندڙ. عام طور پروف ريڊر سڏبو آهي هن جو معاون ڪاپي هولڊر سڏبو آهي.

### ٻيهر ٺاهه جوڙ Rejig

اڳير ٺاهيل صفحي کي، ٻيهر ڇپڻ يا ٻئي ڪنهن ايڊيشن ڇپڻ لاءِ، ساڳي مواد جي ٻيهر ترتيب کي چئبو آهي.

### رورس Reverse

سرخي جيڪا ڪاري يا اسڪرين پس منظر ۾ سفيد اکرن سان لکيل هجي. اها هدايت لکڻ ضروري آهي ته آيا اها رورس بليڪ هجي يا اسڪرين ۾.

### هلڻ ڏيو Run on

جتي پئراگراف نه گهرجي، اتي اها هدايت ڏجي.

### اسڪرين Screen

هاف ٽون ۾ في انچ لائينن جو تعداد ۶۰ جي اسڪرين جي معنيٰ ته في



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چورس انچ ٦٠ لائين جي چورسن سان نهيل اسڪرين. روٽري لاءِ عام طور تي ٥٥ کان ٦٥ جي اسڪرين، ڊائريڪٽ پروسيس جي فلئٽ بيڊ جي مشين لاءِ ٨٥ جي اسڪرين ۽ آفسيٽ لاءِ ٨٥ کان ١٣٣ تائين ۽ فوٽو گريور جي لاءِ ٢٥٠ اسڪرين تائين هوندي آهي.

**اِيٽاٽ** Slug

سفيد جاءِ ڇڏڻ جي لاءِ وڌل پٽين جي لائين. عمومي طور تي اهي سلگس ٨ پوائنٽ جي ميٽر لاءِ ۴ پوائنٽ جي سلگ ۽ ١٢ پوائنٽ جي ميٽر لاءِ ٦ پوائنٽ هوندي آهي.

**اسٽون** Stone

اها جاءِ جتي ميٽر ڪمپوز ٿيڻ بعد ميڪ اپ ڪيو ويندو هو. مشهور پرنٽر ڪنڪسٽن جي ڏينهن ۾ اهو سنگ مر مر جو هوندو هو تنهنڪري اڄ تائين ان کي اسٽون جي نالي سان سڏبو آهي. هاڻي آفيسيٽ سسٽم اچڻ بعد اهو ختم ٿي ويو آهي.

**اسٽرپ** Strap

ضمني سرخي- اها جيڪا هيڊنگ کان پوءِ جي اهميت رکندي هجي ۽ عام طور تي مکيه سرخي جي مٿان رکجي. پر مکيه سرخي جي ٽائيپ کان هلڪي هجي ۽ باڊي ٽائيپ ۾ ٻه.

**ٽئگ** Tag

ايجنسي جي خبرن جي پڇاڙيءَ ۾ ايجنسي جي نالي کي سنڌس مخفف صورت ۾ ڏيڻ کي Tag چئبو آهي. مثال طور

AFP, UPI, MENA, AP, REUTER



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي صحافت جي مختصر تاريخ

سنڌ تضادن جي سرزمين رهي آهي ۽ ٻين شعبن سان گڏ صحافت به رنگ ۽ روپ بدلائيندي رهي آهي. جنهن به حاڪم ان تي حڪمراني ڪئي ان جي زبان هلي آهي. اهو ته چئي نٿو سگهجي ته عرب حڪمرانن، رپورٽنگ جي پراڻي فن وقايع نويسي کي سنڌ ۾ فروغ ڏنو يا نه. البته سنڌ ۾ صحافت جا آثار ڏهين صدي هجري کان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ان وقت مغلن جي سرڪار هوندي هئي ۽ فارسي دفتري ٻولي هئي. وقايع نويسي جو فن اتان نڪري ٿو، ۽ بعد ۾ سنڌي صحافت جو بنياد انهيءَ تي پيو.

سنڌ جي آڳاٽي اخبار نويسي فارسي زبان ۾ ٿي، ائين چئجي ته بيجا نه ٿيندو. تن ڏينهن ۾، پرچه نويس ملڪ ۾ ٿيندڙ هر ڪم ڪار کان عوام ۽ سرڪار کي آگاهه ڪندا هئا. تن ڏينهن ۾ ڇاپيخانا ته نه هوندا هئا تنهنڪري هڪ ٻئي هنڌ تي ڪجهه خوش نويس ويهاري، رپورٽن جا نقل ڪري پڙهيل ۽ خاص طبقي ۾ تقسيم ڪيا ويندا هئا. اهوئي ابتدائي صحافت جو نمونو هو.

وقايع نويسن جو ذڪر ته ڏهين صدي هجري کان ملي ٿو. البته فارسي جي پهرين باقاعده اخبار جو پتو ارڙهين صديءَ کان اڳ ۾ نٿو پئي. هندستان ۾ باقاعده فارسي اخبار نويسي اوڻويهين صديءَ جي پهرين چوٿين ۾ پئي ۽ ان جو مرڪز ڪلڪتو رهيو. هي نڪتو قابل ذڪر آهي ته ١٨٣٢ع جي ابتدائي دور کان وٺي ١٨٤١ع تائين سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ جي سموريون اخبارون ڪلڪتي مان نڪتيون. محمد عتيق صديقي پنهنجي ڪتاب «هندستانی اخبار نویسی کمپنی کے عهد میں» ۾ لکيو آهي ته هندستان جي پهرين فارسي اخبار "مراةالاخبار" آهي جيڪا راجا رام موهنراءِ (١٧٧٤ع-١٨٣١ع) ڪلڪتي مان جاري ڪئي. ان اخبار جو پهريون پرچو ٢٠ اپريل ١٨٢٢ع تي شايع ٿيو. ان سال ئي ڪلڪتي مان ٻي فارسي اخبار منشي سدا سيک "جام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهان نما" ڪڍي. ان ڪان پوءِ ١٨٢٢ع ۾ "شمس الاخبار" (ناشر مني رام ٺاڪر) ڪلڪتي مان، ١٨٢٦ع ۾ "اخبار سيرامپور" رامپور مان، ١٨٣١ع ۾ "آئينہ سڪندر" ڪلڪتي مان مولوي سراج الدين ڪڍي.

آگري مان "آگره اخبار"، ١٨٣٣ع ۾ ۽ پوءِ بہ اخبارون "ماهہ عالم افروز" ۽ "زبدة الاخبار" نڪتيون. آمريڪن مشن ١٨٣٤ع ۾ لڌيانہ مان "اخبار لڌيانہ" ڪڍي. ٻئي سال يعني ١٨٣٥ع ۾ ڪلڪتي مان سيد رجب علي لکنوي "سلطان الاخبار" ۽ ١٨٣٦ع ۾ ساڳي سال ۾ "مهر منير" اخبارون نڪتيون. پهرين "اردو اخبار" ١٨٣٦ع ۾ مولوي محمد حسين آزاد جي پيءُ مولوي محمد باقر دهلي مان ڪڍي.

انهيءَ وقت تائين اهي اخبارون نقل ڪيون ويندڻيون هيون، جن ۾ وقايع نويسن جون خاص رپورٽون، ڪهڻا خوش نويس ويهي نقل ڪندا هئا. ڇاپيخاني جو رواج ١٨٤١ع ۾ پيو جڏهن مغليہ تاجدار بهادر شاهہ ظفر پنهنجي طرفان سرڪاري گزيٽ طور دهلي مان فارسي اخبار "سراج الاخبار" جاري ڪرائي، جنهن جو مدير منشي اولاد علي هو. اها اخبار سرڪاري ڇاپيخاني مطلع سلطاني مان ڇپبي هئي. هن اخبار جون صرف ٢٤ ڪاپيون ڇپبيون هيون.

انهيءَ زماني کان ١٨٥٣ع تائين گڏيل هندستان ۾ گهٽيون فارسي نہ نڪتيون. جيڪي نيون اخبارون ميدان ۾ آيون، تن ۾ ١٨٤٢ع ۾ "احسن الاخبار"، دهليءَ مان "صادق الاخبار" ۽ گهٽو پوءِ ١٨٥٣ع ۾ ڪلڪتي مان "دوربين" اخبار نڪتي.

سنڌ جي تمام عجيب وغريب صورتحال هئي. سنڌ ۾ هندستان جي ٻين علائقن سان ڳنڍيل هئڻ جي باوجود اتي ايندڙ تبديليون، سنڌ جي سياسي ۽ سماجي حالتن تي اثر نہ وجهي سگهيون، جنهن جو مکيہ ڪارڻ هتي جو سياسي نظام هو. سنڌ يورپ ۽ ٻيءَ ٻاهرين دنيا سان ڳنڍيل هئي پر اتان جي علمي روشني ۽ ترقي هتان جي زندگي کي بدلائي نہ سگهي.

يورپ ۾ پورٽيبل ٽائيپ جي ايجاد ١٩٣٠ع ۾ ٿي، جيڪا نوع انساني جي تاريخ ۾ انقلاب آفرين ايجاد هئي. اڍائي سؤ سالن جي ڏکهي وقفي کان پوءِ اها ١٧٧٤ع ۾ هندستان پهتي جڏهن بمبئي ۾ پهريون ڇاپيخانو قائم ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو. سترم جي ڳالهه آهي تہ سنڌ ۾ پورتيگيل ٽائيپ ۾ پريس پهچڻ ۾ اڃا بہ ١٧٧ سال لڳا. (١٨۴۵ع ۾ ڪراچي ۾ پهرين پريس لڳي ۽ اخبار نڪتي).

دراصل انهيءَ جا ڪئين ڪارڻ آهن جيڪي گهڻو ڪري سياسي آهن. سنڌ ١۴٩٩ع کان وٺي لاڳيتو ٻاهرين تسلط. سنڌين جي پاڙ ۾ اٿبٺت وڏيرا شاهي ۽ قبائلي مقابلا هن جي سياسي ۽ سماجي زندگي تي ڇانيا رهيا. آخري سما بادشاهن جي عاقبت ناانديشي جي ڪري، سنڌ ڪسجي ارغونن (١۵٢٠ع) وٽ هلي ويئي ۽ اهائي تباهي جي واٽ هئي. هنن پنهنجي تسلط جاري رکڻ لاءِ سنڌ جي وڏيرن ۽ بااثر ماڻهن کي وڏيون جاگيرون ڏيئي ماٺ ڪرائي ڇڏيو ۽ جيڪو آواز اٿندو هو ان کي تلوار سان خاموش ڪرائي ڇڏيندا هئا. ترخانن کان پوءِ مغل صوبيدار (١٧١٢-١٧٣٩ع) ظلم ۽ ڏاڍ جي زور تي ۽ خوشامندڙين جاگيدارن جي هشيءَ تي سنڌ جي سموري دولت لٽي. انهيءَ سموري عرصي ۾ (١۴٩٩ع کان ١٧٣٩ع تائين) سنڌ جو ماڻهو هر شعبي ۾ پيڙبو رهيو. معاشي طور ڪو ترقي جو ڪم نہ ٿيندو هو. غير ملڪي حڪمران پنهنجي خاندانن کي سون ۽ جواهرن سان پرڻ کان سواءِ، پنهنجي مردن مٽان بہ خوبصورت جايون جوڙائڻ ۾ رڌل هئا. جڏهن تہ عام ماڻهو سڪي ڳيي لاءِ حيران پريشان هو.

عملي ۽ ثقافتي طور، سرڪاري ٻولي فارسي هوندي هئي تنهنڪري وچ ايشيا جو آيل ڪو اڌوگابرو پڙهيل ماڻهو بہ وڏن سرڪاري عهدن تي فائز هوندو هو. هڏهن تہ هتان جا عالم فاضل ماڻهو ٻئي ۽ ٽئين درجي جي ڪامداري کان بہ محروم هئا. سنڌي ٻولي، پنهنجي عواميت، ادبي سرمايي ۽ ذخيري جي ڪري زنده تہ رهجي ويئي پر جيڪا سرڪاري سرپرستي ان کي ملڻ گهرجي سو ڪونہ تي سگهيو. انهيءَ ڪري هن سموري دؤر جو فارسي ادب تہ اڄ بہ دستياب آهي پر ان وقت جي سنڌيءَ ۾ عوامي ادب زماني جي دست برد کان بچي نہ سگهيو. سنڌي ٻولي ۽ ادب ثقافت ۽ معاشيات، سيني لاءِ هي عرصو تمام هاڃيڪار هو.

ڪلهوڙن (١٧٣٩ کان ١٧٨١ع تائين) حڪومت ڪئي. ڪلهوڙا فقير هئا جيڪي تعويزن لکڻ کان وٺي بادشاهي تائين پهچي ويا ۽ اهو آسرو هو تہ انهيءَ عرصي دوران سنڌي ادب ۽ زبان جي ڪا ترقي ٿيندي پر هو فقير، سنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي طاقتور قبيلن سان جهيڙا ڪندي ڪندي پنهنجو وقت پورو ڪري ويا ۽ ڪين ٻئي طرف ڌيان ڏيڻ جي فرصت ڪانه ملي. سنڌن طاقت ۾ اچڻ هڪ سياسي سازش هئي ۽ سنڌن بادشاهي وڃڻ به هڪ سياسي سازش جو نتيجو هو. سنڌن دؤر حڪومت ۾ به سمورو سرڪاري ڪاروبار فارسي ۾ هلندو هو ۽ جڏهن ته اصل ۾ قومي ٻولي سنڌي هوندي هئي.

سنڌن نانشين ٽالپر هئا جيڪي ڪلهوڙن جا ملازم ۽ راڪا ٿي آيا هئا ۽ ڊسمبر ١٧٨١ع ۾ ڪلهوڙن جي غلطين ۽ عهد شڪنين ڪان بيزار ٿي تلوار جي زور تي تخت تي ويهي رهيا. هنن ڪي سياسي ۽ حڪومت سازي جو ڪو تجربو ئي ڪونه هو. تنهنڪري سنڌ خود پنجن حصن ۾ ورهائجي ويئي. هو پاڻ ۾ بلوچي زبان ڳالهائيندا هئا، سرڪاري لکپڙهه فارسي زبان ۾ ٿيندي هئي ۽ عام ماڻهن سان سرائڪي ۾ ڳالهائيندا هئا، جڏهن ته رعيت جي ٻولي سنڌي هئي. ٦٣ سالن جي عرصي ۾ هنن ڪو هڪ اڌ واهه ڪوٽرايو ۽ ڪجهه سرايون نهرايون، جنهن ڪان سواءِ ڪو ڪم نه ٿيو. نه ٻوليءَ لاءِ نه تعليم لاءِ ۽ نه وري ڪو عام بهبود جو. جتي ڪلهوڙا ڇڏي ويا هئا اتيئي رهيا، بلڪ جاگيرداري ڪي هٿي ڏني ته جيئن ڪو عوامي اپار منهن نه ڪڍي سگهي. حد هيءَ آهي ته انگريزن جي ڪسڻ وقت (فيبروري ١٧٤٣ع) سنڌ ۾ ڪا عوامي فوج ڪانه هئي. هئي ته صرف چند سپاهين جو لشڪر هو جيڪو امن امان رکڻ لاءِ هو يا قلعي جي چوڪيداري لاءِ.

انهيءَ تقريباً ساڍن ٽن صدين دوران جيڪي سياسي حالتون رهيون، تن سنڌ جي سموري تاجي پيٽي ڪي اُڏيڙي رکيو. علم، فن، هنر سکيا، واپار ۽ ثقافت، سڀني ميدانن ۾ محرومي جو شڪار رهيا. جيڪي ڪجهه زنده رهيو ته صرف عوامي امنگ يا وري سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي قوت. البته انهيءَ جي ترويج، جديد دنيا سان متعارف ڪرائڻ يا ٻاهرين دنيا جي ڪيل ترقي سان روشناس ڪرائڻ واريون سموريون واٽون حڪمرانن بند ڪري رکيون هيون يا صرف چند تائين محدود ڪري رکيون هيون. حد ته هيءَ آهي ته حڪمران پاڻ انهن سمورين سهولتن ڪي ڄاڻندا هئا ۽ انهن ڪان فائدو وٺندا هئا پر اهي عام ماڻهن ڪان پري رکندا هئا، جنهن جو وڏو ڪارڻ اهو هو ته هنن جو زمين سان ڪو واسطو ڪونه هو. نتيجو هيءُ نڪتو ته هندستان ۾ ٻاهرين پريس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوڻ ڪان پوءِ سنڌ ۾ پريس پهچڻ کي ١٧٧ سال لڳي ويا.

١٨٤٣ع ۾ جڏهن انگريزن فتح ڪيو تہ سنڌ جي سرڪاري ٻولي فارسي هئي. انگريزن فارسي کي هٽائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ڇاڪاڻ تہ هنن کي احساس هو تہ فارسي هتي جي خاص طبقي جي ٻولي آهي، نہ ڪہ عوام جي. تنهنڪري هنن انگريزي ۽ سنڌي ٻولي کي هٽايو. ٻن سالن ڪان پوءِ جنوري ١٨٤٥ع ۾ انگريزي زبان جي اخبار Sindh Advertiser نالي ڪڍي ويئي. هيءَ اخبار سنڌ ڪمشنرس پرنٽنگ پريس ۾ ڇپبي هئي. ڏهن سالن جي عرصي کان پوءِ يعني ١٨٥٣ع ۾ انگريزي زبان ۾ هڪ ٻي اخبار ڪراچيءَ مان Sindhian جاري ڪئي ويئي جنهن جو ايڊيٽر W.A. Strench هو. جيتوڻيڪ فارسي هن کان اڳ ۾ سنڌ جي سرڪاري ٻولي هئي پر تڏهن بہ فارسي ۾ اخبار نويسي هڪ سال پوءِ ١٨٥٥ ۾ شروع ٿي جڏهن مفرح القلوب نروار ٿي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ فارسي اخبار نويسي تمام بلند پايہ تي پهتي پر جڏهن سنڌي اخبار نويسي، مضبوطي سان پير کوڙيا تہ تمام تيزي سان گهٽيون اخبارون نڪرڻ لڳيون.

فارسي ٻوليءَ صدين جو اثر نہ ڇڏيو ۽ هلندو رهيو. انهيءَ اثر جو نتيجو اهو نڪتو جو ١٨٥٥ع ۾ ڪراچيءَ مان شمس العلماء مرزا مخلص علي جي ادارت هيٺ هڪ اخبار "مفروح القلوب" ڇپجڻ لڳي. مفرح القلوب جو مدير شمس العلماء مرزا مخلص علي مشهدي پنهنجي دور جو وڏو عالم، فاضل، شاعر، اديب ۽ صحافي هو. هو ڪراچي ۾ ايراني سفارتخاني جو قونصل هو. جيتوڻيڪ سندس شروعات بعد، اڪليل ۽ خورشيد نالي سان بہ ٻيون اخبارون بہ سندس همعصر بنيون، پر مفرح القلوب جو هي عالم هو جو پوري دنيا جي مشهور فارسي اخبار بني.

ان وقت سنڌ جي گورنر سر انڊريو ونگيت، ۵ آڪٽوبر ١٨٩٧ع تي گورنمينٽ هائوس ڪراچي مان مرزا مخلص علي جي فرزندن ڏانهن سندن والد بابت لکيو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڪراچي مان نڪرندڙ اخبار "سنڌين" جي ١٨٥٨ع جي هڪ شماري جو عڪس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"سندن مشهور ۽ معروف ۽ عالم مقلب بہ شمس العلماء، پنهنجي دوست آنجهاني سر بارٽل فريئر جي مشوري سان هتي پهرين ليٿوگراف پريس جاري ڪئي ۽ نهايت قابليت سان مفرح القلوب اخبار هلاياڻين، جا دنيا ۾ پهرين مشهور فارسي اخبار آهي." مرزا مخلص علي ۱۸۷۷ع ۾ شڪارپور ۾ گذاري ويو ۽ سندس وفات تي گهڻن ئي شاعرن وفات جون تاريخون چيون. هڪ تاريخ هيئن آهي:

مرزا مخلص علي مولي کرد رحلت ز عالم فاني

مذاق سخن نو است نظير، بود يکتا آر فن سخنداني

گفت هاتف، فقير تاريخش، شده از دهر آه خاقاني

(۱۲۹۴ هہ)

هي وفات تاريخ قاضي علي محمد بن قاضي محمد يحيٰ "فقير" ڪڍي هئي.

ان کان سواء مخدوم محمد ابراهيم "خليل" ٺٽوي، پڻ بہ تاريخ وفات تي شعر لکيا هئا.

مرزا مخلص علي جي وفات کان پوء سندس پٽ مرزا محمد شفيع "مشتري" جيڪو پڻ پنهنجي عهد ۾، پيءُ وانگيان بلند پايہ شاعر هو، انهيءَ ادارت جا فرض سنڀاليا.

مفروح القلب اخبار ادبي ۽ صحافتي لحاظ کان تمام معياري هئي. مرحوم شفيع احمد "اوج" علوي جي لکڻ مطابق، پاڪ و هند، افغانستان، ايران ۽ مشرق وسطيٰ جو پڙهيل ۽ شستہ طبقو ان جو خريدار ٿيو. مفروح القلوب جي خريدارن جي فهرست ۾ اوڌ جو نواب واجد علي شاه، سلطان مسقط، ايران جو ولي عهد، امير افغانستان، سر آغا خان جو والد علي شاه، خيرپور رياست جي مير جا نالا قابل ذڪر آهن.

مفرح القلوب جو دور، سنڌ ۾ صحافت جو سونهري دور هئو. جيڪو ۱۹۰۶ع تائين قائم رهيو جڏهن برصغير ۾ مسلمانن لاء ڌار ملڪ قائم ڪرڻ جي تحريڪ ابتدائي صورت اختيار ڪئي. مرزا مخلص علي جي وفات، ۱۸۷۷ع کان پوء سندس پٽ مرزا محمد شفيع اخبار جي ادارت جي ذميدار سنڀالي، ۽ هن اخبار کي پنهنجي معيار مطابق ۱۸۸۳ع تائين هلايو جڏهن هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وفات ڪئي. سندس وفات تي سنڌ جي ڪيترن ئي شاعرن تاريخ وفات چيي، جنهن مان هڪ محمد ابراهيم خليل ٺٽوي لکيو:

سفر کرد زين جا محمد شفيع ز اول بسي بهتر است آخرش
بتوصيد شد تر زمان نزع باين ذکر آمد لسان ذاکرش
بگو بے سر دهر تاريخ او، محمد شفيع و وصي ناصرش
(١٣٠١هه)

مرزا محمد شفيع، اخبار کي پنهنجي پيءُ جي مقرر ڪيل معيار مطابق هلايو. هن صحافت جي مقصدي تحريڪ کي اڳتي وڌايو ۽ اهي ڪم ڪيا، جيڪي سندس والد جي ذهن ۾ هئا. مرزا محمد شفيع جي وفات کان پوءِ سندس پٽ مرزا محمد جعفر ١٩١٣ع تائين اخبار هلائي. هو فارسي زبان جو وڏو ڄاڻو هو. ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ عربي ۽ فارسي زبان جو پهريون پروفيسر مقرر ٿيو جنهن سان گڏ بمبئي يونيورسٽي جو فيلو به هو.

مفرح القلوب شاناٽي، متيري ۽ عليم اخبار هئي، جنهن جي علميت کي ان وقت جي ڄاڻن تسليم ڪيو.

انهيءَ دور جون ٻه ٻيون مشهور فارسي اخبارون مطلع خورشيد ۽ اڪليل هيون. مطلع خورشيد ٻه زباني اخبار هئي، فارسي ۽ سنڌي. گويا هي اخبار سنڌي اخبار جو بنياد بني. ١٨٦٠ع کان سکر مان جاري ٿي. هن جي مدير مرزا مخلص علي هو جنهن کان پوءِ مطلع خورشيد جو ايڊيٽر به مرزا محمد شفيع مشتري بنيو. هن اخبار جا ٻه ڪالم هوندا هئا. هڪ طرف فارسيءَ ۾ مضمون هوندا هئا ته ٻئي طرف ان جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيل هوندو هو. اخبار جي ڪتابت، خيرپور رياست جي والي مير مراد علي خان ٽالپر جو اڳوڻو ڪاتب ۽ منشي فيض محمد ڪندو هو.

هيءَ اخبار اٽڪل ٥٠ سالن تائين جاري رهي. سنڌي واري ڪالم ۾ سنڌي جو رسم الخط فارسي وارو هوندو هو. سنڌي عبارت جيتوڻيڪ پراڻي ڊنگ جي هئي تڏهن به ان وقت کان اڳ جي ڇپيل ڪتابن واري عبارت کان گهڻو سڌريل هئي.

اخبار جي ترتيب ڪجهه هن طرح هئي ته هڪ ڪالم ۾ پوري هفتي جي اهم ۽ دلچسپ واقعن جو ذڪر ڪندو هو. ٻئي ڪالم ۾ پاڳين، زميندارن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڙمين جون خبرون هونديون هيون. ٽئين حصي ۾ مضمون، سرڪاري اعلان ۽ قانونن جو مسودو هوندو هو.

هن پرچي جي پهرين شماري ۾ مرحوم مرزا هيٺين پڙرو ڪيو:

"در سکهر نو صرف بہ همت و تفقدات کثیر چھاپخانہ
لتھا گرافک موسوم مطلع خورشید جاري گشتہ والانہ
این مردمان قلم از نام چھاپخانہ واقف نہ بودند."

هن زماني جي ٻئين اهم اخبار اڪليل، مفرح القلوب جي مالڪ ۽ مدير مرزا محمد صادق ڪراچي مان ١٥ مئي ١٨٥٨ع ۾ نڪتي. هن ۾ حڪومتي پاليسين ۽ تعليم لاءِ پرچار ڪيل هوندو هو. هيءَ اخبار صرف ٥ سال هلي. هنن ٻنهي فارسي اخبارن جا هلائيندڙ، صحافت جا ٿنيا هئا. هنن جنهن انداز سان اخبار نويسيءَ کي مشن جيان هلايو تنهن کان انڪار ڪري نٿو سگهجي. اها سندن اعليٰ ظرفي، فڪر جي بلنديءَ مقصد سان لڳاءَ جو اعليٰ ترين مظاهرو هو.

فارسي اخبارن جي تازگي فارسي زبان کي سرڪاري زبان طور ڪجهه عرصو زنده رکيو پر ان کان پوءِ فارسي ۾ طبع آزمائي گهٽ ٿيڻ لڳي. فارسي اخبار نويسي جو هڪ فائدو هي ٿيو جو سنڌي اخبار نويسي لاءِ راهه هموار ٿي. ١٨٥٣ع ۾ سنڌي زبان کي رسم الخط ملڻ ۽ اخبار نويسي جي ابتدا ٿيڻ بعد، خود فارسي دان سنڌي اخبار نويسي جي همت افزائي ڪرڻ لڳا.

## پهرين سنڌي اخبار

پهرين سنڌي اخبار ڪهڙي هئي، تنهن بابت بہ رايا آهن هڪ تہ اهي اخبارون جيڪي فارسي ۽ سنڌي ٻنهي زبانن ۾ نڪرنديون هيون. انهن کي سنڌي اخبار نويسيءَ ۾ شمار ڪجي ٿو تہ ١٨٦٠ع ۾ نڪتل، مرزا مخلص علي واري اخبار مطلع خورشيد پهرين سنڌي اخبار ٿي. پر سچ هيءَ تہ فني طور هن اخبار کي پهرين سنڌي اخبار چئي نٿو سگهجي.

جيڪڏهن مڪمل سنڌي ٻوليءَ کي انهيءَ درجہ بندي جو بنياد بڻائجي تہ پوءِ سنڌ سڌار پهرين سنڌي ٻولي تسليم ٿئي ٿي. سنڌ سڌار ١٨٦٦ع ۾ سنڌ حڪومت ڪڍي. هي پندره روزه اخبار هئي جيڪا سنڌ سرڪار جي لٿوگرافڪ پريس ۾ ڇپبي هئي. هن اخبار جي ادارت راءِ صاحب جڳن ناٿ وديا ڪندو هو جيڪو ان وقت ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر هو. (جنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نالي اچا تائين ڪراچي ۾ مشهور اين جي وي هاءِ اسڪول موجود آهي). هن اخبار جو مقصد سنڌ جي ماڻهن ڪي دلچسپ ڳالهيون پڌائڻ هئو. انهيءَ ڪان سواءِ هن ۾ سرڪاري اطلاع ۽ نوٽيفڪيشن بہ ڇپجندا هئا. مذهبي ۽ سياسي مسئلن تي مضمونن ڪان پاسو ڪيو ويندو هو. هن جي قيمت ڀہ آنا هئي.

سرڪيوليشن جي لحاظ ڪان هيءَ ٧٠٠ ڪاپين تائين پهتي جيڪا ان وقت گهٽي هئي.

١٨٨٤ع ۾ هيءَ اخبار تعليم کاتي جي نگراني مان ڪڍي سنڌ سڀا نالي هڪ جماعت جي حوالي ڪئي ويئي ۽ اتي ساڌو هيرانند کي ان جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو.

سنڌ سڌار اخبار ۾ ملڪي خبرون، تعليمي سڌ سماءُ سان گڏ ادبي ۽ علمي معيار جا مضمون ۽ شعر بہ ڇپبا هئا جن جي علمي حيثيت تمام اوچي هوندي هئي. ان وقت جي مواد مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان وقت سنڌي زبان ۾ موزون شاعري کي رائج ڪرڻ لاءِ سنڌي زبان جا شاعر ڪوشان هئا. سنڌ سڌار ۾ ان وقت محمد قاسم هالائي، فاضل شاھ حيدرآبادي، غلام محمد گدا، مير علي نواز "ناز" واليءِ خيرپور، محمد اسلم "اسلم"، مشتاق متعلوي، حافظ حامد ٽکڙائي، محمد شاھ مجتبائي جا شعر ڇپبا هئا. ان وقت جي اخبار جي مطالع مان اهو معلوم ٿو ٿئي تہ شاعر، پنهنجي ڪلام ڇپرائڻ ڪان علاوہ ٻين تي تنقيد بہ ڪندا هئا. اهڙو هڪ مثال ملي ٿو جنهن ۾ محمد قاسم هالائي، مرحوم محمد اسلم "اسلم" کي داد ڏيندي لکي ٿو:

هڪ غزل اخبار نالي سنڌ سڌار منجهہ ڏٺم
وهہ وهہ غزل سالم صفا جو
ڇيو اسلم تہ عالم جي مٿس
آفرين صد آفرين جس جس سدا.

سرڪاري شعبي ڪان ٻاهر پهرين سنڌي اخبار، بهرحال معين الاسلام کي تسليم ڪيو وڃي ٿو جيڪا اڪليل واري مرزا محمد صادق ١٨٨٠ع ۾ ڪڍي ۽ ١٨٨٥ع تائين هلي. هن اخبار جي باري ۾ سيد مرتضيٰ شاھ ٺٽوي، پنهنجي پراڻي ڪتاب يوسف زليخا ۾ هڪ سنڌي بيت ۾ انهيءَ اخبار جي ساراہ ڪندي لکيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شائق جي نالي "جعفر زٽلي" ماهوار رسالو ڪڍيو. انهيءَ ئي سال هن "ڪچڪول" جي نالي هڪ رسالو ڪڍيو.

۱۹۱۳ع ۾ مرحوم حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي سرپرستي هيٺ "الاسلام" نالي ماهوار رسالو نڪتو جنهن جو ايڊيٽر محمد صالح پٽي هو.

۱۹۱٦ع ۾ ميرپور خاص مان ميرپور خاص گزيٽ جاري ٿي جيڪا گر ڏنه مل ٿهل سنگ ڪڍي. هن اخبار جو ۱۹۲۱ع کان ۱۹۲۳ع تائين مرحوم محمد هاشم مخلص ايڊيٽر هو. ملڪي سياست هن جي پاليسي هئي پر پوءِ مذهب کي به شامل ڪيو ويو. ۽ ۱۹۴۷ع تائين جاري هئي.

۱۹۱٦ع ۾ سنڌ ۾ ڪٽر هندن طرفان اها مهم هلائي وئي ته سنڌي ٻولي کي عربي رسم الخط نه، پر ديوناگري رسم الخط ۾ لکيو وڃي. انهيءَ تحريڪ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ حيدرآباد مان هڪ هفتيوار اخبار "هندو" ديوناگري رسم الخط ۾ ڪڍي وئي ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ اخبار هفتي ۾ ٻه دفعا نڪرڻ لڳي.

۱۹۱۷ع ۾ حيدرآباد مان هڪ سنڌي روزانه اخبار "هندواسي" جاري ٿي. هن جو ايڊيٽر پروفيسر چيتمل پرسرام گلراجاڻي هو. ڪجهه وقت کان پوءِ جڏهن برطانوي سرڪار هن اخبار تي قدم کڻڻ واري هئي ته ان جو نالو بدلائي هندواسي مان "ڀارتواسي" ڪيو ويو.

۱۹۰۷ع ۾ حڪيم مولوي محمد صادق راڻيپوري، راڻيپور مان صحيفه قادريه نالي ماهوار رسالو ڪڍيو. هي رسالو مذهبي هو ۽ ان سان مولانا دين محمد وفائي پڻ وابسته هو.

۱۹۱۸ع ۾ مولانا دين محمد وفائي لاڙڪاڻي مان "الڪاشف" نالي هفتيوار رسالو ڪڍيو. ورندي سال يعني ۱۹۱۹ع ۾ رئيس غلام محمد ڀرڳڙي، "الامين" نالي حيدرآباد مان پرچو جاري ڪيو. شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ محمد هاشم مخلص هن جا مکيه ايڊيٽر هئا. هن پرچي ڪڍڻ جو ڪارڻ سياسي جذبو هو. ڀرڳڙي مرحوم جي ملاقات مسز اني بسنت سان ٿي ته هو هوم رول تحريڪ ۾ شامل ٿي ويو ۽ انهيءَ تحريڪ جي آرگن طور الامين کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



"مفروح القلوب" جو هڪ شمارو



جوت جو پهريون شمارو ١٨٩٦



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرچارڪ پتر" نڪتو جيڪو ۴ سال هليو.

۱۹۰۲ع ۾ سنڌ جي تعليم کاتي طرفان اخبار تعليم نالي ماهوار اخبار جاري ڪئي ويئي، جيڪا لاڳيتي ٦٨ سال جاري رهي. هن اخبار جي ساخت ڪجهه هن طرح جي هئي تہ اصلاحي، تعليمي، ثقافتي ۽ تاريخي مضمونن ڏيڻ سان گڏ هڪ خبرنامو بہ ڏيندي هئي جنهن ۾ ڏوهن کان سواءِ زندگي جي هر شعبي متعلق هڪ ماهوار جائزو هوندو هو. حيدرآباد جي قلعي ۾ بارود ڦاٽڻ وارو واقعو يا ٻيا ان جهڙا واقعا اخبار تعليم تمام تفصيل سان بيان ڪندي هئي. يا وري سنڌ مان بمبئي ۽ ٻين دنيا جي مرڪزن ڏانهن ويندڙ شاگردن جي سرگرمين، مقررين، بدلين، ترقين، انعامن کٽڻ جو تفصيلي ذڪر هيءَ اخبار ڪندي هئي. هيءَ اخبار علم ۽ فن جي مواد جي لحاظ کان ايتري قدر اڳتي هئي جو محمد صديق مسافر (ٽنڊي باگي وارو) جا ڪلاسيڪي موسيقي تي مضمون ماهانہ قسطن ۾ ڇپبا هئا. عملي سائنس ۽ ٽيچنگ جي طريقن تي هيءُ رسالو تمام معياري ليکبو هو.

۱۹۰۴ع ۾ سنڌ جي هڪ ممتاز شاعر مرحوم محمد هاشم مخلص حيدرآباد مان هڪ ماهوار رسالو "تحفة احباب" جاري ڪيو. هڪ سال کان پوءِ يعني ۱۹۰۵ع ۾ ديوان تولارام ٻاٻلاڻي "ماتا" نالي اخبار ڪڍي. هيءَ اخبار سياسي ۽ قوم پرست فلسفي جي هئي ان ڪري هن تي بندش وڌي ويئي. بندش کان پوءِ ديوان تولارام ٻاٻلاڻي هڪ ٻي اخبار Voice of Sindh ڪڍي، جيڪا سنڌي ۽ انگريزي ٻنهي زبانن ۾ نڪرندي هئي. پر هڪ پرچي کان پوءِ هيءَ اخبار بند ڪئي ويئي.

۱۹۰٦ع ۾ علامہ اسد الله شاه فدا ٽکڙائي ماهوار رسالو "بهار اخلاق" ڪڍيو. هي رسالو ٽکڙ مان ترتيب ڏيئي ڪڍيو ويندو هو. ساڳي سال سنڌ مدرسہ اسلام مان "مدرسہ منٿلي" نالي مخزن جاري ڪئي ويئي جنهن جو ايڊيٽر مولانا نورنگزادو هو.

پهرين سنڌي روزانہ ۱۹۰۸ع ۾ جاري ٿي جيڪا "سنڌواسي" جي نالي نڪتي. هن جو ايڊيٽر سرگواسي ڪنولسنگهہ پهومل هو ۽ پريمير پريس مان ڇپبي هئي.

۱۹۰۹ع ۾ مرحوم محمد هاشم مخلص حيدرآباد مان ماستر عبدالرحيم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کڍي اڪليل جا اخبار عمدي
منجهاران فارسي بسيار عمدي
معين آهي سندس سنڌي جا اخبار
برابر آهي سا جڻ گوهر يار

١٨٨٥ع ۾ سنڌ مدرسة الاسلام جو پايو پيو. مسلمان انگريزي ٻولي پڙهائڻ جا قطعي مخالف هئا ۽ هو ان کي ڪفر کان گهٽ نہ سمجهندا هئا. ان وقت مرحوم حسن علي افندي، سنڌ جي رجعت پسند طبقي کي جواب ڏيڻ لاءِ اڪثي وڌيو ۽ هن هڪ ترجمان طور "معاون مجمع" نالي هڪ هفتيوار اخبار سنڌ مدرسہ پريس مان ڪڍي جيڪا سنڌ محمدن ائسوسيئيشن جي اهتمام هيٺ هلندي هئي. چاڪاڻ تہ انهيءَ اخبار جي هلائيندڙ تنظيم مجمع محمدي، ڪل پارٽ محمدن ايسوسيئيشن وانگيان هئي ان ڪري معاون مجمع جي پاليسي بہ ساڳي رهي جنهن جو مقصد مسلمانن ۾ بيداري آڻي، انگريزي پڙهڻ جو شعور پيدا ڪرڻ بعد انگريزن ۽ هندن سان ٽڪر وٺڻ هو. هن ئي اخبار ذريعي مسلمانن ۾ جديد علمن لاءِ چاهت پيدا ڪئي ويندي هئي. انهيءَ اخبار جي نامور ايڊيٽرن مان مرحوم الهہ بخش ابوجهو (١٩٠١) ۽ شمس الدين بلبل (١٩١٩ع) هئا جن پنهنجي قلم ۽ علميت سان سنڌ جي وڏي خدمت ڪئي. ديوان اخبار مان ئي اها خبر پوي ٿي تہ بلبل مرحوم کي غزل چوڻ جو شوق "معاون" اخبار جي ايڊيٽري مان پئدا ٿيو. بلبل شعر ۾ اشارو ڪيو آهي:

پڻ مجمع جي مجمعہ ميمبرن سيني سميت
۽ معاون جي معاون ڇاپ دفتر جي ثنا

معاون مجمع سنڌ جي مسلمانن ۾ وڏي علمي بيداري آندي.

١٨٩٠ع ڌاري ساڌو هيرانند سنڌ سڀا وارن ڪان ڌار ٿي ويو ۽ ساڌو نولراءِ ۽ رشي ڏيارام گدومل سان گڏجي "سڌار سڀا" نالي هڪ نئين ادبي ۽ سماجي منڊلي قائم ڪئي. هن منڊليءَ جي اهتمام هيٺ "سرسوتي" نالي هڪ مخزن ڪڍي. هيءَ سنڌي زبان جي پهرين مخزن هئي جنهن ۾ سماجي، اخلاقي، تعليمي ۽ مذهبي مضمون ڇپبا هئا. هن ئي جماعت هڪ ٻيو "سڌار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



تحريڪ آزادي جي مشعل بردار اخبار "الوحيد" ابتدائي دور جا ڪي پرچا: هيءَ اخبار مشنري صحافت ۾ اڳواڻ جي حيثيت رکي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۹۲۳ع ۾ مولانا دين محمد وفائيءَ لاڙڪاڻي مان "توحيد" نالي رسالو ڪڍيو، جنهن ۾ علمي، ادبي، تاريخي ۽ مذهبي مضمون ڇپبا هئا. ساڳئي سال سکر مان تہ روزه اخبار "سنڌ زميندار" جاري ٿي، جنهن جي ايڊيٽرن ۾ حافظ خير محمد اوحدي، جناب عبدالوهاب، پير علي محد شاه راشدي، مولانا عبدالغفور سيتائي، آغا نظر علي ۽ در محمد اوسيسي صاحب جا نالا خاص شمار ڪيا وڃن ٿا.

ساڳئي سال (۱۹۲۳ع) مرحوم محمد هاشم مخلص ميرپور خاص مان هفتيوار "مسلمان" اخبار جاري ڪئي.

۱۹۲۴ع ۾ مولانا عبدالخالق "خليق" مورائيءَ، "ترقي" نالي رسالو ڪڍيو. ساڳئي سال چيئمل پرسرام گلراجاڻيءَ ماهوار رسالو "روح رهاڻ" ڪڍيو. نئون ديرو ڳوٺ (لاڙڪاڻہ) مان ولي محمد پتو "اسير" علمي ۽ ادبي "عندليب" ڪڍيو.

۱۹۲۵ع ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ "الجامع" رسالو ڪڍيو. اهڙيءَ طرح ۱۹۲٦ع ۾ علي محمد شاه راشديءَ هفتيوار اخبار "الراشد" جاري ڪئي. هيءَ اخبار مخزن جي نموني تي شايع ٿيندي ٿئي.

۱۹۲۷ع ۾ مولانا دين محمد وفائيءَ "الحزب" نالي هفتيوار اخبار ڪڍي. هن اخبار جو ايڊيٽر پير علي محمد شاهہ راشدي هو. اهڙيءَ طرح شڪارپور مان نواب خالقداد خان هفتيوار اخبار "تنظيم" ڪڍي.

۱۹۳۰ع ۾ سکر مان مسٽر عبدالرحيم "آزاد" جي ادارت هيٺ "المنار" نالي رسالو نڪتو. ۱۹۳۴ع ۾ پير علي محمد شاهہ راشديءَ "ستاره سنڌ" نالي اخبار جاري ڪئي. ساڳئي سال راشدي صاحب ڪراچيءَ مان "صبح - سنڌ" نالي روزانہ اخبار ڪڍي جيڪا ۱۹۳۸ع تائين هلي.

اهڙيءَ طرح هن سال ۾ مولانا نور محمد نظاماڻيءَ "مرغ فلڪ"، "طيراً ابابيل"، "نورالاسلام" رسالا ۽ اخبارون ڪڍيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com











آڳاٽي دور جا ڪي پرچا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ڪانگريس پارٽي پنهنجي آرگن طور ۱۹۴۵ع ڌاري "سوراج" اخبار شايع ڪرڻ لڳي. انهيءَ جي مقابلي ۾ سکر مان آغا بدرالدين دراني روزانه "انقلاب" جاري ڪئي. هن اخبار تي حڪومت به دفعا بندش وڌي. آزاديءَ جي تحريڪ کي هٿي وٺائڻ لاءِ پاڪستان تحريڪ جي ترجمان طور نومبر ۱۹۴۱ع ۾ "هلال پاڪستان" اخبار نڪتي. اخبار جو پهريون ايڊيٽر محترم رحيمداد مولائي شيدائي هو. هن اخبار شروعات ۾ ڏاڍي ڏکيائي ڏٺي، پر سنڌ جي پاڪستان تحريڪ جي حامين هن اخبار جي وڏي پنيرائي ڪئي.

ستت ئي محترم جي ايم سيد جو مسلم ليگ هاءِ ڪمان سان اختلاف پيدا ٿيو جنهن ڪري هو مسلم ليگ کان ڌار ٿي ويو ۽ ۱۹۴۷ع ۾ ڪراچيءَ مان روزانه اخبار "قرباني" جاري ڪئي. هن اخبار جي ايڊيٽرن ۾ پير علي محمد راشدي ۽ علي احمد بروهي ٿيا.

برطانوي حڪومت، اخبارن کي پنهنجي زير رکڻ ۽ انهن ۾ آزادانه آواز کي دٻائڻ لاءِ ته منڍ کان ئي قانون ٺاهي رکيا هئا، تنهن هوندي به انيڪ اهڙيون اخبارون هيون جيڪي انهن قانونن جي موجودگي کي پنهنجي آزاديءَ تي حرف سمجهنديون هيون؛ تنهنڪري هن وقت ملندي ئي انهن جي پيچڪڙي ڪري حڪومتي ائڪشن کي دعوت ڏني. ضمانتون طلب ڪرڻ، اشاعت کي وقتي بند ڪرڻ يا ناشرن کي بند ڪرڻ ته عام سزائون هيون جيڪي ايسٽ انڊيا ڪمپني واري دور کان هلنديون ٿي آيون. پر ويهين صدي ۾ جڏهن آزاديءَ جي آرزو، مشعل بنجي ٻرڻ لڳي تڏهن اهي سزائون بي معنيٰ ٿي ويون. انگريز سرڪار به انهيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ اشاعتن کي ضبط ڪرڻ وارو سلسلو شروع ڪري ڏنو، جنهن جو نشانو ڪيترن ئي اخبارن، رسالن ۽ ٻين اشاعتن کي بنجڻو پيو.

۱۹۸۰ع ۾ جڏهن انڊيا آفيس لائبرري لنڊن، اهڙن ضبط ڪيل اخبارن ۽ رسالن جي لسٽ ظاهر ڪئي ته خبر پئي ته ۱۹۱۵ع کان وٺي ۱۹۴۷ع تائين ۱۹ رسالا ۽ ڪتاب ضبط ڪيا ويا.

هن ۾ پهريون ڪتاب، هرومل پريمچند شرما جو ترجمو ڪيل ڪتاب "اڄڪلهه جو سوجهرو" آهي جيڪو اصل ۾ گجراتي ٻوليءَ ۾ چترجي نارائڻ جي وشن جي لکيو هئو. "ڌرم تي ڪاهه" ٻيو ڪتاب هو جيڪو انگريز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪومت ١٩٣٠ع ۾ ضبط ڪيو هو. هن ۾ ستياگره ڪندڙ ڪارڪنن خلاف پوليس ڪارروائي جي خلاف ڇوهه چنڊيل هئا. دراسن ڪهاڻي، پڻ ساڳي سال ضبط ڪيو ويو. هيءُ ڪتاب نارائڻ داس ليکراج لکيو هو ۽ حيدرآباد ۾ ڇپيو هو.

هنن ضبط ٿيل ڪتابن ۾ ٻه مجموعا قابل ذڪر آهن ۽ ڏاڍا مشهور ٿيا. اهي آهن "آزادي ڀڄن والي" جيڪو نارائڻ داس آزاد لکيو. هيءُ ڪتاب ڀارت بجلي پريس، حيدرآباد ۾ ڇپيو ۽ ميرپور خاص مان ١٩٣١ع ۾ پڌرو ٿيو. ٻيو اهم ڪتاب آلاپ آزادي هئو جيڪو هوندراج ليلارام دکايل جي نظمن تي مشتمل هو، هن ۾ جليانوالا واري واقعي کي ننديو ويو آهي. ساڳي سال "قاسي گيت مالا" ساڳي شاعر جو نوروز پريس لاڙڪاڻي مان ڇپجي پڌرو ٿيو.

گانڌي گيت ٻه ضبط ٿيو جنهن ۾ گانڌي ۽ سوديشي تحريڪ هلائيندڙ ليڊرن جي ساراهه ڪيل هئي. هيءُ ڪتاب قومي ساهتيه ڀنڊار، حيدرآباد ڇپرايو. اهڙيءَ طرح موهن داس آڏارام، "گانڌي گلشن" نالي حيدرآباد مان ڪتاب ڇپرايو. سال ١٩٣١ع ۾ ٺي نٿرلال اسيرداس من موهن ڀڄن والي نالي نظمن جو ڪتاب ڇپرايو. گنگارام هيرانند ۽ روچيرام عالمچند هڪ ڪتاب گانڌي مالا ١٩٣٥ع ۾ ڇپرايو جنهن ۾ گانڌي جي پاليسين جي ساراه ڪيل هئي.

ٻه ننڍا ڪتاب لڌيڪرام خوشيرام جو سوراج جو سوجهرو، ڪراچي مان ۽ ماڪر پالديا جو تلڪ يادگيري، ڪوٽڙي مان پڻ ضبط ڪيا ويا.

مئي/جون ١٩٣٠ع ۾، سنڌ ڪميٽي آف هندستان ڪميونسٽ پارٽي پاران ڇپرايل رسالي "KAMUNIST" جا ٻي پهريان شمارا ضبط ڪيا ويا جن ۾ هندستان جي ماڻهن تي زور ڀريو ويو هئو تہ هو انگريز حڪومت جي خلاف هٿياربند جهاد ڪن.

١٩٣٠ع ۾ ٺي نواب شاهہ مان تمام متنازعہ ۽ جوشيلو ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿيو. "لڙائي جو لڙاٽ ۽ ڪانئرن جو ڪوڪاٽ" جا مصنف حاجي شاهنواز پيرزادو ۽ جمال الدين هئا. سنڌ مسلم پرنٽنگ پريس ۾ ڇپيل هن ڪتاب ۾ لکندڙن، انگريزن کي سامراجي طاقت سڏيندي لکيو آهي تہ هو پهرين ۽ ٻي، ٻنهي مهاڀاري جنگين ۾ حملہ آور آهن تنهنڪري هندستانين کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشنري طرز جا مذهبي هئا جن جو صرف مقصد ديني علم کي پکيڙڻ، مذهبي مسئلن تي خيال آرائي ڪرڻ ۽ تبليغ ڪرڻ هئي. انهن ۾ قاضي عبدالرزاق جي ادارت ۾ نڪرندڙ رسالو حقيقت اسلام، مولوي خير محمد نظاماڻي جو مؤذن، مولوي عبدالحق رباني جو مبلغ، الحق ۽ موحد رسالا قابل ذڪر آهن. ڪي بلڪل طبابت جي علم بابت هئا جن ۾ سيد غلام مرتضيٰ شاه جو سنڌ طبي مخزن ۽ حڪيم شمس الدين احمد جو طبيب ذڪر لائق آهن. ڪي وري زراعت، فلم، ادب ۽ ٻارن جي مخصوص شعبن متعلق هئا. انهن ۾ روح ادب، اسان جي منزل، ادا، رهنما، تقاضا، گلدستو، شاگرد، عام راه، نئين زندگي، ڳوٺ سڌار، گلستان، نئين ڪيتي، روح رهاڻ، بادل، فردوس، شاعر، مهراڻ، گل ڦل، مارئي ڪجهه مثال شامل آهن.

ون يونٽ جي قيام ۽ ان کان پوء واري گنڀير دور، سنڌ جي سياست ۾ ڦيرو آندو ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ جي عوام جي ترجماني ڪندڙ سنڌي صحافت ۽ انداز نگارش ۾ به ڦيرو آندو. ون يونٽ کان پوء ستت ئي ملڪ ۾ مارشل لا نافذ ٿيو جنهن لکڻ جي حدن کي محدود ڪري ڇڏيو. انهيءَ وقت ڪراچيءَ مان مولوي عبدالغفور سيتائي جي ادارت ۾ نڪرندڙ روزاني اخبار نواء سنڌ، سيد سردار علي شاه جي ادارت هيٺ مهراڻ، سوڀو گيانچنداڻي جي ادارت هيٺ نئين سنڌ نڪرنديون هيون. "الوحيد" گهٽين سياسي لاهن چاڙهن جي ڪري بند ٿي ويئي هئي، سندس آخري ايڊيٽر شيخ عبدالرحيم هو. حيدرآباد مان محترم محمد عثمان ڏيپلائي واري هفتيوار اشاعتي سلسلو "عبرت"، قاضي خاندان جي انتظام هيٺ روزاني صورت ۾ پڌري ٿيڻ لڳي. حيدرآباد مان (انهيءَ وقت مولوي خير محمد اوحدي) ڪاروان اخبار ۽ عبدالشڪور منشي جي ادارت هيٺ هلال پاڪستان نڪرنديون هيون. ميرپور خاص مان هفتيوار اخبار خادم وطن نڪرڻ لڳي، جا گهڻو بعد ۾ حيدرآباد منتقل ٿي ۽ روزانه صورت ۾ ڇپجڻ لڳي.

١٩٥٨ع جي مارشل لا، هنن اخبارن جي آواز کي گهڻو دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي، هن حد تائين جو مهراڻ، نواء سنڌ ۽ عبرت جي لوح مان سنڌ جو نقشو ڪيرايو ويو. عبرت جا اهي پرچا جن ۾ محترم حيدر بخش جتوئي جو "سنڌ ۾ ڏلن جو سرشتو" وارو مقالو قسطوار ڇپيو هو، ضبط ڪيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويا. ڪئين چتاءُ مليا. تڏهن بہ هنن اخبارن پنهنجو مشن جاري رکيو ۽ سنڌ سان اقتصادي ميدان ۾ توڙي سروسز ۾ جيڪا نا انصافي ٿي پئي، ان کي مٿي پهچائڻ ۾ وسئون نہ گهٽايو، ۽ گهڻين حالتن ۾ سنڌ جا اهي مسئلا حل بہ ٿيا.

هڪ مضبوط سنڌي پريس جي ضرورت بدلجندڙ سياسي صورتحال، ۽ اقتصادي مواقع جي روشني ۾ وڌي رهي هئي، ٻئي طرف سرڪاري سطح تي اهي مواقع ملڻ مشڪل هئا. نہ وري اسان جي سرمايہ دار طبقي ۾ اهو حوصلو هو جو هن تمام اهم شعبي کي همٿائي. نتيجو اهو نڪتو تہ نہ سياسي موت مثل الوحيد ٽيهر جيئري ٿي سگهي، نہ وري ڪا اخبار نئوس ۽ مضبوط بنيادن تي قائم ٿي سگهي. حد تہ هي آهي تہ سنڌ جي آزاديءَ کان پوءِ اردو کي قومي حيثيت ملي، اتي ڪابہ اهڙي قومي اخبار نہ هئي جيڪا سنڌ جي باشندن جو آواز اٿاري. انگريزي، جيڪا دفتري ٻولي هئي تنهن جي ڪابہ اخبار ڪنهن بہ سنڌي ڪاز جي ترجماني ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئي. جيڪي اردو، انگريزي روزانہ يا هفتيوار نڪتيون تن کي سنڌ جي باشندن سان ڪا دلچسپي نہ هئي. هنن جي سوچ ۽ نمائندگي جو طريقو ڪنهن طبقي لاءِ مخصوص هو. رهيو سوال سنڌي ٻوليءَ جي مضبوط پريس جو، تنهن لاءِ نئوس اقتصادي بنياد ۽ جديد طرز طباعت جا ذريعا هئڻ ضروري هئا. اهي نہ ملڻ جي صورت ۾ سنڌي ٻولي ۾ اخبار نويسي انهيءَ پراڻي انداز ۾ رهي. هن جو هڪ هي نتيجو نڪتو تہ ڪاروان اخبار جيڪا ڪن ڏينهن پنهنجا جوهر ڏيکاري چڪي هئي، سا مستقل طور بند ٿي وئي.

پهرين مارشل لا ختم ٿيڻ بعد جيتوڻيڪ سنڌي صحافت لاءِ حالتون قريب قريب ساڳيون هيون تڏهن بہ هلال پاڪستان پراڻيءَ انتظاميہ کان نڪري پيپلز پارٽيءَ جي آرگن طور هڪ طرف نروار ٿي، تہ مذهبي سياست جي ترجمان جي حيثيت ۾ الوحيد بہ جلوہ گر ٿي. مهراڻ ۽ نواءِ سنڌ پنهنجو مرڪز طباعت ڪراچي مان بدلائي حيدرآباد ڪري چڪيون هيون، تن مان نواءِ سنڌ بند ٿي چڪي هئي. اهڙي طرح، سنڌي صحافت جو مرڪز حيدرآباد وڃي ٿيو. هفتيوار خادم وطن ميرپور خاص مان بند ٿي روزانہ جي صورت ۾ حيدرآباد مان ڇپجڻ لڳي.

نئون انداز طباعت، آفسيٽ سنڌي صحافت ۾ رائج ٿي چڪو هئو. عبرت ۽ هلال پاڪستان، پراڻو ليٽر پريس وارو سڌو طريقو ڇڏي، هن نئين انداز کي اختيار ڪري چڪيون هيون. پيپلز پارٽي واحد اڪثريتي جماعت چونڊجڻ کان پوءِ سنت ٿي هلال پاڪستان پنهنجو هيڊ ڪوارٽر حيدرآباد مان بدلائي سکر ۽ پوءِ مستقل ڪراچي ۾ ڪيو. الوحيد پنهنجو ٽيون دور به وڃائي ويٺي. خادم وطن ڪن انتظامي خامين ڪري اهو ڪردر برقرار نه رکي سگهي. مهراڻ جي پڻ اشاعت بند ٿي ويئي. نواءِ سنڌ پهرين بند ٿي چڪي هئي، ڪاروان جون پريسون ڪڏهوڪيون وڪامي چڪيون هيون. البته ايتري صحافتي گهاٽي بعد وري هڪ نئين اخبار روزاني صورت ۾ سنڌ جي پراڻي صحافي شيخ علي محمد جي انتظام ۽ ادارت هيٺ "آفتاب" ۱۹۷۴ع ۾ شايع ٿيڻ لڳي.

اڄ ڪراچي ۽ حيدرآباد سنڌي اخبار جا وڏا مرڪز آهن سکر، لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد مان به ڪئين روزانه اخبارون نڪرن ٿيون جن مان ڪاوش حيدرآباد، عبرت حيدرآباد، مهراڻ حيدرآباد، برسات ڪراچي، جاڳو ڪراچي، عوامي آواز ڪراچي ۽ هلال پاڪستان قابلِ ذڪر آهن.

جتي سنڌي پريس، هن وقت طباعت جي جديد ترين ذريعن سان ليس آهي، اتي مواد جي لحاظ کان ڪجهه سقيم آهي. ٽائيپو گرافيڪل مسئلا، لي آؤٽ، پلاننگ، اهڙا پهلو آهن جن تي تمام گهٽي تحقيق ۽ تعليم جي ضرورت آهي. ضرورت هن جي ناهي ته اسان صرف پنهنجي پاڙيسري ۽ همعصر صحافت جي معيارن تائين پهچون پر دنيا جي جديد صحافت جي اصولن ۽ معيارن کي ڇهون. صحافت جو مشنري تصور ختم ٿي چڪو آهي. هاڻي اهو هڪ علم ۽ فن آهي جنهن جا ٻئي پهلو آهن مقصدي ۽ افادي. اسان کي ٻئي حاصل ڪرڻ اهن. سنڌي صحافت جو ماضي جيترو روشن آهي، حال انهيءَ جي غمازي نٿو ڪري. پر اهو ضروري چئي سگهجي ٿو ته حال ڪنهن روشن مستبقل جي ضمانت ضرور ڏئي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پبلڪ رليشنس
# PUBLIC RELATIONS

اڄ ڪلهه جي روزمره جي زندگي ۾ تعلقات عامہ يا پبلڪ رليشننگ جو لفظ عام طور استعمال ٿيندو آهي، ۽ شايد ڪن کي هن لفظ جي صحيح طور معنيٰ به معلوم نہ هوندي، تنهن هوندي بہ شايد ڪو اهڙو شعبو بچيل هوندو جيڪو هن جي موجودگي جو احساس نہ رکندو هوندو. صنعتي ترقي ۽ تشهير تہ هن کي وڌيڪ ضروري بنائي ڇڏيو آهي.

اسان وٽ پبلڪ رليشنس Public relations هن معنيٰ ۾ ڪتب ايندو آهي تہ ڪوبہ ادارو، پنهنجو اهڙو زاويو، اخبارن، ريڊيو ۽ ٽيليويزن يا ابلاغ عامہ جي ٻين ذريعن سان پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي، جيڪو عام طور اخبارون اهميت نہ ڏين. اهو مفهوم صحيح ضرور آهي، پر واضح هرگز ناهي. بلڪ هيئن ڪٿي چئجي تہ پبلڪ رليشنس اهو هنرمنديءَ ڍاهپ پريو ڪم آهي جنهن سان عام ماڻهوءَ کي اها معلومات دلچسپ طريقي ۾ ڏيئي سگهجي، جيڪا شايد ٻئي نموني هنن کي معلوم نہ ٿي سگهي. ٻين لفظن ۾، عام راءِ کي متاثر ڪرڻ جي هڪ اٽڪل Device آهي.

پبلڪ رليشن کي سمجهڻ لاءِ ابلاغ عامہ جي ذريعن ۽ انهن جا تاثرات سمورا گڏ رکڻا پوندا. عام طور هر خبر پروپيگنڊا آهي ڪنهن نہ ڪنهن مخصوص خيال ۽ نظريہ جي انهيءَ لحاظ کان خود ادب کي پروپيگنڊا تسليم ڪيو ويو. هر خبر لازمي طور پروپيگنڊا آهي. پر اهو ضروري ناهي تہ هر پروپيگنڊا وارو آئٽم خبر هجي، ۽ انهيءَ کي انهيءَ حد تائين خبريت ڏين ۽ دلچسپ بنائڻ، جو ماڻهو سولائي سان هضم ڪري سگهي، ان کي پبلڪ رليشننگ چئبو آهي. عام طور، ابلاغ عامہ جي هر اهڙي ذريعي کي چئن ٽلهن شعبن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: پبلسٽي، ائڊورٽائيزنگ، پريس ايجنسي ۽ پبلڪ رليشنس. هي پبلڪ جا ورهايل ضمني شعبا ناهن ۽ هن پيشي ۾ شامل ماڻهن هن کي انهن حصن ۾ پنهنجي سهولت خاطر ورهايو آهي. هنن جي وضاحت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مختصر طور هن طريقي تي سگهي ٿي:

**پبلسٽي:** اهو ڪم آهي جنهن ذريعي ڪنهن چيز جي معلومات مشهور ڪجي، يا ان جي ڄاڻ ماڻهن کي پهچائجي، پوءِ چاهي اها زباني هجي، لکيل فرمانن ذريعي يا ڇپيل لفظ، يا ديوارن تي لکيل وڏن اشتهارن سان. پراڻي زماني ۾ دهل جي ذريعي پڙهو ڏيارڻ وارو طريقو اڃا تائين اسان جي سوسائٽي ۾ پنهنجي اصل صورت ۾ موجود آهي.

**ائڊورٽائيزنگ:** پئسن ذريعي تشهير ڪرڻ جو نالو آهي، پوءِ چاهي اها اخبار ذريعي، ريڊيو، ٽي وي، يا هلندڙ گاڏي ۽ بيٺل ديوارن تي پوسٽرن ذريعي ڪجي. هن ذريعي نہ صرف پنهنجن مصنوعات جي پر پنهنجن خيالن ۽ نظرين جي ائڊورٽائيزنگ بہ ڪبي آهي.

**پريس ايجنسي:** هن ۾ پريس ايجنٽ پنهنجن اخبارن ذريعي، ڇپيل ڪتابن، رسالن، پمفليٽن، رپورٽن، ڊرامن، ناولن، ڪهاڻين ۽ ڪهترن ٻين ذريعن سان ماڻهن ۾ پنهنجن ادارن جي پبلسٽي ڪندو آهي. هيءُ تمام ڏاهپ ڀريو طريقو ٿيندو آهي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن ماڻهن جا خيال هنن ذريعن جي اڻ سڌي اثر هيٺ بدلجي ويندا آهن.

**پبلڪ رليشن:** هنن چئني طريقن ۾ پبلڪ رليشن سڀني مان وڌيڪ موثر راءِ عامہ کي بنائڻ ۾ ڪامياب ثابت ٿيو آهي. هن ۾ گهڻو ڪري ٻهريان ٽي ذريعا شامل آهن، تنهنڪري هن ۾ سموريون اهي ٽيڪنيڪي ترڪيبون آهن جيڪي پبلسٽي، ائڊورٽائيزنگ ۽ پريس ايجنسي ۾ هونديون آهن. ڪڏهن ڪڏهن پبلڪ رليشنس، سوسائٽي ۾ اهي تبديليون ترت آڻڻ ۾ بہ ڪامياب ٿي ويندي آهي جيڪي جيڪر ڪن پيڙهين ۾ ٿين.

## پبلڪ رليشنس بمقابلہ پروپيگنڊا

عملي طرح ڏسبو تہ پروپيگنڊا، پبلڪ رليشنس جي گهڻو قريب آهي. پروپيگنڊا، هن وقت ڪئين غلط معنائن ۾ ڪتب اچي ٿو ڇاڪاڻ جو ان جو مقصد "ٻين جي ذهن مٿان پنهنجا عقيدا، خيال ۽ نظريا ٿاڦڻ آهي" ۽ صحافتي شعبي ۾ ان جي حقيقي معنيٰ "ماڻهن جي وڏي تعداد کي، متنازعہ مسئلن تي متاثر ڪرڻ آهي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غالباً هي انساني شعور ۾ سڀ کان پراڻو طريقو آهي جيڪي مختلف دؤرن مان ٿيندو، اڄ جي شڪل تي پهتو آهي. مسيحي زماني کان اڳ، جوليس سيزر، پنهنجي شخصيت ۽ خيال ماڻهن ۾ ورهائڻ لاءِ ان وقت صحافتي ذريعن ڪي ڪتب آندو. هن جي اها ڪوشش هوندي آهي تہ Acta Duriana (ان وقت جو خبري ضميمو) روزانہ وڻن ۽ ايوان جي ٻاهران لڳي. هيئن بہ چيو وڃي ٿو تہ جوليس سيزر هڪ ايڊيٽر کي نوڪريءَ کان هن ڪري جواب ڏنو جو هو سندس نالو ماڻهن جي اکين آڏو چڱيءَ طرح پيش ڪرڻ ۾ ناڪام ويو. هٽلر انهيءَ کان گهڻو ڪم ورتو، جنهن جي نظريہ ۾ جيترو وڏو ڪوڙ هجي اوترو وڏي طريقي ۾ ۽ گهڻا دفعا ورجائڻ سان ماڻهو يقين ڪرڻ لڳندا آهن. ان کان علاوه دنيا ۾ ٻيا بہ ڪئين طريقا ايجاد ٿيا جن جو مقصد ماڻهن جي راءِ کي متاثر ڪرڻ آهي. هنن مان جيڪي موثر طريقا آهن سي هي بہ آهن:

هرڪو ماڻهو انهيءَ جو پاسو ڪندو آهي جيڪو ڪٽندو هجي. تنهنڪري پروپئگنڊسٽ اهڙن ماڻهن جي ڳولا ڪندا آهن. ٻيو نظريو "ڪنهن جي سهاري" اپارڻ وارو آهي. مثال طور ڪو ماڻهو پاڪستان ۾ اقليتن جي تحفظ واري خيال جي تشهير ڪري تہ هو قائد اعظم جي تقرير جو حوالو ڏيئي ۽ پاڻ تقرير ڪرڻ وقت قائد اعظم جي وڏي تصوير پويان ھٽي ڇڏيندو تہ اها ڳالهہ جلدي متاثر ڪندي. ٽيون طريقو شخصيت جي ذريعي متاثر ڪرائڻو آهي. مثال طور لڪس صابڻ وارا عام طور پنهنجي صابڻ کي "سموري دنيا جي فلمي ستارن جو حسن بخش صابڻ "قرار ڏيئي پوءِ ڪنهن نہ ڪنهن برک ايڪٽريس وٽان اهي لفظ چورائيندا آهن تہ "آءٌ هي صابڻ پسند ڪريان ٿي." ظاهر آهي، اهو ڏسندڙ کي ائين چوڻ آهي تہ اوهان بہ چونہ استعمال ڪريو؟

ان کان وڌيڪ اثرائتو طريقو، هي تاثر ڏيڻ وارو آهي تہ پڙهندڙ يا ڏسندڙ عام ماڻهو آهي، ۽ انهيءَ طرح هو ڪو مخصوص خيال پسند ڪري ٿو تہ اوهان بہ چونہ.

ان کان علاوه ڪئين ٻيا جديد طريقا بہ آهن جيڪي ماڊرن پبلڪ رليشننگ جون نيون ٽيڪنيڪس پيش ڪن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظاهر آهي تہ انهن سمورن اتڪلن جو مقصد، پروپيگنڊا کي سولي طريقي ۾ ماڻهن کي ڏيڻ آهي.

اصل ۾ پبلڪ رليشننگ انهيءَ سليس مٺن وانگيان آهي جيڪو هونئن ہيءَ طرح ڏڪاريندڙ خيالن کي بہ سمجهڻ ۽ دلچسپ انداز ۾ وڪرو ڪرائي، يا جيئن عام ٻوليءَ ۾ ڪو گهورڙيو ونگيون وڪڻدي صرف ونگين جو هوڪو ڏئي پر ان جي مقابلي ۾ ٻيو گهورڙيو ان کي "ليليٰ جون آڱريون، ۽ مجنون جون پاسريون" ڪري هوڪو ڏئي، گراهڪن کي وٺڻ تي مجبور ڪري. هڪ سٺي پبلڪ رليشننگ انهيءَ ٻوئين گهورڙئي وانگيان آهي. ٻين لفظن ۾ ڪامياب پبلڪ رليشننگ، ماڻهن کي پروپيگنڊا جو اڻ وڻندڙ ڪاڙو ڪارائڻ آهي جنهن جي مٿان دلچسپي جو منو تهہ چڙهيل هجي.

## عام زندگيءَ ۾ ڪردار

روزمره جي زندگي ۾ پبلڪ رليشننگ ڪيترن ئي نالن سان ڪم ڪندي آهي. نالا بدلائڻ هن ڪري ضروري ٿي پيو آهي جو پبلڪ رليشننگ ڪيترن ئي هنڌن تي سٺو نالو نہ حاصل ڪيو آهي. اڄ هر سرڪاري، نيم سرڪاري، خودمختار ۽ ڪمرشل ادارن ۾ هي شعبو ڪم ڪري ٿو پر مختلف نالن سان. سرڪاري کاتن ۾ تہ جيئن تيئن، پر خودمختار ۽ تجارتي ادارن کي هي شعبو رکڻ تمام ضروري ٿي پوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ جنهن کي خبر آهي تہ هڪ غلط خبر جو تاثر هنن جي سالن جي حاصل ڪيل ساک لوڙهي ڇڏيندو. انهيءَ ڪري هوشيار پبلڪ رليشن آفيسر يا پريس ايجنٽس، سدائين اخبار وارن سان گهرو ناتو رکندا آهن. رپورٽرن ۽ ايڊيٽرن سان سٺا لاڳاپا چاهيندا آهن. ڪي تہ ماڻهو هي بهانو بنائيندا آهن تہ هنن کي پبلسٽي نہ گهرجي، صرف دوستي گهرجي ۽ اهو تہ سڀني کي معلوم آهي تہ دوستي ڪڏهن ڪڏهن، اهڙو فائدو بہ ڏيئي ويندي آهي جو لکن رپين جي خرچ سان حاصل نہ ٿي سگهي.

**سرڪاري کاتا:** سرڪاري کاتن ۾ سڀ کان وڏو پبلڪ رليشننگ جو ڪم هوندو آهي. گهٽو ڪري، هن کاتي ۾ عملي صحافت جا ماڻهو وڌيون پگهارون آڇي رکيا ويندا آهن، جيڪي نہ صرف اخبارن، ريڊيو ۽ ٽي وي جي ڪم ڪار کان، باريڪين، ڏکيائين ۽ مسئلن کان واقف هجن پر وقت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضرورت پنهنجو نڪته نظر به چيرائي سگهن يا ذاتي دوستي جي آڌار تي ڪا ابتي خبر ڇپڻ کان روڪائي به سگهن. خود فوج ۾ به مڪمل انٽر سروسز پبلڪ رليشننگ جو کاتو آهي جنهن جو مقصد، پنهنجن پاليسين کي اخبارن ۾ ڇپجڻ لائق بنائي فراهم ڪرڻ، اخبارن کي گهربل معلومات فراهم ڪرڻ، ڪن معاملن يا فيصلن جي تشريح مهيا ڪرڻ ۽ سڀ کان وڌي ڳالهه حڪومت جي پاليسين ۽ عوام درميان رابطي طور ڪتب اچڻ آهي. ائين ڪٿي ڇنجي ته عملي طور هو رپورٽرن کان مدد وٺندو آهي جڏهن ته موٽ ۾ رپورٽر پس منظر، فائيلن جي ڇرپر، ۽ سرڪاري فيصلن تي هن جي مدد وٺندا آهن. انهيءَ ڪري هن جو سمورو ڪم ٻن مکيه ڳالهين ۾ ٽهيل هوندو آهي: هڪ ته هن جا اخبار وارن سان لاڳاپا ڪهڙا آهن ۽ هو عين وقت تي خبرن ڏيڻ ۾ ڪيترو دسترس رکي ٿو، ۽ ٻيو جن ماڻهن يا رپورٽرن سان لهه وچڙ ۾ رهي، تن جو ڪيترو اعتماد رکي ٿو.

دراصل هي ٻه طرفي ٽرئفڪ آهي. ڪي پي آر او سمجهندا آهن ته هنن کان سواءِ رپورٽر يا اخبارون ڪم ڪري نه سگهنديون آهن. يا رپورٽر سست آهن ۽ ٺاهي جوڙي خبرون هنن آڏو رکو ته هو خوشي محسوس ڪندا، اهو صريحاً غلط آهي. ٻئي طرف اهو سيڪڙات رپورٽن جو ڏوهه آهي ته جيڪي ڪجهه کين ملي ٿو تنهن کي خبر سمجهي ٺاهي جوڙي ويهي رهن ٿا. ڇاڪاڻ ته اهڙيءَ طرح هو ڪن مبالغه آميز ۽ ڪوڙين خبرن جو شڪار به ٿي پوندا آهن.

سينيئر رپورٽر ۽ تجربيڪار اخبار وارا نه ته پوريءَ طرح هينڊ آئوٽ ۽ پريس رليزن تي ڀروسو ڪندا آهن نه ڪڏهن ڪرڻ گهرجي. هڪ سٺي رپورٽر لاءِ هينڊ آئوٽ خبر جي تصديق يا ترديد ڪرڻ يا موريگو خبر جي دلچسپ پس منظر حاصل ڪرڻ لاءِ مددگار ذريعو آهي.

## طريقه ڪار:

سالن جي تجربن ڪانپوءِ پبلڪ رليشننگ جا به ڪي اصول مرتب ٿيا آهن، جيڪي اڄڪلهه جي عملي صحافت ۾ بنياد بنايا ويا آهن. انهن مان ڪي هي آهن:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اشتهار

# ADVERTISING

اشتهار اخبار جو سڀ کان نمايان حصو هوندو آهي، هن ڪري جو اخبار ۾ جيڪي ڪجهہ معلومات ڏيڻ جو طريقو ٿئي ٿو، اشتهارن جي بيهڪ ۽ انداز، انهن سڀني کان مختلف ٿئي ٿو. اهوئي ڪارڻ آهي جو اشتهار ڪوبہ نہ ڏسڻ چاهي، تڏهن بہ نظر ضرور پوندي اٿس ۽ نہ پڙهڻ جي نيت جي باوجود هن کي اهو ذهن ۾ ضرور ويهندو آهي تہ اشتهار ڇا بابت آهي. ڪي اشتهار تہ ورق اٿلائڻ سان، پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندا آهن ۽ پڙهندڙ کي پڙهڻ تي مجبور ڪندا آهن. دراصل اشتهار جو مقصد اهوئي آهي ۽ ڪامياب اشتهار اهو ليکبو، جيڪو پڙهندڙ جي نظرن کي پين هنڌان هٽائي، سندس دل ۾ پيهي وڃي.

اخباري اشتهار، پبلسٽي جو هڪ حصو آهي، جنهن جو مکيہ مقصد ڪنهن خيال، نظريہ ۽ صنعت جي مشهوري هوندي آهي. ڪي رستن تي بورڊ لڳائي، ڪي مگهارن جي ذريعي ۽ ڪي وري (جديد ذريعي) اخبار، ريڊيو ۽ ٽيليويزن ذريعي پنهنجي مصنوعات يا نئين خيال کي ماڻهن تائين پهچندا آهن. پر هنن سڀني ذريعن جو مقصد اهو هڪ هوندو اهي تہ ڪنهن دلچسپ، دل کي ڇڪيندڙ ۽ متاثر ڪندڙ نموني ماڻهن کي پنهنجي ڳالهہ وڻائجي.

اڄ شايد ئي ڪا اخبار اشتهارن کان خالي نظر ايندي ۽ سچ تہ هيءَ آهي تہ اخبار جي پيداوار جو گهڻي ڀاڱي خرچ انهن اشتهارن مان نڪرندو آهي. جيڪڏهن ڪا اخبار اشتهار حاصل نٿي ڪري سگهي يا اشتهار ڪنهن سبب ڪري نٿا ملنس تہ انهيءَ جو جيئرو رهڻ مشڪل ٿئي ٿو.

اشتهارن جي فلسفي کي ڏسبو تہ اهو ٻن طرفن ۾ ڪم ڪري ٿو. هڪ تہ اهو اخبار کي فائدو رسائي ٿو ۽ ٻيو تہ مشتهر ڪندڙ اداري کي. اهو هڪ ناہ آهي جنهن ذريعي ٻئي- اشتهار وصول ڪندڙ ۽ اشتهار ڏيندڙ، پنهنجي پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فائدي جي خيال کان عمل ڪندا آهن. چاهي اهو عظيم ايڊيٽر ائلن وائيٽ هجي، يا جنگ جو ايڊيٽر ۽ مالڪ مير جاويد الرحمان، هن ڪي اشتهارن جو حصو نہ صرف مضبوط ڪرڻو آهي پر اهو ڏسڻو بہ آهي تہ سندس اخبار اشتهار ذريعي مشتهرين کي بہ اوتروئي فائدو رسائي ٿي.

اسان اشتهارن جي ڪردار ڏانهن وڃڻ کان اڳ، اشتهاري دنيا جي مختصر تاريخ تي نظر وجهنداسين تہ ان جي اهميت جو بہ اندازو ٿي ويندو.

يورپي دنيا ۾ اشتهار سترهين صديءَ جي پڇاڙيءَ ڌاري شروع ٿيا. ليڪن ڪتان، اهو چوڻ مشڪل آهي، ڇاڪاڻ تہ جرمني ۽ برطانيہ ۾ قريب قريب، پورٽيبل پرنٽ ذريعي اخبارن ڇپڻ جو رواج ساڳي دور ۾ پيو. انهيءَ وقت ڇاڪاڻ تہ اخبار جو بنيادي مقصد، معلومات پهچائڻ هو تنهنڪري، اخبارن، هن شعبي تي توجہ نہ ڏنو. ڪي اخبارون ڪن خاص نظرين ۽ مذهب جي تبليغ لاءِ ڪڍيون ويون، تنهنڪري، خرچ جي پورائي اتان ٿيندي هئي، اشتهارن کي بنياد نہ بنايو ويو.

اشتهارن جو رواج، صنعتي انقلاب بعد پيو. شروع شروع ۾ اشتهار محض سنگل ڪالم ۾، اخبار واري ساڳي باڊي ٽائيپ ۾ ڇپبا هئا، ۽ ائين لڳندو هو چڻڪ خبرن جا ڪجهہ حصا هجن. انهيءَ جو هڪ سبب هيءُ بہ هو تہ اخبارون، اشتهارن کي نمايان ڪري انهيءَ اشتهار جي اهميت کي وڌائڻ نہ گهرنديون هيون، نہ وري ان وقت اشتهارن کي ڌار فن جي حيثيت حاصل ٿي هئي.

ارڙهين صديءَ جي آخر ۾ جڏهن، اخبارن جي سرڪيوليشن ۽ خرچ وڌيو تہ اشتهارن جي ضرورت محسوس ٿيڻ لڳي. لنڊن جي ٽائيمس اخبار جو ڍانچو ڇاڪاڻ تہ مخصوص ماڻهن تائين هو، تنهنڪري هن وڏن ۽ مکيہ ماڻهن جي مرڻ، اچڻ وڃڻ، سالگرهن، ورسين، ميٽنگن ۽ وڏن ماڻهن جي شادين ۽ انهن جي ملاقاتين کي پنهنجي پڙهندڙن جي دلچسپي جو مرڪز بنايو ۽ سچ تہ هيءُ آهي تہ دنيا جي پهرين اخبار آهي جنهن اهو انداز تمام ڪاميابيءَ سان نڀايو. ڪو عرصو هو ۽ اڄ بہ ماڻهو ائين سمجهندا آهن تہ ٽائيمس ۾ هنن جي ذاتي اشتهار ڇپجڻ سان اوچي سوسائٽي تائين خبر پهچي وڃي ٿي. ٽائيمس ۾ انهيءَ قسم جي اشتهارن جي حالت اها وڃي بيٺي جو پهريون صفحو خبرن بجاءِ اشتهارن لاءِ وقف ڪرڻو پيو ۽ خبرون اندرين صفحن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاءِ والارڻ لڳيون. اها پريڪٽس ٨٦ سال لڳاتار هلندي رهي ۽ نيٺ جڏهن راءِ ٿامسن گروپ، ٽائيمس جو انتظام سنڀاليو تہ تبديليءَ طور هن خبرون ڀرين صفحي تي آنديون. تاهم هن جي انهيءَ ڪيٽيگري وارن اشتهارن ۾ ڪمي نہ آئي.

آمريڪا ۾ اشتهارن جو رواج گهٽو اڳي پيو، پر ڀريون اشتهار ١٧٠۴ع ڌاري، اخباري دنيا ۾ رڪارڊ ڪيو ويو هو. اهو Boston Letter ۾ ڇپيو ۽ هي انهيءَ قسم جو اشتهار هو جنهن کي اسين اڄ تلاش گمشده جي نالي سڏيندا آهيون.

ابتدائي زماني جا اشتهار، سڀ اڄ جي ڪلاسيفائيڊ اشتهارن Classified Ads وانگيان ڇپبا هئا ۽ انهن جي سائيز ساڳي سنگل ڪالم واري هوندي هئي. بعد ۾ اشتهارن جي اهميت وڌي ويئي ۽ مڪيہ اخبارن ۾ اڌ جيترو حصو والارڻ لڳا. هن ۾ عام استعمال جي شين کان وٺي عطائي حڪيمن جي دوائن تائين سمورا اشتهار اچڻ لڳا. اشتهارن جا اکر بہ شروع ۾ گهٽ هئا ۽ بعد ۾ اهي وڌيا. اوڻويهين صدي ۾ جڏهن بلاڪ ٺهڻ لڳا تڏهن انهن جي استعمال ۾ تصويرون ۽ ٿلها گلڪاري وارا لفظ بہ شامل ٿيڻ لڳا، ۽ سائيز بہ وڌڻ لڳي.

برصغير ۾ اخبار جي تاريخ تمام ننڍي عرصي تي پکڙيل آهي. لٿوگرافي کان وٺي اڄ تائين ڪو مشڪل سان ڏيڍ سئو سالن ۾ باضابطہ اخبار نويسي پکڙي سگهي ٿي، ليڪن اشتهارن جي تاريخ انهيءَ کان بہ گهٽ آهي. گهڻو ڪري، اخبارون ڪنهن نہ ڪنهن سياسي مقصد جي پورائي لاءِ ڪڍيون وينديون هيون تنهنڪري اشتهارن جو حصو نہ تہ مضبوط هوندو هو ۽ نہ وري ان لاءِ ڪا جاکوڙ ڪئي ويندي هئي. سياسي اجتماعن جا اعلان يا وڌ ۾ وڌ ڪتابن جا اشتهار سي بہ ڪنهن ڪوشش کان سواءِ يا انهن کي اثرائتو بنائڻ لاءِ وس پڄندي ڪجهہ نہ ڪيو ويندو هو. ڪي اشتهار تہ بنا پئسن ڇاپيا ويندا هئا. فرق صرف هي ٿيندو هو تہ اهي عام خبرن کان ڌار ڏسڻ ۾ ايندا هئا.

ويهين صديءَ جي شروع ڌاري، جڏهن اخبارون باقاعده ٽائيپ تي اچڻ لڳيون تڏهن اشتهارن واري شعبي تي ڌيان ڏنو ويو ۽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اهي اشتهار ڪنهن رٿابنديءَ ۽ مقصد جي پورائي لاءِ ڇاپيا ويندا هئا. اڄ، اهي بين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻولين جي اخبارن ۾ شايع ٿيندڙ اشتهارن وانگيان، مقصد، ٻيهڪ ۽ پيغام ڏيڻ واري Communicative صلاحيت تمام گهٽي انداز ۾ رکن ٿا.

اشتهار جي ٻهرين لياقت اها نفسياتي چاڻ آهي ته هن جا پڙهندڙ ڇا ٿا چاهين. ان کان پوءِ اشتهار جي لکندڙ جنهن کي عام طور ڪاپي رائيٽر Copy writer چيو ويندو آهي، ان جو ڪم آهي. هن کي پيغام منجهائڻ نه گهرجي. سڌي، سادي زبان ۾ ۽ ٿورن لفظن ۾ چوڻ گهرجي، ۽ ايترو صاف هجي جو ان جي معنيٰ انهيءَ کان سواءِ ٻي ڪابه نه هجي جيڪا ڪاپي رائيٽر ڏيڻ گهرندو هجي. هڪ مشهور ڊائريڪٽر اشتهارات، پلي رائيٽ ۽ اخبار نويس نوئل ڪاورڊ جو چوڻ آهي ته "اشتهار جي سٽا سادي ۽ ٿورن لفظن ۾ هئڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته ڏٺا، ۽ تکا چيندڙ ڊائلاگ ڪڏهن به ياد نه ٻيهندا آهن ۽ نه وري ماڻهن کي وڻندا آهن."

ڇاڪاڻ ته پڙهندڙ کي هڪ ئي وقت گهڻا لفظ ياد نه رهندا آهن، انهيءَ ڪوشش ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪاپي رائيٽر ڪنهن صنعت لاءِ ڪو نعرو به ٺاهيندا آهن، ۽ سچ پچ ته پنهنجي لفظن جي جڙا ڪري نعري جا لفظ ماڻهن جي ذهن تي چانئجي ويندا آهن ۽ اهوئي تشهير جو مکيه ذريعو بنبا آهن. مثال طور ڪن ڏينهن جڏهن "لپٽن" وارن چاءِ رائج ڪئي ته هنن اهو نعرو ڏنو ته "لپٽن جي معنيٰ عمده چاءِ" ۽ مسلسل ان کي ايترو ورجايو جو ماڻهو سٺي چاءِ جو بدل لپٽن کي وٺڻ لڳا. بهرحال، اڄ ڪلهه اها ٽيڪنيڪ گهٽي ناهي، انهيءَ بدران Anecdotal ڪئپشن وڌيڪ متاثر ڪندڙ ٿيندو آهي، ۽ انهيءَ ۾ به لفظن جي چونڊ تمام ڏاهپ پري ڪئي ويندي آهي.

### سٺو اشتهار ڪهڙو آهي

سٺو اشتهار هرڪو ڏسي ته ويندو آهي پر اهو گهٽ غور ڪندا آهن ته جو انهيءَ اشتهار کان متاثر ٿيا آهن. دراصل اها سٺي اشتهار جي ڪاميابي آهي. ان ۾ ڪي اهم جزا ٿيندا آهن، جيڪي روز مره انسان جي نفسيات ۽ روزمره جي ڪتب ايندڙ ڪمن ڪارين سان بدلبا رهيا آهن، پر هيستائين جي تحقيق مطابق اهي جزا هيٺيان آهن، جيڪي اهڙي ڪنهن سٺي اشتهار جو بنياد تلسيم ٿين ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**توجهہ ڇڪايو:** اشتهار جو Layout اهڙو جاذب نظر هجي جو پڙهندڙ پاسي وارن سمورن اسمن کان ڌار ٿئي بيهي، يا وري اهڙو غير معمولي سادو هجي جو ان جي سادگي ڏسندڙن کي هڪدم ڇڪي وٺي ۽ ان جي سرخي، هڪدم پڙهي ماڻهو ان صنعت جي باري ۾ مشتهر جو مقصد وٺي وڃي. اوهان ڪڏهن ڪڏهن عام اخبارن ۾ اهڙا اشتهار ڏسندا هوندؤ جيڪي عام اخباري پولي ۽ ميٽر کان هٽيل هوندا آهن.

هن جي هڪ سولي ٽيڪنيڪ هيءَ هوندي آهي ته اشتهار ۾ تصويرن جي بدران اسڪيچ يا پينٽنگ استعمال ڪئي ويندي آهي، هن ڪري جو تصويرون صفحي ۾ ائين ئي اشتهار جي آسپاس هونديون آهن تنهنڪري تصوير (halftone) وارو اشتهار عام طور ڏبجي ويندو آهي ۽ پڙهندڙ خبر سمجهي صفحو اٿلائي ڇڏيندو آهي. تنهنڪري اشتهاري ايجنسيون اهڙن اشتهارن ناهڻ لاءِ تصويرن تان هرو ڀرو اسڪيچ ٺهرائينديون آهن يا وري تصويرن ۾ ٿورو گهڻو فرق پيدا ڪنديون آهن، جيڪو عام طور اخبار جي تصويرن جي اسڪرين کان بدليل اسڪرين ۾ ناهڻ سان به اچي ويندو آهي. ٻيو سٺو طريقو اشتهار جي ٽائيپ ۾ تبديلي آڻڻ جو آهي. اشتهار جي ٽائيپ، اخبار جي ٻي باڊي ٽائيپ يا هيڊ لائين کان مختلف هوندي آهي، نه ته اشتهار، ڪا سٺي خبر نظر ايندي آهي. سٺا اشتهار ناهيندڙ، جيڪڏهن مضمون ۾ ڪا نواڻ نه ڏيئي سگهندا آهن ته پوءِ هو اشتهار جو ڪاراڻ وارو پاسو مٿي ڪري سرخيءَ يا نعري کي رورس ڪري (اڪر اڇاڻ ۾) رکندا آهن. يا ٽائيپ ۾ اشتهار آهي ته سڄي اشتهار کي رورس ڪري رکندا آهن. ان طرح به پوري صفحي ۾ اشتهار نمايان نظر ايندو آهي. اهو طريقو پڙهندڙ کي اشتهار ڏيکارڻ لاءِ ڪافي آهي پوءِ اشتهار پڙهائڻ ۽ متاثر ڪرڻ ڪاپي رائيٽر جو ڪم آهي.

**ماڻهن کي فائدو ڏيکاريو:** مشتهر جو ٻيو ڪم، پڙهندڙ کي اهو ڏيکارڻ آهي ته هن شيءِ استعمال ڪرڻ سان هن کي ڪهڙو فائدو ٿيندو ۽ جيڪڏهن استعمال نه ڪيو ته ڪهڙو نقصان ٿي سگهي ٿو. هن ۾ ماڻهن جي نفسيات سان تمام نفيس انداز سان کيڏڻو پوي ٿو: هنن جي جذباتي لڳاءُ، محبت، زندگي سان پيار، زندگي کي ناهڻ جي امنگ، ۽ مستقبل بابت سپني سان. مثال طور، گهر جي آرزو ڪنهن کي نه هوندي. هر گهر جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضرورتمند هڪ سنو، سٺي علائقي ۾ پنهنجو گهر بنائڻ چاهيندو ۽ اهو به ته هن جا ٻارڙا انهن ۾ رهن. ايترو چاٽڻ ڪافي آهي. مشتهر، هڪ سنو بنگلو نما گهر، ٻاهر باغيچو، رستو، ۽ تمام خوشنما منظر ۾ ڏيکاريندو جنهن جي گيلري، ۾ يا باغيچي ۾ ٻار کيڏندا هوندا. ظاهر آهي ته ٻار، گهر ۽ مستقل نڪاتي واري آرزو هن کي ڇڪيندي. اشتهار جي پڇاڙيءَ ۾ پڙهندڙ کي پتو پوندو ته اهو ڪنهن هائوسنگ سوسائٽي جو اشتهار هو جنهن ۾ شرطن مڃڻ کان پوءِ سندس خواب پورو ٿي سگهي ٿو. پڙهندڙ جيڪڏهن، انهيءَ اشتهار جي پيغام کان متاثر ٿيو ته مشتهر جي پبلسٽي ڪامياب.

**ثابت ڪريو:** هڪ سٺي اشتهار جو ٻيو مکيه جزو هي آهي ته جيڪا دعويٰ اوهان ڪريو، تنهن کي مثالن سان، انگن اکرن سفارشن سان ثابت ڪريو. هن ۾ سڀ کان ڪامياب طريقو هي آهي ته وڏا ماڻهو، وڏا نالا جيڪي ماڻهن جي دلين تي نقش هجن، تن جا مثال ڏيو. هنن جي ڪارنامن کي دهرايو ۽ اهو ٻڌايو ته اهي ڪارناما، انهيءَ شيءِ جي بدولت آهن جن جي اوهان تشهير ڪري رهيا آهيو. مثال طور روليڪس گهڙي وارن، هڪ دفعو بروجن داس جنهن پهريون پيرو انگريزي ڪاري پار ڪرڻ جو رڪارڊ قائم ڪيو هو تنهن کان اهو چورايو ته هو جيترا ڪلاڪ پاڻي ۾ رهيو، روليڪس گهڙي هن کي ٻانڌل هئي، گهڙي ۾ ڪابه خرابي نه ٿي ۽ وقت به درست ڏنو. لڪس ٽائليٽ سوپ وارا، پوري دنيا ۾ اشتهار فلمي ستارن جي سهاري هلائيندا آهن ۽ پوءِ هر ملڪ ۾ اتان جي برک اسٽيج جي اداڪارائن جي واتان چورائي ماڻهن کي مڃائيندا اهن ته هنن جي حسن جو سينگار لڪس سوپ آهي.

ٻين اشتهارن جهڙوڪ مختلف قسم جي سيمنٽ، بلڊنگ مٽيريل، ٻٽڻڪن ۽ ٻين اهڙين عام ماڻهوءَ جي زندگي ۾ داخل شين جي تشهير، ماهرن جي رپورٽن، انگن اکرن، مقابلن جي نتيجن مان ثابت ڪيا ويندا آهن.

**نتيجي مان فائدو حاصل ڪرڻ جي اپيل:** انهن سمورن نتيجن کي، هڪ تمام سٺي نتيجي ۽ چونڊ لفظن ۾ لکڻ به هڪ سٺي اشتهار جو مکيه جزو آهي. ماڻهن کي ٻڌايو ته انهن سيني فائدن ۾ هو به حصيدار ٿين. پر اهو مضمون لکڻ واري تي آهي. پڙهندڙ کي ٻڌائٹو آهي ته هنن کي اشتهارن ۾ ٻڌايل خطرات کان بچڻ لاءِ صلاح ڏيو يا وري فائدا ٻڌائيندي هنن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي تہ آباديءَ جا مختلف طبقا مختلف انداز سان ورهايل آهن تنهن جو تمام وڏو فرق آهي. مثال طور زناني تعليم، مردن جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ آهي. تنهنڪري مقابلي ۾ عورتن تائين هيءُ پيغام تمام گهٽ پهچي ٿو، حالانڪ سروي ڏيکاريو تہ عورتون اشتهار وڌيڪ پڙهن ٿيون ۽ وڌيڪ اثر قبولين ٿيون. تنهنڪري اسان وٽ عورتن جا پرچا گهٽ آهن تڏهن بہ عورتن جي لاءِ مشتهر ٿيندڙ شيون پنهنجو اثر جلدي پکيڙين ٿيون. ڪپڙي ۽ ڪاسميٽڪس جون شيون گهٽ مشتهر ٿين ٿيون پر اهي جلد پنهنجو مقام ڳوليو وٺن.

اشتهار کان متاثر ٿيندڙ ٻيو طقبو اهو عام ماڻهن جو آهي جيڪو سڄي ڏينهن جي محنت ۽ ٿڪاوٽ ڪري جلد ڪا ضرورت جي شيءِ ڳولي ٿو ۽ ڪيس اها شيءِ آزمائڻ جو موقعو نٿو ملي. تنهنڪري مشتهرين ڪوشش اها ڪندا آهن تہ انهيءَ قسم جي ملندڙ جلندڙ شيءِ اڳ ۾ ماڻهن وٽ استعمال ۾ هجي ۽ هو صرف تبديلي لاءِ آزمائڻ چاهين. مثال، ڪو نئون ٽوٿ پيسٽ پيش ڪرٿو آهي تہ ڪمپني هرگز اهو تاثر نہ ڏيندي تہ هي ڏندن لاءِ تمام حيرت انگيز شيءِ آهي. پر هن جي اشتهار جو مطمع نظر هي ٿيندو تہ "فلاڻي ٽوٿ پيسٽ مارڪيٽ ۾ آئي آهي جيڪا ٻين سيني ٽوٿ پيسٽن کان بهتر آهي. هيءُ اوهان جي مهارن کي هئن بيمارين کان بچائي ٿي... وغيره." ساڳيءَ طرح هاريءَ لاءِ ڀاڻ، زرعي اوزارن جا اشتهار دلچسپي جو باعث ٿيندا، نوجوانن لاءِ نئين قسم جا سوٽ ۽ ڪپڙا ۽ واپارين لاءِ واپار ۽ اڃ وڃ جا اشتهار.

## پڙهندڙ جو انتخاب
## SELECTION OF THE AUDIENCE

سچ هيءُ آهي تہ اشتهار هر ماڻهوءَ کي متاثر ڪري ٿو، ڪنهن کي ٿورو ۽ ڪنهن کي گهڻو. ڪير ڪهڙي ذريعي سان متاثر ٿيندو ان جو دارومدار پڙهندڙ جي دلچسپي تي آهي، ۽ سمورن پڙهندڙن جي دلچسپي هڪجهڙي ۽ هڪجيتري نہ ٿيندي آهي، تنهنڪري سمجهدار مشتهر، سدائين انهيءَ ڪوشش ۾ هوندو آهي تہ گهٽي کان گهٽا ماڻهو پڙهن. جيتوڻيڪ انهيءَ جو معياري طريقو، دريافت نہ ٿيو آهي. تاهم هڪ ڪامياب طريقو هيءُ آهي تہ مخصوص طبقن لاءِ مخصوص قسم جا اشتهار ڏجن، جهڙوڪ سٽي پيج، هوم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيوز، غير ملڪي خبرون، ايڊيٽوريل صفحو، خواتين جي ۽ گهرو ڪرت جو حصو، تجارتي حصو، رانديون ۽ ڪئين ٻيا. جنهن طبقي سان جيڪا تشتهير ڪرڻ جوڳي شيء هوندي، اها انهيء واسطيدار حصي ۾ ڇاپبي آهي، ان طرح وڌيڪ اثرائتي ٿئي ٿي. مثال طور ٽينس جي رئڪيٽ جو اشتهار وڌيڪ ڪارائتو اسپورٽس سيڪشن ۾ ٿيندو جڏهن ته ڪنهن ڪميشن ايجنٽ ۽ ڪليئرنگ ايجنٽ جو اشتهار ڪمرشل جي لاء ئي موزون ٿيندو آهي. ڪڏهن ٻه سٺي ڪپڙي جو اشتهار سياسي پرچي ۾ نه ايندو ۽ نه وري ڪنهن جاء جو اشتهار ٻارن واري حصي ۾ ايندو تنهنڪري، پنهنجي پڙهندڙ طبقي جو انتخاب ڪرڻ مشتهر يا اشتهاري ايجنسي جي طرفان نفسياتي تجزيه ۽ تمام غور بعد ٿيندو آهي، ڪن وڏين ۽ بين الاقوامي شهرت جي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڪي مخصوص اشتهار خاص طور ڏاهيا ويندا آهن.

١٩٦٩ع ۾ هڪ پوري صفحي جو اشتهار لنڊن جي ڊيلي ايڪسپريس، جيڪا عام ماڻهن جي اخبار سڏبي آهي (ان وقت سرڪيوليشن ٣٧ لک روزانه) ۾ ڇپيو جنهن ۾ هڪ ڪپڙي جي غير معمولي اهميت جتائي هئي. اشهتاري ايجنسي، لنڊن جي مشهور شاپنگ سينٽر آڪسفورڊ اسٽريٽ ڪي چونڊيو جنهن تي صرف پنڌ هلڻ جي اجازت آهي موٽر ۽ گاڏيون ٻه ممنوع آهن، ۽ خوبصورت ترين علائقو تصور ڪيو ويندو آهي، اتي رڍن جو ڌڻ ڏيکاريو جيڪو مکيه بزار ۽ شاهي دڪانن آڏو پکڙيل هو ۽ اشتهار جي سرخي ۾ سوال ڪيل هو:

"آڪسفورڊ اسٽريٽ تي رڍن جو ڌڻ! اوهان مڃيندؤ. نتا مڃو ته هي تصوير ڏسو. هيء ڪا حيرت انگيز شيء ناهي، ائين ٿي جيئن..." اهو اشتهار تمام پسند ڪيو ويو ۽ ان جو اثر تمام گهڻو پيو. انهيء جو سبب هيءُ آهي جو ايڪسپريس جا پڙهندڙ سمورا طبقا تين تا، ۽ هن اشتهار ۾ غير معمولي حقيقت انهيء ڪمال هنر سان ڏيکاري ويئي هئي جو هر طبقي ان کي يڪسان پسند ڪيو. اهو ساڳيو اشتهار جيڪڏهن ٽائيمس، جنهن جي لاء مشهور آهي "وڏن ماڻهن جي اخبار" تنهن ۾ ڇپجي ها ته يقين اهو اثر نه ڏيکاري ها. پر وڪيلن ۽ سالسٽرس جي لاء ڪنهن جاء جو گهرج وارو اشتهار ايڪسپريس ۾ ڇپجي ته بيسود ٿيندو ۽ صرف ٽائيمس ئي صحيح جاء آهي، ڇاڪاڻ ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ مقصد وارا ماڻهو ٽائيمس کي پڙهندا آهن.

سستين ۽ روزمره جي شين جا اشتهار عام طور پاپولر اخبارن ۾ ڇپبا آهن. انهيءَ ڪري ته ڪوبه سراسري آمدني وارو ماڻهو، (برصغير کان سواءِ) پنهنجي خريداري هفتي جي آخري پهر تي ڪندو آهي ۽ هو گهر ويندي شام جي اخبار ضرور وٺندو آهي. ظاهر آهي ته مشتهر کي انهيءَ کان وڌيڪ ڀيو ڪهڙو موقعو ملندو جو هو پنهنجي سامان جون خوبيون هن آڏو پيش ڪري. شاپنگ گائيڊ عام طور صبح جي اخبار ۾ ڪونه ملندي پر جي هوندي ته ڇنڇر واري اخبار ۾. انهيءَ جو به اهوئي سبب آهي.

وڏين بئنڪن، سيڙپ وارن ادارن، وڏين لگزري موٽرن جا اشتهار اوهان کي گهٽ ڪري اهڙن هفتيوار رسالن ۽ نيوز مئگزينن ۾ ملندا، جيڪي سمجهيا ويندا آهن ته وڏن ايگزيڪيوٽوز ۽ سرمائيدار ماڻهن جي نظر مان گذرندا آهن ۽ هو انهن تي توجه ڏيئي سگهندا. اهو درست آهي. لانسر موٽر يا رولس رائيس جو اشتهار اوهان کي ٽائيم، يو ايس نيوز ۽ ورلڊ رپورٽ ۽ ٻين اهڙين مئگزين ۾ ملندو. عام اخبارن ۾ موٽرن جو اشتهار هوندو ته ننڍين موٽرن جا، جهونيون پراڻيون موٽرون وڪڻڻ بدلي ڪرڻ جا. يا وڌ ۾ وڌ H.P قسطن تي خريد ڪرڻ جا ملندا. انهيءَ جو سبب اهو آهي ته ماڻهن جي پهچ ايتري آهي، وڏي ۽ قيمتي شيءِ جي معلوم ڪرڻ مان هن کي ڪو فائدو نه آهي نه وقت. اهڙن اشتهارن ۾ آمريڪا جون شڪاگو ٽربيون، هيرالڊ، ڊينور پوسٽ، ۽ برطانيه جي ايڪسپريس، مرر ۽ ڊيلي ميل ملنديون.

اسان وٽ پاڪستان ۾ صورتحال ڪجهه مختلف آهي هن ڪري جو اسان وٽ اجا اشتهاري دنيا ايتري ترقي نه ڪئي آهي نه وري ايتري سروي ۽ ريسرچ جي گنجائش محسوس ڪئي ويئي آهي. تاهم، ڪي سائنٽيفڪ ايجنسيون، آهستي آهستي منتخب پڙهندڙن Selected audience جو طريقو رائج ڪري رهيون آهن. انهن ۾ عورتن جون مصنوعات پيش پيش آهن، جيڪي صرف عورتن جي رسالن، مخزنن ۽ جريدن ۾ وڃن ٿيون، يا وري ڪن روزانه اخبارن جي زناني شعبي لاءِ هونديون آهن. انهيءَ کان علاوه ڪنهن حد تائين سئنيما ايڊورٽائيزنگ ۾ پڙهندڙن جو مڪتب جاچيو ويندو آهي. مثال طور ڪراچيءَ جي سئنيمائن غير ملڪي فلمن جي نمائش لاءِ پيش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽينڊڙ فلمن جا اشتهار ڊان يا دي نيوز ۾ ايندا آهن اهي جنگ يا ٻي ڪنهن اردو اخبار يا علائقائي اخبار ۾ هن ڪري نه ڏنا ويندا آهن ته "ڊان" انگريزي اخبار آهي ۽ فلمون به انگريزي آهن. تنهنڪري اهو تصور ڪيو ويو ته اهڙن باذوق ماڻهن جي نظر مان گذرندو جيڪي ڊان پڙهندا هوندا. "ڊان" هرويرو سياسي نه آهي، پر ميڊيم ان کي پابند بنائي ٿو. اهڙيءَ طرح شاهه جي رسالي جو اشتهار سنڌي اخبار ۾ جيترو ڪارگر ويندو اوترو اردو يا انگريزي اخبار ۾ نه ويندو، ۽ نه اهڙو ڪو مثال آهي.

دراصل انهيءَ جو دارومدار صنعتي ترقي تي به آهي. اسان وٽ جنهن رفتار سان فني واڌ اچي رهي آهي انهيءَ حالت ۾ هڪ وقت ايندو جو ماڻهن وٽ وقت نه هوندو ۽ هو صرف منتخب ۽ پسند جي چيز پڙهندا. انهيءَ صورت ۾ مشتهرين کي به واضح طور اهڙا پسند جا ناظرين ملي ويندا، جڏهن پڙهندڙ به ايترا سائنٽيفڪ ٿي ويندا جو ڪوڙن اشتهارن کي رد ڪري ڇڏيندا.

## اشتهارن جا آداب

اشتهار، صنعتن جي واڌاري لاءِ ڇاپيا ويندا آهن ليڪن اهو ضروري ناهي ته مشتهر جيڪي ڪجهه چاهي اهو ڇپجي. ڪئين اهڙيون شيون هونديون، جيڪي مذهب، اخلاق يا عام زندگيءَ ۾ نقصانڪار ٿي سگهن ٿيون يا ماڻهن ۾ اخلاق کي متاثر ڪري سگهن ٿيون، تنهنڪري انهن جي حد بندي ضروري ٿئي ٿي. هيءُ اصول ڪڏهن به حتمي نٿا ٿي سگهن، ۽ هر وقت بدلجڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي رهندي آهي، تاهم ڪي بنيادي اصول مرتب ڪيا ويا آهن، جيڪي عالمي طور تسليم ڪيا وڃن ٿا. اهي آهن:

اهڙا اشتهار نه ڇاپيا وڃن جيڪي

(١) ماڻهن جي گهريلو زندگي کي متاثر ڪن، هنن جي گهر جو سک ڦٽائين، خاص ڪري والدين ۽ ٻارن جي تعلقات تي اثر نه وجهن،

(٢) ماڻهن کي اهو احساس ڏيارين ته جيڪڏهن هو اها شيءِ خريد نه ڪندا ته سندن ٻارن جي حياتي خطري ۾ پئجي سگهي ٿي،

(٣) اشتهار ماڻهن ۾ ذهني پريشانين کي ايترو پتوڙين جو هو منجهي زندگي مان بيزار ٿي پون يا زندگي جي مقصد کان هٽي وڃن،

(٤) جيڪي ماڻهن ۾ هيجان، اضطراب ۽ بدگماني پيدا ڪن يا تشدد تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اپارين،

(۵) ماڻهن جي پڌي، يا قوميت جي جذبي کي نقصان رسائين، ۽

(٦) مذهب جي تضحيڪ ڪن، يا هنن جي جذبي کي اپاري هڪبئي جي مخالفت ڪن.

جيئن مٿي عرض ڪيو اٿم تہ هي سوال، سيني هنڌ هڪجهڙي اهميت سان مڃيا ويا آهن، پر هر ملڪ جي قانون ۽ هن جي سماجي ڍانچي مطابق يا وري وقت جي ضرورت ۽ سائنس جي کوجنا مطابق نوان اصول بہ عمل ۾ ايندا رهندا آهن. مثلاً پاڪستان جي مخصوص مثال ۾ شراب جو اشتهار نہ ڇاپيو ويندو آهي. فحش ڪتابن ۽ فلمن جا اشتهار نہ ڇاپيا ويندا آهن. مغربي ملڪن ۾ جيڪي اشتهار آرٽ جي ترويج لاءِ ڇپيا ويندا آهن يا فلمن جا ڪجهہ حصا اشتهار ۾ شامل ڪيا ويندا آهن سي اسان جي معاشري ۾ قدرن جي بدليل هئڻ ڪري ڇاپي نٿا سگهجن. ڊاڪٽرن جو اشتهار ۽ وڪيلن کي اشتهار جي اجا ضرورت نہ آهي، ۽ عطائي جيڪي اڳي تمام گهڻي انداز ۾ اشتهارن ذريعي ڪمائي ڪندا هئا تن کي قانوني طور ممنوع قرار ڏنو ويو آهي. ساڳيءَ طرح آمريڪا ۾، صحت ڪميشن جڏهن اها حقيقت دريافت ڪئي تہ سگريٽ نوشيءَ سان، ڪينسر جو مرض پکڙي سگهي ٿو تڏهن هر ڪمپني کي سگريٽ جي پاڪيٽ تي اشتهار سان گڏ اهو ڇاپڻ لازمي قرار ڏنو ويو تہ هي سگريٽ اوهان جي صحت لاءِ نقصانڪار ٿي سگهي ٿو. بهرحال، اهي اصول ۽ قانون هر سوسائٽي ۾ پنهنجي گهرجن تي مدار رکن ٿا.

اشتهار، اخبار ۽ ابلاغ عامہ جي ٻين ذريعن ۾ اڄ بنيادي اهميت جا آهن. هنن جو ڪردار، ايندڙ سالن ۾ ڪهڙو ٿو رهي، انهيءَ جو گهڻو دارومدار هن تي بہ آهي تہ انهن ذريعن مان زنده ڪهڙو ٿو رهي ۽ هن جو انداز ڪهڙو ٿو بيهي. اهو فيصلو ايندڙ وقت ئي ڪندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# صحافت ۽ آزادي
# PRESS AND FREEDOM

صحافت چاهي اخبار جي هجي يا ريڊيائي، مئگزين واري هجي يا ٽيليويزن جي، هن عملي زندگي ۾ هن جو هڪ سڀ کان وڏو واسطو آزادي سان آهي. راءِ جي آزادي ۽ اظهار جي آزادي، نيٺ اها عمل جي آزادي تي نتيجه خيز ٿئي ٿي. گهڻين وصفن ۽ ڪارج جي ميدانن ۾ صحافت جو اقتصاديات، شهريت، ادب، ثقافت يا ٻين شعبن سان تعلق آهي، پر حقيقت ۾ اهي سڀ ٻي معنيٰ آهن جيڪڏهن صحافت آزاديءَ جي لاءِ اهو ڪجهه نٿي ڪري سگهي. عام طور صحافت کي، مملڪت جو چوٿون پايو به انهيءَ ڪري چوندا آهن ته هن کي مملڪت هلائڻ لاءِ جن شين جي بنيادي طرح گهرج آهي، تن ۾ عدليه، انتظاميه، قانون سازي کان پوءِ صحافت کي شمار ڪيو ويندو آهي.

صحافت، انهن پبلڪ ادارن مان آهي جن جي مٿان عوام کي صحيح حالتن کان آگاه ڪرڻ، حالتن جي تشريح ڪرڻ ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي غير جانبدارانه رويه سان رهبري ڪرڻ آهي. انهيءَ فرض جي ادائگي ۾ هن جو بنياد صرف آهي حقيقت.

نظريو ۽ خيال، ڌار ٿي سگهي ٿو، ليڪن حقيقت هڪ ئي هوندي البته ان کي ڏسڻ جو زاويو هر اخبار نويس جي پنهنجي اهليت تي آهي. انهيءَ نڪتي کي جيڪڏهن غور سان ڏسبو ته حقيقت کان آگاه ڪرڻ، اخبار واري جو بنيادي فرض آهي، ۽ اها آگاهي ٿيڻ پڙهندڙ جو حق آهي. ان ۾ ڦير گهير ڪرڻ يا حقيقت کان ڇاٽي واٽي ڦرڻ، نه صرف بد ديانتي آهي پر، پڙهندڙ جي حقن کسڻ جي برابر آهي.

عوام کي اهو حق ڪيترو حاصل ٿئي ٿو ۽ اخبار وارو اهو فرض ڪيترو استعمال ڪري ٿو، سو هر معاشري، طريقه حڪومت ۽ مروج قانون تي ٻڌل آهي. ليڪن اهي قانون ۽ طريقا، انهيءَ عالمي طور تسليم ٿيل حق کي ريٽي نٿا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهن تہ حقيقت کان منهن موڙيندڙ صحافت زنده نہ رهي آهي. انهيءَ ڪري جڏهن بہ صحافت جو آزاديءَ جي سلسلي ۾ تذڪرو ٿيو آهي، اتي صحافت لاءِ اٺين چيو ويو آهي تہ اها Without fear or favour چاڪاڻ تہ "تاريخ اهو ثابت ڪيو آهي تہ جتي بہ فرد، ڊپ کان سواءِ ڪا ڳالھ چئي نٿا سگهن، اتي ڪابہ آزادي برقرار رهي نٿي سگهي."

ابتدائي زماني ۾ جڏهن کان وٺي، صحافت ڪوجهي ۾ ڪوجهي طريقي ۾ عمل ۾ آئي آهي، ان کي اختياري پنهنجي وس ۾ رکيو آهي. چاڪاڻ تہ هن کي خبر هئي تہ "حقيقتون جڏهن پکڙبيون، ۽ ماڻهن کي معلوم ٿينديون تہ ان جو اثر ڪيترو ڀيانڪ ۽ انسان جي شعور کي ايارينڊڙ ٿيندو." رومن دؤر ۾ Acta Duriana جوليس سيزر پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکي. اٺين ئي جتي جتي خبرن جا طريقا وڌيا، اهي بادشاهن يا تہ پنهنجي نگراني ۾ رکيا، يا وري جيڪي شاهي فرمانن جي خلاف ڇپيندا هئا، تن کي سزائون ڀوڳڻيون پونديون هيون.

شهري رياست کان پوءِ جيئن جيئن آزادي ۽ جمهوري تصور اڀريو تيئن خبرن جي ورڇ ۾ پهچ اهم ڪردار ادا ڪرڻ لڳي، خاص ڪري جڏهن لتوگرافي جو رواج پيو. بعد ۾ ١٤٣٠ع ڌاري پورٽيبل ٽائيپ جي دريافت ٿيڻ ۽ گوٽنبرگ جي ابتدائي پريس جي ايجاد بعد، اخبار جو ادارو تمام اثرائتو ٿي ويو. صنعتي انقلاب جا اثرات جيئن جيئن پکڙيا، تيئن تيئن اخبارون معاشري ۾ پنهنجو مضبوط تر مقام وٺنديون ويون. جڏهن ان کي اثارتي جي خلاف دٻائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون ويون تہ اخبارن وارن اظهار جا نوان طريقا ڳولي ڪڍيا. انهيءَ جدوجهد ۾ ڪيترن اڳواڻن کي قربانيون بہ ڏيڻيون پيون. ڪڏهن اخبارون بند ڪرڻيون پيون تہ ڪڏهن وري اخبارن کي لالچ ڏني ويئي تہ ڪڏهن هنن جي ڪمزوري محسوس ڪندي اقتصادي دٻاءَ وڌا ويا. اخبارن انهن سمورين رڪاوٽن جي خلاف جدوجهد جاري رکي، تڪليفون سٺيون، سچ جو پلڙو وزني رکيو ۽ ڪن هنڌن هنن کي پنهنجي مفاد بہ قربان ڪرڻا پيا پر پنهنجي آزاد ۽ وجود تي حرف اچڻ نہ ڏنو.

### پريس جو آزاديءَ لاءِ وڙهڻ ٿي

عام طور تي هر اخبار پاڻ کي آزادي، ۽ جمهوريت جي چئمپين ۽ هر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اخبار وارو پاڻ کي انفرادي آزادي توڙي نظريات جو سورمو تصور ڪندو آهي، آخر ان جا سبب ڪهڙا آهن؟

ان جو مختصر سبب هيءُ آهي تہ صحافت ڪهڙي بہ صورت ۾ هجي، انهن ماڻهن کي جاءِ ڏيندي آهي جن جو آواز ٻي صورت ۾ اڪثريت تائين نٿو پهچي. ٻين لفظن ۾ اها اقليت جنهن جي آواز کي ٻڌڻ جو ايترو ئي حق آهي جيترو ٻين کي، پر اهي وسيلن نہ هئڻ ڪري ٻڌڻ جي لائق نٿا سمجهجن تن کي موقعو ڏيڻ، انهن جي نظريات ۽ خيالن کي ٻين تائي رسائڻ جو ذمو صحافت تي آهي. هن "اقليت" ۾ گهڻائي انهن ماڻهن جي هوندي آهي جن سان ظلم ٿيندو آهي، جن کي معاشري ۾ محروم سڏجي، جن سان معاشرتي ڪهاڙيتي ۾ ظلم ٿيو هجي يا ڪنهن کي بي گناه نظربند ڪيو ويو هجي، انهن جي ڪوائف ۽ ڳالهين کي اجاڳر ڪرڻ پريس جو ڪم آهي، جيئن هنن حقيقتن ۽ خيالن تي ٻيا ماڻهو سوچي سگهن ۽ وري آزادانہ راءِ ڏيئي سگهن. هتي هڪ حقيقت واضح ٿئي ٿي تہ ظالم هميشہ اها ڪوشش ڪندو آهي تہ مظلوم سان ٿيل ظلم دٻيو لڪيو رهي، ڪنهن کي سڌ نہ پئي؛ مظلوم يا محروم وري اهو چاهيندو آهي تہ هن سان ٿيل زيادتي وڌ ۾ وڌ ماڻهن کي معلوم ٿئي جيئن همدردي پيدا ڪري سگهي. پارليامينٽ ۾ اقليت پارٽي جا رڪن انهيءَ ڪري ڏک سور ٻڌائيندا آهن تہ جيئن، اقليت ۾ رهندڙ ماڻهن سان ٿيندڙ ظلم، اڪثريت بہ ٻڌي، ۽ همدردي حاصل ڪري. ڇاڪاڻ تہ اڪثريت سدائين حڪمران هوندي آهي، تنهنڪري اقليت وٽ پنهنجي انصاف طلبي لاءِ ڪنهن محفوظ ۽ سلامت پليٽ فارم تي ٻيهي آواز اٿارڻ کان سواءِ چارو ناهي. اهو پليٽ فارم ايوان نمائندگان يا پارليامينٽ تہ ڪيس فراهم ڪري سگهي ٿي، پر جڏهن اجلاس نہ هجي، تڏهن ظلم کان آگاهي ڪير ڪندو. يا اهڙيون محروميون جن کي وڏي پيماني تي آٿي نہ سگهجي اهي ڪيئن منظر عام تي اچن، تنهن لاءِ اخبارون موجود آهن. اهوئي ڪارڻ آهي جو "اخبارن کي اها پارليامينٽ سڏيو ويو آهي، جيڪا سدائين اجلاس ۾ رهي ٿي."

يقينن اخبارن جا ڪالم، اهڙي اقليت واري محروم ڪميونٽي جو ايوان آهن، جيڪي ذري پرزي تي آواز اٿاري سگهن ٿا.

ڪتاب جي شروع واري باب ۾، "خبر ڇا اهي" ۾ اسان، خبر جي وصف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظاهر ڪندي هي لفظ لکيا ها تہ "خبر اها آهي جيڪا ڪوبہ لڪائڻ يا دٻائڻ چاهي." اصل ۾ اتي خبر جي معنيٰ حقائق ظاهر ڪرڻ آهي ۽ انهيءَ وصف ڪان وٺي اخبار جي ذميداري شروع ٿئي ٿي. معاشري ۾ ڪابہ اهڙي حقيقت جيڪا فرد. ڪو آفيسر. يا حڪام لڪائڻ چاهي (ڪهڙي بہ طريقي سان)، ان کي ظاهر ڪرڻ فرد جي آزادي، ۽ انساني حقن جي جدوجهد آهي. ارڙهين صديءَ جي شروع ڌاري ١٧٣٥ع ۾ آمريڪا جي هڪ مشهور وڪيل انڊريو هئملٽن، ايڊيٽر پيٽر زنگير واري ڪيس ۾ چيو تہ "... آءٌ چاهيان ٿو تہ هي قاعدو تسليم ڪيو وڃي تہ گواهي کي دٻائڻ، سڀ کان وڏي گواهي مڃي وڃي." پيٽر زنگير کي پنهنجي اخبار "جرنل" ۾ اهڙيون خبرون ڇاپڻ جي پاداش ۾ جيل بہ وڃڻو پيو جو برطانوي بيٺڪي راڄ وارن انهن کي ڪوڙيون، غلط، بي بنياد ۽ باغيانہ قرار ڏنو. زنگير صرف هي ثابت ڪندو رهيو تہ هن حقيقتون پڌريون ڪيون آهن ۽ حقيقتن ثابت ڪرڻ لاءِ ثبوتن جي ڪهرج ناهي. (هن کان اڳي اهو دستور هوندو هو تہ اهڙي خبر ڇاپڻ کان اڳ اختياري وارن کان اجازت وٺڻي پوندي هئي ۽ مذڪوره خبر جيڪا زندگير جرنل ۾ ڇپي هئي تنهن ۾ ائين نہ ڪيل هو.) بهرحال، هن ڪيس ۾ جيوري، زنگير کي بي گناه ڪري ڇڏي ڏنو. ۽ انگريزي تاريخ ۾ هو آزاديءَ ۽ سچ جو ظاهر ڪرڻ وارو پهريون عظيم اخبار نويس بنجي ويو.

انقلاب ۽ جدوجهد کان پوءِ حقيقتن ۽ اخبار واري جي آزادي ان حد تائين تسليم ڪئي ويئي جو آمريڪا جي آئين جي پهرين ترميم اها ڪئي ويئي تہ "ڪانگريس اهڙو ڪو قانون نہ ناهيندي جيڪو اخبارن جي آزادي کي محدود ڪري."

تمام گهڻو وقت آمريڪا ۾ آزاديءَ جي انهيءَ حق لاءِ اخبار وارا وڙهندا بہ رهيا تہ پنهنجي آزاديءَ لاءِ بہ. خود انهي راءِ ظاهر ڪندي، ڪيترن کي مفاد پرست طبقي جي ظلمن جو شڪار بہ ٿيڻو پيو جن ۾ سڀ کان وڏو مثال ايلجا پي- لو و يجامو جو آهي پنهنجي هفتيوار اخبار سينٽ لوئي، مسوري مان ڪڍندو هو. غالباً تاريخ جو پهريون شهيد هو جنهن جڏهن غلاميءَ جي واپار خلاف لکيو تہ سرمائيدار هن جي خلاف ٿي ويا ۽ ڪيس طرح طرح جي نقصان جون ڌمڪيون ڏيڻ لڳا. هن پنهنجي پريس، انهيءَ ڏپ کان، مسسپي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ندي ٽپي وڃي الٽن ۾ لڳائي، ليڪن اتي بہ هو پهچي ويا. اتي هن جي پريس کي چار دفعا باهہ ڏني ويئي، نيٺ ڪيس قتل بہ ڪيو ويو.

تاريخ جا باب، اهڙن واقعن سان ڀريل آهن. هرهنڌ، جتي آزاديءَ جي لاٽ ٻري آهي، اتي اخبار وارن کي اهم ڪردار ادا ڪرڻو پيو آهي ۽ هنن کي جتي ماڻهن جي شعور کي اڀارڻو پيو آهي اتي هنن کي مفاد پرستي طبقي جي سورن ۽ سختين کي بہ برداشت ڪرڻو پيو آهي.

## برصغير جي آزادي ۽ پريس

برصغير ۾ آزادي جي تاريخ، آمريڪا يا انهن هنڌن جتي آزادي جي لاٽ ٻري آهي اتي جي جدوجهد جي تاريخ ۾ صحافت جي ڪردار کان ڌار ڪانهي. جيتوڻيڪ، برصغير ۾ اخبار نويسي گهڻو وقت اڳ مغلن جي دور کان واقعا نويسي جي صورت ۾ شروع ٿي، پر ان جي هڪ نوس صورت انهيءَ وقت ابري جڏهن انگريز پير ڄمائي رهيا هئا. پر ڇاڪاڻ تہ مرڪزي اختياري کي وري بہ عوام جي آواز کان ڊپ ٿئي ٿو، تنهنڪري اخبارن جو سمورو ڪنٽرول پاڻ وٽ رکندي آهي. انگريز برصغير ۾ سولائي سان پير ڄمائي سگهيا، انهيءَ جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ اخبارن کي آزادي نہ هئي جنهن ڪري ماڻهن کي حالات جي خبر پئجي نہ سگهي ۽ نہ وري اخبارون راءِ عامہ هموار ڪري سگهيون. انگريزن جڏهن ڪمپني حڪومت جي صورت ۾ پير ڄمايا تہ پهريون ڪم هيءُ ڪيو تہ اخبارن تي پابندي لڳائي تاڪہ ماڻهن ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ نہ پکڙجي جيڪا مرڪزي اختياري ۾ حڪومت جي خلاف وڃي. پريس گئنگ ائڪٽ انهيءَ پابندي جي پهرين صورت هئي، جنهن جي پيڪڙي تمام گهٽي دير سان ٿي.

پريس گئگنگ ائڪٽ، جو پهريون شڪار سنڌ جي تہ روزه اخبار ”سنڌ قاصد“ ٿي جنهن تي حڪومت خلاف شر انگيزي پکيڙڻ جي الزام ۾ مقدمو داخل ڪيو ويو.

صديءَ پاسو ورايو تہ اردو اخبار نويسي ڪر ڪٽڻ شروع ڪيو. لاهور، دهلي، ڪلڪتو، ڪراچي، بمبئي، لکنو سڀ اخبارن ذريعي ماڻهن ۾ سياست جو شعور ۽ آزاديءَ جي جوت جاڳائڻ لڳا. مولانا ظفر علي خان، علي برادران، حسرت موهاني جهڙا بلند پايہ مجاهد پيدا ٿيا جن پنهنجن لکڻين ۽ اخبارن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذريعي آزادي جي تحريڪ کي نہ صرف اڳتي هلايو پر، ماڻهن جي رهبري ڪري صحافت جو حق ادا ڪيو. انهيءَ سچ ڳالهائڻ، ماڻهن جي رهبري ڪرڻ ۽ ٻاهرين تسلط جي خلاف ورزي ڪرڻ جي پاداش ۾ هنن کي ڪيئن ڪيئن گهمرا جيلن جون ڪوٺڙيون ڏسڻيون پيون ڪن تي بغاوت جا مقدما هليا. ڪن کي پنهنجون ملڪيتون وڃائڻيون پيون پر، اهي سڀ پيغام بنيا. آزاديءَ جي تحريڪ، هنن تحريرن ۽ اخباري ڪالمن ذريعي ايترو زور پڪڙيو جو ماڻهن جو مزاج اهي اخبارون بنجي ويون ۽ نيٺ هڪ ڏينهن غير ملڪي تسلط کي جهڪڻو پيو.

## اخبارن جون ذميداريون

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اخبارون، نجي ملڪيت ۾ هونديون آهن، پر ڇاڪاڻ تہ هو پنهنجو وجود ماڻهن مان وٺن ٿيون، تنهنڪري هو سڌيءَ طرح عوام ڏانهن ذميدار آهن. انهيءَ لحاظ کان اخبارن جي ذميداري جا دائرا بہ انهيءَ حيثيت سان متعين ٿين ٿا.

اهي ڪهڙا جزا، اخبار جي انهيءَ ڪردار کي ناهين ٿا. سي اخباري روايتن مطابق هي ٿين ٿا:

### صحيح هئڻ Accuracy

اخبارون جيڪي ڇاپين ٿيون، پڙهندڙ اهوئي پڙهندا ۽ انهن مان حقيقتن جي باري ۾ پنهنجي راءِ ناهيندا. دنياءِ صحافت جو عظيم استاد صحافي چارلس جي راس جنهن پنهنجو ڪردار ۾ن زندگي سينٽ لوئي ”پوسٽ ڊسپيچ“ جي سچائيءَ ۽ ساک مان ناهيو، رائٽنگ آف نيوز ۾ لکي ٿو:

”خبر لکندڙ عوام جو ايجنٽ آهي. هن کي انهيءَ سان ڪو سروڪار ناهي تہ خبر ڪنهن آندي، ڪنهن لکي، هو تہ اخبار ۾ ڇپيل خبرن تي ڀرسو ڪري ٿو. تنهنڪري خبر لکندڙ جو نکتہ نظر تمام صاف ۽ صحيح ۽ هڪ چوڪس مبصر جيان هئڻ گهرجي. هو خبر لکي تہ صاف ۽ پختي ذهن سان، ۽ حقيقتون پنهنجي خيال، نظرئي ۽ راءِ جي عينڪ سان نہ لکي. خبر تي تبصرو ڪرڻ، ايڊيٽر جو ڪم آهي، ۽ انهيءَ جو خبر سان ڪو واسطو نہ هئڻ گهرجي. جيڪو خبر نگار، خبر ۾ پنهنجا خيال ۽ نظريا وجهي ٿو، اهو پنهنجي اخبار جو اعتماد وڃائي ٿو جنهن جو هو ڪاغذ استعمال ڪري رهيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي پنهنجي خريدار جو جيڪو اها اخبار خريد ڪري ٿو."

هڪ ٻئي اخبار نويس لوئي ولي جيڪو نيويارڪ ٽائيمس جو مشهور ايڊيٽر رهيو آهي، تنهن جي چوڻ مطابق:

"نيوز ايڊيٽر، پنهنجي تمام معتبر ذريعن سان خبر ڇاپي ٿو ۽ هي ڳالهه ڌيان ۾ رکندي ته هن کي هڪ مقرره وقت تي اخبار ڇاپڻي آهي، ان وقت تائين جيڪي به حقيقتون معلوم ٿين ٿيون اهي سڀ ڇاپڻ گهرجن. جيڪڏهن اخبار وارو انهيءَ جو انتظار ڪري ته اصل حقيقتون سامهون اچن، ته پوءِ تاريخ جا ڪئين واقعا ڇپجي نه سگهجن جن جي باري ۾ مؤرخ اجا متفق ناهن ته سچ ڇا آهي؟"

## انصاف ۽ ديانتداري Fairness and honesty

اخبارن کي انصاف ۽ رواداري جو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. هن کي نه ڪنهن جو پاسو ڪڻڻ گهرجي ۽ نه ڪنهن جي حمايت ڪرڻ گهرجي. ڪن ڏينهن جڏهن اخبارون ڪنهن پارٽيءَ يا نظريي سان منسلڪ ٿيڻ ضروري سمجهيون وينديون هيون، تڏهن صرف پنهنجي همخيال ماڻهن ۽ نڪته نظر جي تشهير ڪرڻ بنيادي فرضن ۾ شامل ڪيو هو. انهيءَ ۾ ڪنهن مخالف جي نظريي کي نه سمويو ويندو هو. سمجهيو ويندو هو ته پاڻ سان نه ٺهڪندڙ خيالن کي هرويرو تشهير ۽ اهميت ملي ٿي. هاڻي اهو عيب سمجهيو ويندو آهي. هاڻي روايت هيءَ آهي ته هر ماڻهو جي خيال کي جاءِ ڏجي، پوءِ ڇاهي اهو مخالف ڇونه هجي. انهيءَ سان پڙهندڙ سمورن خيالن جي ڄاڻ ڪري سگهندو. اهو جمهوري قدر آهي ۽ ان کي لازمي طور اخبارن کي اختيار ڪرڻو پوندو آهي.

اهو سچو ڪردار ديانتداري سان ادا ڪرڻو آهي. مصلحت ڪوشي هن خوبي جي سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي ۽ روز روز اخبار، پنهنجي پڙهندڙ کي اهڙيون خبرون نٿي پيش ڪري سگهي جيڪي بدديانتي جو مظاهرو ڪن. جيڪڏهن ڪابه ڪا اخبار هن اصول تي عمل ڪري ٿي ته هن جو لفظ لفظ ماڻهن وٽ ساک جي سرٽيفڪيٽ جو درجو رکندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## Objective بامقصد

اخبار، هر خبر ۾ پنهنجو تبصرو، لفظن جي جوڙجڪ کان وٺي، پيش ڪرڻ جي انداز تائين، جيڪڏهن غيرجانبداري انصاف ۾ ديانتداري سان پيش ڪري ته پوري اخبار پاڻ مرادو بامقصد ٿي ويندي آهي. عملي طرح بامقصد هئڻ جو مطلب هيءُ آهي ته اخبار پنهنجي رپورٽ ۾ نه ڪنهن جي طرفداري ڪري، نه ڪنهن جي مخالفت. خبريت جي عنصر مطابق جيڪي درست محسوس ڪري اهو ڏئي ڇاڪاڻ ته اخبار، ڦري گهري قطعي جوابدار، پڙهندڙن ڏانهن رهي ٿي. هن ڪي پڙهندڙن ۾ پنهنجي درميان هڪ اهڙي ساک جو رابطو رکڻو آهي پوءِ چاهي اها خبر يا رپورٽ ڪنهن جي مخالفت ۾ ئي وڃي، تڏهن به هو ان جي مقصديت کان انڪاري نه ٿئي. اخبارون تڏهن مقصديت جو درجو وڃائي ٿيون ويهن جڏهن هنن جي مٿان ڪو خوف طاري هوندو آهي يا مدافعت جي قوت نه هوندي اٿن يا پنهنجي قوت جو اندازو نه هوندو اٿن. اخباري اخلاقيات ۾ "خوف بدعنواني کان برو هوندو آهي" جو مثال عام طور اخبار وارن ۾ انهيءَ معاملي ۾ رهنما اصول هوندو آهي.

بامقصد ڪيئن ٿي سگهجي ٿو، تنهن جي لاءِ شائلين جو چوڻ آهي ته "خبر لکڻ واري کي،لکڻ وقت پنهنجن خواهشن، پسند، ضرورتن ۾ اعتقادن کي بالاءِ طاق رکڻ گهرجي ۾ پنهنجي خوش فهمي واري سوچ کي دٻائي، صرف واقعات ۾ پروسي جوڳين شاهدين تي مدار رکڻ گهرجي."

ايڊورڊ جيرالڊ جي چوڻ مطابق، اخبار واري جي رپورٽ ايتري بامقصد هئڻ گهرجي جو پڙهي ڏينهن خود اهو ماڻهو جنهن بابت اها خبر هجي پڙهي ته چئي بلڪل سچ آهي، مون ائين ئي چيو آهي.

مقصديت کو اخبار وارو تڏهن ئي ترڪ ڪندو آهي جڏهن هو وقت جي دٻاءَ ۾ هوندو آهي (جيڪڏهن وٽس پيون ڪي مصلحتون ناهن) ڇاڪاڻ ته هن کي خبر آهي ته هن وٽ ڪڏهن ڪلاڪ هوندو آهي ته ڪڏهن ان کان به گهٽ وقت ۾ ان ۾ هن کي خبر جي تصديق به ڪرڻي هوندي آهي، ثبوت به مهيا ڪرڻا پوندا اهن ته مقصديت به آڏو هوندي آهي. جيڪڏهن ڪنهن اخبار ۾ ڪا ردي لکيل خبر ۾ ردي سرخين سان ڏسو ته پڪ سمجهو ته انهيءَ حادثي جو شڪار ٿي آهي. بقول ايڊورڊ جيرالڊ جي "اخبار واري جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها پوزيشن ساڳي ان سائيڪل سوار جهڙي آهي جيڪو منجهيل به آهي ۽ پسيل زمين تي هلائي رهيو آهي."

## اخبار ذميدار هجي Responsible

اخبار پبلڪ ادارو آهي ۽ هن جا منصف پڙهندڙن کان وڌيڪ ڪي به نٿا ٿي سگهن. ليڪن انهيءَجي موٽ ۾ هو، ان کان ذميداري طلب ڪن ٿا. هن جي ڏنل معلومات ۾، ڪميونٽي جا افراد ڀائيوار ٿين ٿا. تنهنڪري ڪابه اهڙي حرڪت جيڪا غير ذميداري سان ڏنل آهي ۽ ڪو برو ردعمل پئدا ڪري ٿي ته اهو سڄو ذمو اخبار تي آهي.

عام طور غير ذميداري ٻن سطحن تي ابرندي آهي. هڪ جيڪا خبرن ۾ ٻي ادارتي راءِ ۾. خبرن واري غير ذميداري، بنيادي اصول جي ڀڃڪڙي تصور ڪئي ويندي آهي ۽ غلطي تائين محدود رهندي آهي. هن کان بچاءُ جو طريقو اهو آهي ته اخبار وارو، خبر ۽ راءِ کي ڌار ڌار رکي. خبر ۾ جيڪڏهن ڪا حقائق جي غلطي آهي ته اها رپورٽر جي ڪنڌي ۾ لکي ويندي آهي، ليڪن ان ۾ ڪوشش هيءَ هئڻ گهرجي ته راءِ کي داخل ٿيڻ نه ڏجي. هن جو هڪ طريقو هيءُ به آهي ته جيستائين ڪا حقيقت يا ڪو افواهه ڪنهن تي ثابت نٿو ٿئي ته مجروح ڌر کي وضاحت جو حق هئڻ گهرجي ادارتي راءِ ۾، حقيقتن جي ابتڙ وڃڻ، ديانت ۽ ذميداري ۾ شامل ناهي، تاهم، اها ايڊيٽر جي راءِ آهي، ۽ ان تي جيتوڻيڪ راءِ متاثر ڪرڻ جي ذميداري آهي، تاهم ان کي پڙهندڙ راءِ ئي ڪري تسليم ڪندا، حقيقت نه.

اهي ته ٿيا اهي اصول جيڪي هڪ صاف سٿري ۽ صحتمند ۽ غير جانبدار صحافت جي رهنمائي ڪن ٿا. ليڪن آزاد معاشري ۾ اخبار جون عملي حدون ڪهڙيون آهن ۽ هن کي فرد يا عملي طور معاشري جي ڪهڙي تهذيب ڪرڻي آهي، سو به هڪ چڱو ڀوڙهو مسئلو آهي. مٿي اخبارن ۽ آزاديءَ جي موضوع تي بحث ڪندي، هي ذڪر آيو هو ته اخبارن جي هڪ مکيه ذميداري راءِ هموار ڪرڻ آهي، ۽ هو هڪ اهڙي اداري جو درجو رکن ٿيون جتي هر ڪنهن جو آواز ٻين تائين پهچي ٿو.

ڇا اهو عملي طرح ممڪن آهي؟

ڏسبو ته اڄ به اهيئي ساڳيون قوتون، جيڪي ڪنهن خاص طبقي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مفادن جون حفاظت ڪن ٿيون سي انهيءَ اصول جي مخالفت ڪن ٿيون. هن ڪري جو اهي اخبار جي قوت ۽ پوءِ عوام جي رد عمل کان واقف آهن. پوءِ چاهي اها قوت روڊيشيا ۾ سفيد فام اقليتي حڪومت جي صورت ۾هجي، يا ڪنهن مطلق العنان حڪومت ۾ فرد واحد جي مرضي جي صورت ۾. يا ڪنهن سرمائيدار طبقي جي روپ ۾ جيڪي هڪ هٽي لاءِ سموريون اخبارون ۽ ريڊيا پنهنجي قبضي ۾ ڪري وٺڻ هجي. ليڪن، اخبارن کي اتي قانون جي دٻاءَ ۾ رهندي به يا سينسر شپ جي زنجيرن ۾ يا پريس ۽ پبليڪيشن آرڊيننس هيٺ رهي ۽ مخصوص انداز سان، هڪ نه ٻئي طريقي ۾ سچ ٻڌائڻ جو ڪردار ادا ڪرڻو آهي. هڪ گهمرو سچ، عوام تائين پهتو ته هو پاڻهي ان جي حمايت ڪندا ۽ تحفظ فراهم ڪندا. سرمائيدار ملڪن ۾ اخبارون انهيءَ ڪري وجود ۾ آيون ته پنهنجن مفادن جو تحفظ ڪري سگهن پر معلومات جيئن هڪ نه ٻئي ذريعي سان پهتي ته ردعمل شروع ٿي وڃي ٿو.

روڊيشيا ۾ سفيد فام حڪومت حريت پسند تحريڪن جي خبرن جي اشاعت تي سنسرشپ لڳائي ڇڏيو هن خيال سان ته مخالف خبر ماڻهن تائين نه پهچي، پر اخبارن وچ ۾ خالي جايون ڇڏي، ماڻهن تائين اها ڳالهه پهچائي ڇڏي ته هو سنسرشپ ۾ گذاري رهيا آهن. ڪيترن اخبار وارن کي اهي پابنديون ٽوڙڻ جي ڏوهه ۾ جيل جون ڪوٺڙيون ڏسڻيون پيون پر انهن جي جيلن ۾ وڃڻ سان آزاديءَ جو تصور نه صرف برقرار رهي ٿو پر جلا بخشي ٿو ۽ ماڻهن ۾ شعور کي اڀاري ٿو. اهوئي هڪ ديانتدار، بامقصد ۽ ذميدار پريس جو فرض آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جديد دور جا اثر

سنڌي ٻوليءَ ۾ صحافت جو عرصو سنڌ واسي ڪان شروع ٿئي ٿو جنهن طرح ان جي ڪل عمر ڪجهه سوا سو سال ٿئي ٿي، جنهن اندر ٽيڪنالوجي جي بلدجندڙ طريقن، سياسي ۽ سماجي لاڙن جي ڪري هن ڪئين روپ ورتا آهن. سياسي طور تہ ١٩٣٧ع ڪان پوءِ جا وڏا انقلابي سال آهن بهرحال، ٽيڪنالاجي جي لحاظ ڪان سٺ واري ڏهاڪي ڪان اهڙي دؤر جي ابتدا ٿئي ٿي جنهن ۾ جوڙجڪ، ڳهاڙيٽي، ورتاءَ ۽ فني ٽيڪنيڪ ماضي ڪان بنهہ مختلف آهي. هن ۾ سياسي حالتن جو تہ وڏو دخل آهي پر فني ترقي ۾ جيڪو ٽيندو آيو آهي سو سنڌي جرنلزم جي تاريخ ۾ هن ڪان اڳ ڪون ڏٺو ويو.

هن اثر ڪي ٻن رخن ۾ ڏسي سگهجي ٿو: هڪ ٻولي جي ڳهاڙيٽي ۽ خبرن جي ورتاءَ جي صورت ۾ ۽ ٻيو لي آؤٽ Layout ۾. ٻولي جي ڳهاڙيٽي ۽ سولائي جي خاطر اسان آزادي ڪان پوءِواري دؤر ڪي ٻن حصن ۾ ورهايون ٿا: هڪ ١٩٣٧ع ڪان هڪدم پوءِ جيڪو ١٩٥٤ تائين هلي ٿو جڏهن ون يونٽ ٺهيو ۽ ٻيو انهيءَ ڪان پوءِ اڄ ڏينهن تائين.

جيستائين خبرن جي مواد، موضوعن ۽ انهن جي پيش ڪرڻ جو تعلق آهي، ١٩٣٧ع تي نظر وجهڻ ضروري آهي. انهيءَ وقت اٽڪل اڌ ڊزن سنڌي روزانہ اخبارون موجود هيون پر ڇاڪاڻ تہ ٽيڪنيڪي لحاظ ڪان انهن جي اشاعت جو جوڳو بندوبست ڪونہ هو تنهنڪري اهي پراڻي گوتنبرگ اسٽائيل واري ٽائيپ ۽ "وائين پريسن" جي ذريعي ڇاپيون وينديون هيون. هنن اخبارن مان ڪن ڪان سواءِ، جيڪي منظم سياسي مقصد ڪٺي آيون هيون، باقي شخصي ملڪيت ۾ هيون يا وري مذهبي نظرين جي خانن ۾ ورهايل هيون. تنهنڪري انهن جي اوسر سائنسي بنيادن تي ٿي نہ سگهي.

پنجاهہ جي ڏهاڪي شروع ٿيڻ سان اردو ۽ انگريزي اخبارون نڪتيون ۽ ٻولي هڪٻئي تي اثر انداز ٿيڻ لڳي. هيءُ هڪ فطري عمل هو، ۽ ڇاڪاڻ تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ڪي ڪنهن محسوس ڪونہ ڪيو تنهنڪري ڳالهائڻ واري ٻوليءَ سان گڏ لکت واري ٻولي بہ متاثر ٿيڻ لڳي، نتيجي طور اڙدو ٻوليءَ جا انيڪ لفظ ۽ محاورا آهستي آهستي سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيڻ لڳا. بلڪ ڪئين محاورا ۽ لفظ اڙدو ٻوليءَ جي معنيٰ ۾ ڪتب اچڻ لڳا.

شروع ۾ جاڪاڻ تہ اڙدو اخبارن جي سرڪيوليشن سنڌ اندر محدود رهي، تنهنڪري نج سنڌي ٻوليءَ ۾ اڙدو جي محاورن جي ملاوٽ گهٽ درجي تي ٿي، اڙدو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي جيڪا آميزش جيڪڏهن ٿي تہ اها colloquial سطح تي، جيڪا ظاهر آهي تہ فطري هئي تنهنڪري سنڌي ٻوليءَ جو لکيل پڙهيل طبقو انهيءَ اثر کي محسوس ڪري نہ سگهيو.

١٩٥۴ع ۾ ون يونٽ نهيو، جيڪو خالص هڪ اهڙي سياسي چال هئي جنهن جي پويان اقتصادي ۽ معاشي ڦرمار جو مقصد لڪل هو، سنڌي ماڻهو انهيءَ پنجوڙ کان جان ڇڏائڻ لاءِ ٢٥ سال ڳاري ڇڏيا. انهيءَ جدوجهد ۾ شاگرد کان وٺي وڪيل تائين ۽ دانشور کان وٺي ديانتدار سياستدان برابر جو شامل هو. بلاشبہ هن عرصي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو بهترين ادب تخليق ٿيو پر ٻوليءَ جي ابلاغ ۽ تحفظ ۾ نازڪ ترين ميڊيم يعني اخبارن کي جيڪو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، تن ڪونہ ڪيو، بلڪ عام لب ولهجي ۾ ڏاريا لفظ ۽ محاورا ٺنبي اهڙو بگاڙي ڇڏيو جو بعد ۾ ٻوليءَ کي سوڌو ڪرڻ ۽ سنوارڻ مشڪل ٿي پيو. هن ۾ اهي سموريون اخبارون شامل هيون جيڪي اوائل سٺ واري ڏهاڪي کان وٺي اڄ تائين نڪرنديون اچن. انهيءَ عمل ۾ ڪا هڪ اڌ اخبار انهيءَ اثر کان ڪوشش ڪري بچندي رهي، پر انهن وري سنڌي ٻوليءَ کي عربي ۽ فارسي کان آزاد ڪرڻ جي شعوري ڪوشش ۾ بنهہ هندي، سنسڪرت يا پالي ٻولين جو سهارو ورتو جنهن سنڌي ٻوليءَ کي عام مفهوم واري ميڊيم کان بنهہ ڌار ڪري بيهاري ڇڏيو. نتيجو هيءُ نڪتو تہ هھڙا لفظ ۽ محاورا مروج ٿي ويا:

هلاڪ ٿيڻ (مري وڃڻ جي معنيٰ ۾)
نبرد آما ٿيڻ (مقابلو ڪرڻ)
دوچار ٿيڻ (اٽڪي پوڻ، منهن مقابل ٿيڻ)
ڪمر ڪسڻ (سندرو ٻڌڻ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي ماڻهو (ڪيئي، ڪئين)
يقيني هئڻ (پڪو هئڻ)
علاه ازين (انهيءَ کان سواءِ)
لهاذا (تنهنڪري)
گويا (ڄڻڪ)
فعال (ڪارائتو، ڪم ڪندڙ)
محنت ڪش (پورهيت)
تفتيش (جاچ، ڇنڊ ڇاڻ)

۽ اهڙا سوين لفظ ۽ محاورا جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي گهاڙيٽي ۽ مستقبل جي شڪل کي بدلائڻ لاءِ ڪافي هئا.

هن جا گهڻيئي ڪارڻ آهن. هڪ تہ آزاديءَ کان پوءِ، سنڌ جو سمورو معاشرو، هڪ اهڙي تبديلي جي هيٺ اچي ويو جنهن ۾ لکين اڙدو ڳالهائيندڙ سنڌي معاشري ۾ شامل ٿي ويا. هر ٻوليءَ جو پنهنجو سماجي ڪارج هوندو آهي جيڪو لازمي طور انهيءَ معاشري جي اقتصادي، معاشي ۽ سماجي ضرورتن جي مطابق اپرندو آهي. سنڌ جو سماجي گهاڙيٽو ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. هڪ ٻهراڙيون جتي هندن جي ڇڏي ويلن ملڪيتن تي مهاجرن کي حصو مليو ۽ هو سنڌي ڳالهائيندڙ هاري، ناري ڪڙمي ڪاسبي ۽ زميندار سان سڌيءَ طرح واسطي ۾ آيو ۽ ٻيو شهري آبادي جتي اڙدو ڳالهائيندڙن جي گهڻائي آباد ٿي ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ اقليت ۾ بدلجي ويا.

هيءَ هڪ سياسي حقيقت هئي ۽ ان جا لازمي نتيجا سماجي ۽ معاشي زندگي تي پوندا آهن. اڙدو ۽ انگريزي اخبارون وڏيڪ پڙهجڻ لڳيون پر اڙدو اخبارون مڙيئي وڌيڪ هلڻ لڳيون. اهڙي نازڪ دؤر ۾ عام اڻ پڙهيل ۽ گهٽ پڙهيل ماڻهو تہ جيڪو اثر وٺندو آهي، سو وٺندو آهي پر هن ۾ پڙهيل طبقي، خاص ڪري ابلاغ عامہ سان لاڳاپيل ماڻهن کي جيڪو ڪردار ادا ڪرڻو هوندو آهي، سو هنن ڪونہ ڪيو ۽ اخبارن ۽ رسالن سميت پرنٽ جرنلزم جا ادارا اهڙن ماڻهن جي هٿن ۾ هليا ويا جن جو مطالعو ۽ سياسي ساڃاهہ گهٽ هئي يا وري بنهہ ڪانہ هئي.

ٻوليءَ جو بگاڙ پنجاهہ واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري کان شروع ٿيو جڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌيءَ ۾ ڪئين اخبارون نڪري پيون. انهيءَ واڌاري جو ٻه ڪارڻ آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ اخبارون، ڪميونٽي جي خدمت جي لحاظ کان يا ڪنهن نفعي بخش ڪاروبار جي خيال کان ڪونه نڪتيون. سياسي اختلافن کي نيائڻ لاءِ مخالف ليڊرن کي پنهنجي نڪته نظر کي پيش ڪرڻ لاءِ اخبارون ڪڍڻيون پيون. صرف هڪ اخبار هلال پاڪستان، منشي برادران ۱۹۴٦ع ۾ مسلم ليگ جي ترجمان طور ڪڍي هئي پر قيام پاڪستان کانپوءِ اها اخبار منشي برادران جي زير اثر اچي ويئي ۽ مقامي سياست ۾ ملوث ٿي ويئي. نتيجي طور ٻيون اخبارون ميدان ۾ آيون. سريوال خاندان پنهنجي نڪته نظر جي تشهير لاءِ ڪاروان ڪڍي ته قاضي خاندان وري ڊيپلائي کان عبرت خريدي ڪڍي. پير پاڳاري جي جماعت جي اخبار مهراڻ اڳيئي نڪرندي هئي. جي ايم سيد، پنهنجي اخبار نئين سنڌ ڪڍي. اهڙيءَ طرح دل خاندان به انهيءَ ميدان ۾ ٽپي پيو ۽ ٿرپارڪر جي سياست کي چمڪائڻ لاءِ خادم وطن ڪڍي وڌائين.

هن مختلف پس منظر جو مقصد هيءُ آهي ته باقاعدگي سان نڪرڻ وارين اخبارن جو مقصد پنهنجي پنهنجي سياسي خيالن جو پرچار ڪرڻ هو، نه ته هن کي صحافت جي معياري اصولن مطابق ۽ عام ماڻهن جي ڀلي لاءِ اخبارون ڪڍڻ جي گهرج هئي. تنهنڪري هن جو توجه پنهنجي سياسي خيالن جي اپٽار ڪرڻ تي هو. عام ماڻهن جي معلومات ۽ ڀلائي، ٻوليءَ ۽ ادب جي ويجهه صرف by-product طور ماڻهن کي ملڻ لڳي. انهيءَ پوري سلسلي ۾ سيڪڙات، من پسند اڻ سڪيل ماڻهن ۽ غير فني ماڻهن جي عملي سان اخبارون نڪرڻ لڳيون جنهن ڪري انهن اڙدو اخبارن جي زير اثر ٻوليءَ ۾ اهڙا لفظ ٽنبيا جيڪي هوندي ڪتب نه آڻڻ گهرجن. دنيا جي ٻين گهڻن ملڪي ٻولين وانگيان ٻن يا گهڻن ٻولين جي پاڻ ۾ ملڻ سان هڪ نئين لفظي پٽي فطري طور تي ٺهندي آهي پر اخبارن جهڙي اهم شعبي ۾ انهن جو عمل دخل گهٽ هوندو آهي. اخبارون لفظن ۽ محاورن جو ذخيرو ته وڌائينديون رهنديون آهن پر ٻوليءَ جي اصل گهاڙيٽي ۽ ادب کي سلامت رکنديون آهن. سنڌي اخبارن ائين نه ڪيو جنهن ڪري ٻوليءَ جي سموري جوڙجڪ بگڙي ويئي ايستائين جو فعل ۽ اسم جي سمجهه به نڪري ويئي.

ون يونٽ جي خاتمي (۱۹۷۰ع) کان پوءِ، ڪن باشعور ۽ ڪليل دماغ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارن اديبن ۽ اخبار وارن انهيءَ تي ڌيان ڏنو ۽ پنهنجي وسئون اخباري ٻوليءَ کي سنوارڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڇاڪاڻ تہ اخبارن ۾ ڪم ڪرڻ وارن جي گهٽائي گهٽ اجرت تي ڪم ڪرڻ وارن سيڪڙات عملي جي رهي تنهنڪري هيءَ ڪوشش صرف محدود دائري اندر رهي.

پوري دنيا جي سڌريل ۽ ترقي پذير ملڪن ۾ اخباري ٻولي سادي سودي هوندي آهي ڇاڪاڻ تہ اخبار پڙهندڙ طبقي ۾ هر ذهني سطح جو ماڻهو شامل ٿئي ٿو. تنهنڪري گهڻو ڪري اخباري ٻوليءَ جو ذخيرو چند سو لفظن کان وٺي هڪ هزار لفظن تائين هوندو آهي، البتہ سائنسي ۽ فني لفظ جيئن دريافت ٿيندا ويندا آهن، انهيءَ لفظي ذخيري ۾ شامل ٿيندا ويندا آهن. انهيءَ لحاظ کان سنڌي اخباري ٻوليءَ کي اهڙي هڪ پٽي ٺاهڻ جي ضرورت، اڄ وڌيڪ آهي جنهن ۾ ٻوليءَ جي ماهرن کان وٺي اخباري ڏاهن تائين سيني کي گڏجي ڪم ڪرڻو پئي تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جو بنيادي گهاڙيٽو سلامت رهي.

ٻيو اهم شعبو، جنهن ۾ سنڌي اخبارون پنهنجي چال کان هٽي ويون آهن سو آهي انهن جي خبرن جي سٽا يا لي آؤٽ (Layout) تقريباً سموريون اخبارون، اردو اخبارن جي سٽا کي آڏو رکي اهڙي اندي تقليد ڪرڻ لڳيون جو هاڻي ٻنهي اخبارن کي پريان ڏسي سڃاڻڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. لي آؤٽ جا بنيادي مقصد هي آهن تہ:

- هر خبر کي پنهنجي اهميت مطابق رکيو وڃي تہ جيئن پڙهندڙ ان کي ٻهرين يا پوءِ پڙهي،
- پڙهندڙ کي خبر ڳولهڻ ۾ مدد ملي ۽
- پڙهندڙ کي مونجهارو نہ ٿئي.

اسان اڄ سنڌي اخبارن جي جنهن سٽاءَ مان لنگهي رهيا آهيون تن ۾ انهن سمورن مقصدن کي شڪست ملي ٿي، بلڪہ جيڪڏهن ڪو پڙهندڙ ڪا خبر ڇاڻي واڻي ڳولهڻ گهري تہ وڏي ڇاڪوڙ کان پوءِ ملندس. حد هيءَ آهي تہ هڪ اخبار اسي خبرون ٻہ ٻهرين صفحي تي ڇاپي ٿي ۽ هر خبر جون ٻہ سٽون ڏيئي باقي کي بقايا ڪري وڃي ٿي جنهن ڪري پڙهندڙ کي سخت عذاب مان لنگهڻو پئي ٿو. دنيا جي ڪنهن ٻوليءَ ۾ ائين ڪونہ ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ تہ نہ هر خبر ڇاپڻ جهڙي هوندي آهي ۽ نہ وري هر خبر ٻهرين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفحي تي اچڻ جهڙي هوندي آهي. انهيءَ سنا جي ابتڙ اسان جي رسالن جديد انگريزي ۽ بين دنيا جي رسالن وانگيان نہ صرف لي آؤٽ ۾ ترقي ڪئي آهي پر ڇپائي جي ٽيڪنڪ جو ڀرپور فائدو ورتو آهي.

سنڌي اخبارن جي انهيءَ سنا ڪي اسان ڇو ائين ڇتي ڇڏيو آهي، تنهن جو وڏو ڪارڻ هيءُ آهي تہ اخبارون پروفيشنل ماڻهن جي هٿن ۾ ڪونهن، ۽ جتي ائين آهي اهي آزاد فيصلن ڪرڻ جو اختيار نٿا رکن. تنهنڪري اڃا تائين سنڌي پرنٽ جرنلزم ۾ ڪو ناليرو Trend setter پيدا نہ ٿي سگهيو آهي. ٻيو تہ هاڻي اخبارون، صنعت جو روپ اختيار ڪري ويون آهن تنهنڪري انهن سدائين سستي پورهئي جي ڳولا هوندي آهي، ۽ ظاهر آهي تہ سستي پورهئي ڪان ڪنهن نواڻ ۽ سائنسي ڪوجنا جي اميد رکڻ اجائي آهي.

ان ڪان سواء، اسان وٽ جرنلزم جي تربيت ۾ اڃا تائين سيکارڻ جي لاءِ روايتي Apprenticeship جو طريقو رائج آهي جنهن ۾ روايتن کي وڏو دخل هوندو آهي. جڏهن تہ سموري دنيا ۾ تمام گهڻو اڳ تعليمي ادارن ۽ مخصوص اڪيڊمين جي ذريعي جرنلزم جي بہ سکيا هلندڙ آهي.

سنڌ يونيورسٽي ۾ جرنلزم جو شعبو انهيءَ مقصد سان قائم ڪيو ويو پر اتي پروفيشنلز جي عدم موجودگي نہ صرف شاگردن کي جديد لاڙن ڪان پري رکيو آهي پر جرنلزم جي ٺئي ٺيل اصولن جي تربيت ڪان بہ محروم رکيو آهي. اڄ جي جرنلزم ۾ جديد ٽيڪنيڪ جهڙيءَ ريت داخل ٿي آهي اهڙو انسان ذات جي تاريخ ۾ ڪڏهن نہ ٿيو آهي. نہ صرف حڪومتي سرپرستي ۾ هلندڙ اهڙن ادارن جي ذريعي اصولي ۽ فني تربيت کي همٿائڻو پوندو پر خود نجي شعبي ۾ بہ ٻولي، ٽيڪنيڪ ۽ اصولن جي سکيا جو بندوبست ڪرڻو پوندو. سچ تہ هيءُ آهي تہ اها ذميداري، يونيورسٽي سان گڏ، اخباري ادارن تي وڌيڪ پئي ٿي تہ هو نہ فقط روايتي طريقن سان پر جديد ساز وسامان جي ذريعي بہ نہ صرف پڙهيل ڪڙهيل عملي کي تربيت ڏين پر نت نئين آيل ٽيڪنالوجي جو ڀرپور فائدو وٺن. دنيا جي اڪثر ملڪن ۾، ترقي يافتہ هوندي بہ هزارين ادارا اهڙا تربيت جو انتظام ڪندا رهن ٿا جنهن سان سنڌن ٻولي ۽ معاشري جي خدمت سان گڏ، شعوري ترقي بہ ٿئي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اليڪٽرانڪ جرنلزم:

## ريڊيو

بجلي جي دريافت، انسان جي تاريخ ۾ اهڙو انقلاب آهي جهڙو ڦيٿي جي دريافت، باهه جي ڄاڻ، يا لکڻ جي شروعات. لکڻ جي تاريخ تہ ڪنهن هڪ تهذيب تائين محدود ڪانهي ڇاڪاڻ تہ انهيءَ ۾ هر تهذيب پنهنجي ماحول ۽ سماجي پس منظر ۾ اپچ ڪئي، پر بجلي جي دريافت، واقعي انساني شعور کي اهڙي قوت عطا ڪئي جنهن علم جا نوان دروازا کولي ڇڏيا. سچ هيءُ آهي تہ علم جي ترويج ۽ معلومات جي واڌ ۾ ريڊيو ۽ ٽيليويزن جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي سو شعور جي تاريخ ۾ سيني ڪان وڏو موڙ آهي.

ريڊيو گذريل صدي ۾ ايجاد ٿيو ۽ چند سالن ۾ سموري دنيا ۾ پکڙجي ويو. ريڊيو جي ايجاد، معلومات جي ڦهلاءَ ۾ هڪ زبردست انقلابي قدم هو. ريڊيو جي سڀ ڪان اهم خاصيت اها آهي تہ انهيءَ ذريعي کي استعمال ڪرڻ لاءِ ڪو غير فطري طريقو ڪتب آڻڻ ضروري ناهي، جڏهن تہ لکڻ ۽ پڙهڻ، علم ابلاغ جي روشنيءَ ۾ ٻئي علم حاصل ڪرڻ جي لاءِ مصنوعي ذريعا آهن يعني لکڻ ۽ پڙهڻ کي حاصل ڪرڻ لاءِ انسان کي شعوري ڪوشش ڪرڻي پوي ٿي جڏهن تہ ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ، فطري ذريعو آهي جنهن کي ماءُ، پيءُ، خاندان ۽ سماج جي اجتماعي ورثي مان، ڪنهن ڌار ڪوشش ڪرڻ ڪان سواءِ حاصل ڪبو آهي.

ريڊيو جي ايجاد ڪندڙن کي اهو معلوم هو تہ بنا تند ۽ تار معلومات پکيڙڻ ۽ آواز ذريعي معلومات ٻئي تائين پهچائڻ جا عام انسان ۽ معاشري تي ڪهڙا اثر مرتب ٿيندا. تنهنڪري هنن انهيءَجي استعمال کي مختلف معاهدن ۽ قانونن جي اثر هيٺ پابند ڪري ڇڏيو. هن جا ڪيئين سبب هئا جن ۾ سڀ ڪان اهم هيءُ هو تہ ريڊيو جي ذريعي پکڙجڻ واري معلومات ڇاڪاڻ تہ اڻ پڙهيل ۽ پڙهيل ٻنهي طبقن لاءِ ساڳيو اثر رکي ٿي، تنهنڪري ان جو غلط



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

استعمال بہ ٿي سگھي ٿو. هن سائنسدانن ۽ سياستدانن ٽوٽي سماجياتي ماهرن جا انداز ساڳيا هئا. تنهنڪري هن ريڊيو جي استعمال کي مختلف پابندين ۾ جڪڙي ڇڏيو.

ريڊيو جو ايجاد ٿيڻ، هڪ وڏو انقلابي موڙ ضرور هئو پر تنهن هوندي بہ اهو گھڻو عرصو وهندڙ بجليءَ جي تابع رهي ڇاڪاڻ تہ Filament volve جو نعم البدل ملڻ ۾ سائنسدانن کي ڪجھ دشواري ٿي. نيٺ جڏهن ويهين صديءَ جي پوئين اڌ شروع ٿيڻ وقت ٽرانزسٽر ايجاد ٿيو تہ عجيب انقلاب اچي ويو، خاص ڪري جڏهن ان جو استعمال موٽر ڪارن ۽ گاڏين ۾ ٿيڻ لڳو تہ چٽڪ دنيا گھٽجي هڪ ننڍڙو گولو ٿي ويئي. هن جو سڀ کان وڏو اثر سماجياتي زندگي تي پيو، ڇاڪاڻ تہ هڪ تہ ريڊيو استعمال ڪندڙ کي وهندڙ بجليءَ جو محتاج ڪونہ ٿيڻو ٿي پيو، ۽ ٻيو تہ هن کي ڪنهن هڪ خاص هنڌ تي جتي بجلي موجود هجي، اتي ويھڻو ڪونہ ٿي پيو. هلندي هلندي ڪار ۾، ٽرڪ ۾ يا پنهنجي محنت مزدوري ڪندي هر وقت جتي جنهن جي مرضي ٿئي ٿي، اتي معلومات ۽ وندر حاصل ڪرڻ لڳو. مٿي عرض ڪيو اٿم تہ ٽرانزسٽر جو سڀ کان گھڻو اثر سماجياتي زندگي تي پيو، ڇاڪاڻ تہ ٽرانزسٽر جي ايجاد انهيءَ وقت ٿي جڏهن پوري دنيا ۾ صنعتي انقلاب جي نتيجي ۾ وڏي پيماني تي ڪم ٿيڻ لڳا ۽ ماڻهن کي هڪ هنڌان وڃي ٻئي هنڌ يا ٻئي ملڪ ڪم ڪرڻو ٿي پيو. ٽرانزسٽر، اهڙي ورهايل خاندان کي هڪ هنڌ رکڻ يا معلومات جي ذريعي هڪ ٻئي جي خبر لهڻ ۾ مدد ڪئي، ٽرانزسٽر جي ايجاد جي پندرهن سالن کان پوءِ Chip جي ايجاد هن جي ڪم کي وڌيڪ سولو ڪري وڌو.

ريڊيو جرنلزم، ريڊيو جي ايجاد سان ئي گڏ پيدا ٿي، پر هر ملڪ ۾ ان کي هڪ ضابطي هيٺ پابند ڪيو ويو تہ جيئن انهن جي غلط استعمال ڪرڻ سان جيڪي منفي اثر مرتب ٿين تن کي اڳواٽ روڪي سگھجي. سڀ کان پهريائين نشرياتي قانون اٽلي، برطانيہ، انهيءَ کان پوءِ جرمني ۽ آمريڪا ۾ جڙيا، تنهن کان پوءِ جتي جتي ريڊيو پهتو اتي پهريائين قانون جڙيا. هڪ طويل عرصي جي استعمال ۽ مختلف سماجي سرشتن ۾ ڪم ڪرڻ کان پوءِ ريڊيو جرنلزم آخرڪار ترقي ڪندي موجوده معيار کي پهتي آهي، ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتوڻيڪ هن جو ويجهو مخالف ٽي وي آهي، تنهن هوندي به ريڊيو جرنلزم اڄ اوترو ئي طاقتور ذريعو آهي جهڙو پنهنجي ايجاد جي وقت هو.

ريڊيو جرنلزم جو هڪ بنيادي مقصد اهوئي آهي جيڪو Print journalism جو هوندو آهي يعني معلومات پهچائڻ. پر هڪ لحاظ کان هي اخباري صحافت کان مختلف ٿئي ٿو. اهو هيءَ ته هر ملڪ، پوءِ ڀلي اهو ڪيترو به آزاد خيال ۽ شهري آزادي جو حامي هجي، ريڊيو جرنلزم کي ڪنهن نه ڪنهن قانون جو پابند ڪري ڇڏيندو آهي، ڇاڪاڻ ته "اهڙي حساس ذريعي کي آزاد ڇڏڻ ممڪن ڪونهي." بهرحال، تمام ڏکي جدوجهد کان پوءِ اڄ، آزاد ريڊيو اسٽيشن جو تصور ڪنهن حد تائين ممڪن بڻيو آهي ۽ دنيا جا مشهور ريڊيو ادارا جهڙوڪ بي بي سي، وائس آف آمريڪا، ڊوچي ويل اهڙا آهن جيڪي ڪنهن حد تائين آزادي سان ڪم ڪري رهيا آهن. پر سياسي نظريات، ۽ مغرب و مشرق اختلافن جي آڌار تي هنن جي هڪ طرفي رپورٽنگ کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. بهرحال، هي سياسي مسئلو هئڻ ڪري اسان هن بحث ۾ پوڻ جي بدران پنهنجي موضوع کي اڳتي وڌائيندا آسين.

عام طور تي ريڊيو جرنلزم جو مقصد به معلومات پهچائڻ هوندي آهي پر هيءَ معلومات، هر ملڪ جي سياسي نظام، سماجي پس منظر ۽ مذهبي عقيدن جي تابع هوندي آهي. هڪ آمرانه نظام حڪومت هيٺ، ڇاڪاڻ ته نشرياتي نظام پروپيگنڊا ۽ هڪ طرف معلومات تي ٻڌل هوندو آهي، تنهنڪري ان تي بحث ڪرڻ اجايو ٿيندو. مڪمل جمهوري نظام، خواهه اهو صدارتي نظام هجي يا وفاقي، اتي جمهوري حقن لاءِ ويڙهه، هڪٻئي جي نظرين کي تشهير هڪجيتري هوندي آهي جيئن برطانيه، جرمني، آمريڪي رياستن ۾ آهي. پر روانڊا، برما ۽ اتر ڪوريا جهڙن ملڪن ۾ صورتحال بنهه مختلف هوندي آهي. اتي خبرن ۽ تبصرن جو وهڪرو بنهه هڪ طرفو هوندو آهي، ان جي ابتڙ ٿي نٿو سگهي. سعودي عرب ۽ سابق شاهه ايران جي حڪومتن ۾ به صورتحال، انهيءَ ڪان ڌار ڪانه هئي.

ترقي پذير ملڪن، جن ۾ پاڪستان، هندستان ملائيشيا ۽ ٻيا هڪ سؤ کان وڌيڪ ملڪ شامل آهن، صورتحال آمرانه نظام واري نشرياتي سرشتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان ڌار ڪونہ هوندي آهي. پر فرق صرف ايترو هوندو آهي جو ريڊيو جرنلزم مٿان هڪ "چونڊيل" حڪومت، پنهنجي آمرانہ طريقہ ڪار مطابق قانون کي مڙهيندي آهي، بلڪ انهيءَ پابندي کي قانوني بنائڻ لاءِ ان کي جمهوري سڏيندي آهي نہ تہ اهڙي ريڊيو نشريات جو سڀ کان گهڻو حصو حڪومتي پاليسين جي تشهير ۽ سياسي مخالفن کي جواب ڏيڻ لاءِ ڪتب ايندي آهي.

اهو پوءِ يلي مڪمل آمرانہ نظام هجي يا نيم جمهوري سرشتو، يا وري مڪمل جمهوري طرز حڪومت. ٽيڪنيڪ جي لحاظ کان ريڊيو جرنلزم ٿوري گهڻي فرق سان هڪ نئي انداز سان هلندي آهي. ريڊيو جرنلزم جي ٽيڪنڪ جو بنياد هيءُ آهي تہ هن ۾ چاڪاڻ تہ خبرون نشر ڪرڻ جو وقت ۽ ٻڌڻ جو وقت ساڳيو هوندو آهي تنهنڪري هن بليٽن ۾ اهڙي زبان اختيار ڪئي ويندي آهي جيئن ريڊر ۽ ٻڌڻ واري جي درميان هڪ رابطو قائم ٿئي. اخباري جرنلزم جي هڪ خامي هيءَ آهي تہ ان کي صرف اهو شخص پڙهي ۽ واقعن جي حقيقت معلوم ڪري سگهي ٿو جنهن کي انهيءَ زبان جو لکڻ ۽ پڙهڻ ايندو هوندو. پر ريڊيو جرنلزم ۾ اها خامي هٽي ٿي وڃي ۽ هر اهو شخص جيڪو يلي پڙهيل نہ هجي پر صرف اها زبان ڄاڻندو هجي، سوبہ ساڳيءَ طرح معلومات حاصل ڪري سگهي ٿو. تنهنڪري ريڊيو جرنلزم ۾ نيوز ريڊر ۽ ٻڌڻ واري جي درميان فرق مٽجي وڃي ٿو. انهيءَ ڪري هن جزن جي لکڻ ۽ تياريءَ ۾ اهائي ٽيڪنڪ اختيار ڪئي ويندي آهي تہ جيئن ٻڌڻ وارو ائين محسوس ڪري تہ جنهن واقعي جي روداد هو ٻڌي رهيو آهي سو چٽڪ هن جي اکيان ٿي رهيو هجي يا بنهہ هينئر. خبرون ٻڌڻ کان ٿورو اڳ ٿيو هجي. تنهنڪري لازمي طور هن بليٽن جي زمان کي حال ۾ رکڻو پوندو آهي مثال طور:

اخباري جرنلزم جي خبر ۾ هن ريت خبر جو انترو لکڻو پوندو آهي تہ:

مظفرآباد، ۳ آگسٽ (اسٽاف رپوٽر): وزير اعظم بينظير ڀٽو اگاري ڏينهن صاف لفظن ۾ اعلان ڪيو تہ پاڪستان، مسئلہ ڪشمير جي بابت ٽيهرين، ٻئي ۽ ٽئين آپشن کي رد ڪري ٿي ۽ اقوام متحده تي زور آندو تہ هو سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءَ مطابق، انهيءَ مسئلي کي حل ڪرائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو اڄ هتي آزاد ڪشمير جي قانون ساز اسيمبليءَ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪري رهي هئي.

ريڊيو بليٽن ۾ هيءَ خبر ڪجهه هن طرح نشر ٿيندي:

وزير اعظم بينظير ڀٽو چيو آهي تہ پاڪستان، ڪشمير جي مسئلي بابت پيش ٿيندڙ ٽنهي آپشنز کي مسترد ڪري ٿو ۽ اقوام متحده تي زور ڀريو آهي تہ سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءَ مطابق هن جهيڙي جو حل ڪرائي.

هوءَ اڄ آزاد ڪشمير جي گاديءَ واري هنڌ مظفرآباد ۾ قانون ساز اسيمبليءَ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪري رهي هئي.

هيءُ ڪو اهڙو سخت اصول ڪونهي جنهن ۾ هر خبر جو حصو زمان حال ۾ بيان ڪيو وڃي. هر زبان ۽ هر خبر ۾ اهڙا پهلو هوندا آهن جن ۾ زمان ماضي استعمال ڪرڻ مجبوري ٿي پوندي آهي، پر گهٽ ڪري ريڊيو بليٽن ۾ ڪوشش اها ڪئي ويندي آهي تہ زمان حال بيان ڪيو وڃي.

ٻي خوبي جيڪا ريڊيو بليٽن ۾ هوندي آهي تہ جاءِ وقوعہ جي نشاندهي ڪرڻي هوندي آهي. اخباري خبر ۾ تہ Dateline سان شهر جي نشاندهي ٿي ويندي آهي جنهن مان پڙهندڙ علائقي کي سمجهي ويندو آهي پر ريڊيو ۾ ڊيٽ لائين ڪانہ هوندي تنهنڪري اهڙا لفظ جهڙا "هتان ڪان ست ڪلوميٽر پري" جهڙا لفظ ڪتب ڪونہ آندا ويندا آهن. ريڊيو جي خبرن ۾ هيءَ ڳالهہ لفظن ۽ جاءِ وقوعہ جي لفظي بيان سان ظاهر ڪئي ويندي آهي؛ مثلاً گمبٽ شهر ۾ ڪنهن واقعي ظاهر ڪرڻ لاءِ ضلعي خيرپور جي هڪ ننڍڙي شهر گمبٽ ڪونہ لکيو ويندو؛ يا اخباري خبر جي ٻوليءَ وانگيان، خيرپور جي ڊيٽ لائين ڏيئي "هتان ڪان ۴۰ ڪلوميٽر پري" جا لفظ ڪونہ استعمال ڪيا ويندا؛ پر ان ۾ هيئن چيو ويندو تہ:

"قومي شاهراه تي خيرپور کان ۴۰ ڪلوميٽر اوريان، راڻيپور شهر جي ڀر ۾، ننڍڙي پر علمي شهر گمبٽ....." جا لفظ لکيا ويندا تہ ٻڌندڙ کي فوراً اها جاءِ سمجهہ ۾ اچي ويندي. هتي هيءَ ياد رکڻ گهرجي تہ هر ٻڌندڙ جي جاگرافي اسان جي اندازي مطابق، مڪمل ڪانہ هوندي آهي. انهيءَ کان سواءِ هر اخباري پڙهندڙ وانگيان هر ٻڌندڙ جو حافظو بہ ڪمزور هوندو آهي؛ تنهنڪري ڀلي واقعي واري جاءِ معروف هجي، هر ٻڌندڙ کي هر ڀيري ٻڌائڻو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندو آهي تہ هيءَ جاءِ ڪٿي آهي؛ پوءِ پلي چند لفظن ۾ سهي. تنهنڪري عام طور بليٽن ۾ هھڙا لفظ ٻڌڻ ۾ ايندا آهن تہ ”هتي هيءَ اوهان کي ياد ڏياريندا هلون تہ صرف ٻہ هفتا اڳ بہ هتي ساڳئي قسم جي واقعي ۾ چار ڄڻا اجل جو شڪار ٿي ويا هئا، ۽ جنهن واقعي جي جاچ اڃا تائين جاري آهي.“

ريڊيو نيوز ۾ چاڪاڻ تہ مقرره وقت تي نيوز بليٽن نشر ٿيندي آهي، تنهنڪري ڪڏهن ڪڏهن ان ۾ خاص خبرون نشر ڪرڻ ۾ ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي آهي جيستائين ٻي بليٽن نشر ٿئي. مثال طور ريڊيو پاڪستان جي آخري بليٽن ١١ بجي رات جو نشر ٿيندي آهي هن جو مطلب اهو ٿيو تہ گهٽ ۾ گهٽ ١٠-٣٠ بجي رات جو اها بليٽن گڏ ٿي، لکجي ۽ تيار ٿي وڃڻ گهرجي تہ جيئن نيوز ريڊر کي ٽائيمنگ ۽ پڙهڻ، پنهنجون بيهڪ جون نشانيون ٺيڪ ڪرڻ جو وقت ملي سگهي. هن جي معنيٰ تہ ساڍي ڏهين بجي کان پوءِ ڪا خبر بليٽن ۾ شامل نٿي ٿي سگهي؛ پر فرض ڪريو تہ جيڪڏهن اهڙي خبر اچي وڃي جيڪا اوڏيءَ مهل اچي وڃي جڏهن نيوز ريڊر بليٽن پڙهي نڪري رهيو هجي تہ اها خبر وري صبح جو ٧ بجي واري بليٽن کان اڳ نٿي نشر نٿي سگهي. هن خبر نشر ڪرڻ ۾ بہ ساڳي ترڪيب ڪتب آندي ويندي آهي يعني راتوڪي خبر کي زمان حال ۾ نئين تازي ڪري نشر ڪرڻي پوندي آهي.

ريڊيو جي ٻي اهم ضرورت منظر ڪشي آهي يا اخباري جرنلزم ۾ انهيءَ جو متبادل لفظ Illustration ٿئي ٿو. هيءَ منظر ڪشي ٻن صورتن ۾ ممڪن ٿئي ٿي؛ هڪ اصل واقعي جي تصوير سان جيڪا اخبار ۾ ڇاپي واقعي جي حقيقت کي نروار ڪري ٿي؛ ٻي لفظن جي سينگار سان. لفظن سان اخباري صحافت ۾ واقعي جي خبر کي سينگاري سگهبو آهي؛ پر هن جي سڀ کان وڏي ضرورت ريڊيو جرنلزم ۾ آهي، ڇاڪاڻ تہ ريڊيو جرنلزم صرف ڳالهايل ۽ ٻڌل لفظن جي دنيا آهي. انهيءَ ڪري هن ۾ توريل تڪيل لفظن جي استعمال، صحيح محاورن جي ڪتب آڻڻ ۽ منظر ڪشي جي وڌيڪ گهرج هوندي آهي. هاڻي، جڏهن اخباري جرنلزم ۾ تصوير ۽ لفظن جو صحيح استعمال، هن جي منظرڪشي وڌائي ٿي تہ ريڊيو جرنلزم ۾ اهو خال، هڪ طرح سان واقعن جي اکين ڏٺن شاهدن يا متاثرين جي انٽرويوز سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سينگاريو ويندو آهي. هن قسم جا انٽرويو اخباري جرنلزم ۾ به ساڳي طرح ڪتب ايندا آهن، پر ان ۾ صرف Objective reporting ذريعي به مقصد ادا ٿي ويندو آهي؛ ان ۾ انٽرويوز وغيره صرف پرتي لاءِ يا اضافي معلومات لاءِ ڪتب ايندا آهن. باقي ضرورت، تصوير يا Side stories پوري ڪري ڇڏيندڙ آهن، پر ريڊيو جرنلزم ۾ چاڪاڻ ته سموري دنيا آواز تي ٻڌل هوندي آهي، تنهنڪري ريڊيو نيوز بليٽن ۾ انٽرويوز بلڪل اهوئي ڪم ڪندا آهن جيڪي اخبار ۾ تصويرون ڪنديون آهن. تصويرون، اخبارن ۾ ڏسي ماحول جو اندازو ڪري سگهجي ٿو، پر ريڊيو ۾ اها سهولت نه هئڻ ڪري اها ضرورت انٽرويوز جي دوران ڳالهائيندڙ جي آواز جي لاهه چاڙهه، پرپاسي ۾ ٿيندڙ ماڻهن جي ڳالهين (حادثي جي صورت ۾) زخمين جي ڪنجهڻ، رڙڻ ۽ رستي تان هلندڙ گاڏين جي صورت ۾ پوري ڪري سگهبي آهي.

### ريڊيو نيوز جي ٻولي:

ريڊيو نيوز چاهي ڪهڙي به ٻولي ۾ هجي، ان جا اصول هڪ ئي آهن، جنهن جو وڏو ڪارڻ هي؛ آهي ته ريڊيو بليٽن هڪ ئي وقت پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل، گهٽ عقلمند، وڏي دانشور ڪي ۽ سمورن ڪرت وارن ماڻهن ڪي هڪ ئي وقت ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. تنهنڪري ان جي ٻولي اهڙي هئڻ گهرجي جيڪا سمورن طبقن جي ماڻهن ڪي هڪ ئي معيار سان سمجهه ۾ اچي وڃي.

اخباري جرنلزم ۽ ريڊيو جرنلزم ۾ هتي هي؛ فرق آهي ته اخباري جرنلزم ۾ ته اهو ماڻهو اخبار پڙهندو جنهن ڪي گهٽ ۾ گهٽ لکڻ ۽ پڙهڻ اچي ٿو، تنهنڪري انهيءَ ماڻهوءَ لاءِ اسان اهڙي ٻولي استعمال ڪنداسين جيڪو به ٿي درجا پڙهيل ماڻهو به پڙهي ۽ ان ڪي سولائي سان سمجهه ۾ اچي وڃي؛ پر ريڊيو ته لکڻ ۽ پڙهڻ وارن لاءِ صرف ڪونهي. هن جو ٻڌندڙ هر اهو ماڻهو آهي جيڪو ٻڌي سگهي ٿو ۽ ٻڌي سمجهڻ چاهي ٿو. تنهنڪري هن ماڻهوءَ کي اقتصاديات ۽ سياسيات جي ڏکين مسئلن وارين خبرن کان وٺي سائنس جي جديد ڪاميابين تائين سڀ خبرون اهڙيءَ طرح ٻڌائڻيون پونديون جو هن کي سولائي سان سمجهه ۾ اچي وڃن.

ٻاهرين دنيا ۾ ته انهيءَ ڪم لاءِ هر نشرياتي رابطي وٽ پنهنجا ماهر هوندا آهن جيڪي معاشري ۾ تعليم جي سراسري ڪان وٺي معاشي تبديلين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين هر شعبي تي نظر رکي، ريڊيو جرنلزم سان لاڳاپيل ماڻهن جي رهبري ڪندا آهن؛ البت اسان وٽ اجا انهيءَ تي ڪو توجہ ڪونہ ڏنو ويو آهي جنهن جا ڪئين سياسي ۽ ٻيا ڪارڻ آهن جنهن ڪري ماڻهن ۾ اجا بہ ريڊيو، هڪ بنيادي ۽ تيز ترين معلومات جو ذريعو بنجي نہ سگهيو آهي.

**خبرن جي ڊيگهہ:**

اخباري خبرن جي مقابلي ۾ ريڊيو جي بليٽن ننڍي هوندي آهي. جيڪڏهن اخبار ۾ سراسري پنجاهہ هزار لفظ ٿين ٿا تہ ريڊيو جي پندرهن منٽن جي بليٽن ۾ اڍائي هزار لفظ ٿين ٿا. فني طور هن جو ڪارڻ اهو آهي تہ ريڊيو تي هڪ ماڻهو بنا رڪاوٽ جي خبرون پڙهندو وڃي تہ ٻڌندڙ جي انهن ۾ ڪا دلچسپي ڪانہ ٿي رهي جيستائين انهن ۾ ڪي غير معمولي خبرون نہ هجن ۽ جيڪي روزانو ڪونہ ٿينديون آهن. تنهنڪري ريڊيو جي بليٽن کي مجبوراً ننڍو رکيو ويو آهي. هاڻي جيئن تہ ماڻهن کي وقت گهٽ ملي ٿو تيئن بليٽن جو وقت بہ گهٽائي ڏهہ ۽ پنج منٽ ڪيو ويو آهي.

ظاهر آهي تہ انهن اڍائي هزار جي صوتي اخبار ۾ ڪئين خبرون ٻڌائبيون پون ٿيون جن ۾ سياسي، سماجي، سائنسي، واپار، رانديون ۽ ٻيون خبرون شامل ٿين ٿيون تنهنڪري هر خبر کي مختصر ڪرڻو پئي ٿو. هتي مختصر ڪرڻ جو مقصد اهو ڪونهي تہ هر خبر کي چند سٽن کان وڌيڪ نہ ڏنو وڃي، پر گهڻن تجربن کان پوءِ ماهرين ڪن نتيجن تي پهتا آهن، سي ڪجهہ هن ريت آهن:

**ا. وائر سروسز:** پنهنجن رپورٽن ۽ ٻين نشرياتي ادارن تان خبرون، ٢۴ ڪلاڪ اينديون رهن ٿيون پر هر خبر نشر ڪرڻ جهڙي ڪانہ هوندي آهي. تنهنڪري، اخباري جرنلزم وانگيان هر خبر کي معلوم ڪرڻ ضروري هوندو آهي پر ان کي صرف پنهنجي ضرورت ۽ نشرياتي نظام جي پاليسي مطابق نشر ڪرڻ لاءِ وٺڻ ضروري هوندو آهي. هتي هيءَ ياد رکڻ گهرجي تہ نامور ۽ معياري وائر سروسز ۽ پنهنجن رپورٽن وٽان ايندڙ خبرن جو تعداد اٽڪل روءِ هڪ هزار ٿئي ٿو جنهن مان پندرهن منٽن جي بليٽن ۾ صرف ١٢ کن نشر ٿي سگهن ٿيون، سوبہ ڪنهن غير معمولي حالت ۾ ۽ جڏهن انهن خبرن جي تمام Tight subbing ڪيل هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۲. ريڊيو صرف آواز جي دنيا سان ناتو رکي ٿو. ريڊيو تي موسيقي، ڊراما، فيچر ۽ ٻيا گھريلو پروگرام اهڙا آهن جيڪي ٻڌندڙن جي گھڻائي ٻڌي ٿو. ريڊيو پروگرامن ۾ سڀ کان گھٽ ٻڌجڻ وارا پروگرام خبرون ۽ انهن تي تبصرا ٿين ٿا، يا وري تقريرون، جنهن جو سڀ کان وڏو سبب هيءُ آهي ته انهن ۾ هڪ ماڻهو هڪ ئي انداز ۾ ڳالهائيندو رهي ٿو ۽ ٻڌندڙ ان کي صبر سان ٻڌندو رهي ٿو. هن پروگرام ۾ نه ڪو گيت سنگيت ٿئي ٿو نه لنڪو چنڪو ۽ نه سائنسي پروگرام وانگيان ڪو اضطرابي سنگيت. ظاهر آهي اهڙي پروگرام کي ٻڌائڻ وڏي همت ۽ عقلمندي جو ڪم آهي.

هاڻي فرض ڪريو ته ڪنهن ليڊر جي اهڙي تقرير آهي جهڙي هو روزانه ڪندو رهي ٿو. ٻڌندڙ لاء ان ۾ ڪا دلچسپي ڪانهي. تنهنڪري، اول ته اها خبر ريڊيو تي وڃڻ نه گهرجي پر جيڪڏهن (ملڪ جي مخصوص سياسي نظام هيٺ) ائين ٿيڻ ضروري آهي ته ان کي مختصر بنائڻ اشد ضروري آهي. ٻڌندڙ ٻن ٽن جملن کان وڌيڪ هضم نٿو ڪري سگهي. صرف اهي بيان ۽ تقريرون، جيڪي ليڊرن جي اڳوٽي نڪته نظر کان مختلف هجن يا ان ۾ بيان ڪيل خيال کي اڳيرو ڪن ته پوءِ به ٻن پيراگرافن کان وڌيڪ نه ڏيڻ گهرجي. مقصد هيءُ آهي ته بار بار هڪڙن نالن ۽ هڪجهڙن خيالن ۾ ڊيگهه ڪرڻ ٻڌندڙن کي بدظن ڪرڻ جي برابر ٿيندو آهي.

انهيءَ هوندي به هر خبر کي بنهه حقيقتن جي بيان تائين محدود ڪرڻ گهرجي.

۳. پندرهن منٽن جي پوري بليٽن هڪ ئي ماڻهو کي پڙهڻي پئي ٿي. ظاهر آهي ته انهيءَ ڊگهي عرصي ۾ هو پنهنجو انداز ڪيترو بدلائي سگهندو يا هر خبر تي پنهنجي آواز ۾ ڪيترو ڊرامائي لاهه يا چاڙهه آڻي سگهي ٿو، تنهنڪري ڪيترو به هوشيار ۽ ڏاهو نيوز ريڊر چونه هجي، هن جي ادائگي ۾ هڪ قسم جي هڪجهڙائي يا لس Monotony هئڻ جو احساس ضرور ٿئي ٿو. تنهنڪري انهيءَ لس ٽوڙڻ کي چاڻي واڻي خبرون مختصر ڪيون آهن ته جيئن ٻڌندڙ جو ڌيان منجي ۽ هر نئين خبر سان هو ٻي دنيا ۾ داخل ٿئي.

۴. خبرن کي مختصر ڪرڻ جو هڪ اهم ڪارڻ، خود انساني حافظو آهي. تحرير ۽ تقرير ۾ فرق هيءُ آهي ته اخباري خبر پڙهندي پڙهندي ماڻهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ خبر جي اڳئين حصي يا ڪنهن ٻه حصي کي ٻيهر ۽ نيهر پڙهي سگهي ٿو. پر ريڊيو جي خبر ۾ اڳئين ٻڌايل خبر واري حصي کي ٻڌڻ چاهي ته ٻڌي نٿو سگهي. اهو احساس خبرون ٻڌندڙ کي ٻه آهي ته هن کي خبر انهيءَ وقت ٿي ٻڌڻ لاءِ ملي رهي آهي، ريڊيو خبر کي ورجائيندو ڪونه. پر انهيءَ سان گڏ. هڪ ٻي مشڪل هيءَ ٻه آهي ته هر انسان پڪي حافظي وارو ڪونهي جنهن کي هڪ ڀيرو خبر ٻڌڻ کان پوءِ ياد ٿي وڃي. خاص ڪري اهڙيون خبرون جن ۾ انگ اکر هجن، بنيادي پاليسيون هجن جهڙوڪ بجيٽ، تجارتي پاليسي وغيره. اهڙين خبرن کي ضرورت مطابق ڏکهو ڪري سگهجي ٿو پر انگ اکر چاڪاڻ ته زباني ياد ڪرڻ ڏکيو ٿئي ٿو، تنهنڪري ڏکهي خبر پوري اهميت وڃائي ويهي ٿي ۽ گهڻو امڪان آهي ته انهيءَ سان مونجهارو پيدا ڪري وجهي؛ تنهنڪري اهو لازمي آهي ته اهڙين خبرن کي هر ممڪن حد تائين گهٽ ڪجي.

ترتيب:- بليٽن ۾ خبرن جي ترتيب، هر نشرياتي نظام جي ٻڌندڙن، انهن جي چاڻ جي معيار، سياسي ۽ سماجي حالتن مطابق ٿئي ٿو. مثال طور بي بي سي (برٽش براڊ ڪاسٽنگ ڪارپوريشن) پنهنجي هوم سروس واري بليٽن کي مقامي خبر کان شروع ڪندو جنهن جو اطلاق پوري برطانيه تي ٿيندو هجي؛ پر پنهنجي عالمي سروس ۾ عالمي سطح تي نمودار ٿيڻ واري خبر کي منڍ ۾ ڪٿي ايندو. اهڙيءَ طرح آمريڪا جا نشرياتي ادارا هر اها خبر جيڪا آمريڪي ملڪ يا آمريڪي باشندن جي مفاد وٽان، يا دلچسپي وٽان هجي، ان کي سڀ کان اول نشر ڪندا ۽ ان کان پوءِ ٻيون خبرون، جن جي ترتيب عام چونڊ جي اصولن مطابق هوندي آهي.

ساڳيءَ طرح مقامي ريڊيو اسٽيشنون جيڪي ميڊيم ويو يا فڪسڊ ماڊول FM تي هلن ٿيون، تن جي بليٽن ۾ خبرن جي ترتيب بنهه مختلف ٿئي ٿي چاڪاڻ ته ان ۾ خبرون يا پروگرام ٿوري ۽ محدود دائري تائين ۽ ڪن حالتن ۾ صرف شهرن تائين محدود هوندي آهي. انهيءَ لحاظ کان هتي خبرن ۾ اهميت واريون خبرون، ملڪي ۽ قومي خبرون ڪونه هونديون آهن پر مقامي ۽ شهر جون خبرون هونديون آهن.

ٻين ترقي يافته ملڪن ته ريڊيو جرنلزم ڏاڍي اڳتي وڌي ويئي آهي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ جو هر شعبو ۽ هر واقعو، بلڪ ان ۾ جاءِ والاري ٿو پر هاڻي ترقي پذير ملڪن ۾ جتي پڙهيل طبقي جو تعداد وڌندو ٿو وڃي، اتي به نشرياتي بليٽن معيار ۽ مواد جي لحاظ کان بهتر ٿيندا وڃن.

پاڪستان ۾ ريڊيو نشرياتي نظام، گذريل ڪجهه سالن کان ترقي ڪئي آهي ۽ جيتوڻيڪ گهڻو ڪري اهو سمجهيو وڃي ٿو ته ٽيليويزن، ريڊيو کي نامقبول ڪري رهيو آهي حقيقت هيءَ آهي ته جتي بجلي ڪانهي ۽ جتي اڃا ٽيليويزن جا پروگرام نٿا پهچي سگهن، اتي ريڊيو اڄ به طاقتور ترين ذريعو آهي.

انهيءَ بحث کان قطع نظر ته ريڊيو جرنلزم اسان وٽ، ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ ڇو انهيءَ طرح جي اثرائپ پيدا نه ڪري سگهيو آهي، فني طور تي ريڊيو جرنلزم انهيءَ سٽا تي هلي رهيو آهي جنهن تي ان کي هلڻ گهرجي. يعني قومي سطح جي بليٽن، صوبائي سطح جي بليٽن ۽ مقامي يا شهري بليٽن، ٽنهي ۾ هڪ واضح فرق موجود آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته ان کي ايتري مقبوليت ڇونه اختيار تي سگهي آهي ۽ ٽيليويزن جي مقابلي ۾ پنهنجي اثر پذيري پيدا نه ڪري سگهي آهي، تن ڪارڻن تي اسان اڳتي بحث ڪنداسين.

**ٻوليءَ جي صحت:**

ريڊيو جرنلزم، خواهه ڪهڙي به ٻوليءَ ۾ هجي، ٻوليءَ جي صحت جي ضرورت کان انڪار ڪري نٿو سگهجي، بنهه ائين جيئن اخباري صحافت ۾. پر اخباري ۽ ريڊيو جرنلزم جي ٻوليءَ ۾ هڪ وڏو فرق آهي. اهو هيءَ ته اخباري جرنلزم ۾ تحرير واري مستعمل ٻولي ڪتب ايندي آهي جيڪا Colloquial language کان بدليل هوندي آهي ۽ ڇاڪاڻ ته ان کي ٿورو گهڻو پڙهيل ماڻهو به پڙهندا آهن تنهنڪري هنن کي اخباري ٻولي سمجهڻ ۾ ڏکيائي ڪانه ٿيندي آهي. مثلاً سنڌيءَ ۾ شڪارپور، نواب شاهه ۽ حيدرآباد جا پڙهندڙ هڪ ئي لفظ کي هڪ ئي معني ۾ سمجهي سگهندا پر ريڊيو جي خبرن ٻڌندڙ ۾ اهي ماڻهو به آهن جيڪي روزمره جي ڳالهائڻ ۾ Colloquial لفظ ڪتب آڻيندا آهن تنهنڪري ڪيترن لفظن جون ڪيتريون ئي معنائون نڪري سگهن ٿيون. انهيءَ ڪري ريڊيو جرنلزم ۾ اهڙي ٻولي ڪتب آندي ويندي آهي جيڪا گهڻن ٻڌندڙن جي ٻولي هجي ۽ هڪ ئي معني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ مطلب ڪڍي. هن ضمن ۾ اهو ضروري آهي تہ بليٽن لکندڙ ۾ نيوز ريڊير ٻئي، ٻوليءَ جي نزاڪتن، لفظن، انهن جي ڪتب آڻڻ ۾ انهن جي صحيح معنيٰ پيدا ڪرڻ جا اهل هجن.

**سٺي بليٽن جون خصوصيتون:**

**١. هر خبر جي پيراگرافنگ:** هر خبر خواهہ اها ڪيتري ٻہ ڊيگهہ جي هجي، ان ۾ خبر لکڻ جي اصولن کي آڏو رکندي، خبر جا سمورا مکيہ جزا هئڻ گهرجن. انهيءَ سان گڏوگڏ پيراگرافنگ ڪرڻ ضروري آهي. خبر ۾ ڏنل هر نئين نڪتي يا وڌايل معلومات کي هڪ ڌار پيراگراف ڪرڻ گهرجي تہ جيئن نيوز ريڊر لس پڙهي نہ وڃي ۽ اهڙيءَ طرح هڪ اهم نڪتو ٻئي نڪتي سان ملي ٻڌڻ واري جي دماغ ۾ مونجهارو نہ ڪري وجهي. اسڪرپٽ ۾ اهو بنهہ صاف ڏيکاريل هجي.

**٢. دم جون نشانيون:** اخباري جرنلزم ۾ دم جون نشانيون صاف ٿين ٿيون جن سان نہ صرف پڙهندڙ کي مطلب سمجهڻ ۾ سولائي ٿي ٿئي پر ٻوليءَ جو صحيح ڪارج بہ ٿئي ٿو. ريڊيو جرنلزم ۾ ڇاڪاڻ تہ نيوز ريڊر کي خبرون پڙهي ٻڌائڻيون پون ٿيون، تنهنڪري هتي دم جون نشانيون تمام صاف ڏيڻ گهرجن. هر نشري ادارو انهن نشانين کي واضح ڪرڻ لاءِ پنهنجو طريقو اختيار ڪندو آهي. اهو خواهہ ڪهڙيون بہ نشانيون هجن، تمام صفائي سان ڏيڻ گهرجن، تہ جيئن ريڊر کي صحيح ادائگي ۾ مدد ملي ۽ هو خبر جو مفهوم ٻڌڻ واري تائين رسائي سگهي، خاص ڪري ابتين ڏنگين وارا جملا (Quote unquote) واريون نشانيون تہ جيئن ان ۾ ڇاٽايل جملا درست پس منظر ڏيکاري سگهن.

**٣. انگ اکر:** اخباري صحافت ۾ انگ اکر ڏيڻ ڏاڍا سولا آهن ۾ جيئن اسان پنهنجي روزمره جي زندگي ۾ انگ ڪتب آڻيندا آهيون. اخبارن ۾ بہ ائين ئي لکيا ويندا آهن. اهو هن ڪري تہ اسان ننڍي هوندي کان ائين لکڻ ۾ وري پڙهڻ جا عادي ٿي ويا آهيون؛ پر ريڊيو ۾ صرف ڪن سان ٻڌڻو پئي ٿو. ريڊيو ۾ جيڪڏهن 6,350,000 رپيا نيوز بليٽن ۾ لکڻ جي ضرورت پئي تہ نہ صرف نيوز ريڊر کي پڙهڻ ۾ تڪليف محسوس ٿيندي پر ٻڌڻ واري کي بہ سمجهہ ۾ ڪونہ ايندو تنهنڪري ڪنهن غلطي کان بچڻ لاءِ ان کي لفظن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حادثو ٿئي ته "خيرپور ضلعي ۾ قومي شاهراهه تي ڪنب نالي ڳوٺ" جي بدران جيڪڏهن ڪوٽ ڏجي کان ڇهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي" جا لفظ وڌائي ڇڏبا ته حادثي واري جاءِ جو پورو نقشو آڏو سمجهه ۾ اچي ويندو.

جيڪڏهن ڳوٺ يا شهر اهڙو آهي جيڪو نه ته سياسي طور اهم آهي ۽ نه وري ان جي ڪا ثقافتي اهميت آهي، ان جي جاءِ وقوعه ڏيڻ لاءِ ڪنهن وڏي شهر سان نسبت ڏيڪارڻ ضروري ٿي پوندو آهي. مثال طور ٻوڏ جي خبر ۾ ڪوٽڙي- ڪوئيٽا سيڪشن تي ريل جي پٽڙي خانوٽ وٽ پاڻي هيٺ اچي وڃي ته انهيءَ کي نروار ڪرڻ لاءِ به ڪنهن وڏي شهر جو سهارو وٺڻو پوندو آهي. مثال طور "ڪوٽڙي کان ٧٠ ڪلوميٽر پري" يا "مشهور تاريخي شهر سيوهڻ کان ٨٠ ڪلوميٽر پري" جوڙ سان صورتحال واضح ٿي وڃي ٿي. غير ملڪي ايجنسيون ۽ ريڊيو نشرياتي ادارا ته ڪراچي بندرگاهه کان مفاصلو ٻڌائي جاءِ وقوعه نروار ڪندا آهن. بهرحال، اهو هر واقعي تي منحصر آهي ته جاءِ وقوعه کي ڪيئن نروار ڪجي.

## ادائيگي News reading

ريڊيو جي نيوز ريڊنگ، ٻين شعبن وانگيان ئي اهم آهي. اها نيوز ريڊنگ جي اسٽائل ۽ صحيح ادائيگي ئي آهي جيڪا بليٽن کي خاصيت بخشي ٿي. جڏهن کان ريڊيو تان پهرين خبر نشر ٿي آهي تڏهن کان ان تي تجربا ٿيندا رهيا آهن ۽ هر دور ۾ واقعي جي لاءِ نيوز ريڊرس پنهنجا پنهنجا طريقا آزمايا آهن، ۽ نيٺ ڪي انداز اختيار ڪيا آهن.

ريڊنگ اسٽائل ڇو ضروري آهي، انهيءَ جا ڪيئن ڪارڻ آهن. پهريون شخصي تعلق آهي. ڇاڪاڻ ته خبرون پڙهڻ وارو به انسان آهي ته ٻڌڻ وارا به انسان آهن، تنهنڪري جڏهن به نيوز بليٽن نشر ٿئي ٿي ته ٻنهي جي درميان هڪ قسم جو باهمي رشتو قائم ٿي وڃي. اهو درست آهي ته هن ۾ صرف نيوز ريڊر معلومات ڏيڻ واري پاسي آهي ۽ ٻڌڻ وارو ٻئي پاسي، تنهن هوندي به هڪ قسم جو غير محسوس ٿيندڙ ذاتي ناتو قائم ٿي وڃي ٿو. دراصل، هن جذبي جون پاڙون، انسان جي انهيءَ هزارين سالن جي پراڻي ٻڌڻ ۾ ڪتل آهن جڏهن داستان گو، پنهنجي گرد ماڻهن کي گڏ ڪري ڪين بادشاهن، سورمن ۽ ڏاهن ماڻهن جون ڪهاڻيون ٻڌائيندو هو. جديد نيوز ريڊنگ انهيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پراڻي ثقافتي ورثي جو هڪ انداز آهي، فرق صرف هيءُ آهي تہ هو ڪهاڻيون ۽ داستان هئا، جڏهن تہ نيوز ريڊنگ ۾ تازه ترين واقعن جون خبرون هونديون آهن.

انهيءَ تناظر ۾ جيڪڏهن ڏسجي تہ داستان گو وانگيان نيوز ريڊر کي بہ خبر ۾ ڄاڻايل واقعي جي نوعيت مطابق ئي خبر پڙهڻي پوندي. مثال طور جيڪڏهن ڪنهن وڏي ليڊر، محقق ۽ تاريخ دان جي مرڻ جي خبر آهي تہ ان کي سنجيدگي سان اهڙيءَ طرح پڙهڻي پوندي جو ٻڌندڙ کي اهو محسوس ٿئي تہ واقعي نيوز ريڊر کي بہ هن واقعي جو افسوس آهي. يا جيڪڏهن پاڪستان، ڪرڪيٽ جو عالمي ڪپ کٽي اچي ٿو تہ ان جي خبر انهيءَ انداز سان نہ پڙهڻي آهي. جهڙڪ ڪنهن جلسي گاهہ ۾ ليڊر جي ڪيل تقرير جا ٽڪرا پڙهي رهيو هجي. تنهنڪري، ادائگي Delivery ۾ سڀ کان بنيادي ڳالهہ هيءُ آهي تہ نيوز ريڊر، هر خبر جي روح کي معلوم ڪري، ان کي سمجهي، خبر جي متن کي پاڻ ۾ سمائي ۽ پوءِ ان کي ادا ڪري. خبر روح کان بدليل Delivery ادائگي نہ صرف خبر جي اثر انگيزي کي ختم ڪري ڇڏيندي، پر ڪڏهن ڪڏهن نيوز ريڊر ۽ ٻڌندڙ جي درميان اعتماد جو ويڇو Credibility gap بہ پيدا ڪري وجهندي آهي. هيءُ هڪ نفسياتي ردعمل آهي جنهن کي بحال ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي.

ادائگي جو پيو اهم شعبو، ناٽڪي ڪيفيت پيدا ڪرڻ يا Dramatisation آهي. هن جو مقصد خبر پڙهڻ ۾ آواز ۾ اهڙي طرح لاهہ چاڙهہ آهي جيئن واقعي جي صحيح صورتحال بيان ٿي سگهي. ڪٿين خبرون اهڙيون هونديون آهن جن ۾ ابتيون ڏنگيون Quote unquote ۾ جملا استعمال ٿيل هوندا آهن. پرنٽ ميڊيا ۾ تہ هيءُ ڪم سولائي سان " " جون نشانيون ڏيئي اڪلائي سگهجي ٿو، پر ريڊيو جي نيوز ريڊنگ ۾ هيءُ سڀ کان ڏکيو ڪم آهي. ظاهر آهي تہ تقريرون يا انٽرويوز جا حوالا اڻ سڌي ٻولي يا Indirect جملن ۾ ادا ڪري نتا سگهجن ڇاڪاڻ تہ ان ۾ اثر ضايع ٿي وڃي ٿو. يا هيئن بہ ٿئي ٿو تہ ريڊيو نشرياتي ادارو اهڙن جملن جي ذميداري پاڻ کڻڻ بدران انهيءَ مخصوص ماڻهو جي هٿان وجهڻ چاهيندو آهي، تنهنڪري اهڙي حالت ۾ اهي جملا سڌيءَ طرح چوڻ ضروري ٿيو پون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ گهرج کي پورو ڪرڻ لاءِ نيوز ريڊر کي ڊرامائي ڪردار ادا ڪرڻو پئي ٿو. مثال طور:

خان ولي خان، حڪومت تي تنقيد ڪندي چيو: ”سمورن صوبن کي ترقي ڪرڻ جا هڪجيترا حق ڏيڻ، حڪومت جو فرض آهي“.

هاڻي خان ولي خان، حڪومت تي تنقيد ڪندي چيو تائين تہ ريڊر نارمل انداز سان پڙهندو جنهن ۾ پيون خبرون پڙهندو آيو آهي پر جڏهن هو ولي خان جي واتان چيل جملو يعني سمورن صوبن کي ترقي ڪرڻ جا هڪجيترا حق ڏيڻ حڪومت جو فرض آهي، چوندو تہ ان جو انداز مختلف هوندو. اهو انداز بہ انهيءَ جي مزاج مطابق هئڻ گهرجي تہ جيئن هڪ تہ ٻڌندڙ کي اهو محسوس ٿئي تہ اهو جملو نيوز ريڊر جو ڪونهي، ٻيو تہ هو ان جي صوتي ڪيفيت ۾ بہ پهچي ويندو يعني مايوسي، استقلال، تڪرار يا اميد. ڊراماٽائيزيشن، نيوز ريڊنگ ۾ آواز جي تصوير ڪشي آهي، جنهن مان خبر جي متن جي ڪيفيت پيدا ٿئي ٿي. انهيءَ کان سواءِ ريڊيو نيوز، بي رنگ و بو آهن.

پاڪستان ۾ اهڙي ڊراماٽائيزيشن جو بهترين مثال ١٩٦٥ع واري پاڪستان ۽ هندستان درميان جنگ دوران آڏو آيو جڏهن نامور نيوز ريڊر شڪيل احمد، جنگ جون خبرون پڙهندو هو تہ پوري ملڪ جا ٻڌندڙ ائين لڳندو هو تہ جنگ جو منظر هنن جي آڏو هو.

### زور Assertion

ڪنهن خبر يا ڪنهن خبر جي حصي کي زور سان بيان ڪرڻ کي Assertion چئجي ٿو ۽ اهو ڪڏهن ڪڏهن ضروري ٿيو پئي ٿو. اخباري جرنلزم ۾ تہ هيءَ خوبي هن زور ڏيندي چيو يا He asserted چئي باقي ڪم پڙهندڙ جي سپرد ڪري ڇڏجي ٿو، پر ريڊيو نيوز ۾ هن کي سچ پچ ڪري ڏيکارڻو پوندو آهي. دراصل، هي خاصيت Dramatisation ۾ اچي ٿي، پر زور ڀرڻ وقت اهو خاص خيال رکيو ويندو آهي تہ انهيءَ جي مناسبت ضروري آهي ۽ اهو گهربل اثر ٻڌندڙ تائين منتقل ڪري سگهي ٿي.

دراصل هيءَ خوبي ٻي مهاڀاري جنگ جي دوران خبرن ۾ شامل ٿي، ڇاڪاڻ تہ جنگ ۾ شامل ڌرين وٽ پنهنجا پنهنجا ريڊيو نظام هئا ۽ هر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪ پنھنجن پنھنجن ماڻھن کي حوصلو ڏيارڻ لاءِ وڏي واڪي خبرون پڙائڻ شروع ڪيون تہ جيئن ماڻھن کي سنڌن فوجن جي ڪاميابيءَ دشمن جي ناڪامي جو يقين ٿي وڃي. نتيجو ھيءُ نڪتو جو تقريباً ھر خبر فوجي ڪاشن جي انداز ۾ بدلجي ويئي.

پاڪستان وارو علائقو انھيءُ اثر کان بچي نہ سگھيو. ٻي جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ، دنيا جي تقريباً ھر ريڊيو نشرياتي سسٽم پنھنجي نيوز ريڊنگ بدلائي معمول مطابق آڻي ڇڏي ۽ پوءِ بدليل سياسي ۽ سماجي حالتن ۾ ريڊنگ جي اسٽائيل اختيار ڪئي، پر پاڪستان ۽ ھندستان ۾ اھو اثر زائل ڪونہ ٿي سگھيو.

جيتوڻيڪ، ڪن نيوز ريڊرس پنھنجي اسٽائيل اختيار ڪئي آھي پر تنھن ھوندي بہ ھڪ متفقہ اسٽائيل، جنھن سان پاڪستان نيوز ريڊنگ پڙھڻ شرط سڃاڻي سگھجي، سا اڃا تيار نہ ٿي سگھي آھي. ھن جو سڀ کان وڏو ڪارڻ ھيءُ آھي تہ شروع کان ئي، ريڊيو جو نشرياتي نظام، حڪومت جي مشنري ۽ برسراقتدار طبقي جي ڪنٽرول ۾ رھيو آھي جنھن ھميشہ ان کي پنھنجي تشھير ۽ ٻين سياسي مقصدن لاءِ ڪتب آندو آھي.

## تصوير ڪشي Illustration

ريڊيو نيوز بليٽن ۾ تصوير ڪشي ھڪ اھم جزو آھي جنھن سان خبر ۾ پڙايل حقيقتن کي نہ صرف ھٿي ملندي آھي پر ان سان Monotony بہ پڃي پوندي آھي. ھيءُ تصوير ڪشي، اخبارن ۾ تہ تصويرن، نقشن، جدولن ۽ پورٽريٽس مان حاصل ٿي ويندي آھي پر ريڊيو نيوز ۾ ان جو متبادل تقريري ٽڪرا، واسطيدار تقريب ۾ ڪيل تقرير يا پس منظر ۾ آيل موسيقي، ڪنھن گيت جو ھڪ مصرعو، تاڙين جي گونج ۾ ڪو اھم اعلان، يا فوت ٿي ويل شخص جي آخري انٽرويو وغيره آھي. پاڪستان ۾ ڇاڪاڻ تہ ريڊيو نوز جي شعبي ۾ اڃا ڪنھن شعوري ڪوشش نہ ڪئي آھي ۽ نہ وري ان جي ڪا آزاد پاليسي ٺھي آھي، تنھنڪري ٻين پھلوئن وانگيان، ريڊيو جو نيوز شعبو بہ ھن سستي ۽ خامي جو شڪار ٿي ويو آھي. بھرحال، باقي دنيا جي سمورن نشرياتي نظامن ۾ ھن خاصيت کي بنيادي حيثيت حاصل آھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اليڪٽرانڪ جرنلزم: ٽي وي

پرنٽ ۽ ريڊيو جرنلزم وانگيان، ٽيليويزن جرنلزم جو به بنيادي مقصد ۽ مفهوم واقعن بابت معلومات پهچائڻ، انهن جي اپٽار ڪرڻ ۽ ڪن خاص واقعن ۽ تبديلين بابت ماڻهن تائين خيالن کي پهچائڻ آهي، يا وري سماج جي مختلف شعبن جي درميان ڳوڙهي رابطي جو ڪردار ادا ڪرڻ آهي. بهرحال، هنن ٽنهي قسمن جي جرنلزم جي طريقہ ڪار، انداز، پيش ڪرڻ جي طريقي ۽ ورتاءُ ۾ گهڻو فرق آهي، جنهن جو ڪارڻ اهو آهي تہ جرنلزم جو ميڊيم ڌار ڌار آهي؛ اخباري جرنلزم ڪاغذ، لکڻ ۽ پڙهڻ جي دنيا ۾ رهي ٿي؛ ريڊيو جرنلزم آواز جو سنهنڊ پيدا ڪري ٿي تہ ٽيليويزن جرنلزم ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ٻنهي حواسن جي سهاري هلي ٿي.

ٽي وي نيوز ۾ بہ ريڊيو وانگيان، خبرون مختلف ذريعن کان حاصل ٿين ٿيون جن ۾ عالمي سطح تي هلندڙ وائر سروس، سنڊيڪيٽس ۽ نشرياتي نظام بہ موجود آهن تہ وري هر ٽي وي نشرياتي رابطي کي خبرون گڏ ڪرڻ لاءِ پنهنجا ذريعا بہ هوندا آهن. بهرحال، خبر خواهہ وائر سروس کان حاصل ڪجي يا پنهنجي اسٽاف کان، سمورن ذريعن جو مقصد خبرون، انهن سان واسطو رکندڙ تصويرون ۽ وڊيو، آڊيو، گرافڪ ۽ فوٽو Still پهچائڻ هوندو آهي جن کي نيوز روم جا واسطيدار ماڻهو انهن کي ٽي وي تي نشر ڪرڻ لاءِ تيار ڪندا آهن.

ٽي وي ١٩٢٧ع ۾ ايجاد ٿيو ۽ ٽيليويزن تان نيوز تقريباً سا ڳي عرصي دوران نشر ٿيڻ لڳيون. ايندڙ سالن دوران جيئن جيئن وڌيڪ سهولتن ۽ بهتر مواصلاتي ذريعن جو اضافو ٿيو، ۽ دنيا جي سماجي حالتن ۾ تبديلي ايندي رهي تيئن ٽي وي نيوز جو متن، ڪردار ۽ اثر پذيري بہ بدلبي رهي. بهرحال، اڄ جي دنيا ۾ ٽيليويزن نيوز پنهنجي تيز رفتاري ۽ اثر انگيزي جي ڪري سڀني کان مؤثر ذريعو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهي قسم جي صحافت مان کهڙي وڏيڪ اهم آهي يا وري فني جوڙجڪ جي لحاظ کان کهڙي سولي يا ڏکي آهي. تنهن بابت ڪو حتمي فيصلو ڏيڻ نٿو سگهجي ڇاڪاڻ ته هر ميڊيم جون پنهنجون ضرورتون ۽ حلقه اثر Audience آهي. تنهنڪري هرهڪ جو طريقه عمل به پنهنجو آهي، البته جيڪا ڳالهه متفقه آهي سا هيءَ ته اثر انگيزي جي لحاظ کان ٽيليويزن سڀ کان مؤثر ذريعو آهي. هن جو ڪارڻ هيءُ آهي ته پرنٽ ميڊيم ۾ دائره اثر صرف انهن ماڻهن تائين محدود ٿئي ٿو جيڪي پڙهي لکي سگهن ٿا تنهنڪري اخبارن جي ذريعي اڻپڙهيل ماڻهن تائين جيڪا معلومات پهچي ٿي سا سيڪنڊ هئنڊ ٿئي ٿي.

ريڊيو نيوز جو دائره اثر، پرنٽ ميڊيم کان وڌو ٿئي ٿو ڇاڪاڻ ته ريڊيو جي اپيل صرف پڙهيل ماڻهن لاءِ ڪونه هوندي آهي پر اڻپڙهيل طبقي لاءِ به ٿئي ٿي. ٽي وي نيوز Multi-sensory آهي يعني ان کي پڙهيل طبقي کان سواءِ اڻپڙهيل طبقي تائين به پهچ آهي پر هن ۾ صرف ٻڌڻ تائين جو اثر ڪونهي. ڏسندڙ، هر واقعو پنهنجي اکين سان ڏسي ۽ ڪنن سان ٻڌي ٿو تنهنڪري هن جو دائره اثر نه صرف پرنٽ ۽ ريڊيو کان وسيع ٿئي ٿو پر وڌيڪ ڳوڙهو ۽ وڌيڪ جلدي ٿئي ٿو. انهيءَ خيال کان ٽيليويزن بليٽن جي تياري ۽ پيشڪش ۾ انتهائي احتياط، هوشياري سان سمورن نفسياتي اثرات کي اڳ رکي ڪئي ويندي آهي.

اسان تنهي ميڊيا جي باهمي تعلق ۽ اثرن جي باري ۾ بحث اڳتي ڪنداسين، هتي اسان ٽيليويزن نيوز، ان جي تياري ۽ پيشڪش جي فني پهلوئن جو سرسري طور ذڪر ڪنداسين.

جيئن مون مٿي عرض ڪيو ته ٽيليويزن Multi-sensory ميڊيم آهي جنهن ۾ آواز ۽ تصوير ٻنهي جي مدد سان خبرون يا واقعن جي روداد پيش ڪئي ويندي آهي، تنهنڪري ان جي تياري به سمعي ۽ بصري Audio and visual ٻنهي ميدانن ۾ ڪئي ويندي آهي.

## خبرن جا ذريعا Source of news

ٽيليويزن نيوز، اخبار ۽ ريڊيو وانگيان سمورن ذريعن کان خبرون حاصل ڪندا آهن. ظاهر آهي ته دنيا جي هر ڪنڊ ۾ ٽيليويزن ڪئميرا موجود نٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي سگهي ٿنهنڪري بنيادي معلومات حاصل ڪرڻ لاء مؤثر ترين ذريعو وائر سروس آهي. پر انهيءَ ڪان وڌيڪ پروسي جوڳو ذريعو عالمي ٽيليويزن نشرياتي ادارن طرفان حاصل ٿيندڙ رپورٽون ٿين ٿيون جيڪي يا ته نشرياتي ادارا خريد ڪندا آهن يا وري ڏي وٺ Exchange جي بنيادن تي حاصل ڪندا آهن. هي ذريعو انهيءَ ڪري پروسي جوڳو ٿئي ٿو جو هر نشرياتي ادارو پنهنجي ٽيم دنيا جي هر ممڪنه خبر واري هنڌ يا جهيڙي واري هنڌ Flash-point تي رکي نٿو سگهي، خاص ڪري اسرندڙ ملڪن جا ادارا ايترو خرچ پري نٿا سگهن. پاڪستان ٽيليويزن ۽ ايس ٽي اين جا ٻين عالمي نشرياتي ادارن سان اهڙا معاهدا آهن جن هيٺ تازه رپورٽن جا ويڊيو، سيٽلائيٽ ذريعي حاصل ڪري نشر ڪيا ويندا آهن.

ملڪي سطح تي هر نشرياتي اداري جا پنهنجا ماڻهو هوندا آهن جيڪي ڪنهن غير معمولي واقعي جي رپورٽ ڪندا آهن ۽ ضرورت پوڻ تي ٽيليويزن ٽيم اتي پهچي رپورٽ تيار ڪندا آهن.

پاڪستان جهڙي اسرندڙ ملڪ ۾ جتي اڃا ٽيليويزن نيوز اڃا مڪمل مرڪزيت کان آجو نه ٿي سگهي آهي، اتي به ٽي وي کي اهم مرڪزن ۾ پنهنجون ٽيمون رکڻيون پونديون آهن ۽ خاص موقعن تي وڏيون ٽيمون موڪلي رپورٽون تيار ڪري نشر ڪرڻيون پونديون آهن.

اوهان ڏٺو هوندو ته ٽيليويزن جون نيوز هلندي، نيوز ڪاسٽر خبرون ٻڌائيندو ويندو آهي ته اسڪرين تي انهيءَ خبر جي فلم نظر ايندي آهي جنهن کي ويڊيو چئبو آهي. ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ واقعي ۾ شامل شخص جي تصوير ڏيکاري ويندي آهي جنهن کي تصوير Still چئبو آهي. اهڙيءَ طرح ڪنهن جنگ يا حادثي جي خبر ڏيڻ وقت ويڊيو يا تصوير جي بدران نقشو ڏيکاريو ويندو ته جيئن ڏسندڙ کي واقعي جي پوري ڄاڻ ٿي سگهي. ان کي گرافڪ Graphic سڏيو ويندو آهي. هيءَ به وائر سروس وارا يا نشرياتي ادارا مهيا ڪندا آهن.

**موضوع:**

ٻين ميڊيا وانگيان، ٽيليويزن نيوز جو به بنيادي مقصد معلومات فراهم ڪرڻ آهي ۽ ڄاڪاڻ ته هي سڀ کان تڪڙو ذريعو آهي، انهيءَ ڪري هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي معلومات جو اثر بہ تکڙو ٿئي ٿو. پر چاڪاڻ تہ ٽي وي ڏسڻ وارن ۾ هر ڪنهن قسم جي دلچسپي رکندڙ ماڻهو ٿين ٿا تنهنڪري سيني جي دلچسپي کي آڏو رکڻ ضروري ٿئي ٿو. پر اخبار جي پيٽ ۾ ٽي وي نيوز پيش ڪندڙ کي هڪ ڏکيائي آڏي اچي ٿي، سا هيءَ آهي تہ اسپورٽس يا تجارت جي خبرن ۾ دلچسپي رکندڙ باقي اخبار کي ڇڏي پهريائين پنهنجي دلچسپي وارا صفحا پڙهڻ شروع ڪري ڏيندو پر ٽيليويزن جو ڏسندڙ انهيءَ وقت تائين انتظار ڪندو ۽ پيون خبرون ٻڌندو رهندو جيستائين سندس دلچسپي جون خبرون اچن. هن خامي کي پورو ڪرڻ لاءِ هاڻي وڏا نشرياتي ادارا خاص دلچسپي وارين خبرن جون ڌار بليٽنون نشر ڪندا آهن. پر ننڍا ۽ اسرندڙ ملڪن جا ادارا اڃا تائين هڪ ئي بليٽن ۾ سموريون نشر ڪن ٿا.

هن تي وڌيڪ بحث ڪرڻ فضول آهي تہ ڪهڙا موضوع خبر جو ذريعو بنجي سگهن ٿا. تنهن هوندي بہ سماجياتي ۽ نفسياتي مطالعن ذريعي جيڪي ممڪن موضوع ٿي سگهن ٿا. اهي هي آهن:

**سياسي Politics:**

سياست، هر ملڪ، هر قبيلي ۽ خاندان جي دلچسپي جو ڪارڻ ٿئي ٿي، تنهنڪري ان جي هر تبديلي هر ٻڌندڙ جي دلچسپي جو موضوع آهي. دنيا جي سمورن نشرياتي ادارن ۾ سياسي خبرن کي اوليت حاصل ٿئي ٿي.

**حادثا/ آفتون Disaster:**

حادثو، سيني لاءِ افسوسناڪ واقعو ٿئي ٿو خاص ڪري جنهن ۾ وڏي پيماني تي جاني ۽ مالي نقصان ٿئي. قدرتي آفتون ۽ حادثا سموري دنيا ۾ هڪ ئي انداز سان ٿين ٿا پر ڪي غير معمولي نوعيت جا ٿين ٿا. تنهنڪري هنن جي بليٽن ۾ جاءِ بہ انهيءَ اهميت جي لحاظ کان رکي ويندي آهي. هن ۾ سڀ کان فيصلہ ڪن عنصر ويجهڙائي Proximity ٿئي ٿي. ملڪي حادثو يا آفت سڀ کان وڌيڪ اهم ٿئي ٿو. ان کان پوءِ اهڙا حادثا جن ۾ ملڪي باشندا هجن جهڙوڪ سعودي عرب ۾ حج جي موقعن تي لڳل باهہ جو واقعو يا طائف ۾ جهاز جو ڪرڻ جنهن ۾ پاڪستاني حاجي فوت ٿي ويا هئا. مقامي نشرياتي بليٽن ۾ مقامي حادثا ساڳي اهميت رکن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اقتصاديات Economics،

پئسي ڏوڪڙ جي گهرج ڪنهن کي ڪانہ تي ٿئي. هر شخص ننڍي کان وڏي تائين پئسي جي ڏيتي ليتي ۾ شامل ٿئي ٿو. گهر جو وڏو، خاندان جي خرچ پکي هلائڻ ۾، گهر ڌياڻي مليل پئسن مان پورت ڪرڻ ۾، زميندار ڍلن کان وني رسائي تائين، واپاري وٽ وڪڻ ۾ ۽ ڪارخانيدار مال جي درآمد کان وٺي مارڪيٽن تائين ۽ حڪومت سنيي ذريعن کان پئسو حاصل ڪري ملڪي ڪاروبار هلائڻ ۾ رڌل رهي ٿي. گويا زندگيءَ جو ڪو فرد اهڙو ڪونہ هوندو جيڪو پئسي جي لهہ وچڙ کان آزاد هجي.

انهيءَ لحاظ کان هر اها خبر جيڪا ماڻهوءَ جي پئسي واري حالت کي متاثر ڪري، سا اهميت ڀري آهي. مثال طور بجيٽ، نيون ٽيڪسون، قيمتن ۾ واڌ ۽ لاهہ، انڪم ٽيڪس، لوڪل ٽيڪس، ٽرانسپورٽ جي ڀاڙن ۾ تبديلي، اهڙيون شيون آهن جيڪي هر ماڻهو خواهہ غريب هجي يا امير، سڀني کي متاثر ڪن ٿيون ۽ انهيءَ ڪري هنن جي لاءِ دلچسپي جو ڪارڻ هونديون آهن.

انهيءَ ڪري، اسٽاڪ ايڪسچينج وغيره کان سواءِ، جيڪي هڪ مخصوص طبقي لاءِ دلچسپي رکن ٿيون، ٻيون سموريون خبرون عام خبرن واري بليٽن ۾ پنهنجي اهميت سان نشر ڪيون وينديون آهن.

## ڏوهہ ۽ سزا Crime & punishment،

ڏوهہ، انساني زندگي جو لازمي حصو آهي. ڪو اهڙو معاشرو ڪونہ هوندو جنهن ۾ ڏوهہ نہ ٿيندو هجي، پوءِ ڪٿي گهٽ ڪٿي وڌيڪ. جيترو ڀيانڪ ۽ غير معمولي ڏوهہ، اوترو وڏي دلچسپي پيدا ٿيندي. تنهنڪري ڏوهن جون خبرون بہ ساڳي اهميت رکن ٿيون جيترين زندگي جي ڪنهن ٻئي شعبي جون. پر پاڪستان جي ٽيليويزن ۾ هن موضوع کي اڃا انهيءَ لائق نہ سمجهيو ويو آهي تنهنڪري هتي ڏوهن جون خبرون اڃا ٽي وي نيوز کان ڌار آهن. بهرحال باقي سموري دنيا ۾ ڏوهن جون خبرون، عام خبرن جو حصو هونديون آهن. هن نڪتي تي اڳتي بحث ڪنداسين تہ ڏوهن جون خبرون نشر ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جا معاشري تي ڪهڙا اثر مرتب ٿين ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وي جي EFL ۾ هڪ صوتي لفظ آهي. هڪ صوتي ايڪي واري لفظ کان وڌيڪ ايڪن واري لفظ کي Polysyllablic لفظ سڏيو ويندو آهي جنهن جي ڪتب آڻڻ جي همت شڪني ڪئي ويئي آهي.

هڪ صوتي لفظ جيڪو لسانياتي محاوري ۾ دراصل ٻن صوتي ايڪن وارو لفظ آهي، تنهن کي ٽي وي نيوز جي ٻوليءَ ۾ Glue word چئبو آهي جنهن جي معنيٰ تہ انهيءَ کان وڌيڪ بهتر ٻيو لفظ ڪونهي. Henry Bedgikan هڪ پيراگراف نموني طور پيش ڪري ٿو جيڪو Zero EFL score جو بهترين مثال آهي؛

This is the cow that licked the dog that killed the rat that ate the malt that lay in the house that Jack built.

اهڙا انيڪ مثال ٿي سگهن ٿا پر سچ هيءُ آهي تہ لفظ جيترو ننڍو هوندو اوترو ٽي وي تي ٻڌڻ واري لاءِ پورو مطلب منتقل ڪندو، ۽ جيترو ڏکيو لفظ هوندو اوترو مطلب منتقل ڪرڻ ۾ ڏکيو ۽ اوتروئي اثر ڇڏڻ ۾ ناڪام ثابت ٿيندو.

ٽي وي بليٽن جي ٻوليءَ کي سولو بنائڻ، ٽي وي جرنلزم جي ٻي بنيادي ضرورت آهي. اهو هاڻي چوڻ جي ضرورت ڪانهي تہ ٽي وي نيوز پروڊيوسر کي اهو معلوم هوندو آهي تہ هن جو ٻڌڻ ۽ ڏسڻ وارو، تغاري کڻڻ واري مزدور کان وٺي نوبل انعام حاصل ڪرڻ واري سائنسدان تائين سمورن طبقن جا ماڻهو ٿين ٿا؛ تنهنڪري بليٽن جي ٻولي اهڙي هئڻ گهرجي جيڪا سولي، سڌي سنئين ۽ سادي هجي؛ يعني جيڪو مقصد پروڊيوسر ڏسڻ واري تائين پهچائڻ چاهي ٿو، سوئي ڏسڻ واري تائين پهچي-- انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ.

هتي هڪ خاص موضوع جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. اهو آهي معاشيات جون خبرون يعني بجيٽ، ٽيڪسون، ٽيڪسن ۾ نفاذ، ٽيڪسن ۾ ڇوٽ، درآمد، برآمد، ڊيوٽي، سيلز ٽيڪس وغيره. اهي اهڙا معاملا آهن جيڪي سڌي طرح ماڻهن کي متاثر ڪن ٿا پوءِ ڀلي عام ماڻهو انهيءَ کي ڄاڻي يا نہ ڄاڻي. هاڻي انهيءَ نيوز پروڊيوسر جو سوچيو جيڪو پنهنجي بليٽن ۾ اهو چئي ٿو تہ "سينٽرل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بورڊ اف روينيو جي هڪ اخباري پڌرائي مطابق، حڪومت جي مختلف قدمن کڻڻ جي ڪري ملڪ ۾ افراط زر ١٠ فيصد مان گهٽجي ٩ فيصد رهجي ويو آهي.“ پان بيڙي وڪڻڻ وارو هن خبر کي ڇا سمجهندو. هن کي تہ ڇا، چڱن ڀلن پڙهيل ماڻهن کي انهيءَ جو مطلب ڪونہ ايندو. يا بجيٽ جي خبر نشر ڪندي پروڊيوسر هيئن چوي تہ ”ايندڙ مالي سال دوران حڪومت کي روينيو آمدني ۾ ۳ ارب رپين جي بچت ٿيندي يا روينيو خرچ ۾ ۲ ارب رپين جو واڌارو ٿيندو.“ ساڳي ويڊن هن خبر سان بہ آهي. پروڊيوسر کي پنهنجي جان ڇڏائڻ بدران، صاف لفظن ۾ ٻڌائڻ گهرجي تہ حڪومت کي ايندڙ سال هيتري آمدني ٿيندي، هيترو خرچ ٿيندو، هيتري رقم جا ترقياتي ڪم ٿيندا، ۽ هنن هنن شين تي ٽيڪس لڳندو. فلاڻي شيءِ ١٠ سيڪڙو سستي ٿيندي ۽ فلاڻي شيءِ ١٥ سيڪڙو مهانگي ٿيندي.

ممڪن آهي تہ پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ ائين صاف لفظن ۾ ٻڌائڻ تڪليف ده هجي، پر باقي سموري دنيا ۾ ائين ٿيندو آهي جيئن مون مٿي ٻڌايو آهي. پاڪستان ۾ نشرياتي ادارا سڌيءَ طرح وقتي حڪومت جي ڪنٽرول ۾ هوندا آهن تنهنڪري سموريون اهڙيون ڳالهيون جن ۾ عام ماڻهو متاثر ٿيندو هجي، تنهن کي گر ڪيو ويندو آهي؛ تنهن هوندي بہ پاڪستان جي شهري کي اهي سموريون حقيقتون معلوم ٿي وينديون آهن، جنهن جو لازمي اثر نشرياتي اداري جي ساک Credibility تي پئي ٿو. بهرحال، پروڊيوسر حڪومتي پاليسي اندر رهي بہ گهٽي وضاحت ۽ صفائي سان پيش ڪري سگهي ٿو جنهن جو بنياد اهوئي آهي تہ ٻولي صاف، سڌي ۽ بنا ڪنهن ڦير گهير جي هئڻ گهرجي.

بليٽن جي ٻوليءَ جي باري ۾ هڪ ٻي بنيادي گهرج هيءَ آهي تہ اهڙا لفظ ۽ محاورا استعمال نہ ڪجن جيڪي هڪ ئي وقت بہ معنائون ادا ڪندا هجن. ڪنهن واقعي جي رپورٽ ڪرڻ وقت ڪڏهن ڪڏهن ٽي وي رپورٽر پنهنجي اسٽائيل ۾ هليو ويندو آهي جنهن ۾ بعض اوقات هو تمثيل نگاري Abstraction جي طرف هليو ويندو آهي ۽ ان ۾ هو ڪنهن مقبول شخصيت جي Nick name ڪتب آڻڻ ۾ بہ نہ گهٻرائيندو آهي. هن کي ٽي وي نيوز جي محاوري ۾ Abstraction ladder چئبو آهي. ڪوشش هيءَ ڪئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندي آهي تہ هن کي گهڻ ۾ گهڻ ڪتب آندو وڃي ڇاڪاڻ تہ ان سان گهٽيئي مونجهارا پيدا ٿين ٿا.

## نشرياتي آداب ۽ معيار Ethics and standards،

ٽي وي بليٽن، ننڍڙي اسڪرين جي دنيا آهي. وڏي اسڪرين جي مقابلي ۾ ٽي وي اسڪرين تي صرف ڪجهہ حصو نظر اچي ٿو تنهنڪري هن ۾ اهڙا منظر ڏيکاريا ويندا آهن جيڪي صرف واقعي جي خبر جي مقصد کي واضح ڪن.

هيءَ تمام نازڪ ۽ حساس معاملو آهي تہ ڇا ٽي وي تي ڏيکارڻ گهرجي ۽ ڇا نہ ڏيکارڻ گهرجي. ٽي وي ڏسندڙ ڪنهن واقعي جو پورو نظارو نٿو ڏسي بلڪ صرف ان جو ڪو حصو ڏسي ٿو جيڪو نيوز پروڊيوسر پنهنجي خبر جي پورائي لاءِ مناسب سمجهي ٿو. انهيءَ حقيقت کي سمجهندي، ٽي وي پروڊيوسر تي وڏي ذميداري پئي ٿي ڇاڪاڻ تہ اهو هن جي انتخاب ۽ مقصديت تي ئي منحصر آهي تہ هو ڪهڙي شيءِ ناظرين آڏو پيش ڪري ٿو جنهن تي تاثر قائم ڪرڻ چاهي ٿو.

فرض ڪريو تہ ڪراچي ۾ شيعہ سني فساد ٿي رهيا آهن. شيعہ بہ فساد جو شڪار ٿين ٿا ۽ سني بہ ٿين ٿا. هاڻي جيڪڏهن پروڊيوسر ڪنهن هڪ طبقي جي خلاف ٿيندڙ واقعن کي اسڪرين تي ڏيکاريندو تہ انهيءَ جو لازماً ردعمل پيدا ٿيندو ۽ اهو ردعمل وڌيڪ شديد ٿيندو. تنهنڪري اهڙيءَ حالت ۾ تمام احتياط جي ضرورت ٿيندي. انهيءَ جو هڪ تمام ننڍڙو مثال اليڪس هيلي جي ڪتاب "دي روٽس" جي ٽيليويزن ڊراما جو آهي. اليڪس هيلي هڪ آمريڪي شيدي هو جنهن جا وڏا مسلمان هئا (جن کي غلاميءَ جي نيڪيدارن آفريڪا مان آڻي آمريڪا ۾ چند ڏوڪڙن تي وڪرو ڪيو هو). هيلي پنهنجي اصل نسل کي ڳولڻ لاءِ آفريڪا ويو ۽ جتان جتان هن جي وڏن کي آندو ويو هو، اتي وڃي ماڻهن سان ملي پنهنجو اصل نسل معلوم ڪيو.

سترهين صدي ۽ اوائل ارڙهين صدي جي هن واقعي نروار ڪرڻ لاءِ هن اهو ناول لکيو. اهو ناول بعد ۾ آمريڪي ٽيليويزن تان نشر ٿيو. ظاهر آهي تہ گورن، شيدين کي آمريڪا آڻي وڪڻي پنهنجي ماتحت ڪرڻ لاءِ جيڪي ظلم ڪيا، تن جو ناول ۾ وڏو ذڪر هو. غلامن تي فلمون تہ گهٽيئي ٺهيون پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊي روٽس پنهنجي قسم جي بهترين فلم هئي. فلم ۾ شيدين جي خلاف ڪيل ظلم تمام صفائي سان ڏيکاريل هئا. هيءَ فلم ڪل ۹ ڪلاڪن جي هئي ۽ آمريڪي نشرياتي ادارن تان هڪ ئي وقت قسطن ۾ نشر ٿيندي هئي. نتيجو هيءُ نڪتو ته هر قسط نشر ٿيڻ کان پوءِ گورن جي خلاف زبردست مظاهرا ۽ ڦرمار جا واقعا ٿيندا هئا. ڪيترا واپاري آمريڪي سپريم ڪورٽ ۾ هن فلم کي ٽي وي تان ڏيکارڻ تي پابندي وجهڻ لاءِ ويا پر ڪورٽ اهڙي پابندي کي شهري حقن تي پابندي قرار ڏيندي، فلم جي نشريات جاري رکڻ جي اجازت ڏني. البته حڪومت کي هدايت ڪئي ته هو ماڻهن جي ملڪيت جي حفاظت ڪرڻ لاءِ جوڳا انتظار ڪري.

ٽي وي جي انهيءَ اثر کي رد ڪري نئو سڪهجي تنهنڪري ٽي وي نيوز پروڊيوسر جي ذميداري وڌي وڃي ٿي ته هو هر واقعي جي منظر کي ان جي اهميت جي مطابق پيش ڪري ته جيئن ڪنهن به طبقي جي طرفداري نه ٿئي. بلڪ حساس واقعن ۾ ته ذميدار پروڊيوسر هڪ لانگ شاٽ (LS) جي ذريعي واقعي جي جاءِ ڏيکاري ۽ پوءِ ڪجهه اکين ڏٺن شاهدن جي انٽرويوز جي ذريعي واقعي جي خبر بيان ڪندا آهن.

فرقه پرستي وانگيان، نسل پرستي به ساڳئي قسم جي توهين لائق عمل آهي جنهن کي ٽي وي نيوز ۾ پيش ڪرڻ نفرت لائق ڳالهه آهي. پر سڀ کان وڏيڪ رهنما اصول هي آهي ته ڪابه اهڙي خبر ٽيليويزن بليٽن تان نشر نه ٿيڻ گهرجي جنهن سان ماڻهن جي مختلف طبقن درميان نفرت پيدا ٿئي يا مختلف ڪمن (واڍڪو، رازڪو، سونارڪو، ڊاڪٽري وغيره) جي خلاف صرف انهيءَ بنياد تي نفرت پيدا ٿئي ته هو ڪنهن مخصوص پيشي سان منسلڪ آهن.

اهڙيءَ طرح ڪا اهڙي خبر به انهيءَ طرح نشر ڪرڻ نه گهرجي جنهن سان خوف، اضطراب، ۽ بيچيني پيدا ٿئي، يا وري زندگيءَ جو اهڙو مايوس پهلو ڏيکارجي جو مايوسي پيدا ٿئي؛ بلڪ اهڙي رپورٽ کي هٿي ڏيڻ گهرجي جنهن ۾ زندگي سان محبت ۽ اميد پيدا ٿئي.

هن حقيقت تي ٻيهر زور ڀرڻ جي ضرورت ڪانهي ته Libel يا توهين، هر قسم جي خبرن ۾ ممنوع آهي. ٽيليويزن بليٽن انهيءَ کان آزاد ڪونهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلڪ هن ۾ پروڊيوسر جي ذميداري انهيءَ ڪري وڌي وڃي ٿي ڇاڪاڻ ته هن ميڊيم جو دائره اثر اخباري ۽ ريڊيو جرنلزم کان وسيع آهي. تنهنڪري، اهڙي ڪابه خبر جيڪا محض قياس آرائي، رپورٽر جي ذاتي پسند ۽ ناپسند تي ٻڌل هجي، ان کان پاسو ڪيو ويندو آهي.

ٽي وي نيوز، ابلاغ عامه ۾ نوع انساني جي تمام اهم ايجاد آهي. هن جو دائره اثر جيترو وسيع آهي، اوترو ئي گهرو آهي. تنهنڪري، هن شعبي ۾ ٻوليءَ کان وٺي خبرن جي گهاڙيٽي ۽ متن تائين، سمورو مرڪزي خيال صرف معلومات جي فراهمي ڪونه هوندي آهي، بلڪ ان ۾ معاشري کي متوازن رکڻ، ان جي اوڻاين کي دور ڪرڻ ۽ باهمي ربط ۽ محبت پيدا ڪرڻ هوندو آهي. اهوئي جديد نظريو آهي جنهن جي تڪميل سمورا نشرياتي ادارا ڪن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پرنٽ ميڊيم بمقابلہ اليڪٽرانڪ جرنلزم

اخبارن جي اوائلي صورت کهڙي بہ رهي هجي، پر ١٤٣٠ع ۾ ٽائيپ Portable type جي ايجاد تيئن اخبار جي ڪردار ۽ اثر ۾ انقلابي تبديلي آڇي ويئي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ هي اخبارون تمام سست رفتاري سان ڇپبيون هيون پر جيئن جيئن علم وڌيو، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي اڳتي وڌي تيئن تيئن پرنٽ جرنلزم ۾ حيرت انگيز واڌارا آيا.

جان گوٽنبرگ، جنهن پورٽيبل ٽائيپ ايجاد ڪئي، تنهن جي ٤٣٦ سالن کان پوءِ، بالٽيمور جي Ottmar Mergenthaler هڪ وڏي مشين ايجاد ڪئي، جيڪا هڪ هڪ ڊار اکر ڪمپوز يا سيٽ ڪرڻ بدران پوري هڪ سٽ کي ڪمپوز ڪري ان کي يڪو ڍائي ۾ ڪاسٽ ڪرڻ لڳي. هن کي لائينو ٽائيپ جو نالو ڏنو ويو. هيءَ مشين ٤٠٩ لائينون هڪ منٽ ۾ ڪمپوز ڪرڻ لڳي جيڪا رفتار هٿ واري ڪمپوزيشن کان ڪئين ڀيرا وڌيڪ هئي.

انهيءَ وقت تائين ريڊيو ميدان ۾ اچي ويو هو ۽ ٽيليويزن، پرنٽ جرنلزم ۽ ريڊيو جرنلزم جو دروازو کڙڪائي رهيو هو. ان جي تيز رفتاري سان مقابلو ڪرڻ لاءِ اخبارن کي نوان لاڙا، نيون دلچسپيون پيدا ڪرڻ ضروري ٿي پيون. جيڪي انهيءَ مقابلي جي سٽ نہ سهي سگهيون، اهي مري ويون. بهرحال، موصلاتي رفتار سان مقابلو ڪرڻ لاءِ هڪ نئين ايجاد، پرنٽ جرنلزم کي زبردست هٿي ڏني. هيءَ هئي ٽيلي ٽائيپ سيٽر Teletype setter ١٩٣٢ع جي هن ايجاد جي ذريعي هاٿي لائينو ٽائيپ سيٽر کي هٿ سان نہ، پر پنچ ٽيپ سان هلائڻو هو. هن سان لائينو ٽائيپ جي رفتار ٥٠٦ لائينون في منٽ ٿي ويئي، جيڪا پڻ ناڪافي هئي.

انهيءَ وقت تائين ريڊيو جرنلزم، پرنٽ جرنلزم کي بيحد متاثر ڪيو. انهن علائقن کانسواءِ جتي اڃا پرنٽ جرنلزم ابتدائي مرحلن ۾ هئي يا ريڊيو جون جديد سهولتون نہ پهتيون هيون، پرنٽ جرنلزم آهستي آهستي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثال طور ريڊيو ۽ ٽيليويزن ۾ واقعي جي رپورٽ ڪان وٺي پڌنڌڙ ۽ ڏسندڙ تائين پهچڻ ۾ صرف اهو وقت لڳي ٿو جيڪو رپورٽر واقعي واري جاءِ ڪان وٺي ريڊيو ۽ ٽيليويزن مرڪز تائين پهچائڻ واڌو خبرن لکڻ ۽ انهن جي ايڊيٽنگ ۾ لڳائي ٿو. ايترو وقت پرنٽ ميڊيم جي رپورٽر کي بہ لڳي ٿو پر اخبارين کي اها خبر پهچڻ ۾ وڌيڪ لڳي ٿو جيڪو ٽن ڪلاڪن ڪان ٩ ڪلاڪن تائين ۽ بعض اوقات ڏورانهن علائقن تائين اجا وڌي وڃي ٿو.

انهيءَ جي ڀيٽ ۾ ريڊيو ۽ ٽيليويزن واريون خبرون جيئن ئي لکجي ۽ ٽي وي جي حالت ۾ واسطيدار فلم رپورٽ جي ايڊيٽنگ ٿي وڃي، هڪدم نشر ٿين ٿيون، جنهن ڪري پڌنڌڙ ۽ ڏسندڙ تائين خبرون هڪدم پهچن ٿيون ۽ وقت ۽ مفاصلي جو فرق ختم ٿي وڃي ٿو. اخبار لاءِ انهيءَ فرق کي دور ڪرڻ بظاهر تمام ڏکيو آهي ڇاڪاڻ تہ اخبار جي پهچائڻ جو انتظام، تيز ترين رفتار سان بہ ڪجي، تڏهن بہ ريڊيائي لهرن ذريعي خبرن جي رفتار جو مقابلو ڪرڻ ناممڪن آهي. تنهن هوندي بہ ڪئين اهڙا ذريعا هئا جن ذريعي مقابلو ڪري وجود برقرار رکڻ ضروري هو.

انهيءَ سلسلي ۾، جيئن مٿي پڌايو اٿم تہ خبرن جي پهچ، انهن جي ترتيب ڪرڻ ۽ درست نموني ڇاپڻ جي مرحلي کي جلد از جلد اڪلائڻ اهم ذريعو آهي. هٿ سان ڪمپوزيشن ڪرڻ واري اسپيڊ ڪان لائينو ۽ ٽيلي ٽائيپ جي ايجاد ڪو ٤٣٠ سالن جو عرصو ورتو. ١٩٦٠ع ۾ ڪمپيوٽر جو پهريون نسل آيو جنهن سان ٽائيپ سيٽنگ جي رفتار وڌي ١٤ لائينون في منٽ ٿي ويئي. انهيءَ حد تي پهچڻ تي اخبار وارن سوچيو تہ ٽائيپ سيٽنگ جي دنيا ۾ هيءُ ڇيهہ ٿي ويو.

اهڙيءَ طرح پرنٽنگ جي رفتار بہ وڌي. گوٽنبرگ انگورن مان شراب ڪڍڻ واري پريس کي پرنٽنگ پريس ۾ تبديل ڪيو تہ انهيءَ جي رفتار ١٠٠ ڪاپيون في ڪلاڪ هئي. ساڍا ٽي سو سال پوءِ ١٨١٠ع ۾ ساڳئي قسم جي سڌريل پريس مان ياف تي هلندڙ انجڻ لڳائي ويئي جنهن سان ڇاپڻ جي رفتار وڌي ٢٠٠ ڪاپيون في ڪلاڪ ٿي ويئي. اجا نين تيز رفتار مشين ٺاهڻ جي ڪوشش هلي رهي هئي تہ اوائل ١٩ صدي ۾ انگلينڊ جي فريڊرڪ ڪوئنگ Freidrick Koening روٽري پريس ايجاد ڪئي پر انهيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشين جي ايجاد مزدورن ۾ انتظاميہ کي ڪاوڙائي وڌو تنهنڪري هنن انهيءَ مشين کي پيچي ڏاهي ڦٽي ڪري وڌو. بهرحال فوري طور اهڙي ئي مشين ٽاهي ٽائيمس (لنڊن) ۾ نصب ڪري وڌي جنهن جي رفتار ۲۴۰۰ ڪاپيون في ڪلاڪ هئي جنهن جي معنيٰ تہ ڇٽن صفحن جي اخبار جيڪا ان وقت ڇاپڻ ۾ ڏهہ ڪلاڪ وٺندي هئي، سا هاڻي ڇاليهہ منٽن کان ڪجهہ وقت وڌيڪ وٺڻ لڳي.

اهي سڀ ڪوششون جاري هيون تہ فوٽو آفسيٽ ايجاد ٿيو. ٽائيپ سيٽنگ سسٽم جي مقابلي ۾ هي وڌيڪ سولو، تيز رفتار ۽ محفوظ سسٽم هو. ميگرينٿيلر روٽري ۾ تہ پورو صفحو شيشي جي ٽائيپ ۾ ٺاهي پوءِ اڌ گولي جي صورت ۾ گهمايو ويندو آهي جنهن ۾ صفائي ۾ اصل Reproduction جو درجو تمام گهٽ ٿيندو آهي، جڏهن تہ آفسيٽ ۾ هڪ پليٽ هوندي آهي جنهن کي هڪ سلنڊر سان ڳنڍ ڦرٽو پوندو اهي؛ جنهن ڪري ڇپائي جي رفتار تمام گهٽي وڌي ويئي.

۱۹۶۴ع ۾ فوٽون اينڊ ميرگينٿلر The Photon and Mergenthanler هڪ نئين مشين ايجاد ڪئي جيڪا ۸۰ سٽون هڪ منٽ ۾ ڪمپوز ڪرڻ لڳي. ۱۹۶۷ع ۾ آرسي اي، اهڙو طريقہ ڪار ايجاد ڪيو تہ ۱۸۰۰ لائينون في منٽ پرنٽ ڪري، ليڪن ساڳئي سال سي بي ايس/ميرگينٿلر سنوٽران اهڙو طريقو ايجاد ڪيو جنهن سان پندرهن هزار لائينون في منٽ ڪمپوز ٿيڻ لڳيون ۽ اهو وسارڻ نہ گهرجي تہ اهو سڄو ڪمال ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي جو هو.

نامور ماهرين ابلاغ، هينري بي بيجيڪيان جيڪا جدول ٺاهي آهي، تنهن مطابق، ڪمپوزيشن ڪجهہ هن ريت ترقي ڪئي؛

| دريافت جو سال | سٽون في منٽ | نئين ٽيڪنڪ لاءِ گهربل وڌيڪ سال |
|---|---|---|
| ۱۴۵۴ | ۱۰۰۰ | - |
| ۱۸۸۶ | ۴.۹ | ۴۳۲ |
| ۱۹۳۲ | ۵.۶ | ۴۶ |
| ۱۹۶۰ | ۱۴.۰ | ۲۸ |
| ۱۹۶۴ | ۸۰.۰ | ۴ |
| ۱۹۶۶ | ۱۸۰۰.۰ | ۲ |
| ۱۹۶۷ | ۱۵۰۰۰.۰ | ۱ |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۹٦۸ع کان پوءِ فوٽو ڪمپوزيشن، جيڪو رخ ۾ رفتار اختيار ڪئي آهي، سا نہ صرف حيرت انگيز آهي پر انهيءَ پرنٽ ميڊيم ۾ انقلاب برپا ڪرڻ ۾ بہ بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي. هن سٺ واري ڏهائي تائين، ڪمپيوٽر جو تصور محض 1=0 زيرو ۽ ون تائين محدود هو پر جڏهن مائڪرو چپ پيدا ٿيو تہ علم جي شعبي ۾ حيرت انگيز انقلاب اچي ويو. مائڪرو چپ اهو ڪم ڪري ڏيکاريو جيڪو گوٽنبرگ يا ايڊيسن يا گرام بيل ڪري ڏيکاريو.

مائڪرو چپ جي ايجاد، ايتري نئين وڏي ايجاد آهي جيتري خود لکڻ جي دريافت يا ورق ڦيٽي جي ايجاد؛ بہ ايجادون جن نوع انساني جي سوچ، ڪم ۽ ورتاءَ کي بدلائي ڇڏيو. ڇهين ڏهاڪي جي وچ کان وٺي نائين ڏهاڪي جي وچ تائين ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي حيرت انگيز ڪمال ڏيکاريو آهي. ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي صرف هيءَ نہ تہ ڪمپوزيشن جي پروسيس کي تڪڙو ڪيو آهي پر ان جي پروڊڪشن کي بہ ڪمال حد تائين اڳتي وڌائي ڇڏيو آهي. مثال طور لاس اينجلس ٽائيمس جڏهن پهريون ڀيرو ڪمرو پنهنجي نيويارڪ واري نمائندي کان (۱۹٦٦ع) ۾ بزنيس رپورٽ پئي ورتي تہ انهيءَ ۳۰ سيڪنڊ ورتا. هيءَ رپورٽ ڪل ۲۷ هزار لفظن جي هئي. پر جڏهن انهيءَ کي فوٽو پروسيس (ڪمپوزيشن) ۾ آندو ويو تہ ان ٽيٽو وقت (ڊيڊ منٽ) ورتو. ڪميونيڪيشن جي دنيا ۾ ٽيهہ سيڪنڊ ۽ نوي سيڪنڊن جي درميان فرق صرف هڪ منٽ جو آهي پر سچ پچ تہ هيءُ وڏو وقت آهي. ٽيٽو وقت. اهو معلوم ڪري سائنسدان پريشان ٿي ويا نيٺ اها خامي ڳولهي ڪڍي ويئي تہ ڪيئن انهيءَ ترسيل ۽ وصولي جي درميان وقت جو فرق مٽائي سگهجي.

اسان جديد ٽيڪنيڪ تي اڳتي هلي ذڪر ڪنداسين، هتي صرف اهو ٻڌائڻ ضروري آهي تہ ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي تيز رفتاري جو مقابلو ڪرڻ لاءِ پرنٽ جرنلزم ڪهڙا جتن ڪيا. مثلاً ريڊيو جي اچڻ کان پوءِ، وڏين اخبارن ڏورانهن هنڌن تي پهچڻ لاءِ پنهنجا اوائلي ايڊيشن ڇاپڻ شروع ڪيا تہ جيئن راتو رات هوائي جهازن ۽ ڏور ويندڙ ريل گاڏين جي ذريعي اخبارون پهچائي سگهجن ۽ پڙهندڙن کي صبح جو نيرن تي نئي ريڊيو بليٽن ٻڌندي اخبارون بہ ملي سگهن. هنن Early editions جو ايترو رواج پئجي ويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ يورپ ۽ آمريڪا جون سموريون وڏيون اخبارون هر علائقي لاءِ راتو رات اخبارون ڇاپڻ لڳيون. ۽ هي ايڊيشن هڪ نہ پر ڪئين ڪئين هوندا هئا.

ريڊيو کي جيتوڻيڪ تصوير ڏيکارڻ جو وسيلو مهيا ڪونهي بهرحال هن کي وقت ۾ تہ اخبار تي فوقيت حاصل آهي. پر جيئن ئي ٽيليويزن آيو تہ تصوير وارو اهو فرق بہ مٽجي ويو. مجبوراً اخبارن رنگين تصويرون ڇاپڻ شروع ڪيون ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجو وجود برقرار رکيو پر اخبار کي اها فوقيت گهڻو عرصو حاصل نہ رهي ڇاڪاڻ تہ سنت ئي رنگين ٽيليويزن ايجاد ٿي ويو ۽ هڪ نئين جنگ شروع ٿي ويئي.

دراصل هيءَ سموري جدوجهد وقت ۽ فاصلي جي آهي. اليڪٽرانڪ ميڊيا جي تيز رفتاري، اخباري جرنلزم کي ٻن تيز رفتار ميڊيا جي آمهون سامهون بيهاري ڇڏيو آهي. انهيءَ ۾ پرنٽ ميڊيم کي پنهنجي نہ صرف وجود باقي رکڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻي پئي آهي پر پنهنجي مدمقابل ميڊيا جي ڪمزورين ظاهر ڪرڻ سان پنهنجي ضرورت بہ باقي رکي آهي.

ائين بہ هرويرو ڪونهي تہ پرنٽ جرنلزم پٺتي آهي. ڪئين اهڙيون حقيقتون آهن جن جي ڪري ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي ڪيتري بہ ترقي ٿي وڃي، تڏهن نمايان رهنديون، جيڪي ٻئي اليڪٽرانڪ ميڊيا ڪڏهن پوريون نہ ڪري سگهنديون. انهن جي ڀيٽ هيٺن ڪري سگهجي ٿي؛

| پرنٽ جرنلزم | اليڪٽرانڪ ميڊيا |
| --- | --- |
| 1- اخبار کي ڪنهن بہ وقت پڙهي سگهجي ٿو. پنهنجي مصروفيتن کي ڀرين اڪلائڻ کان پوءِ يا ڪنهن بہ ڪم کي روڪي اخبار پڙهي سگهجي ٿو. | 1- ريڊيو، ٽي وي کي مقرره وقت تي ئي نشر ٿيندڙ پروگرام وقت ٻڌي ۽ ڏسي سگهجي ٿو. ٻي صورت ۾ وقت گذرڻ کان پوءِ وري ٻئي پروگرام تائين انتظار ڪرڻو پوندو. |
| 2- ڪنهن خبر يا مضمون کي سمجهڻ لاءِ هڪ ڀيرو نہ پر ڪئين ڀيرا، پوري يا ان جو ڪو حصو ٻيهر، ٽيهر | 2- ريڊيو، ٽي وي نيوز ۾ Refer back ڪرڻ جي ڪا گنجائش ڪانهي، سواءِ هن جي تہ پوري بليٽن |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهي سگهجي ٿو يا Refer back ڪري سگهجي ٿو بلڪ ضرورت پوڻ تي ان ٽڪري کي ڪپي محفوظ به ڪري سگهجي ٿو.

رڪارڊ ڪري پوءِ وقت ضرورت مطابق ان کي ٻيهر، ٻيهر ٻڌي/ڏسي سگهجي. هيءَ تمام مهانگو ۽ وقت وٺندڙ مسئلو ٿئي ٿو جنهن کي هر ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ اختيار ڪري نٿو سگهي.

3- پرنٽ جرنلزم ۾ انتخاب جي گنجائش آهي. هر پڙهندڙ پنهنجي پسند، ۽ دلچسپي يا فوري ضرورت مطابق، خبر يا اشتهار پڙهي ڏسي سگهي ٿو. گهٽ دلچسپ خبرون بعد ۾ ڏسي سگهي ٿو يا موڙگو نه پڙهي يا ڪي مصروف ماڻهو صرف سرخيون ڏسي، ڪا اهم خبر پڙهي باقي اخبار بعد لاءِ رکي ڇڏيندا آهن.

3- اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ اهو هر بليٽن جي پروڊيوسر يا نشرياتي سسٽم جي ڪارندن تي منحصر آهي ته هو ڀهرين خبر ٻڌائين يا وري اسڪرين تي ڏيکارين. ڪنهن ٻڌندڙ يا ڏسندڙ جي مرضي ۽ انتخاب ڪونه هلندو، ڀلي هن جي ضرورت جي خبر انهيءَ بليٽن ۾ هجي پر اها نيوز پروڊيوسر جي مرضيءَ تي آهي ته هو ان کي ڪيڏي مهل ٻڌائي يا ڏيکاري ۽ ان جا ڪيترا تفصيل ٻڌائي.

4- پرنٽ جرنلزم ۾ انگ اکر سمجهڻ ۾ سولا ٿيندا آهن. ڇاڪاڻ ته گهڻا پڙهندڙ، انهن انگن اکرن جي آڌار تي پنهنجا حساب ڪتاب ڪندا آهن، خاص ڪري بجيٽ، ٽيڪس، ڊيوٽين، اسٽاڪ ايڪسچينج وغيره جي خبرن ۾ جتي هن جو ذاتي مفاد وابسته ٿئي ٿو.

4- اليڪٽرانڪ جرنلزم ۾ جيتوڻيڪ انگ اکر، گرافڪ ۽ جدول جي ذريعي ڏنا ويندا آهن پر زباني سمجهڻ ۾ اهي Retain نه ٿيندا آهن. تنهنڪري ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ کي وري به پرنٽ جرنلزم جو سهارو وٺڻو پوندو آهي.

5- اخباري جرنلزم مان صرف اهي ماڻهو فائدو وٺي سگهندا آهن جيڪي صرف پڙهي لکي ڄاڻندا آهن يعني اڻ پڙهيل ماڻهن لاءِ اخبار صرف ڪاغذ جو ٽڪرو ٿئي ٿو- ٻيو ڪجهه نه. تنهنڪري پرنٽ جرنلزم جو دائره اثر محدود ٿئي ٿو.

5- اليڪٽرانڪ ميڊيا Multi-sensory ميڊيم آهن يعني انسان جي هڪ کان وڌيڪ حواسن کي ڇهن ٿا. ٻنهي ميڊيا ۾ اڻپڙهيل ماڻهو به اوترو ئي فائدو وٺي ٿو جيترو پڙهيل ماڻهو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

6- پرنٽ جرنلزم ۾ واقعن جي رونداد لفظن سان بيان ڪئي ويجي ٿي. ڇين لفظن ۾ واقعن جي تصوير صوتي لفظن سان جوڙي ويجي ٿي. تنهنڪري، اهو هر پڙهندڙ جي تصوير ۽ خيال جي بلندي تي منحصر آهي ته هو اهڙن لفظن مان واقعي جي ڪيتري حقيقت پنهنجي دماغ ۾ سمائي سگهي ٿو.

6- ريڊيو ۾ نيوز ريڊر آواز جي رستي، سڌيءَ طرح پنهنجي ٻڌندڙ سان مخاطب ٿي هڪ قسم جو "ذاتي تعلق" پيدا ڪري وجهي ٿو، جنهنڪري هو ڪهڙي ڀاڱي واقعن جي اصل حقيقت هن تائين پهچائي سگهي ٿو. انهيءَ کان سواءِ واقعن جي ڪجهه حصن جي اصل رڪارڊنگ پيش ڪري واقعن جي اصل صورت جي ڇنڊڇاڻ ڪري ٿو تنهنڪري ٻڌندڙ حقيقت جي قريب پهچي وڃي ٿو.

ٽيليويزن ۾ ته انهيءَ لفظي منظر ڪشي جي به ضرورت ڪانه ٿي پئي. جيڪي ڪجهه رونداد نيوز ڪاسٽر کي بيان ڪرڻي پئي ٿي. هو ان کي اکين سان ڏيکاري به ٿو تنهنڪري هڪدم سمورو واقعو سمجهه ۾ اچي وڃي ٿو ۽ ان جو پورو اثر ڏسندڙ قبولي ٿو وٺي.

7- اخباري جرنلزم ۾ وقت وڏو دشمن آهي. اخبار نڪرڻ ۽ پڙهجڻ تائين ڪجهه ڪلاڪن جو فرق اچي وڃي ٿو، جنهن جي وچ ۾ ڪئين تبديليون اچي وڃن ٿيون، ۽ بعض اوقات خبر پراڻي ٿي وڃڻ جو احساس ٿئي ٿو.

7- اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ وقت ٿي سڀ کان وڏو مددگار ٿئي ٿو، بلڪ واقعي واري جاءِ تان براهِ راست نشر ڪرڻ واري ترڪيب سان ته ٻڌندڙ/ڏسندڙ ۽ ميڊيا جي درميان ڪو ويڇو ئي نٿو رهي. ٻڌندڙ/ڏسندڙ اهو محسوس ٿو ڪري ڄڻڪ اهو واقعو هن جي آڏو ٿي رهيو آهي. ١٩٦٩ع ۾ ٻه لک ٽيهه هزار ميل پري چنڊ تي لهڻ وارو واقعو ۽ زمين تي ڏسڻ جي درميان صرف ڏيڍ سيڪنڊ جو فاصلو هو، جڏهن ته اخبارن اهي تصويرون ٻئي ڏينهن ڇاپيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن پيٽ کان سواءِ، ٻيون ڪيتريون ڳالهيون آهن جيڪي پرنٽ جرنلزم ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ٻنهي جي حق ۾ ۽ خلاف وڃن ٿيون. بهرحال انهيءَ حقيقت کان انڪار ڪونهي ته اليڪٽرانڪ ميڊيا جو اثر فوري طور، دير تائين هلندڙ ۽ گهڻو وسيع آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو پرنٽ ميڊيا پنهنجي وجود کي باقي رکڻ لاءِ پنهنجي مواد، اسٽائيل، پيشڪش، ورتاءَ ۽ موضوعن کي مستقل تبديل ڪندي رهي آهي. هن جي ضرورت خاص ڪري سٺ واري ڏهاڪي کان پوءِ گهڻي پيئي جڏهن ته انهي وقت ذهني ۽ سياسي سجاڳي جي اهڙي لهر آئي جنهن انسان کي ذاتي ۽ اجتماعي آزادي جي نون تصورات کان آگاهه ڪيو. ڪئين ملڪ آزاد ٿيا، دنيا ڪيترين نين سياسي حقيقتن کان آگاهه ٿي، هزارين نيون ريڊيو/ٽيليويزن اسٽيشنون قائم ٿيون، نشرياتي پابنديون نرم ٿيون، علم جا نوان دروازا کليا ۽ مستبقل، ٽيڪنالاجي جي نون وعدن ۽ اميدن سان اڳتي وڌيو. ابلاغ عامه جي جديد نظريه جي باني مارشل مڪلوهن Marshal McLuhan جو هي چوڻ ته Medium is the message حقيقت جو روپ وٺڻ لڳو، جنهن جي معنيٰ اها هئي ته اليڪٽرانڪ ميڊيا ئي وڌيڪ اثرائتي ٿيندي.

ٿيو به ائين. پوري دنيا ۾ هزارين ننڍيون اخبارون ختم ٿي ويون. سوين وڏيون اخبارون يا پاڻ ۾ ضم ٿي ويون ۽ ڪن وري چئلينج قبولڻ لاءِ نئين سر پاڻ کي منظم ڪيو. سٺ واري ڏهاڪي جا آخري سال انهيءَ جدوجهد ۾ گذريا، بهرحال پرنٽ جرنلزم جي ماهرن، ڳوڙهي ايياس ڪرڻ کان پوءِ جيڪي نتيجا ڪڍيا، سي نه صرف همٿائيندڙ هئا پر ساڳئي وقت انهيءَ ميڊيم جي ضرورت به محسوس ڪرائي.

ٿيو هيئن ته اخبارن کي انهيءَ حقيقت جو اهو احساس هو ته وقت جي ندي کي پار ڪرڻ مشڪل هو تنهنڪري اٺ ڪلاڪ يا چند ڪلاڪ ئي سهي، پراڻي خبر کي صبح جو اخبارين آڏو پيش ڪرڻ ۾ ڪا دلچسپي ڪانهي، جڏهن ته انهيءَ وقت اخبارين صبح واري نيوز بليٽن ۾ انهيءَ ساڳئي واقعي جي تازه ترين صورتحال ٽي وي اسڪرين تي ڏسي رهيو هوندو. تنهنڪري اخباري ڏاهن، پنهنجي رپورٽنگ جي اسٽائيل بدلائي يعني اخبار واري پنهنجي رپورٽ ۾ واقعي کي روايتي طريقي ۾ بيان ڪرڻ جي بدران اهو تصور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو تہ هيءَ خبر صبح تائين هر ماڻهوءَ تائين پهچي ويئي هوندي؛ تنهنڪري پنهنجي خبر ۾ڏائيندي ۾ڏائيندي اهي سوال ڇهندو ويو جيڪي ٽيليويزن وارو پنهنجي فوري رپورٽ ۾ ڏئي نٿو سگهي يا اهي پراسرار پهلو جيڪي ٽيليويزن جي نظر کان اوجهل رهن ٿا ۽ اهي ڪم ڪرڻ جي باوجود ٽي وي بليٽن نٿي ڏئي سگهي. •

انهيءَ سان گڏوگڏ، اخباري ڏاهن، خبرن جي لکڻ جي اسٽائيل تبديل ڪئي؛ يعني سڌي روايتي طريقي جي بدران ان کي وضاحتي Interpretive بڻائي وڌي ۽ ان کي وڌائي ڳتيل Spiral بڻايو. مثال طور روايتي پرنٽ جرنلزم گهٽو ڪري ابتي اهرام Inverted pyramid ۾ هوندي آهي ۽ پس منظر آخر ۾ ڏنو ويندو آهي پر نئين انداز ۾ خبر جو گهاڙيٽو تہ اهوئي رهيو پر هر جملي يا ٻئي جملي ۾ پس منظر اهڙيءَ طرح ڳنڍيو ويو جو پڙهندڙ اهو پڙهڻ کان سواءِ اڳتي وڌي نہ سگهي. هن نئين انداز ۾ اهو ضروري ڪونہ رهيو تہ واقعي جي مکيہ ڪردارن جي باري ۾ معلومات، هن جي عمر، سماجي ۽ سياسي وابستگي، معاشي حالت ۽ پراڻا واقعا يا ڪيس، ڏار ڏار ۾ڏائجن پر اهي خبر ۾ هر جملي سان گڏوگڏ هلندا ٻہ رهن. انهن تي ٿورو ٿورو تبصرو (غير جانبدرانہ) هلندو رهي ۽ پڇاڙي جو واقعي جي آخري صورت، پڙهندڙ لاءِ سوال ڇڏي وڃي.

پرنٽ جرنلزم جي هن نئين دؤر ۾ ٻي اهم تبديلي فيچر رپورٽنگ آهي. هن کان اڳ فيچر رپورٽنگ ۾ لکندڙ، محض لکندڙ هوندو هو ۽ ان ۾ ذاتي خيالن ۽ آرزوئن جي قطعي گنجائش ڪانہ هوندي آهي. نئين انداز ۾ فيچر رائيٽر، موضوع ۾ نہ صرف اندر گهڙي لکڻ لڳا پر ان کي شخصي تحرير ۽ انداز Personalised style ٻہ ڏيڻ لڳا. اها عام پڙهندڙ لاءِ نئين ڳالهہ هئي ۽ چاڪاڻ تہ ان ۾ هر لکندڙ ۾ پنهنجي اسٽائيل هئي جنهن کي محفوظ ٻہ رکي سگهجي ٿو، تنهنڪري ان ٻہ پڙهندڙ کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو.

جنهن ڳالهہ اخباري جرنلزم کي زندهہ رکيو، سا آهي خود ٽيڪنالاجي. تيز رفتاري جيڪڏهن اليڪٽرانڪ ميڊيا کي فائدو رسايو آهي تہ انهيءَ پرنٽ جرنلزم کي ٻہ ساڳيءَ طرح مدد ڪئي آهي يعني سيٽلائيٽ جي ذريعي؛ مثال طور ڇهہ هزار لفظ عام پرنٽر تي هڪ ڪلاڪ وٺي، سا سيٽلائيٽ جي يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيلفونڪ ميڊيم جي ذريعي ڏهن سيڪنڊن ۾ منتقل ٿي وڃي ٿي. هن انداز اخبارن جا شام ۽ جلدي ايڊيشن ختم ڪري ڇڏيا آهن. هاڻي اخبار تيار ڪري چند سيڪنڊن ۾ هزارين ميل پري موڪلي صبح جو ٽيليويزن ۽ ريڊيو بليٽن سان گڏ پهچائيون وڃن ٿيون.

پر سڀ کان اهم ڳالهه، جنهن پرنٽ جرنلزم کي مدد ڪئي آهي، سا خود ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي ميڊيم. اليڪٽرانڪ ميڊيا، سموري زباني ڪلچر Spoken culture سان تعلق رکي ٿي. هن ڪلچر جون پنهنجون خوبيون ۽ خاميون آهن. لکت جو دائره اثر اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ڀيٽ ۾ ڪيترو نه ننڍو هجي، پر تحرير جو اثر انساني سوچ ۾ گهر ڪري ويو آهي. هي هڪ فطري ڳالهه آهي ته انسان هر ٻڌل شيءِ جي تصديق ڪرڻ گهري ٿو، پوءِ ڀلي اهو ڪهڙي به طريقي سان؛ ظاهر آهي ته هو هر واقعي جي تصديق هو جاءِ وقوعه تي پهچي نٿو ڪري سگهي، تنهنڪري هن جي تصديق جو ذريعو صرف تحرير آهي. خبرن جي سلسلي ۾ اهو ذريعو صرف پرنٽ جرنلزم رهي ٿو. تنهنڪري سٺ واري ڏهاڪي جي آخري حصي ۾ جڏهن اخبارون سرڪيوليشن وڃائڻ لڳيون ۽ اخباري ڏاهن هن تي ريسرچ شروع ڪئي ته معلوم ٿيو ته اخباري جرنلزم ۾ صرف تبديلي آڻڻ سان انهيءَ نفسياتي پهلو کي ڪتب آڻي سگهجي ٿو.

هن جو دلچسپ پهلو هيءُ آهي ته اليڪٽرانڪ ميڊيا خبرون نشر ڪرڻ وقت واقعي جا سمورا پهلو ۽ تصور بيان نٿا ڪن، تنهنڪري هر ٻڌندڙ/ڏسندڙ جي لاءِ ڪانه ڪا ڪمي رهجيو وڃي؛ تنهنڪري هو مجبوراً ٻئي ڏينهن اخبار ڏسي ٿو. اهڙيءَ طرح اليڪٽرانڪ ميڊيا، خود پرنٽ جرنلزم جي لاءِ مارڪيٽنگ ڪري ٿي.

اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ پرنٽ جرنلزم جو مستقبل آهي، تنهن بابت ڪئين نظريا آهن. مثال طور سٺ واري ڏهاڪي ۾ جڏهن رنگين ٽيليويزن ريڊيو ۽ اخبارن ٻنهي لاءِ خطرو بنجي ويو ته پرنٽ جرنلزم پنهنجي مواد ۽ ورتاءُ کي اهڙو رخ ڏنو جو هن جي اهميت پنهنجي جاءِ تي رهي ۽ هاڻي هر بدلجندڙ اثر جي پيش نظر اهي لاڙا بدلبا ٿي رهندا آهن.

ساڳيءَ طرح اليڪٽرانڪ جرنلزم به پنهنجي دائره اثر کي وڌائڻ لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتن ڪندي رهي آهي. اليڪٽرانڪ جرنلزم ۾ جيڪا هڪ خامي پرنٽ جرنلزم جي خلاف وڃي ٿي سا هيءَ آهي تہ ان ۾ Retention ڪانهي، تنهنڪري ان کي ڏسندڙ Refer back نٿو ڪري سگهي، جيڪا ڳالهہ پرنٽ جرنلزم ۾ موجود آهي.

اهڙيءَ طرح اليڪٽرانڪ جرنلزم کي عمليءَ طرح اهو تجربو ٿيو تہ اها ڏسندڙ کي وقت سان ٻڌي ٿي يعني Time-binding آهي. ٻين لفظن ۾ جيڪڏهن نشرياتي نيوز بليٽن جي وقت ڏسندڙ يا ٻڌندڙ گهر ۾ آهي، ۽ ڪنهن ٻي اهم مصروفيت جي ڪري هو نٿو ڏسي/ٻڌي سگهي تہ هن اهي خبرون وچايون ۽ وري ٻي بليٽن جو انتظار ڪرڻو پوندو.

انهيءَ کان سواءِ مقابلي جي انهيءَ دنيا ۾ ٽيليويزن ۽ ريڊيو جو نشرياتي نظام ايڏو وڏي ويو آهي جو ڏسندڙ منجهي ٿو پوي. مثال طور اسڪينڊينيويا جي ملڪن ۾ هڪ ئي وقت تي ۴۲ اسٽيشنون ۽ چينل نظر اچن ٿا. هاڻي جيڪڏهن ڏسندڙ وقت ڪڍي ٽيليويزن سيٽ جي آڏو وهي تہ بہ ڇا ڏسي ۽ ڪهڙي بليٽن ڏسي. انهيءَ ڏکيائي دور ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي نشرياتي ادارن مقامي نشرياتي ادارا ٺاهيا جن جو ڪم هيءُ هو تہ مقامي ڏسندڙن کان ٿورو معاوضو وٺي هنن جي پسند جا پروگرام ۽ بليٽنون مقرره وقتن تي نشر ڪندا رهن ٿا. هيءُ پروگرام هر ڏسندڙ لاءِ ٺئي ڏسندڙ کان ڌار هوندو آهي ۽ صرف هڪ ئي مخصوص ماڻهوءَ لاءِ هوندو آهي. هن جو نظام هيئن ٺاهيو آهي تہ اهو نشرياتي تقسيم ڪار ادارو، سموريون بليٽنز ٻڌي، ڪنهن خاص ماڻهوءَ جي پسند جا پروگرام هڪ هنڌ رڪارڊ ڪري ۽ انهيءَ شخص جي ٻڌايل وقت تي سندس گهر لاءِ نشر ڪري. هن کي ڪيبل اينٽينا ٽيليويزن (CATV) سڏجي ٿو.

هن پروگرام ماڻهن جي مصروفيتن کي وقت جي پابندي ۽ پروگرامن جي چونڊ کان آجو ڪري ڇڏيو، تنهن هوندي بہ ان ۾ واپس ڏسڻ recall يا Refer back ڪرڻ جي گنجائش ڪانهي. تنهن کان سواءِ ڪٿي پنهنجي ئي پسند مطابق خبرون ڏسڻ جو موقعو ملي ٿو تنهن هوندي بہ وقت کان مڪمل طور ڇوٽڪارو ملڻ محال آهي. تنهنڪري پرنٽ جرنلزم جي اهميت پنهنجي جاءِ تي رهي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جپان، ٻي جنگ عظيم جي هاڃي مان نڪري جڏهن صنعتي قوت بڻجي ويو تہ پرنٽ جرنلزم کي بہ اليڪٽرانڪ جرنلزم جو مقابلو ڪرڻو پيو آهي. مصروف ماڻهن جي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ ڪجهہ سال اڳ CATV جي بنياد تي هر صارف جي لاءِ سندس گهر تي اخبار ڇاپڻ جو تصور ڏنو ويو پر اهو اڃا عملي شڪل اختيار ڪري نہ سگهيو آهي ڇاڪاڻ تہ ان ۾ بي انتها خرچ ۽ گهٽي ٽيڪنالاجي جي گهرج آهي. اهوئي ڪارڻ آهي تہ جپان، اليڪٽرانڪ جرنلزم ۾ اڳتي هئڻ جي باوجود، اتي اڃا پرنٽ جرنلزم اڳتي وڌي رهي آهي.

ڪميونيڪيشن جي سائنس ۾ ايندڙ سال ڪهڙيون تبديليون آڻين ٿا، سو مسئلو اڃا سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي درميان گهٽڻ ئي سوالن تي متنازعہ آهي. هن وقت اسان تحريري ڪلچر مان گهٽي ياڳي نڪري Vocal culture ۾ اچي چڪا آهيون پر انهيءَ جي معنيٰ اها ناهي تہ تحرير پنهنجي اهميت وڃائي چڪي آهي. مارشل ميڪلوهن ۽ ڊينيل بيل جهڙا ماهر ان تي مختلف نظريا رکن ٿا پر واضح مستقبل ۾ اٿين لڳي ٿو تہ پرنٽ جرنلزم جو مستقبل ڪو گهٽو جهڪو ڪونہ ٿيو آهي، بلڪ ڪن حالتن ۾ پرنٽ جرنلزم پنهنجي اهميت وڌائي آهي، صرف وقت سان گڏ لاڙن ۽ ورتاءَ ۾ فرق اچڻ لازمي امر آهي.



عزيز کي آءٌ تڏهن کان سڃاڻان، جڏهن هن اڃا ادبي دنيا ۾ پير نہ پاتو هو. ان وقت هو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لفظن ۾ فقط "سائنٽسٽ" هو. سائنس جو شاگرد. صحافت ۾ هن تڏهن پير پاتو، جڏهن حيدرآباد مان "ڪاروان" نڪرندي هئي. "ڪاروان" کان پوءِ عزيز "عبرت" ۾ ويو. عبرت کي اوج تي رسائڻ ۾ عزيز جو حصو ڪيترو آهي ان جو فيصلو تاريخ ڪندي.

عزيز سان شڪايت اها آهي جو هو جنهن ڪم ۾ لڳو، ان جو ٿي ويو. "عبرت" لاءِ بحيثيت صحافي عزيز جون ايتريون خدمتون آهن، جيتريون هن پنهنجي گهر لاءِ بہ نہ ڪيون هونديون. ڏينهن رات محنت ڪرڻ وارو عزيز ڪڏهن بہ ڪنهن صلي جو خواهشمند نہ رهيو آهي.

راڳ جو شوقين. طبلو، ستار، بينجو ۽ هارمونيم وڄائڻ جو شوقين. انهيءَ جي باوجود صحافي آهي.

طبيعتاً بين لاءِ، خاصُ ڪري اوقتو. ماٺهن لاءِ نهايت ڪرخت، يارن لاءِ نهايت پيارو. محبت ڪرڻ جهڙو بي اعتدال دوست.

پنهنجن رفيقن سان نهايت محبت ڪرڻ وارو. ڪيترائي نوجوان صحافي، جيڪي هن وقت سنڌي صحافت ۾ موجود آهن سندس هٿ هيٺ ڪم ڪري، پنهنجو نالو نروار ڪري چڪا آهن. سيکارڻ ۽ سمجهائڻ ۾ نهايت فراخدل ۽ "استاد" ٿيڻ جو شوق، پر شاگردن جي اڪثريت ساٿس نہ نڀايو، ان جي باوجود انهن کي پاڻ عزيز جو وڙ آهي.

صحافت جي علم ۽ فن تي سندس هيءُ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ بنيادي ڪتاب تصور ڪيو ويندو، اهو انهيءَ لاءِ نہ تہ عزيز منهنجو دوست آهي، انهيءَ لاءِ جو هو هڪ سچو صحافي آهي.

ممتاز مرزا
حيدرآباد سنڌ
۵-مئي ۱۹۷۵ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book